رهجي ويا گُڙ



امان الله شيخ

رهجي ويا گُڙ

ليکڪ

امان الله شيخ

ساگر پبلشنگ هائوس،

ڪراچي، سنڌ

ليکڪ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : رهجي ويا ڳڻ
ليکڪ : امان الله شيخ
ڪمپوزر : نهال چند ميگهاڻي
چپائيندڙ : ساگر پبلشنگ هائوس، ڪراچي، سنڌ
سن اشاعت : 2010ع
قيمت : 350 روپيا

فهرست

- مهاڳ — ڊاڪٽر سليمان شيخ — 7
- امام انقلاب: مولانا عبيدالله سنڌي — 11
- عالمي انقلاب جو متوالو: ايم- اين راءِ — 29
- الله بخش سومرو: سڪيولر سنڌ جو روشن باب — 39
- جي ايم سيد: وقت جو اسير صوفي/باغي/ منحرف — 47
- ميرغوث بخش بزنجو: باباءِ بلوچستان — 75
- ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي: باباءِ سنڌ — 105
- ذوالفقار علي ڀٽو: انصاف ۽ آزاديءَ جو طلبگار — 113
- ٽئگور رابندرناٿ: امن ۽ انساني ڀائيچاري جو علمبردار — 125
- ائڊورڊ سعد : فلسطين جو عالمي دانشور — 128
- اهنسا جو امام : خان عبدالغفار خان — 143
- پيرحسام الدين راشدي: جديد سنڌ جي تواريخ جو معمار — 150
- خان محمد پنهور: سياسي سڌارڪ کان سماج سڌارڪ تائين — 155
- سنڌ جو پرومیٿيوس: سوبو گيانچنداڻي — 163

رهجي وياڳُڻ، ڪي مَارن جا مليرِ،
لاهي هاج هِتان ويا، وجي مَتي ٽرٽيا.
(شاهِ)

مهاڳ

"رهجي ويا ڳڻ"، امان الله شيخ جي مضمونن جي ڳنڍڪي جو عنوان آهي. امان الله سنڌ جي سياسي ۽ سماجي ڪيتر سان لاڳاپيل ڪارڪنن، علمي ادبي حلقن ۽ ڪامريد، قوم پرست لڏي لاءِ ڪونئون نالو ڪونهي. هن جا موضوع تاريخ، عالمي ادب، سياست، سڪيولرزم ۽ قوم پرستي رهيا آهن. نندپڻ کان ئي سنڌ سان جند لائي ويٺو آهي.

پيار پراڻو ته ڪو نه ٿو ٿي سگهي، امان اڄ به پنهنجي آدرشن سان سچو ۽ پختو آهي.

هي ڪتاب سنڌي پولي جاڻيندڙن لاءِ بيحد ڪمائتو ۽ ساهه سان سانڍڻ جهڙو آهي. ڪتاب ۾ چوڏهن نامياربن شخصيتن متعلق هن پنهنجي راءِ لکي آهي. هنن مضمونن ۾ انهن عظيم شخصيتن جي ڪيل جدوجهد، آدرشي ڪردار، جاڻ ۽ انسان ذات لاءِ ڪيل خدمتن جو ڳوڙهو مطالع ڪيل آهي. نوجوان نسل لاءِ انهن شخصيتن سان ملاقات سان گڏ ڪين اسان جي ملڪ جي تاريخ جو صحيح روپ به جاڻ هيٺ ايندو. عام طور جيڪي درسي ۽ نصابي تاريخون پڙهايون وڃن ٿيون انهن ۾ وقت جي مصلحت مطابق ڪهاڻيون ڏنل آهن، جيڪي ڪن حالتن ۾ فرضي آهن. امان جو نسل تاريخ جي هڪ طوفاني دور مان گذريو آهي. هنن جا احساس ذاتي مشاهدي ۽ تجربي تي ٻڌل آهن ان ڪري انهن کي مستند تاريخ جو درجو ڏيئي سگهجي ٿو. انگريزن کان آزادي ۽ وٺڻ جي هلچل هجي يا ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جدوجهد هجي هن ڪتاب ۾ گذريل ستر سالن ۾ ٿيل اٿل پٿل جو چٽو نقشو اپري اچي ٿو.

نظرياتي طور تي هن جا نظريا چٽا ۽ حقيقت پسند آهن، هو ديومالائي قصن ڪهاڻين جو ماڻهو ڪونهي پر جيڪي به هن ڏٺو ۽ جيڪو سڪيو ان جو اپتار هن بي ساخته ڪيو آهي. ان ڪري به هن ڪتاب جو قدر ۽ قيمت وڌي وڃي ٿي.

ليڪڪ بيحد خوش نصيب آهي جو ڪيس اسان جي دور جي اهم شخصيتن جي ايم سيد، ميرغوث بخش بزنجو، ذوالفقار علي ڀٽو شهيد، خان عبدالغفار خان، پير حسام الدين راشدي، خان محمد پنهور ۽ ڪامريڊ سوبو گيانچنداڻيءَ سان قربت رهي آهي ۽ ڪجهريون نصيب ٿيون آهن. هن هڪ ايماندار مورخ وانگر انهن جا احوال قلمبند ڪيا آهن ۽ هنن رهنمائن جي ساڃاهه سان اسان کي شناسائي ڪرائي آهي. جيڪا ڳالهه اسان جي نوجوان نسل خصوصاً سنڌ سنوراڻ جا سنيها ڏيندڙ ۽ سنڌ سونهاري جي سپنن جي سودائين لاءِ بيحد ڪار آمد آهي.

هي ڪتاب ليڪڪ جي ڳوڙهي مطالعي ۽ تحقيق جو نتيجو آهي، ان سبب سنڌ جي تاريخ جي موضوع تي اهم ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ تمام خوبصورت سنڌي پولي استعمال ڪئي وئي آهي جيڪا اسان جي سڌ سماءَ سان واسطو رکندڙ جاکوڙين لاءِ بيحد ڪارآمد ٿي سگهي ٿي.

امان الله جي نظرئي سان ڪنهن کي اختلاف ٻه ٿي سگهي ٿو. هن ڪيترائي اختلافي موضوع هن ڪتاب ۾ چيڙيا آهن، انهن تي بحث ٿي سگهي ٿو. اها ئي سڪڙ لاءِ هڪ ڪار آمد راهه آهي. هن ڪتاب ۾ قومن جي بنياد تي رياستن جي جوڙجڪ جي حوالي سان امام انقلاب عبيد الله سنڌي، جي ايم سيد، غوث بخش بزنجو جي خيالن جو اندازو ٿئي ٿو ۽ وچ اوير ۾ فلسطين جي رياستي حق لاءِ ايدورڊ سعد جي ڪيل جدوجهد جو اندازو ٿئي ٿو. ويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ بنگلاديش جو جڙڻ ان فلسفي جي تصديق ڪري ٿو. اڄ بنگلاديش پاڪستان کان اڳتي نڪري پيو ۽ چند سالن ۾ هڪ مستحڪم معيشت وارو جمهوري ملڪ سڏبو. پر اسان ايجان تائين صوبن جي پوليءَ جا حق ٻه تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيون.

هن وقت دنيا ۾ ڪئين تحريڪون ان حوالي سان هلن پيون جن ۾ فلسطين جي آزاد رياست لاءِ جدوجهد، فلپائن ۾ "مٺند نائو" مورو قوم جي رياست کي آزاد حيثيت ڏيڻ جو مطالبو، ڪشمير کي الڳ ۽ خودمختيار حيثيت جي ڪشمڪش هلندڙ آهن، ان کان سواءِ ايشيا جي ٻين ٻه ڪجهه ملڪن ۾ اهڙي قسم جون تحريڪون هلن ٿيون پر طاقتور اڪثريت اقليت کي چيپاٽ ۾ ڪامياب ٿيو وڃي. اها صورتحال اسان آڏو جمهوريت جي ڪار آمد نظام متعلق شڪ پيدا ڪري ٿي.

نام نهاد سڌريل دنيا ۾ ريڊ انڊين، ابارجنيز ۽ مائوري قومن جي مستقبل تي ڪو به روشن خيال عالمي امن جو داعي انساني حقن جو پوجاري آواز نه ٿو اٿاري، ان جو به ڳوڙهو مطالعو ۽ تحقيق اسان جي نوجوان نسل لاءِ دڳ ڪوليندو.

منهنجي نماڻي سوچ مطابق هي ڪتاب هڪ سنجيده ڪتاب آهي جنهن کي مطالع گاهن ۾ پڙهڻ کپي ۽ ان تي بحث ٿيڻ کپي. اسان پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ڪهڙو فيصلو ڪريون ؟ گروهي سياست جا ادارا سياسي جدوجهد جو ثمر حاصل ڪو نه ٿا ڪري سگهن.

سنڌ جي تناظر ۾ اسان صديون پوئتي هليا ويا آهيون، ان ڳيٽي کي ڪيئن ڳيرائجي؟ منهنجي سمجهه ۾ امان الله جهڙا سياسي ڪارڪن جيڪي ليڊر ٿيڻ جي خواهش کان سواءِ ماڻهن کي ويجهو آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۾ يقين رکن ٿا، اهي شايد ڪا تبديلي آڻي سگهن. معاشي ۽ سماجي حادثن اسان جي سماج کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي، ان ۾ تبديليءَ جي ڳالهه عبث ٿي لڳي، پر نا اميدي ڪفر آهي ان ڪري اها ڳالهه ڪا نه ڪبي.

هڪ ڳالهه جي گهٽتائي دل سان محسوس ڪيم. ڪامريڊ سوپي جي علمي ۽ ذهني اوسر شانتڪيتن ۾ ٿي، امان الله کي ڪامريڊ سان گڏ گذارڻ جو شرف به حاصل آهي. ڪيڏو نه سئو ٿئي ها جيڪڏهين ان عظيم اداري جي تعليمي ڪردار ۽ ستاءِ متعلق ڪجهه تفصيل ڏنا وڃن ها. اسان کي سنڌ ۾ آدرشي ادارن جي گهٽي ضرورت آهي، اميد ته امان ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ هن ڪميءَ کي پورو ڪندو.

البت ذاتي طور مون کي "ملهه چڏي راڳ جو رستو اختيار ڪرڻ" واري اصطلاح تي اعتراض آهي. خان محمد پنهور جهڙي جاکوڙي ڪارڪن ۽ سماج سيوڪ جي ذڪر ۾ سماجي ڪارڪنن لاءِ اهو ردعمل حقيقت تي ٻڌل ڪونهي.

سماجي هلچل سياسي مقصدن کان وانجهيل نه هوندي آهي پر سماجي اوسر ۽ جاڳرتا سياسي اسڪول جو پرائمري اسڪول آهي، اڄ جو سياسي ڪارڪن ان اسڪول کي رد ڪري ڪٽي پهتو آهي ان جو پٽار امان ڪيو آهي پر ان جا سبب نه ڄاڻايا آهن. منهنجي خيال ۾ جيستائين سماجي سيوا جو سبق نه سکبو تيسين هڪ وطن پرست سياستدان پيدا نه ٿي

سگهندو. مونکي افسوس آهي جو سياسي افق تي موروثي سياستدانن جي اجاره داري کي ئي سياست سمجهيو پيو وڃي. ماڻهوءَ جي سجاڳي، اخلاقي قوت ۽ راءِ جي خودمختياري نئين سياسي سماج جو بنياد بنجي سگهي ٿي. بهرحال بحث ڪري سگهجي ٿو.

اميد اٿم ته سنڌ جا اهل علم دانش ۽ سرت پريا سپرين هن ڪتاب کي دل لائي پڙهندا ۽ سياڻپ جي سنڌ لاءِ سوچيندا.

سائ سلامت، سنڌ سلامت

ڈاڪٽر سليمان شيخ

ڪراچي،
چنچر 6 نومبر 2010ع
شام 06:45

امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي
قومي انقلاب کان عالمي انقلاب ڏانهن

[جنم 10- مارچ 1872ع
وفات 22- آگسٽ 1944ع
کل جمار:- 72- وَرهيه]

مان، ماضي جي هڪ ايامڪاري ۾ عقيدت پرستي جو اسير رهيو آهيان- پر جڏهن ذهن جي مٿان ڇانيل اعتماد ۽ ويساهه جو ڪوهيڙو/ ڏُنڊُ جهڪو ٽيڻ لڳو تہ محسوس ڪيم تہ عقيدت جو غلاف ويڑهي ويهڻ سان منش جي سوچ ۽ ساڃاهه کي زنگ کائي وڃي ٿو.

اڄ کان لڳ پڳ چوٿائي صدي کان بہ اڳ جو زمانو ٿيندو جڏهن سنڌ جي قومي تحريڪ جي آرماڙ هستي سان سياسي طريقہ ڪار تي اختلاف ٿيو هو. مان، ان راءِ جو هُيس تہ گروهي ۽ محدود سياسي تحرڪ پاڻي ولوڙڻ جي برابر آهي. ڇو تہ ايندڙ دور ۾ قومي آزادي جون تحريڪون پنهنجي هيئت ۾ جمهوريت، سهپ، رواداري ۽ سماج ۾ ردوبدل جي اصولن سان لاڳاپيل هونديون. ان لاءِ آزادي جي تحريڪن کي شخصي سحرمان آجو ٽيڻ گهرجي. ادارن کي بالادست حيثيت ملڻ لازمي آهي. ان حوالي سان ملڪي سطح تي قوم پرست ۽ ترقي پسند سياست ڪندڙ نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۾ شامل ٿيس. سردار شيرباز مزاري 1978ع ۾ اين-ڊي، پي جي مرڪزي ڪاميٽي جي اجلاس جي (لاهور ۾) صدارت ڪري رهيو هو. انهي اجلاس ۾ خاص دعوت تي آيل مهمانن جي ڊيٽ ويٽ ڪرائي پئي وئي. انهن ۾ سردار شيرباز مزاري جي ڪاپي پاسي وينل جي سجاٽ پروفيسر محمد سرور جي نانءُ سان ڪرائي وئي. مان، ان مهمان کي چتائي ڏنو تہ اُهو هڪ سنهڙو ۽ سيپڪڙو همراهه. اکين تي ٿهڪندڙ عينڪ پاتل لڳ پڳ ستر جي پيٽي ۾ لڳو پي. هن جي چهري تي من موهيندڙ مُرڪ وڄ جهڙا وراڪا ڏئي رَهي هئي. اسان جي ميٽنگ جيئن ئي پڄاڻي تي پهتي تہ سُري وڃي پاسو

ورتو مانس ۽ تصديق ٿي ته پاڻ مولانا عبيدالله سنڌي جي قافلي جو دانشور ۽ شارح هئو. مان، پروفيسر سرور سان حال احوال ۾ ايترو ته محو ٿي ويس جو سمڪ ئي ڪا نه پئي ته ڪڏهن سج لهي ويو. بي ڏينهن تي پروفيسر سرور جي ڪتاب گهر "سنڌ ساگر اڪادمي" چونڪ مينارہ تي ويس، اتي به ڳپل وقت ڳالهين هولهين ۾ گذاريوسين. انهن ڳالهين ۾ ضياءالحق جي مارشلا، ملڪ کي اسلامي بنائڻ جا شوشا ۽ جمهوريت جي نالي ۾ چوندجي آيل نمائندن جون خرمستيون ذکر هيٺ آيون. پاڪستان جي مستقبل بابت محتاط نموني پيش گوئي ڪندي چيائين: "آمريت، دهشت گردي ۽ فرقيواريت". موڪلائڻ مهل به ڪتاب سوڪڙي طور ڏنائون. انهن ۾ هڪ ايم- اين. راءِ جو "اسلام جو تواريخي ڪردار" (Historical Role of Islam) ۽ ٻيو سندس ٿي ترتيب ڏنل "خطبات ومقالات:مولانا عبيدالله سنڌي". اتان ٿي مولانا عبيدالله سنڌي جي لکڻين کي پڙهڻ جو شوق وڌيو ۽ اڄ تائين پڙهندو رهان ٿو. اهڙيءَ ريت مان عقيدت پرستي ۽ تقليد پرستي جي ليڪ کي لتاڙي اڳتي وڌڻ جي لائق ٿيس.

اڄ، مان اوهان جهڙن باشعور ۽ لائق دوستن سان انهيءَ مولانا عبيدالله سنڌي بابت ويچار ونڊڻ گهران ٿو جيڪو ويهين صَدي ۾ ڏکڻ ايشيا/ اپڪنڊ جي سياسي، سماجي ۽ فڪري جدوجهد کي پنهنجي وطن يعني سرزمين، سنڌ کي محور بڻائيندي عالمي هلچل سان- لاڳاپڻ جو ذريعو بڻجڻ جي ڪوشش ۾ زندگي جي آخري پساهه تائين محو ۽ مصروف رهيو. انهيءَ حوالي سان مولانا موصوف جي حياتي جي سفر کي ٽن حصن ۾ ورهائي پيش ڪرڻ ٿو. ان لاءِ ته جيئن سندس مذهبي سفر کان قومي ۽ عالمگير انقلاب ڏانهن پيش رفت ڪرڻ تائين سمجهڻ ۽ امامِ انقلاب جي نالي/ خطاب سان منسوب ٿيڻ ۾ سولائي ٿيندي.

[I] نندپڻ ۽ مذهبي انقلاب

گلاب سنگهه راءِ، سکن جي راج ۾ چيانوالي ڳوٺ جو ڪاردار هو. هن پنهنجي پٽ جسپت راءِ کي به نوڪري وٺي ڏني. انگريزن جيئن ئي پنجاب تي 1846ع ۾ قبضو ڪيو ته جسپت راءِ جو پٽ رام سنگهه اباڻا ڪک ڇڏي سيالڪوٽ منتقل ٿيو ۽ سونار ڪو ڏنڊو ڪري پيٽ پالڻ لڳو. رام سنگهه جلد ئي گذاري ويو. جنهنڪري سندس گهر واري موٽي اچي جسپت راءِ سان

چيانوالي ۾ رَهڻ لڳي. اتي ئي مائي صاحب کي 10 مارچ 1872ع تي نينگر ڄائو جنهن جو نالو بوٽا سنگهه (اڳتي هلي عبيدالله) رکيو ويو. ٻن ورهين جي نندڙي ڄمار ۾ بوٽا سنگهه جو ڏاڏو ٻڌ گذاري ويو. ان کري جوٽا سنگهه جي ماءُ پٽ ۽ ڌيءُ سوڌو ضلعي ديرا غازي خان جي ڳوٺ ڄام پُور ۾ پيڪن وٽ لڏي آئي. انهي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ بوٽا سنگهه ڇهن ورهين جي عمر ۾ داخل ٿيو. ايڏا ٽين درجي ۾ هئو ته اسلام جي وحدانيت کان متاثر ٿيو. اڳتي هلي 1884ع ۾ هڪ نومسلم عبيدالله جي لکيل ڪتاب "تحفته الهند" ۽ شاهه اسماعيل جي ڪتاب "تقويته الايمان" پڙهڻ سان سندس لاڙو اسلام ڏانهن وڌيڪ ٿيڻ لڳو. جنهن کري 15-آگسٽ 1887ع ۾ مسلمان ٿيو ۽ نالو عبيدالله تجويز ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ هڪدم گهر ڇڏي سنڌ ڏانهن اُسهيو ۽ پرچونڊي ۾ حافظ محمد صديق جي هٿ تي بيعت ڪئي. عبيدالله، سنڌ کي پنهنجو مستقل وطن بڻائي سنڌي لقب اختيار ڪيو. اسلام قبول ڪرڻ سان پاڻ ابتدائي طور اسلام جي ڦهلاءِ واسطي شاهه اسماعيل جي پٽن اسلام فڪر کان متاثر ٿيو. جنهن کري سندس ذهن ۾ ويهجي ويو ته اسلام هڪ عالمگير انقلاب جو ذريعو آهي. ان لاءِ پاڻ 1888ع ڌاري ديوبند ۾ شيخ الهند مولانا محمود حسن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ته عالمي اسلامي انقلاب آڻڻ ۾ پنهنجو فرض ادا ڪري سگهي.

مولانا سنڌي ديوبند ۾ شاهه ولي الله (1762ع-1703ع) جي فڪر ۽ فلسفي جو ڳوڙهي نموني اپياس ڪيو ۽ خاص کري شاهه جي شاهڪار ڪتاب "حجته الله البالغه" سندس ذهن ۽ زندگي تي دائمي نقش چٽي ڇڏيا.

مولانا موصوف کي پنهنجي علم ۽ ڄاڻ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سنڌ کان وڌيڪ ٻيو ڪو به موزون علائقو ڪونه پيو لڳو. ان کري 1899ع ۾ سنڌ موٽي آيو ۽ امروٽ ۾ مولانا تاج محمود وٽ اچي ترسيو. امروٽ ۾ اسلامي تعليم کي جديد خطوط/ طرز تي سنوارڻ لاءِ هڪ يونيورسٽي جي قيام لاءِ تجويز رکي ته جيئن سياسي ۽ فکري تعليم ڏيڻ لاءِ مرکز قائم کري سگهجي. پر مولانا امروٽي، انهي تجويز کي قبول ڪرڻ کان لاچاري ظاهر ڪئي، چوته کيس خدشو هوته مروجه روايتي مدرسن جي درس ۽ تدريس ۾ قيرقار آڻڻ سان قدامت پرستي کي ڏک لڳندو. مولانا سنڌي اهڙين حالتن ۾ به مايوس کونه ٿيو. پر سنڌ جي کنڊ کڙڇ ۾ مذهبي تعليم کي

جديد بنيادن تي استوار/ هموار ڪرڻ لاءِ جُهد ڪندو رهيو. ان سلسلي ۾ ڳوٺ پير جهنڊو ۾ "دارالرشاد" جي نالي سان مدرسو قائم ڪيو. انهي زماني ۾ سندس وِهاڻ اسلاميه هاءِ اسڪول سکر جي هڪ استاد مولوي عظيم جي نياڻي سان ٿيو.

مولانا صاحب، سنڌ ۾ اٺ ورهيه مذهبي انقلاب آڻڻ ۾ سرگردان ٿي گذاريا. پر محسوس ڪرڻ لڳو ته ڪا وڏ يا خامي آهي جو مذهبي انقلاب لاءِ گُهربل نتيجا حاصل ڪرڻ ٿي سگهيا آهن. انڪري ديوبند موڪلي ويو. اتي شيخ الهند سان ڊگهي بحث مباحثي کان پوءِ 1909ع ۾ جميعت الانصار جي نالي سان تنظيم ٺاهي جنهن جو مکيه مقصد هو ته زوال پذير مسلم سماج لاءِ کهڙا اُپاءُ وٺي حق حڪمراني حاصل ڪري سگهجي ٿو. ٿوري عرصي ۾ محسوس ٿيڻ لڳس، ته جديد طرز تي تعليم ڏيڻ سان ئي سڌارن آڻڻ جو امڪان روشن ٿي سگهي ٿو. ان ڪري 1913ع ۾ دهلي ۾ "نظارة المعارف" جي نالي سان درسگاهه قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ جديد بنيادن تي دنوي ۽ ديني تعليم ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو. ان کان پوءِ جلد ئي 1914ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي جو آغاز ٿيو. جنهن ۾ دنيا جا ڪلاسيڪل سامراج برطانيا، فرانس ۽ بيلجم هڪ پاسي ته سندن سامهون جرمني، اٽلي ۽ ترڪي هئا. انهي نئين صف بندي ۾ مولانا سنڌي ۽ سندس رفيقن محسوس ڪيو ته هندوستان ۾ هڪ اسلامي مملڪت جي قيام لاءِ حالتون سازگار ڪونهن، ان لاءِ هڪ اسلامي ملڪ ۾ پئن اسلام ازم جي فڪر کي سولائي سان اڳتي وڌائي سگهجي ٿو. جنهن لاءِ افغانستان کي موزون ملڪ سمجهيو ويو. 1915ع ۾ مولانا سنڌي ڪابل روانو ٿي ويو.

مولانا سنڌي جيئن ئي ڪابل پهتو ته ڪيس پنهنجي مشن جي تڪميل لاءِ امير حبيب الله جو اڏوگابرو سهڪار حاصل ٿيو ۽ طئ ڪيو ويو ته انگريزن جي جارحانه چنبي منجهان هندوستان کي آزاد ڪرائڻ ۽ هڪ اسلامي مملڪت جي قيام لاءِ ٻين اسلامي ملڪن کان مدد ورتي ويندي. انهن اسلامي ملڪن ۾ سِر فهرست نالو ترڪي جي خلافت عثمانيه جو هو. هونئن به اڳواٽ 1914ع ۾ افغانستان ۽ ترڪي جي وچ ۾ اهڙو معاهدو مخفي طور ٿيل به هو.

مولانا صاحب ڪابل ۾ پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو ته ڪيئن

هندوستان ڏانهن پيش رفت ڪري سگهجي. پر ساڳئي وقت مشن جي سرانجامي لاءِ مختلف خيال رکندڙ ماڻهن سان لهه وچڑهه ۾ رهڻ جي به ابتدا ڪئي. انهن بحث مباحثن جي مجلسن ڪيس پنهنجي مشن بابت هڪ سوالیہ آگاهي ڏني ته ڇا هندوستان جي آزادي مذهبي نقطہ نگاهہ کان ممڪن آهي يا ٻين مذهبن جي پوئلڳن جو سهڪار به ضروري آهي.

[II] قومي انقلاب ۽ مذهب

هاڻي مولانا موصوف دنيا ۾ قومي آزادي جي تحريڪن ڪي وطن، تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي پس منظر ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ لڳو. ساڳئي وقت امير حبيب الله ڪيس مشورو ڏنو ته مذهبي نقطہ نگاهہ سان آزادي ۽ انقلاب جو هندوستان ۾ خاطر خواهہ نتيجو حاصل ڪونہ ٿي سگهندو. ان ڪري هندوستان جي آزادي کي طاقتور ۽ جامع بنائڻ لاءِ مذهبي مت پيد کان سواءِ عام ماڻهن جي شرڪت ڏلڻائڪ ثابت ٿيندي. مولانا سنڌي هندوستان جي آزادي لاءِ قومي انقلاب کي منظم ڪرڻ لاءِ نئين راهہ ڏانهن راغب ٿيو. جنهن ڪري سُتت "آزاد هند جلاوطن سرڪار" جو قيام عمل ۾ آيو. ائين امير حبيب الله جي رضامندي افغان، ترڪي معاهدي جي روشني ۾ ريشمي رومال تي آزادي جي منصوبي لاءِ خط لکرايو ويو جنهن ۾ پيرائتي نموني ذڪر ڪيل هئو ته ڪيئن هندوستان جي آزادي لاءِ بيروني ۽ اندروني نموني تحريڪ کي سرگرم ڪيو ويندو. اهو خط اڇتي هلي ريشمي خط (Silk Letter) جي نالي سان مشهور ٿيو. انگريزن کي اڳواٽ ئي منصوبي جي ڪُڙڪ امير حبيب الله جي پٽ عنايت الله جي معرفت ملي چڪي هئي. اهو خط مخفي طور سفر ڪندو حيدرآباد سنڌ ۾ پهتو ته پڪڙجي پيو. انگريز سرڪار هندوستان جي آزادي کي چيپاٽڻ لاءِ سرگرم ٿي وئي. ان سلسلي ۾ مولانا محمود حسن کي مڪي ۾ گرفتار ڪيو ويو. سنڌ ۾ گرفتار ٿيلن ۾ مکيہ نالا مولانا محمد صادق ڪڏو/ ڪراچي، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سيد اسدالله شاهہ ٽکڙائي وارا هئا.

ريشمي رومال تحريڪ جي ناڪامي تائين ترڪي به پهرين مهاياري لڙائي جي وڏي وڇ ڪري برطانيا مخالف مورچي ۾ شامل ٿي چڪو هئو. انهي وچ ۾ افغانستان ۾ امير حبيب الله جي قتل ٿيڻ سان امير امان الله خان تخت نشين ٿيو. افغانستان جي نئين حڪمران، مولانا سنڌي کي پنهنجو سياسي صلاحڪار مقرر ڪيو. اميرامان الله، مولانا سنڌي جي

صلاح ۾ حڪمت عملي سان نيٽ 23 آگسٽ 1923ع تي انگريزن کان افغانستان جي آزادي تسليم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هوڏانهن پهرين مهاڀاري لڙائي جي خاتمي سان ترڪي جي شڪست خلافت جي اداري کي ڌاهي ڏيرڪري ڇڏيو. هندوستان ۾ ترڪي جي همدردي ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي ويل هئي، چوته هندوستاني مسلمانن جوجذباتي لڳاءَ خلافت عثمانيه سان هو. هونئن ته ظاهري طور خلافت تحريڪ محض خلافت جي بيهر قيام لاءِ جُڙي هئي. پر سياسي طور هندو مسلم ايڪتا جو پيش خيمو ثابت ٿي. هندوستان کي دارالحرب قرار ڏنو ويو. هند ۾ سنڌ منجهان هجرت تحريڪ شروع ٿي. پر اها تحريڪ پنهنجي منطقي انجام کي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي فوت ٿي وئي.

مولانا سنڌي کي هجرت تحريڪ جي ناڪامي ۾ تحريڪ جي خاتمي وڌيڪ سنجيدگي سان جديد قومي رياستن- (Nation States) جي زمري ۾ قومي آزادي حاصل ڪرڻ ڏانهن متوجه ڪيو. ان لاءِ هندوستان جي آزادي کي مذهبي نقطه نگاهه کان حل ڪرڻ جي برعڪس غير فرقيوارانه/ سيڪيولر روشن خيال ۽ جمهوري طريقي سان حاصل ڪرڻ کي وڌيڪ سودمند سمجهڻ شروع ڪيو. جنهن کي 1918ع ۾ ڪابل ۾ آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جي آفيس کولي وئي، جنهن جو پاڻ پهريون صدر ٿيو.

مولانا صاحب جي نئين حڪمت عملي يعني مذهبي انقلاب کان اڳتي وڌي قومي انقلاب وسيلي هندوستان جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي پيش رفت انگريزن جي ردِعمل ۾ رولو وجهي ڇڏيو. ان کي انگريزن، امير امان الله آڏو افغانستان جي آزادي تسليم ڪرڻ سان گڏوگڏ جنگ جو تاوان پري ڏيڻ لاءِ شرط رکيو ته عبيدالله سنڌي جي سياسي سرگرمي کي محدود ڪيو ويندو. مولانا جيئن امان الله خان جي سرد مهري محسوس ڪئي ته ڪابل ۾ پرياست ورهيه گذارڻ کان پوءِ ماسڪو ڏانهن ڪوچ ڪيو.

مولانا سنڌي، ماسڪو ڏانهن روانگي ان لحاظ کان به ڪئي ته پهرين مهاڀاري لڙائي جي خاتمي سان دنيا جي نقشي تي سبق آموز تبديليون رونما ٿيون هيون. انهي تبديلي ۾ روس جي اندر پهرين پورهيتن جي سرڪار 1917ع جي بالشويڪ انقلاب جي ڪري اقتدار ۾ آئي هئي. پاڻ روبرو وڃي پورهيت سرڪار جي قائم ڪيل نئين سوشلسٽ سماج جو مطالعو ۽

مشاهدو ڪرڻ لازمي سمجهيو.

مولانا موصوف ماسڪو ۾ ساندهه ست مهينا گُذاريا ۽ مطالعي ۽ مشاهدي ۾ مصروف رهيو. ان جو نچوڙ هيئين لفظن ۾ بيان ڪري ٿو:

"انهي مطالعي جو نتيجو نڪتو ته پنهنجي مذهبي تحريڪ جيڪا امام شاهه ولي الله جي فلسفي جي شاخ آهي، ان کي دنيا جي لادييني حملن کان محفوظ ڪرڻ لاءِ تدبيرون سوچڻ ۾ سوياروٽيس. مان انهي ڪاميابي لاءِ سڀ کان پهريائين انڊين نئشنل ڪانگريس ۽ ٻئي نمبر تي اهي سيئي هندوستاني نوجوان جن ۾ هندو ۽ مسلمان اڇي وڃن ٿا يعني قوم پرست ۽ سوشلسٽ ۽ آخر ۾ سويٽ يونين جو شڪر گذار آهيان. مان انهن ننڍي عنصرن جي جيڪڏهن پٽيرائي حاصل نه ڪيان ها ته شايد، اڄ، هي اعزاز ماڻي نه سگهان ها."

مولانا صاحب، ماسڪو منجهان 1923ع ۾ روانو ٿي انقره (ترڪي) پهتو. سندس ترڪي ۾ پهچڻ کان اڳ مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ خلافت جي اداري کي ختم ڪري جديد ترڪي کي جمهوريت ۽ سيڪولرازم جي اصولن تي سنوارڻ جو ڪم شروع ڪري چڪو هئو. مولانا ترڪيءَ ۾ گوڙهي نموني تواريخ جي مطالعي ۾ مَحو رهيو. آخرڪار نتيجي تي پهتو:

"تحريڪ، اتحاد اسلامي لاءِ مستقبل، قريب ۾ ڪوبه مرڪز نهڻ جو امڪان نه هڻڻ برابر آهي. مان سمجهان ٿو ته جديد ترڪي جي اڏاوت کي ذهن ۾ رکندي پنهنجي اسلامي تحريڪ کي انڊين نئشنل ڪانگريس سان هم ڪنار ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻي سگهبي. ان لاءِ پنهنجي پروگرام کي ڪانگريس جي پروگرام سان منسلڪ ڪرڻ ضروري سمجهيو."

مولانا سنڌي ترڪي ۾ ٽي ورهيه گذارڻ واري عرصي ۾ عملي سياست کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري ۽ يڪ جا ٽي مطالعي ۾ مصروف رهيو. مولانا صاحب ترڪيءَ ۾ رهڻ دوران جيڪو اهم ۽ تاريخي ڪارنامو سرانجام ڏنو اهو "سرو راجيه پارٽي" جو منشور اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپائي پڌرو ڪرڻ هو. ان منشور ۾ مولانا صاحب "قوم" جو بنياد مذهب بدران ٻولي، جاگيرافي، تاريخ ۽ اقتصادي لڳاپن کي قرار ڏنو ۽ ان بناد تي نندي ڪنڊ جي قومن/رياستن جي هڪ يونين کي جمهوري ۽ سيڪولر وفاقي نظام جو خاڪو ترتيب ڏئي پيش ڪيو. ٿيٽ محسوس ڪيائين ته جلاوطني جو باقي

عرصو مڪي مڪرمہ ۾ گذارڻ وڌيڪ لاڀائتو ثابت ٿيندو- ڇو تہ سڌي يا اڻسڌي طرح هندوستان سان لاڳاپي ۾ رهي سگهندو. پر مڪي اچڻ کان اڳ حجاز گورنمينٽ کائنس خاطري گهري تہ ڪنهن بہ عملي تحريڪ ۾ حصو نہ وٺندو ۽ محض درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو. ائين مڪي ۾ لڳاتار تيرنهن ورهيہ گذاريا. انهي قيام جي عرصي ۾ هندوستان ۾ سياسي تحريڪن ۽ عالمي سطح تي ڪردار جي حوالي سان جمهوريت، سماجي انصاف ۽ آزادي جي تحريڪن بابت غور ۽ فڪر ڪندي گذاريو.

هوڏانهن هندستان ۾ جمهوريت ۽ قومي آزادي جي تحريڪن جي جوش، جولان ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو. سنڌ ۾ بمبئي کان آزادي جو رجحان هڪ هلچل جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳو.

هندوستان ۾ 1935ع ۾ سياسي سڌارن جو اعلان ڪيو ويو. آل انڊيا نئشنل ڪانگريس جي پليٽ فارم تان مولانا سنڌي جي واپسي جو مطالبو ٿيڻ لڳو. مارچ 1936ع ۾ سنڌ جي بمبئي کان آزادي عمل ۾ آئي، اڳتي هلي 1937ع تي هندوستان ۾ چونڊون ٿيون ۽ مجموعي طور ڪانگريس کي سرسي حاصل ٿي. ساڳئي سال ۾ مولانا صاحب کي هندوستان ورڻ جي اجازت ڏيندي 1938ع ۾ پاسپورٽ ڏنو ويو ۽ 6- مارچ 1939ع تي سنڌ جي بندرگاهہ ڪراچي تي پير رکيو. مولانا عبيدالله سنڌي جي استقبال ڪندڙ هزارين ماڻهن سان گڏ سنڌ جو وزيراعظم الله بخش سومرو (1900-1943) پڻ موجود هئو.

[III] قومي انقلاب، آزادي ۽ عالمگيريت

مولانا سنڌي، جڏهن سنڌ ۾ پهتو تہ 67 ورهين جي پيٽي ۾ پهچي چڪو هئو. عمر جي لحاظ کان ٿڌو ٿا نهرو ٿي ويهڻ بدران، پاڻ جلاوطني ۾ گذاريل چوٿائي صدي جي تجربن جو نچوڙ يعني عالمي سطح تي ايندڙ لاها چاڙها ۽ انهن جو سندس فڪر ۽ عمل تي اثر انداز ٿيڻ ۽ حاصلات کي سنڌ ۽ باقي برصغير ۾ روشناس ڪرائڻ فرض ڪري ليکيو. ان لاءِ پنهنجي ڄاڻ ۽ سوچ کي تقريرن، تحريرن ۽ ادارن جي قيام وسيلي عام ماڻهن تائين پهچ طور استعمال ڪيو. جنهن ڪري اڪيچار موضوعن ۽ نقطن تي پنهنجا ويچار ونڊڻ جي ابتدا هيٺين ريت ڪئي.

1. تجربن ۽ مشاهدن جي دنيا:- مون کي محض وطن ۽ خاندان جي

چڪ هندوستان ڏانهن ڪونہ آندو آهي. مان هاڻي پوڙهو ٿي چڪو آهيان. حياتي الائجي گهٽا ڏينهن آهي. مان پوڙهاپ ۽ ڪمزوري جي باوجود ان لاءِ آيو آهيان تہ اوهان کي ڪجهہ چوڻ گهران ٿو. منهنجي پويان تجربن ۽ مشاهدن جي هڪ وسيع دنيا آهي. مان قومن جي تواريخ ۾ اونهائي سان وڃڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون کان حالتن بابت ڪوتي پڇا ڪيو. مان توهان کان ڪا بہ ڳالهہ لڪائڻ نہ ٿو گهران. منهنجو علم ۽ مطالعو. منهنجا تجربا ۽ فڪر/ ڄاڻ سيني لاءِ حاضر آهي.

2. نظام جو زوال:- مان پراڻين تهذيبن کي پنهنجي روبرو ڏهندي ڏٺو آهي. اهي نظام / سرشتا جن کي سندن پوئلڳي ڪندڙ لازوال سمجهندا هئا ۽ ان ۾ ٿوري بہ تبديلي کين بار محسوس ٿيندي هئي. انهن نظامن جي مقتدر ۽ محترم علمبردارن کي پنهنجي وطن کان پرانهون محرومي ۽ بي وسيءَ جي حالت ۾ دربدر خاڪ چاٹيندي ڏٺو آهي. مان انساني نسلن کي فنا ٿيندي، وسندين کي ويران ٿيندي، تمدنن کي ميسارجندي، مذهب ۽ اهل مذهب کي سفاڪي سان لتاڙبو ڏٺو آهي. خدا ٿوچاڻي تہ مون کي جيڪي شيون پنهنجي جگر ۽ جان کان بہ وڌيڪ عزيز هيون جن جي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهہ تياڳي ڇڏيو هئو انهن کي اکين اڳيان ختم ٿيندو ڏسي ڪيڏو نہ صدمو رسيو هوندو. انهي دردناڪ منظر تي چا وهيو واپريو هوندو. ان هوندي بہ مالڪ سائين جي مهرباني رهي آهي جو عذابن ۽ پيڙائن سهندي بہ هوش حواس قائم دائم رهيا. مان زندگيءَ جي انهن انقلابن کي جاچيندو ۽ غور ڪندو رهيس.

3. عالمگير انقلاب جو سيلاب:- مان هڪ عالمگير انقلاب جي سيلاب کي موجون هٽندي ڏسي آيو آهيان. لاشڪ انقلاب جي اٽندڙ لهرن ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٻاڙ ٻوڙ ڪري ڇڏي آهي. جيڪي ملڪ ٻچيل آهن سي بہ سيلابي وهڪري کان بچي ڪونہ سگهندا. اهو سيلاب چوماسي جو وسکارو ڪونهي جيڪو آيو ۽ گذري ويو. هي انقلاب عهد حاضر جي تواريخي تقاضائن جو قدرتي نتيجو آهي. هي اهو انقلاب آهي جيڪو پوئتي هٽڻ وارو ناهي..... پر مان ڏسان ٿو تہ انهي طوفان جي اوهان کي سڌ ڪانهي ۽ نہ وري ڄاڻ اٿو تہ اهو طوفان وڌي آيو تہ اوهان جو ڪهڙو حشر ٿيندو.

4. عالم سڳورا:- اوهان جا عالم تہ جيئرا جاڳندا آهن پر انهن جو

نظرون ماضي ۾ قائل آهن. هو پنهنجي چوگرد به ڏسڻ وائسڻ جي تڪليف گوارا ڪونہ ٿا ڪن. جيڪڏهن ڪنڊ ڪٽي نظر نهار ڪٽي ڪن ٿا تہ به سطحي ڪتابي سوچ تائين. جنهنڪري زندگي کان ڪتجي ويل آهن. هو جيڪي ڪجهہ پڙهن ۽ پڙهائين ٿا انهن جي علم ۾ حياتي جي چمڪ دمڪ جو ذرو به موجود ڪونهي. جنهن سان سندن علم ۾ زندگي جي حرارت ۽ هلچل پيدا ڪونہ ٿئي ٿي. موجوده حالتن ۾ 1920ع کان پوءِ جمعيت العماءِ هِندُ جنهن رستي ڈانهن گامزن آهي ان ۾ اصلاح آڻڻ جي ضرورت آهي.

5. سياست ڪار:- اوهان جا سياست ڪار ڏڳهيون ۽ ٽڪائيندڙ رٽابنديون ڪرڻ جا ڪاريگر آهن. پر انهن جون نظرون خاص طبقن (مفادن) کان اڳتي ڪونہ وڌن ٿيون. هو قوم ۽ وطن جا نالا کڻن ٿا ۽ ڪلچر ۽ مذهب تي زور ڏين ٿا. انهن جو قوم، وطن، ڪلچر ۽ مذهب متعلق تصور مبهم ۽ مُنجهيل آهي. يا وري سندن مقصد هڪ خاص طبقي جي مفاد ۽ مطلب سان اٽڪيل آهي. اهي صاحب مورڳو پاڻ کي ڏسڻ وائسڻ جي خفت ۾ مبتلا آهن. اندر ۾ ايئن سمجهن ٿا تہ زمانو سندن اشارن تي تحرڪُ ۾ رهندو عام ماڻهو سدائين کين ڏسندا.

6. ايندڙ انقلاب ۽ يورپ:- مان جنهن ايندڙ انقلاب جي سڏ سماءَ اوهان کي ڏئي رهيو آهيان. ان انقلاب کي يورپ جي طول ۽ عرض ۾ چوليون هٽندي ڏسي آيو آهيان. اتي انقلاب جنهن نموني ڪاياپلٽ ڪري ڇڏي ان کان پاڻ بچائڻ ناممڪن آهي. چوتہ جنهن ريت مفتوحن کي تهہ تيغ ٻڌايو ويو آهي. مان ان جا سبب ۽ نتيجا ڄاڻي ورتا آهن. تحقيق، اهو انقلاب-عالمگير سموري انسان ذات کي پنهنجي پاڪر ۾ وٺي ڇڏيندو. پيوتہ ڇڏيو انقلاب جي ان اڻلَ کان اسان جا جابر برطانوي حڪمران محفوظ رهي نہ سگهندا. اوهان شايد ايندڙ انقلاب جي قوت، وسعت، شدت ۽ سفاڪي کي محسوس ڪري نہ سگهو. پر ايندڙ انقلاب کي قيامت کان گهٽ سمجهيو نہ وڃي. اهو انقلاب حشر برپا ڪندو تہ جيئن انسانيت جي چوٽڪاري لاءِ خداءِ ذوالجلال طرفان هڪ نئين فرمان (Order) جي لاءِ رستو هموار ٿي سگهي.

7. انسانن جي مختصر گروهہ جا ڪرتوت:- انسانن جو پٽڪڙو گروهہ، ڪثير تعداد کي زير بار ڪيون ويٺو آهي. انسان ذات جو اڪثريتي گروهہ مزدور ۽ هاري آهن. غريب ۽ پورهيت طبقو ذليل ۽ خوار خراب ٿي رهيو

آهي. پوڙائو طبقو اقتدار جي نشي ۾ فيل مست ٿڄي انسائي معيار کان هيٺ ڪري پيو آهي.

8. اسلام جو ڪردار:- اسلام، دراصل مذاهب-عالم جي آخري ڪڙي آهي. جنهن سيني مذهبن جي اصولن کي هڪ ڪتاب ۾ يڪجا ڪيو آهي. هر هڪ مذهب پنهنجي زماني ۾ هڪ انقلابي سنيهو ڪٽي آيو. ان جو نبي، انقلاب جو نقيب ٿڄي آيو. اسلام به دنيا لاءِ هڪ پيغام ڪٽي آيو. اسلام جو انقلاب به سموري انسان ذات لاءِ آهي ۽ پنهنجي مقصد ۽ مفهوم ۾ عالمگير آهي. اسلام، قومي تشخص جي نفي ڪونه ٿو ڪري، پر قومن کي هڪ پائيپ ۾ ڳنڍڻ جي تجويز ڏئي ٿو.

9. فڪر ۽ عمل جا مرڪز:- منهنجي فڪر جو مرڪز دهلي (شاهه ولي الله) آهي پر عمل جو مرڪز سنڌ آهي.

10. نوجوان، اميدون ۽ آسرا:- منهنجي اميدن ۽ آسرن جو محور نوجوان آهن جيڪي اڄڪلهه پنهنجي ملڪي حڪومت جوڙيندا..... ان لاءِ شاهه ولي الله جي فلسفي سان گڏ يورپ جي معاشي ۽ سياسي انقلاب جي سمجهه ڏانهن ڏيان ڏيڻ گهرجي.

مولانا صاحب پنهنجي پيغام کي هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خطاب ڪرڻ ۽ اداري سازي کي هڪ وقت هٿ ۾ ڪيو. انهي ڏس ۾ 3- جون 1939ع ۾ علماءِ بنگال کي ڪلڪتي ۾ خطاب سان ابتدا ڪندي چيو:

"مان ڪنهن به آل انڊيا تحريڪ شروع ڪرڻ جو پاڻ ۾ ڀوتو ڪونه پائيان ٿو. ان لاءِ پنهنجي عملي ۽ علمي چرپر لاءِ سنڌ منجهان نموني طور شروعات ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته:

1. سنڌي ٻولي جي رسم الخط کي رومي لپي ۾ آڻڻ ته جيئن يورپ واسين سان سڌو رابطو ڪري سگهجي. ڇوته ائين ڪرڻ سان يورپ واسي سنڌ کي آساني سان سمجهي سگهندا.
2. سنڌي پنهنجي وطن جو ڪپڙو پائيندو پر اهو ڪوٽ ۽ پتلون جي شڪل ۾ هوندو. ٽوپلو هر حالت ۾ استعمال ڪندو.
3. افغانستان ۾ امير حبيب الله سپاهين کي بوٽن سميت نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو هئو. پر ان لاءِ لازمي قرار ڏنو ته بوٽن کي صاف ڪيو وڃي. سنڌي عوام به ان تي عمل ڪن.

مولانا صاحب پنهنجي انهي تقرير ۾ رڳو ظاهري ڏيک ويک تي زور ڪونہ ٿو ڏئي پر علاج تجويز ڪندي چوي ٿو.

(الف) يورپي اصولن مطابق قوم پرستي کي ترقي ڏيڻ گهرجي.

(ب) هندو تهذيب يا اسلامي تهذيب ٻئي مذهبي اسڪول آهن. اڄ جو يورپي اسڪول مذهب کان وٺيرکو آهي. چوتہ ان جو دارومدار سائنس ۽ فلسفي تي آهي. اسان جي وطن ۾ جيڪڏهن انهي انقلاب کي سمجهڻ کان ڪن لاتار ڪئي وئي تہ نقصان ۽ گهاٽي ۾ رهنداسون.

(ت) يورپ کي نفرت ۽ ڏڪار جي بنياد تي پرکيندي اسان پنهنجي ترقي محدود ڪري چڏي آهي، ان کي خيرباد چئو.

انهي تقرير کي اڳتي وڌائيندي جديد يورپ جي تواريخ کي مختصر لفظن ۾ بيان ڪندي چوي ٿو:

"يورپ هڪ ئي وقت هيئين تحريڪن کان متاثر ٿيو"

(A) لبرل ازم :- هن تحريڪ جي نتيجي ۾ يورپ جا اڪثر ملڪ جمهوري بڻجي ويا. جيڪڏهن ڪجهہ بادشاهتون آهن سي بہ نالي ماتر. چوتہ انهن ملڪن ۾ ڪار وهنوار چونڊيل نمائندن ۽ پارليامينٽ جي صلاح ثباب سان ٿئي ٿو.

(B) انڊسٽرل ازم :- يورپ ۾ سائنسي ايجادن ۽ علم جي ڦهلاءَ جي آڌار تي مشين ۽ صنعت کي فروغ حاصل ٿيو آهي. ان جي برعڪس مشرقي ملڪ يورپ جي اڳيان عاجز بڻجي بينل آهن.

(C) ملٽري ازم :- دنيا ۾ موتمار هٿيارن سان زير زبر ڪرڻ جو نتيجو نڪتو آهي تہ يورپ هڪ تباهي سان هم ڪنار ٿي چڪو آهي. مسئلن ۽ مونجهارن کي هٿيارن جي زور تي نبيرڻ انساني فڪر ۽ فطرت جي روءِ خلاف آهي. اسان کي فوج ڪشي جهڙي غير انساني طريقي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

(D) سوشلزم :- اڄ جي دنيا ۾ قومي آزادي جي تحريڪن کي معاشي ۽ اقتصادي عنصرن سان ڳنڍي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي. سوشلزم جيڪو پنهنجي بيهڪ ۾ معاشي ۽ اقتصادي مسئلن کي حل ڪرڻ جو ذريعو آهي ان کي شاهہ ولي الله جي فلسفي جي روشني ۾ معروضي حالتن هيٺ سمجهڻ گهرجي.

هوڏانهن پي پاسي مولانا صاحب اداراسازي جي حوالي سان هيئيان

قدم ڪنيا:

1. سياسي پروگرام ڪي عام ماڻهن تائين رسائڻ لاءِ 10- ڊسمبر 1939ع تي جمنا، نربدا، سنڌ ساگر پارٽي جو قيام عمل ۾ آندو.
2. شاهه ولي الله جي فلسفي ڪي مستقبل جي دنيا ۾ ڪارج مند بڻائڻ لاءِ فڪري ۽ شعوري تعليم ڏيڻ لاءِ 24- ڊسمبر 1939ع تي ڳوٺ پير جهنڊو ۾ سنڌ ساگر انسٽيٽيوٽ جو قيام ڪيو.
3. بيت الحڪمت جي نالي سان هڪ مثالي ڪتب خاني جو 28 ڊسمبر 1939ع تي دارالعلوم ڪڏو (ڪراچي) ۾ اجراءُ
4. سنڌ فڪري عمل جو مرڪز رهندي، پر سنڌ کان ٻاهر وڏو جهان آهي ان سان ڳنڍجڻ جو وسيلو انڊين نيشنل ڪانگريس کي سمجهڻ گهرجي.

مولانا سنڌي جيئن ادارا سازي جي ذميواري کان واندو ٿيو تہ وري سنڌ جي مختلف حصن جا دورا شروع ڪيا. انهن دورن ۾ 12- جولاءِ 1940ع تي سنڌ ڪانگريس ڪميٽي ضلعو ٿٽو جي افتتاحي اجلاس جي خطبي جي شروعات سنڌ سان محبت ۽ وابستگي هڻڻ جي هيٺين ريت ڪئي:

"مان سنڌ سان محبت ڪيان ٿو: منهنجي دين جي ابي جو وطن آهي. مان سنڌ کي پنجاهه ورهين کان پنهنجو وطن سمجهان ٿو انهي زمين کي سيراب ڪرڻ واري درياهه جو ذڪر مقدس ڪتابن ۾ موجود آهي. مان نديڙ جا ڏاڙا ان درياهه جي ڪنڊي تي گذاريا. مون کي هن شهر سان محبت آهي. هن ۾ عالم ۽ عارف ٿي گذريا آهن. آخري زماني ۾ مخدوم معين ٿٽوي جو گهر ٻه هن ٿي شهر ۾ هو. هو شاهه لطيف جو هم عصر ۽ محبتي بزرگ هو. هن امام ولي الله کان علم ۽ جاڳ حاصل ڪئي. ان ڪري هي شهر اسان جي حڪمت جي ابتدا جو هڪ اهم اهجاڻ آهي."

انهي افتتاحي اجلاس ۾ ڪانگريس اندر وڌندڙ جارحانہ طريقن، مذهب جي زوال، يورپ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي ۽ ٻين عالمي مسئلن تي ڳالهائڻ کان پوءِ سنڌ جي هڪ افسوس ناڪ حادثي مسجد منزل گاهه کان پوءِ هجرت جي اپرندڙ روش ڏانهن اشارو ڪندي چيو "مان هجرت جو تجربو پنهنجي ذات تي ڪري چڪو آهيان. مان ڪابل ۾ هندوستاني، مهاجرن، بلغاريہ ۽ سربيا جي مهاجرن کي ترڪي ۾ پريشاني ۽ بي سرو ساماني جي عالم ۾ ڏٺو آهي. مان سنڌي آهيان. سنڌين کي سڃاڻان ٿو. هو جيڪڏهن ڪا ٻہ غلطي ڪندا تہ ٻيو

سنڌي کين راهه راست تي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي. سنڌي گهٽي ياڳي نيڪ طبع آهن. هنن ۾ هندو ۽ مسلم جو سنڌو ته هڪ برابر آهي."

ساڳي تقرير ۾ جهاد کي مستردڪندي ڳالهائي ٿو:

"اسان کي جهاد نه پر انقلاب جي ضرورت آهي. انقلاب منجهان مُراد علم، عقل ۽ فهم، اهو سپ ڪجهه سکڻ لاءِ يورپ ڏانهن رجوع ٿيو."

اهڙي ريت مولانا سنڌي دهلي، ديوبند، لڌيانه، قصور، لاهور ۽ ٻين هندوستان جي ڪيترن شهرن ۾ تقريرن ۽ تحريرن وسيلي پنهنجي مشن جي سرانجامي لاءِ هلندو رهيو. نيٺ انهي هڙهٽان سندس صحت کي جهوري وڏي صحت جي خرابي ۾ به حيدرآباد سنڌ ۾ 17- اپريل 1944ع تي جميعت الطلباء سنڌ جي اجلاس ۾ خطاب ڪندي ماضي ۽ جموديت کي ٽوڙيندي چيو:

"اوهان انگريزي پڙهو، مغربي سائنس جو اپياس ڪيو. علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪيو ته جيئن انقلاب جي راز ۽ رمز کي سمجهي سگهو جيڪو يورپ کي لپيٽ ۾ آڻي چڪو آهي. توهان هندوستان ۾ به انقلاب لاءِ تيار رهو."

هڪ پارٽي جو خاڪو چتيندي چيو:

"پارٽي ٺاهڻ جي معني آهي ته قوم جو اهو سياسي تصور جنهن کي يورپ جو سياسي وايومنڊل تسليم ڪري رهيو آهي. يعني وحدت زبان، تمدن ۽سماج، ان کي قوم جي سياسي تصور جو پيڙهه پٽ، سمجهڻ گهرجي. اهڙي طرح پنجابي، پشتو،ڪشميري، گجراتي، مرائي ۽ هندوستاني ڳالهائيندڙن کي دائمي قوم جو درجو ڏيون تا، چو ته هندوستان هڪ نه پر گهڻ قومي ملڪ آهي. ... ..."

"اسان جي پارٽي جو موقف آهي ته سنڌ سنڌين جي آهي ۽ جيڪا به پارٽي انهن اصولن ۾ ويساهه رکي ٿي انهن سان ساٿ رهندو."

انهي متين تقرير کان پوءِ مولانا عبيدالله جي صحت وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. جنهن کري سندس علاج جو بندوبست ڪراچي ۾ ڪيو ويو ۽ کنهن به اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ ڊاڪٽرن پابندي هٽي چڏي، پر جنهن به وقت ٽورو هوش ۾ ايندو هو ته شهداد ڪوٽ (ضلعو لاڙڪاڻو) ۾ محمد قاسم ولي الله ٽيولجيڪل اسڪول جي افتتاحي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ بيقرار ٿيندو پي رهيو. بهرحال طبيعت جي وڌيڪ خراب ٿيڻ ڪري پاڻ سفر

جي قابل ته ڪونہ رهيو. پر 20- آگسٽ 1944ع تي اها آخري تقرير لکت جي صورت ۾ شهداد ڪوٽ اماڻي. انهي تقرير ۾ مولانا هندوستان جي تواريخ اڪبراعظم جي دور کان وٺي بحث هيٺ آندي. ان ۾ فرقيوارانہ ۽ غير فرقيوار نہ سياسي فڪر کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ۾ لبرل ازم ۽ فلسفہ ولي الله جي وچ ۾ هر آهنگي جاڻائيندي چيو:

"امام ولي الله جي ڪتابن ۾ صراط مستقيم ئي اسان لاءِ لبرل ازم آهي" جيڪو ان ۾ لکيل آهي: الحمدالله الذي هدنالهذا.

مولانا تقرير ۾ چئو ڪري ٿوته:

"جمنا نربدا، سنڌ ساگر پارٽي هڪ خالص سياسي جماعت آهي، ان وسيلي سياسي تعليم ڏني ويندي پر پارٽي نہ ٺاهي ويندي. ان لاءِ شهداد ڪوٽ ۾ مولانا غلام مصطفيٰ (قاسمي) ۽ ان جي ساٿي قاضي عزيزالله (جروار) جي همٿ ۽ مدد سان ٽيو ليجڪيل ڪاليج ڪولي سگهجي ٿو."

انت ته مولانا جي صحت جواب ڏئي ڇڏيو ۽ مسلسل غشي طاري ٿيڻ لڳي جنهن ڪري ڪيس سندن نياڻيءَ وٽ دين پور (بهاولپور رياست) ڪٽائي ويا. اتي ئي هي سنڌجو سپوت، آزاد سنڌ جو پرچارڪ ۽ سنڌ کي عالمي سطح تي مڃتا ڏيارڻ جو سفير ۽ انسانيت جو محسن 22- آگسٽ 1944ع تي دائمي آرامي ٿيو.

مولانا عبيدالله سنڌي جي سياسي ۽ فڪري سفر کي مختصر نموني پيش ڪرڻ ڪان پوءِ به ڪجهہ اڏو گابرا سوال جيڪي منهنجي ذهن ۾ ڪُتڪي رهيا آهن. شايد انهن سان اوهان به سهمت هجو. اهم سوال هيءُ آهي ته ان عظيم پائي جو مفڪر جيڪو قومن جي آزادي، جمهوريت ۽ سماجي انصاف لاءِ چئي ۽ تزراءِ رکندڙ هئو. ان هوندي به سندس مشن تڪميل جي پهرين دور کي ئي مڪمل ڪري نہ سگهي آهي. اڄ به آزادي جي محض ڦتندڙ باک کان اڳتي وڌي نہ سگهيا آهيون ۽ اڄ بہ جمهوريت ۽ سماجي انصاف لاءِ واجهائي رهيا آهيون. ان لاءِ امام انقلاب جي علمي ۽ فڪري جدوجهد کي تواريخ جي پس منظر ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪنداسون ته پنهنجي سوال جو جواب حاصل ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي.

ڏکڻ ايشيا/ برصغير ۾ سياسي طور به پور وچوٽيون فڪري ڌارائون اثرانداز ٿيندیون اچن پيون. انهن مان هڪ فڪري ڌارا انساني عقيدن جي

پنيان لکل وحدانيت يا هيڪڙائي جي اصولن تي ڪاربند رهندي انسان ذات کي نسلي، مذهبي مت پيد، ذات پات جي فرق کي ختم ڪرڻ جي تلقين ڪندي مساوي درجو ڏيڻ جي تلقين ڪري ٿي. انهي فڪري ڌارا جا مبلغ ۽ مفڪر ڪٽرپڻ، شدت پرستي ۽ فرقيواريت جي برعڪس صلح ڪُل جا پرچارڪ ليکيا وڃن ٿا. انهن مفڪرن ۽ دانشورن ۾ ابوعلي سنڌي، داتا گنج بخش، رامانند، پڳت ڪبير، دادو ديال، گرونانڪ، شهباز قلندر، شيخ مبارڪ سنڌي، ميان مير سنڌي، شاهه عنايت، مخدوم معين ٺٽوي، شاهه لطيف، سچل، سامي، دادا جيٺ مل پرسرام، علامہ آءِ- آءِ قاضي، شهيد الله بخش سومرو، جمشيد مهتا ۽ جي- ايم- سيد هڪ ئي تسبيح جا داڻا آهن. ان فڪري ڌارا جي هڪ پوئلڳ شيخ عبدالقدوس گنگوهي (1537ع- 1453ع) ته هيئين ريت چئي ڏنو:

"هي چا جو گوڙ ۽ گهمسان پکيڙيو ويو آهي، ته ڪو مومن آهي ته ڪافر آ، ڪو فرمانبردار آ ته ڪو گناه گار، ڪوسڌي راه تي آ ته ڪو پٽڪيل ۽ گمراه، ڪو مسلم آ ته ڪو پارسا ۽ ڪوملحد ۽ مفڪر آ. سڀ ته اهو آهي سيئي هڪ تسبيح جا داڻا آهن. ....."

هوڏانهن ٻي فڪري ڌارا جو لاڙو فرقيواريت، ڏُوئي، ڏکار ۽ بنياد پرستي سان واڳيل رهندو اچي پيو. ان فڪر جي پوئلڳي ڪرڻ وارن جو چوڻ آهي ته مخالف کي مطيع، فرمانبردار ۽ تسلط هيٺ رکڻ سان ئي چوڻڪارو حاصل ٿيندو. انهي فرقيوارانه ۽ شدت پرستي جا ويجهڑائي ۾ نمائندا ۽ مبلغ شيخ احمد سرهندي، مجدد الف ثاني (1624ع- 1564ع) مولانا عبدالحڪيم سيالڪوٽي، محمد هاشم ٺٽوي، شاهه اسماعيل، سيد احمد بالاڪوٽي، سيد امام رضا بريلوي، مولانا ابو الاعليٰ مودودي، شبير احمد عثماني، مولانا شاهه احمد نوراني ۽ مولانا فضل الرحمٰن چئي سگهجن ٿا. ان حد تائين جو پهرين بزرگ مجددالف ثاني پنهنجي جولان ۽ انتها پسندي ۾ فرمايو:

"اسلام جي عظمت ۽ عزت لاءِ ڪفر ۽ ڪافرن جي خواري ۽ ذلت ڪيو."

اڄڪلهه انهن ٻنهي فڪري ڌارائن جي سياسي محاذ آرائي داراشڪوه (1659ع- 1615ع) ۽ اورنگزيب (1707ع- 1618ع) جي نالن ۾ ٿي. داراشڪوه جو قتل درحقيقت صلح ڪل جي فڪر ۽ فلسفي لاءِ ڪاپاري ڏک ثابت ٿيو. ان کان پوءِ پنجاهه ورهين جي قليل عرصي ۾ اورنگزيب جي

مذهبي تنگ دلي ۽ فرقيوارانه ورتاءَ جي ردعمل ۾ ديسي بغاوتن مغل شهنشاهيت کي اندران ئي اندران اڏوهي انگر ڪائي کوکلو ڪري ڇڏيو. انهي زوال پذير سماج ۾ برصغير جي هڪ اهم شخصيت شاهه ولي الله (1762ع- 1703ع) پيدا ٿيو.

شاهه ولي الله، مغل شهنشاهيت جي زمين دوز ٿيندڙ عمارت کي مسلم سماج جو المیو ۽ تباهي سمجهي ٿو. هن پنهنجي مدبرانه سوچ جي حوالي سان عالمي نوعيت جو سڏ ڏنو:

فڪَ ڪُل نظام (نظام کي ڌاهيو)

شاهه ولي الله بيشڪ نظام / سماج کي ڌاهڻ جو تڏڻ ڏنو پر ان جو علاج احمد شاهه ابدالي (1773ع- 1722ع) جي شڪل ۾ هندوستان تي حملوڪري غير مسلمن جي خرمستين کان ڇڏائي اسلامي مملڪت قائم ڪرڻ لاءِ دعوت ۾ ڇاڻايو. انهي ساڳئي دور ۾ ست سمنڊ پار ڪري ايندڙ انگريزن جي واپاري ويس ۾ حرڪتن کي پاڻ شايد ڏيان لائق نه سمجهيائين. ان جي برعڪس نواب سراج الدوله جيڪو انگريزي سازشن جو مقابلو ڪري رهيو هئو ان کي "بي وقوف" ڪَسو ۽ "جٽ" ڇاڻايائين.

بهرحال فلسفه ولي الله جو تت هيئن بيهي ٿو ته پاڻ سماج ۾ ردوبدل جو الهامي سڏ ته ڏئي ٿو پر ان جو حل وري به احمد شاهه ابدالي جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو. ان جي برعڪس مولانا عبيدالله سنڌي سماج ۾ بنيادي قيرقار آڻڻ لاءِ ٻڌائي ٿو ته برصغير/ ڏکڻ ايشيا کي هڪ نئين نظام جي ضرورت آهي جنهن جا سونهري اصول قومن جي آزادي، جمهوريت ۽ سماجي انصاف آهن.

اهڙي ريت مولانا سنڌي/ امام انقلاب جي مشن پايه تڪميل تي نه پهچڻ جا هيئيان مکيه سبب چئي سگهجن ٿا ته "مولانا صاحب قدامت پرستي/ راسخ العقيده، ليبرل ازم، انسان دوستي ۽ روشن خيالي کي رلائي ملائي هلڻ جو محتاط طريقو اختيار ڪيو. انهي قدامت پرستي جي حوالي سان سندس سورما علاوالدين خلجي، محمود غزنوي، محمد تغلق ۽ اورنگزيب آهن. ان ڪري پاڻ ماضي جي سنگهرن مان آزاد ٿي نه سگهيو.

اڄ جي ايڪويهين صدي ۾ به مولانا سنڌي/ امام انقلاب جي فڪر ۽ سندس سياسي مشن کي منزل مقصود تائين پهچائڻ جي دعويٰ ڪندڙن

جي اڪثريت انهن جي آهي. جيڪي فڪر ۽ فلسفي کي عقيدت مندي جو غلاف چاڙهي هڪ دائري ۾ قيراپائي رهيا آهن. ان لاءِ لازمي آهي ته عقيدت پرستي جي گرداب منجهان نڪري خانقاهي سياست جا زندان پيچي پورا ڪري سنڌ کي سياسي ۽ سماجي سنگهرن مان آزاد ڪرائي ڏکڻ ايشيا ۾ ايندڙ ردوبدل ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيون. انهي طريقي سان ئي اسان سيئي امام انقلاب سان پنهنجي سچي ۽ حقيقي رفاقت جي دعويٰ ڪري سگهون ٿا.

مان اجازت ونڊ ڪان اڳ ۾ يورپ جي عظيم ڏاهي والٽيئر (1778ع- 1649ع)جا سون ۾ تورڻ جهڙا لفظ امام انقلاب لاءِ پيٽنا طور پيش ڪرڻ فرض ۽ قرض سمجهان ٿو:

Every man is the creatures of the age in which he lives,
Few are able to raise them selves above the ideas of the time.

(هر هڪ منش پنهنجي دور جو جنهن ۾ رهي ٿو ان جو جيئو آهي.
انهن ۾ اهڙا ماڻهو ورلي ملندا آهن جيڪي وقت جي فڪر ۽ قياس کان مٿانهان هوندا آهن.)

(مولانا عبيدالله سنڌي اڪيڈمي لاڙڪاڻي پاران 22- آگسٽ 2002ع تي سندس 58 ورسي تي پڙهيل)

Biblography:

1. History of the freedom movement in India Vol: 111 By: DR: Tara Chand. Dost Publisher, Lahore
2. Thoughts of Shah Waliyullah of Delhi By: G.N. Jalbani Md: Ashraf Sons Lahore.
3. The Deoband School and the demand of Pakistan. By :ziaul Hassan Faruqi. Progresseve Books, 40- urdu bazaar, Lahore.
4. خطبات ومقالات (اردو) مولانا عبيدالله سنڌي مرتب: پروفيسر محمد سرور سنڌ ساگر اڪيڈمي لاهور سال 1970ع
5. مولانا عبيدالله ڪي سرگذشت ڪابل (اردو)از:- مولانا عبدالله لغاري مرتب:- ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ، اسلام آباد 1980ع
6. آزادي ڪي تحريڪين مرتب:- عبيدالله قدسي (اردو)اداره:- ثقافت اسلاميه، 2 ـ ڪلب روڊ لاهور 1988ع

انسان ذات سان محبت ڪندڙ ۽ عالمي انقلاب جو متوالو: ايم ـ اين راءِ

MANAVENDRA NATH ROY (1954–1887)

سماج جو ڪارج ردوبدل سان واڳيل هوندو آهي، پر جڏهن سماج، انسان ذات جي لاءِ چوٽڪاري ۽ شفا جو ڪم ڏيڻ کان پڙ ڪيڏي بيهندو آهي تہ ان جا منفي نتيجا ماڻهن تي پڻ اثر انداز ٿيندا آهن. انهن ماڻهن ۾ اڪثريت انهن جي هوندي آهي جيڪي رضا تي راضي رهندي جبر ۽ ڏاڍ جي ڇڪي ۾ پيسجڻ قبول ڪندا آهن. ان جي برعڪس هڪ ننڍڙي اقليت سماج جي ڪل ڪي ڦيرائڻ جي هام هٿي اڳتي ايندي آهي. انهيءَ اڳتي اچڻ وارين قوتن ۾ مستقل مزاجي ۽ تندهي تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن ڪين اتساهه حاصل ٿيندو آهي. لاشڪ اتساهه ڏيندڙ هستيون، رهنماءَ ۽ داناءَ جي شڪل ۾ نمودار ٿيندا آهن، ها پر ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ سماج جي ردو بدل لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ شخصيت تواريخ جي نئين اڏاوت ڪرڻ ۾ پنهنجو وارو تہ شانائتي نموني وڃائيندي آهي پر انهن کي تواريخ جو ڪسات ڪوهيڙي جي چادر ۾ ايترو تہ ويڙهي ڇڏيندو آهي جو ڪين تواريخ ۾ نجات ڏيڻ واري جي مان ۽ عزت ڏيڻ کان ڪن لاتار ڪئي ويندي آهي.

اسان جي ڏکڻ ايشيا جي تواريخ بہ اهڙن ڪسائڻ ۽ حرفتن کان واڌجهيل ڪانهي جنهن ڪري وقت جي دَز ۽ متي کين ڏري گهٽ دفن ڪري ڇڏيو آهي. ائين وقت جي دَز ۾ لٽجي ويل اهڙن مرد متيرن منجهان منابندرا ناٿ راءِ (MANAVENDRA NATH ROY) بہ آهي جنهن کي عرف عام ۾ ايم اين راءِ چيو وڃي ٿو. ايم .اين راءِ ويهين صديءَ جي سياسي دانائن جي قافلي جو اهو نانءَ آهي جيڪو عام رواجي تعليم رکندي پنهنجي فڪر ۽ جدوجهد جي وسيلي سياسي مدبر طور علم ۽ ڄاڻ جي بلندين تي پهتو.

ايم . اين . راءِ 21 مارچ 1887ع ۾ ڄائو. هن جو اصل نالو نريندرا پٽ آچاريہ هو. پاڻ جنهن زماني ۾ ڄائو تہ هندوستان مڪمل طور انگريزن جي غلاميءَ هيٺ هئو. سندس جم ڪان بہ ورهيہ اڳ محب وطن هندوستانين

انڊين نيشنل ڪانگريس 1885 ع ۾ ٺاهي هئي.

نريندر جا مائٽ 1898 ع ۾ نقل مڪاني ڪري هڪ ٻئي ڳوٺ ڪوڊلا ڏانهن هليا ويا. هوان ڳوٺ جي هيران ٻائي اينگلو - سنسڪرت اسڪول ۾ 1899 ع کان 1905 ع تائين تعليم حاصل ڪندو رهيو. انهيءَ زماني ۾ نريندر قومي هلچل جي گهلندڙ هوا کان متاثر ٿيو. ڇو ته برطانيہ سرڪار بنگال جي عوام جي مرضيءَ خلاف پر ڳٽي جو ورهاڳو فرقيوارا نہ بنيادن تي ڪيو هئو. انهيءَ تحريڪ ۾ حصو وٺڻ جي ڪارڻ ڪيس اسڪول مان خارج ڪيو ويو. نريندر اسڪول منجهان نڪرڻ شرط وڌيڪ دل جمعي سان مقامي انقلابين سان لهه وچڑهه ۾ اچڻ شروع ڪيو. ستت ئي 1906 ع ۾ سندس پيءُ دينا بنڌو پٽ اچاريہ رحلت ڪري ويو ۽ پاڻ بنگال نئشنل ڪاليج ۾ وڃي داخل ٿيو (جيڪو اربندو گهوش قائم ڪيو هو) انهيءَ ڪاليج ۾ لڳ يڳ ٻہ ورهيہ پڙهائي ڪرڻ کان پوءِ پاڻ برطانوي راج خلاف عملي طور حصو وٺڻ لاءِ ويڙهاڪ انقلابي گروپ ۾ شامل ٿيو. انهيءَ سال ۾ ريلوي اسٽيشن تي هڪ ڏاڙي هٽڻ جي تهمت ۾ گرفتار ڪيو ويو. پر پڪي ثبوت نہ هڻڻ ڪري آزاد ڪيو ويو. هن جي ماءُ بسنت ڪماري پڻ 1908 ع ۾ گذاري وئي. نريندر اڃ کان ٻہ وڌيڪ انقلابي تحريڪن ۾ سرگرم ٿي حصو وٺڻ لڳو. ان سلسلي ۾ 1909 ع ۾ هڪ ٻئي ڏاڙي هٽڻ جي ڪري ڪيس گرفتار ڪيو ويو پر ثبوت نہ هڻڻ ڪري آزاد ٿي ويو. انهيءَ هلچل ۾ نريندر هڪ ٻئي انقلابي جيتن مڪرجي سان گڏ سرگرم هئو. انهيءَ زماني ۾ بنگالي انقلابين جرمنن کان هٿيارن ۽ تربيت لاءِ رابطو ڪيو هئو تہ جيئن برطانيا وارن جي غلاميءَ کان هٿياربند جدوجهد وسيلي آزادي ماڻي سگهجي. پر اوچتو 1915 ع ۾ انهيءَ تحريڪ جو سرواڻ جيتن مڪرجي مارجي ويو. نريندر ناٿ هڪ نقلي نالي چارلس مارٽن وسيلي جرمنن سان ميل ميلاپ ڪي وڌايو. پر ان کان اڃ ۾ چين جي قومي تحريڪ جي اڳواڻ سن يات سين(***) سان ملاقات ڪيائين تہ جيئن هندوستان جي آزاديءَ لاءِ سهائتا حاصل ڪري سگهي. آخرڪار نريندر انقلاب ۽ آزادي کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هندوستان کي الوداع ڪيو ۽ هڪ جڙتو پاسپورٽ وسيلي پادريءَ جي ويس ۾ جپان کان ٽينڊو 1916 ع جون ۾ سان فرانسسڪو (آمريڪا) پهتو. هن جيئن ئي آمريڪا ۾ پير رکيو تہ بنا ڪنهن وقت وڃائڻ جي اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ ۾

هڪ بنگالي شاگرد ڏن گوپال مکرجي سان مليو. انهيءَ همراهه جي صلاح سان نريندر ناٿ پنهنجو نالو مٽا بندرا ناٿ راءِ رکيو ۽ سڄي ڄمار ايم ـ اين ـ راءِ جي نانءَ سان مشهور ٿيو.

پهرين مها ياري لڙائي جي دوران ايم ـ اين ـ راءِ آمريڪا ۾ رهيو. هوڏانهن هندوستان جي قومي تحريڪ جي سرواٽي ڪرڻ لاءِ مهاتما گانڌي، ڏکڻ آفريڪا مان موٽي آيو ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته گانڌي جي موٽي اچڻ سان ايم ـ اين راءِ هندستان جي قومي تحريڪ کان ڪٽجي ويو. پر هن بين الاقوامي سطح تي هڪ ڪميونسٽ انقلابي جي حيثيت سان شهرت حاصل ڪئي. انهيءَ 1917ع جي دور ۾ راءِ جي ميل ملاقات استينفورڊ يونيورسٽي جي شاگردياڻي ايلون ٽرينٽ سان ٿي. اهي ميل ملاقاتون پيار جي سرحد اُڪري شاديءَ جي بندڻ ۾ بدلجي ويون. ايم ـ اين ـ راءِ جي ملاقات آمريڪا ۾ لالہ لجپت راءِ ٿي جنهن هن سان مڪمل سهڪار ڪيو. پر وري به ٽيون پيرو برطانوي پوليس کيس گرفتار ڪيو ۽ تنبيه ڪرڻ کان پوءِ ڇڏي ڏنو. نيٺ راءِ ۽ ايلون برطانوي پوليس جي پيڇي ڪرڻ مان جان ڇڏائڻ لاءِ ميڪسيڪو سٽي روانگي اختيار ڪئي. انهيءَ دور ۾ راءِ جي فڪر ۽ سوچ تي سوشلسٽ فلاسافيءَ جا عڪس نمايان ٿيڻ لڳا.

ايم ـ اين ـ راءِ جي هڪ بيش بها خوبي هئي ته پاڻ کنهن به نئين زبان تي ٿوري وقت ۾ مهارت حاصل ڪري ويندو هئو. ان ڪري ستت ئي اسپينش زبان تي عبور حاصل ڪري ورتائين ۽ اخبارن ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيا، ان کان علاوه پنهنجي زال جي مدد سان ميڪسيڪو سٽي ۾ ڪميونسٽ پارٽي ٺاهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. انهن سڀني مصروفيتن ۾ رهندي، راءِ هندوستان جي حالتن بابت باخبر رهندو آيو جنهن ڪري هندوستان جي آزاديءَ بابت مختلف اخبارن ۾ لڳاتار مضمون لکندو رهيو. نيٺ 25 آگسٽ 1919ع ۾ سوشلسٽ پارٽي جو ڪنوينشن ميڪسيڪو سٽي ۾ ٿيو جيڪو پنهنجي هئيت ۾ روس کان ٻاهر ٿيندڙ هڪ تواريخي اجتماع هئو. جنهن کان پوءِ لينن پاران راءِ کي روس ۾ اچڻ جي دعوت ملي ته سيڪنڊ انٽرنيشنل ڪانگريس ۾ شريڪ ٿئي. اها دعوت سندس سياسي زندگي ۾ هڪ اهم لاڙو ثابت ٿي.

راءِ روس ڏانهن 1920ع ۾ روانگي اختيار ڪئي. انهيءَ سفر ۾

مختلف ملڪن مان گذرندي نالي وارن انقلابين سان ملاقات ڪئي. راءِ سويت يونين ۾ رهندي ڪميونسٽ پارٽي جي آرماڙ هستين جهڙوڪ، استالن، ٽراٽسڪي، بخارين ۽ جگ مشهور ليکڪ ميڪسم گورڪي سان لڳ لاڳاپن کي مضبوط ڪيو. اڳتي هلي ڪميونسٽ ڪانگريس جي پهرين ويهڪ ۾ قومي ۽ بينڪي سوال تي هڪ جامع دستاويز پيش ڪيو جنهن کي مڪمل پذيرائي حاصل ٿي. انهيءَ دستاويز کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ راءِ کي چيئرمين چونڊيو ويو. هو ايلون سان گڏ تاشقند زوانو ٽيو ۽ گڏجي انڊين ملٽري اسڪول جو بنياد رکيائون جنهن ۾ هندوستان کان آيل مهاجرن کي فڪري ۽ هٿياربند جدوجهد لاءِ تربيت جو آغاز ڪيو ويو. اڳتي هلي 17 آڪٽوبر 1920ع ۾ جلا وطن انڊين ڪميونسٽ پارٽي جوڙي وئي. ايم - اين - راءِ ۽ ايلون، احتياط ۽ رٿا بندي سان هندوستان ۾ ڪميونسٽن سان رابطو ڪيو ۽ کين لٽريچر ۽ مالي سهائتا پڻ اماٿي ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس جي اهم اڳواڻن سان به لاڳاپا جوڙي ورتا. ائين 1921ع کان 1929ع تائين راءِ هندوستان ۽ چين ۾ ڪميونسٽ تحريڪ کي سگهارو ڪرڻ ۾ مصروف رهيو ۽ انهيءَ سلسلي جي ڪڙيءَ طور استالن جي مدد سان مشرق واسين لاءِ هڪ يونيورسٽيءَ ناهڻ جي شروعات ڪئي جنهن ۾ مشرقي دنيا ۾ مستقبل جي صدرن ۽ وزيراعظمن تربيت ۽ تعليم حاصل ڪئي. اهو ايم - اين - راءِ جو ڪميونسٽ تحريڪ سان لاڳاپيل عروج جو زمانو هئو.

انهيءَ هلچل ۽ ماحول ۾ به راءِ لاءِ هندوستان ۾ آزاديءَ جي تحريڪ کي سرگرم ڪرڻ سڀ کان مٿاهون پد رکندڙ هئي. ان ڪري برلن منجهان پندرنهن روزه مَخزن " وين گارڊ آف انڊين انڊپينڊنٽس" جي نالي شايع ڪيو. ان مخزن ۾ ايلون پڻ قلمي نالي "شانتي ديوي" سان لکڻين ۾ هٿ وندائيندي هئي؛ پر برطانوي حڪومت هندوستان ۾ مخزن جي آمد تي بندش لاڳو ڪئي. هن همت نه هاري ۽ هڪ ٻئي نالي " ائڊوانسڊ گارڊ" جي سري سان مخزن ڇاپڻ شروع ڪيو پر ستت ئي راءِ کي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ سرگرم هئڻ جي ڪارڻ برلن ۽ فرانس منجهان نيڪالي ڏني وئي. پوءِ به هندوستان جي ڪميونسٽ هلچل کي سرگرم ڪرڻ ۾ هٿ وندائيندو رهيو. انهيءَ هٿ هٽان جي ماحول نيٺ ايلون کي بيزار ڪري وڌو ۽ هُن راءِ کان 1925ع ۾ علحدگي اختيار ڪئي۽ آمريڪا موٽي وئي جتي 1970ع ۾ ڪ گذاري وئي.

هوڏانهن هندوستان ۾ ايم - اين - راءِ جي خلاف سرڪار مواد گڏ ڪندي رهي.
راءِ کي سال 1927ع چين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي تنظيم سازيءَ جو ڪم سپرد ڪيو ويو. راءِ چين ۾ مائوزي تنگ، زوئن لا ۽ ٻين اهم چيني اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون ۽ کين مشورو ڏنو ته زرعي انقلاب ۽ انقلابي فوج وسيلي ئي منزل مقصود تائين پهچي سگهجي ٿو. چين بابت راءِ جي حڪمت عملي جي ٻين ميمبرن مخالفت ڪئي پر اسٽالن جو ڪيس مڪمل سهڪار رهيو. انهيءَ دور ۾ چين ۾ انقلاب دشمن ڪومنتناگ سرڪار انقلابين کي چيپاڻ لاءِ سيئي ظالماڻا ڪرتب ڪتب آڻڻ ۾ وسئون ڪو نه گهٽايو. راءِ کي اڳواڻ ئي ڪڙڪ پئجي وئي جنهن ڪري گوبيءَ جو رڻ پٽ اُڪري روس موٽي آيو. هو جيئن ئي روس ۾ پهتو ته سندس ذهين سوچ محسوس ڪري ورتو ته ليڊرشپ جو گهوٽالو عروج تي پهتل آهي. انهيءَ ڪتراڳ کان پاڻ کي پاسيرو رکڻ مناسب سمجهيائين. ان کان پوءِ جلد ئي راءِ بيمار ٿي پيو ۽ علاج خاطر جرمني روانو ٿي ويو. اتي به بيماريءَ جي حالت ۾ روس جي اندر پيدا ٿيل چڪتاڻ بابت لکندو رهيو. انهن لکڻين ۾ اسٽالن جي آمرانه ۽ جارحانه طور طريقن جا بخيا اُڌيڙيندو رهيو جنهن ڪري اسٽالن جي غيض وغضب جو نشانو بڻيو ۽ ڪيس پارٽيءَ مان نيڪالي ڏني وئي. ان ئٽين صورتحال جي آڏو اڃڻ کان پوءِ راءِ هندوستان موٽڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو. هن هندوستان ڏانهن سفر فرضي نانءَ بينرجي سان ڪيو ۽ مخفي طور 1930ع ۾ پهچي ويو. راءِ جنهن زماني ۾ ماسڪو ۾ ترسيل هئو ته سندس ملاقات 1927ع ۾ جواهر لال نهرو سان ٿي هئي جيڪو سندس ڏهانت، جفاڪشي ۽ بهادرانه جدوجهد کان اڳ ۾ ئي متاثر هئو: ان ڪري جيئن ئي مخفي طور هندوستان پهتو ته پنڊت نهرو سان مليو ۽ زير زمين ڪم ڪرڻ لڳو.

راءِ جي هندوستان ۾ آمد جي انگريز حڪمرانن کي ڪابه خبر ڪانه هئي، پر انهن کي راءِ جي پهچي وڃڻ جي سٽس هيئن پئي جو مارچ 1931ع ۾ سنڌ (ڪراچي) ۾ ڪانگريس جي سالياني اجلاس جي پيش ڪيل ٺهرائن ۾ بنيادي انساني حقن ۽ سماج ۾ ردو بدل آڻڻ جو شدو مد سان ذڪر ڪيل هئو. انهيءَ اجلاس ۾ ايم - اين - راءِ کان سواءِ سپاش چندر بوس جهڙا چوٽيءَ جا اڳواڻ پڻ موجود هئا. هونئن مهاتما گانڌي پنهنجي سِر راءِ جي سياسي طريقه ڪار جو جارحانه نقاد هو. بهرحال پاڻ هندوستان ۾ محمود جي فرضي

نالي سان ڪم ڪندو رهيو.

ٿوري وقت ۾ هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ کي راءِ جي موجودگي جي خبر پئجي وئي، جنهن ڪري هن جي خلاف استالن پرو پيگنڈا شروع ڪندي کيس منحرف ڄاڻايو. نيٺ ستت ئي سرڪاري مخبرن وسيلي راءِ جهلجي پيو ۽ مٿس مقدمو هليو. ان ۾ کيس 12 ورهيه سزا ملي پر اپيل ۾ سزا گهٽائي 6 ورهيه ڪئي وئي. راءِ جي گرفتار ۽ سزا ملڻ تي البرٽ آئن استائن، برطانوي حڪمرانن کي اپيل ڪئي ته هن انسان دوست عالم ۽ ڏاهي سان نرم ورتاءُ ڪيو وڃي. هاڻي راءِ جَيل ۾ ٽانيڪو ٽي وينو ۽ اُتان سياسي اڳواڻن، دانشورن ۽ دانائن سان خيالن جي ڏي وٺ ۽ لکپڙهه ڪندو رهيو. انهيءَ لکپڙهه جي وهنوار کي همٽائڻ ۾ ايلن جووڊو هٽ هڻو مطلب ته بنديخاني ۾ رهندي راءِ بيش بها سياسي لکڻيون، فلسفيانه ۽ سماجي نقطه نگاهه کان تنقيدي ۽ تعميري انداز ۾ لکندو رهيو. انهن لکڻين ۾ سندس شاهڪار ڪتاب (The philosophical consequences of modern science) آهي. ان کان علاوه ايلن ڏانهن جيل منجهان لکيل خط به سياسي تعليم جو هڪ ذريعو چئي سگهجي ٿو. هن جا جيل ۾ لکيل املهه ڪتاب آهن:

ويهين صدين جا پاکنڊي (Heresies of 20th Century) ۽ مادييت (Materialism) آهن.

راءِ جيل ۾ رهندي نه رڳو لکڻ پڙهڻ تي توجه ڏنو پر هيستائين سياسي ساگر ۾ پنهنجي ڪيل جدوجهد تي به ڳوڙهي نموني ويچار ڪرڻ لڳو. هن پنهنجي تجربي ۽ فڪر جي حوالي سان مارڪسزم ۽ ڪميونزم ۾ وڏنڊڙ نظرياتي بدعت کي تنقيد جو نشانو بڻايو. آخر ڪار 20 نومبر 1936ع ۾ جيل منجهان آزاد ٿيو. راءِ 10 مارچ 1937ع ۾ ايلن سان وهاڻ ڪيو جنهن سڄي عمر تائين ساٿ نياهيو. راءِ انڊين نيشنل ڪانگريس ۾ شامل ٿيو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. پر جلد ئي محسوس ڪري ورتو ته سياست جي نئين جهان ۾ پاڻ هلڻ ڪان لاچار آهي. چوته هن 1938ع ۾ قوميپرستيءَ بابت اظهار ڪندي چيو ته نج قوم پرستيءَ هڪ متروڪ عقيدو آهي. پي مهاپاري لڙائيءَ جي شروع ٿيڻ سان راءِ چتاءُ ڏنو ته دنيا لاءِ فاشزم خطرناڪ ڏڪو آهي ۽ خاص ڪري هندوستان جي آزاديءَ لاءِ. پر ڪميونسٽن عالمي سطح تي هٽلر سان عارضي ناهه ڪري ڇڏيو. راءِ انهيءَ حڪمت عملي جي سخت

مخالفت ڪندي برطانيہ سان سهڪار ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان لاءِ مضبوط دليل ڏيندي چيائين تہ" جنگ جي پڇاڻي سان برطانوي حڪمران هندوستان خالي ڪري ويندا." هن جي پيش گوئي اڳتي هلي سورنهن آنا سچ ثابت ٿي. راءِ قوم پرست تحريڪن جي نظرن ۾ عتاب لائق ڇاتو ويو. جنهن ڪري ڪانگريس کي الوداع ڪري ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. راءِ هندوستان جي تواريخ ۾ پهريون شخص آهي جنهن جديد سائنسي اصولن تي هڪ پارٽيءَ جو بنياد رکيو.

اهڙي ريت راءِ سڄي هندوستان جو دورو شروع ڪيو ۽ پنهنجن خطابن ۾ ميل ملاقاتن وسيلي هڪ ئي نقطي تي زور ڏيڻ لڳو تہ نئين سجاگي لاءِ تحريڪ جي سخت ضرورت آهي. ان لاءِ "آزاد هندوستان" (Independent India) جي نالي سان رسالي مان مارڪسوادي، انسان دوست ۽ انقلابي فڪر کي اجاگر ڪرڻ جو ڪم ورتو. ائين راءِ اڳتي هلي هوريان هوريان مارڪسزم ۽ ڪميونزم متعلق تنقيدي انداز اختيار ڪيو. انت تہ 1947ع ۾ هندوستان آزاد ٿيو ۽ راءِ جي اڳڪٿي سچ ثابت ٿي. راءِ پنهنجي تجربن ۽ جدوجهد کي هندوستان ۾ انسان دوست فڪر ۽ ڪردار ۾ پڏرو ڪرڻ لاءِ پيش رفت ڪئي. ان لاءِ ضروري سمجهيائين تہ سياست ۽ تواريخ جي عمل کي سائنسي ۽ عقلي اصولن سان پرکي نئين سماج جي اڏاوت ڪجي تہ جيئن انسان دوست تحريڪ کي پٽيرائي حاصل ٿي سگهي. انهيءَ انسان دوست عالمي تحريڪ لاءِ 1948ع ۾ ايم - اين - راءِ "انسان دوست" عنوان جي نالي هڪ بنيادي دستاويز لکي تيار ڪيو. اڳتي هلي 1952ع ۾ (The International Humanist and Ethical Union) ايمسٽرڊم (هالينڊ) ۾ ٺاهي وئي جنهن ۾ راءِ کي سندس غير موجودگيءَ ۾ نائب صدر چونڊيو ويو. انهيءَ دور ۾ ساٿس سان حادثو ٿيو. جنهن هن جي حافظي کي سخت چيهو رسايو. انهن ڏينهن ۾ ايم - اين - راءِ پنهنجي آتم ڪٿا ترتيب ڏئي رهيو هئو پر ان کي پورو ڪري نہ سگهيو. انت تہ ايم - اين - راءِ جنهن پنهنجي جدوجهد واري زندگي جي ابتداءَ هڪ هٿيار بند انقلابي سان ڪئي، مارڪسوادي ۽ بين الاقواميت جي مختلف رستن تان سفر ڪندي "انسان دوست تحريڪ" تائين پنهنجي سفر ڏانهن محو رهيو سو سپنو ساڀيان ٽيڻ کان اڳ ۾ 25 جنوري 1954ع ۾ دهره دون ۾ گذاري ويو.

راءِ جو سياسي فلسفو ۽ فڪر:

راءِ ڏکڻ ايشيا ۾ ويهين صديءَ جي سياسي فلسفين جي صفِ اول جي انهن لائق رهنمائن منجهان هڪ آهي، جنهن فلسفي ۽ سائنس وسيلي هندوستان جي اونداهي ۽ جموديت ۾ ورتل سماج کي روشنيءَ سان مُنور ڪرڻ ۽ نجات حاصل ڪرڻ جو ذريعو ڄاڻايو. هن هندوستان ۾ مذهبي وهنوار کي رياست جي ڪارج کان ڌار ڪرڻ کي سود مند ۽ سڏلائتو ڄاڻايو.

راءِ مذهب، فلسفي ۽ سائنس کي پنهنجي اهم ڪتاب "مادييت" (Materialism) ۾ تفصيل ۽ دليل سان زيربحث آندو آهي. ان ۾ فلسفي بابت چوي ٿو "سوچ، مطالعي ۽ فطرت جي ستاءِ جي ڄاڻ سان ئي پوريل دروازا کُلن ٿا. هن جي چواڻي "فلسفي جي لاءِ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي سڌ ماڻهوءَ ۾ تڏهن وڌي وڻ ٿي جڏهن روحاني طور طريقن سان سندس تسلي ۽ تشفي نه ٿي پي سگهي. ان لاءِ انساني شعور ۾ فڪر لاءِ لازمي ٿي پيو ته فطرت ۾ مذهبي مونجهارن وسيلي پيدا ٿيل گهو ٽالي مان ٻاهر ڪڍي ايڪتا ۽ اتحاد ڏانهن راغب ڪجي."

ا جا به پنهنجي هڪ ٻي ڪتاب "فلسفو ۽ سائنس" (Philosopy and Science) ۾ راءِ فلسفي جي تشريح ڪندي چوي ٿو "فلسفي جي اهم ذميواري آهي ته سنسار جي آڏو بينل رنڊڪن کي هٽائي مستقبل جي لاءِ راهه هموار ڪرڻ جو ڏس ۽ پنڌ" فلسفي ۽ مذهب جي وچ ۾ ساڳئي ڪتاب ۾ چند ڄاڻ ڪندي لکي ٿو ته: "فلسفو ۽ مذهب هڪ ٻئي لاءِ پور وڇوٽ لکيرون آهن." فلسفي ۽ مذهب جي وچ ۾ چٽي ريت وضاحت نه ڪرڻ جو نقصان هيئن ٿيو ته هندوستاني فلسفو هيل تائين قديم دور جي سنگهرن مان آجو ٿي نه سگهيو آهي. جڏهن ته مغرب ۾ فلسفو پنهنجي طاقت ۽ سگهه وسيلي قدامت پرستيءَ جو ڏاڪو ستريهن صدي ۾ اُڪري چڪو آهي. فلسفي تي راءِ پنهنجي تيکا ٽپڻي ۾ سائنس، جنهن کي علم ۽ ڄاڻ جو پنڌار ليکيندي پڌرو ڪري ٿو: "فلسفو ۽ سائنس هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن جو ته فلسفو ۽ سائنس ڳڌجي قدامت پرستي کي مسترد ڪن ٿا. ان ڪري فلسفي کي سيني سائنسن جو سرتاج چوڻ ۾ وڏاءُ ڪونهي. جو ته فلسفو سائنسي سياست جي فڪر ۽ سوچ کي اجاگر ڪري ٿو."

راءِ هڪ اهم ڪتاب، دليل، رومانيت ۽ انقلاب (Reason

romantic cism and revolution) ۾ فلسفي جي اهميت بابت ڄاڻ ڏيندي هيئن چوي ٿو: "منطقي نقطه نگاه کان مثبت طرز جي ڄاڻ جو اهڙو سرشتو جيڪو عقل ۽ فڪر لاءِ هڪ روشن خيال راهه ڏانهن رهنمائي ڪري سگهي."

مطلب ته راءِ ويهين صدي جي انهن مفڪرن ۽ دانائن مان اهم اڳواڻ آهي جنهن هندوستاني فلسفي کي جموديت مان ڪڍي لاءِ سڪيولرزم کي بنيادي عنصر قرار ڏنو ۽ چتايو ڏنو ته فلسفي جي نانءَ ۾ هندوستان جي تعليمي ادارن ۾ هندو مذهب جو جيڪو پرچار ڪيو پيو وڃي سو هاڃيڪار ثابت ٿيندو. جيڪڏهن اسان قدامت پرستي جي اونداهي غار ۾ علم ۽ عمل جي ڏياٿي روشن ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا نه ڪيو ته فلسفو مذهبي اوندهه ۽ انڌوڪار ۾ ستل ۽ مُئل رهندو."

ايم - اين - راءِ جي اهم ڪتابن جي ڪڑي "اسلام جو تواريخي ڪردار" (The Historical role of Islam) آهي. انهي ڪتاب ۾ ماضيءَ ۾ اسلام جي شاندار ڪردار جو ذڪر ڪيو ويو آهي پر ان شاندار ڪردار جو واسطو علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان لاڳاپيل رهيو آهي ان لاءِ هو چوي ٿو ته: "يورپ، مسلمانن کان تعليم ۽ ڄاڻ حاصل ڪئي ته اڄ جي جديد تهذيب جو سرواڻ بڻجي ويو. اڄ تائين يورپ جا سپوت ماضيءَ جي انهيءَ احسان مڃڻ ۾ کوبه شرم يا عيب محسوس ڪونه ٿا ڪن." پر هندوستان جي ڪٽرمذهبي ڏرين کي تنبيه ڪندي چوي ٿو "اسلام جي شاندار ڪردار کي سمجهڻ جي ضرورت آهي، چوته انهيءَ طرز جي ڄاڻ هنڌن کي فڪري ۽ شعوري تنگ دلي مان آجو ڪندي ۽ اڄوڪن قدامت پرست مسلمانن کي به اونداهه منجهان ڪڍي مذهبي ڪٽرپڻ کان آجوڪري کين سچائيءَ جي روح سان ڏيڻ ويٺ ڪرائي سگهندي."

ايم - اين - راءِ جي حياتي جو وڏو ڪور ڪڍي بيهاريون ٿا ته هڪ هٿيار بند انقلابي کان شروعات ڪندي عالمي سطح تي ڪميونسٽ هلچل جي پهرين صف جي اڳواڻ طور مجتا ماٽڻ سان گڏو گڏ هندوستان جي آزاديءَ ۾ شامل ٿيڻ جي سفر کان پوءِ به اهو مقام حاصل نه ڪري سگهيو جيڪو گانڌي، جواهرلال نهرو، ابوالڪلام آزاد ۽ ٻين کي حاصل رهيو.

ايم - اين - راءِ جنهن هڪ مفڪر ۽ داناءِ جي حيثيت ۾ ڪيئي ڪتاب لکي هندوستان جي آزادي سان گڏو گڏ عالمي سطح تي عملي جدوجهد ڪئي،

پر وقت جي واءِ انهيءَ عظيم انسان جي مٿان پُراسراريت جي دز چاڙهي چڏي تنهن کي چندبي ڦوڪي صاف ستڙو ڪرڻ جي ضرورت آهي. بهرحال راءِ جي زندگي جو ڪتاب هڪ اورچ ۽ اڻ ٽڪ انسان جي حياتيءَ جو دستاويز آهي. ٽلهي ليکي راءِ جي سوچ، فڪر ۽ عمل اسان کي هڪ نئين جوش، جذبي ۽ ولولي ڏانهن وِڪَ وڌائڻ جي آگاهي ڏني ٿي.

مددي ڪتاب:

1. Manaventra Nath Roy- By: N. Irnah
2. M.N.Ray's Conception of Philosophy – By: Dr: Ramendra.
3. انقلابن جي تاريخ- ايم.اين راءِ / امان الله شيخ

الله بخش سومرو
سکيولر سنڌ جو روشن باب

صدين کان سنڌ جي خمير ۾ سکيولر/ غير فرقيوارانه فکر ۽ فهم جي پَرٽ ۽ پالوٽ، رڳن ۽ نسن ۾ خوشبوءِ وانگر سمايل آهي جو جنهن به وقت سياسي ۽ مذهبي ڪٽرپڻ جو پوت ڏند ڪرٽيندو آهي تہ ان کي ماري مات ڪرڻ لاءِ ديس واسين منجهان ئي مرد متيرن شمع جيان برندي روشنيءِ ڪرڻ يعني جان جو نذرانو ڏيڻ يعني رت جو ريج ڏيڻ ۾ پوئتي پير ڪونہ ڪيو آهي. اهڙي ئي هڪ شمع، اڄ کان لڳ ڀڳ 64 ورهيہ اڳ، مذهبي جنون جي خلاف سينو ساهي بيلل ۽ سکيولر سنڌ جي علامت بڻجي 14 مئي 1943ع تي شڪارپور جي شهر ۾ رت جو ريج ڏئي وسامي ويئي. انهيءَ سکيولر سنڌ جي پڙ ڪو ڪائي وسامي ويندڙ هستيءَ جو نالو تواريخ جي پنن ۾ شهيد الهہ بخش سومرو (1900-1943ع) آهي.

اچرج جهڙي ڳالهہ آهي تہ ان وسامندڙ شمع جي ڇڏيل روشنائي جا ڏنڌلا عڪس تہ موجود آهن. پر شمع منجهان شمع ٻرڻ جو سلسلو وسيع پئماني تي ڦهلاءُ ۽ سهائي ڪري نہ سگهيو آهي!

ان حوالي سان تواريخ جا ورق ئي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. برصغير جي سياسي ۽ سماجي ۽ خدوخال بابت مختلف ڏيهي ۽ توڙي پرڏيهي تواريخدان ۽ سماجي سائنس جا عالم هڪ ئي راءِ جا آهن تہ هن وشال خطي ۾ اٽل پٽل ۽ قيرڦار جو عمل محض "ڏگو پير پيران" يعني تمام آهستي ۽ ڪنهن حد تائين مانيٽو ۽ نہ هئڻ برابر رهندو اچي پيو.

ڪارل مارڪس (1818ع- 1883ع) جنهن جي فلسفي ۽ فڪر جو دارومدار ئي هڪ نقطي جي چوڌاري قيرا ڏئي رهيو آهي تہ سنسار ۾ ردوبدل جو عمل اڻ ٽر ۽ جاري رهندو اچي پيو. اهو به جڏهن برصغير/ اپکنڊ تي قلم کڻي ٿو هڪ هنڌ ڄاڻائي ٿو: "هندوستاني سماج صدين کان سفر ۾ ڪنهن به اهم، وقتائتي ۽ لاپائتي ردوبدل کان خالي نظر اچي ٿو. ائين جيڪڏهن هڪ

'هزار ورهين جي تواريخي سلسلي جو پيرو کڻبو ته بنيادي ڦيرڦار جي زمري ۾ ڪاريءَ واراڪک نظر اچن ٿا". مارڪس اڃا به پنهنجي راءِ کي وڌيڪ وزنائتو دليل ڏيندي چوي ٿو: "صدين کان هندوستاني سماج ڳوٺاڻي برادريءَ/ جاتي جي حصار ۾ قيد ٿيل سفر ڏانهن روان دوان آهي. انگريزن لاءِ هندوستان تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي بيٺڪيت/ ڪالونائزيشن کي مضبوط ڪرڻ ۽ اقتصادي ڦرلٽ لاءِ فرض ٿي پيو ته صدين کان هڪ حصار/ لوڙهي ۾ ڦاٿل ڳوٺاڻي سماج ۾ ٿرٿلو وجهي، ڀڃ ڊاهه ڪرڻ لاءِ پيش رفت ڪري سگهن. اهڙي ريت هُو (مارڪس) هڪ نتيجي تي پهتو ته "اهو هڪ زهريلو سچ آهي ته وشال ايشيا ۾ هڪ سماجي انقلاب آڻڻ لاءِ انگريزن پنهنجن مفادن کي ذهن ۾ رکندي هڪ ڇلانگ ڏني هئي."

مارڪس، هندوستان ۾ برطانوي حڪمرانن جي ظالمانه ۽ سفاڪانه روش کي چڱي نظر سان ڪو نه ٿو ڏسي جنهن وسيلي انهن انقلاب آندو. پر سندس سنجيده راءِ هئي ته انگريز لاشعوري طور کان هندوستان جي صدين کان ستل سماج ۾ هڪ انقلاب/ ردوبدل آڻڻ جو ذريعو بڻيا.

سنڌ ۾ ارڙهين صدي جي پوئين حصي ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ هلندڙ گهرو لڙائي جي پڄاڻي 1783ع تي هالاڻي جي جنگ ۾ ٿي. اميران سنڌ /ٽالپر اقتدار تي قابض ٿيا. ٽالپر گهراڻي جي پهرين حاڪم مير فتح علي اٿندي ئي ٻه اهم غلطيون ڪيون جنهن جي نتيجي ۾ مورڳو آزاد سنڌ تي ست سمنڊ پار ڪري آيل انگريزن جي قبضي ڪرڻ تي پورو ٿيو. اهي ٻه بنيادي غلطيون هيون.

1. سنڌ جو هڪ بيدار دماغ حڪمران غلام شاهه ڪلهوڙو (وفات 1772ع) جنهن پنهنجي ايامڪاري ۾ سنڌ جي قومي وحدت جو پيڙهه پٿر رکيو هو. ان کي ٽالپرن پاڙان اکوڙي ڇيهون ڇيهون ڪري حصن پتين ۾ ورهائي ڇڏيو. ڪلهوڙا حڪمرانن سنڌ جي قبائلي سماج کي زرعي سماج ڏانهن منتقل ڪرڻ جو عمل شروع ڪيو هو. ٽالپر حڪمرانن، ان جي برعڪس قبائلي سماج ڏانهن پوئتي وٺي وڃڻ شروع ڪيو. زرعي اپت ۾ اضافو ٿيڻ جي بدران زراعت تباهه ٿيڻ لڳي. شاهي شڪارگاهه ٺهڻ لڳا.
2. ٽالپر حڪمرانن سنڌ جي قومي وحدت ۽ زرعي سماج کي هاڃو رسائڻ

سان گڏوگڏ مذهبي فرقيواريت جي باهه ڀڙڪائڻ کي هوا ڏني.

اها فرقيواريت اڳتي هلي سيٺ نائونمل جي شڪل ۾ نمودار ٿي. مطلب ته سنڌ ۾ امن امان ۽ بي روزگاري جا خوفناڪ مسئلا وڏي وڻ ٽيڙ لڳا. حڪمرانن ۽ عوام جي وچ ۾ بد اعتمادي جي ڪاهي وسيع ٽيڙ لڳي. جڏهن سر چارلس نيپئر(1853ع 1782ع) سنڌ تي قبضو ڪرڻ جو مڪمل ارادو ڪري چڏيو ته ڪرنل اوٽرم پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي فتح (The Conquest of Sindh) ۾ لکي ٿو ته جڏهن نيپئر محسوس ڪيو ته ٽالپر ڪنهن به وقت حملو ڪري سگهن ٿا ته فيصلو ڪندڙ نوع ۾ چوڻ لڳو: "مان ڏسي رهيو آهيان ته هڪ ڏريون هڪ گڏيل مفاد سان سلهاڙيل آهن: هڪ منهنجو ملڪ ۽ ٻيو سنڌ جا ماڻهو. جيتري قدر ميرن جي حيثيت آهي ته هاڻي اڻ وٽندڙ ۽ غير ضروري ٻڌجي پيا آهن. مان ٽالپرن کي ڏهني طور ڪا ميتا ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نه آهيان. اسان چا لاءِ سندن بي انصافي تي ٻڌل تقاضائن کي پورو ڪيون." انت ته جڏهن انگريزن 17 فيبروري 1843ع تي ميانڻي جي ميدان تي نيپئر اميران سنڌ کي شڪست ڏني ته ان وقت حڪمران عوام جي سهڪار کان مڪمل طور محروم هئا.

انگريزن/ ايسٽ انڊيا ڪمپني سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ هيٺين ٽن اهم مسئلن ڏانهن ترت ڌيان ڏنو:

(الف) امن امان جي صورتحال سڌارڻ.

(ب) زراعت جي تباهه ٽيل سلسلي کي بحال ڪرڻ ته جيئن ماڻهو بک، بدحالي منجهان نڪري سگهن ۽ سرڪاري خزاني ۾ پئسا اضافو ٿئي.

(پ) رستن جو چار وچائڻ ته آمدورفت ۽ واپار ۾ واڌارو ٿئي. پربي پاسي انگريز حڪمرانن سنڌ توڙي برصغير جي ٻين علائقن تي قبضو ڪرڻ کانپوءِ شروعاتي طور سياسي سرشتي کي پنهنجن مفادن جي نقطه نگاه کان جيئن جو تيئن رهڻ ڏنو. ايجاب سنڌ جي جداگانه سڃاڻپ کي ختم ڪري بمبئي ڪاتي سان گڏي هڪ ڪمشنر جي ماتحتي ۾ ڏنو ويو. اڳتي هلي 1857ع جي بغاوت هند جي پچاڻي کان پوءِ 1885ع ۾ ڦهرين - سياسي جماعت " انڊين نئشنل ڪانگريس، وجود ۾ آئي. ان جماعت جا اڏيندڙ ماڻهو روشن خيال ۽ پڙهيل ڳڙهيل طبقي تي مشتمل هئا. انهن ابتدا ته انگريز سرڪار کان معمولي مطالبا

جهڙوڪ: نالين کي سڌارڻ، روشنيءَ جو بندوبست ڪرڻ ۽ پاڻي جي فراهمي شامل هئا. پر ڪانگريس اڳتي هلي پنهنجي سوچ ۽ سلوڪ سان مڪمل سياسي ۽ سڪيولر جماعت جي شڪل اختيار ڪئي.

ويهين صدي جي اوائل ۾ پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور طبقي ۾ سنڌ جي سڃاڻپ يعني بمبئي کان آزادي حاصل ڪرڻ جي اٽڪل ۾ واڌارو اچڻ لڳو. هن ڏس ۾ عملي طور آغاز 1908ع تي سکر شهر ۾ پهرين پروانشل ڪانفرنس کان ڪيو ويو. اجلاس جي صدارت سيٺ هرچند راءِ وشنداس ڪئي. آخرڪار سنڌ جي بمبئي کان آزادي جي هلچل هٽي وڃي هنڌ ڪيو. سنڌ جي جداگانه حيثيت جو اعلان 23 مارچ 1936ع تي ڪيو ويو. ان سان گڏوگڏ سموري هندوستان سوڌو سنڌ ۾ به چوندڙ جوچوپول ڪاهي پيو. ان حوالي سان شيخ عبدالمجيد سنڌي سنڌ آزاد پارٽيءَ ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. سرشاهنواز ڀٽو (1957ع-1888ع) جي سربراهيءَ ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي 9 جون 1936ع تي ٺاهي وئي. هن پارٽي جا مکيه اڳواڻ سر عبدالله هارون، خان بهادر الهه بخش سومرو، جي. ايم. سيد ۽ ميران محمد شاهه هئا. ان کان علاوه سر غلام حسين هدايت الله 2 نومبر 1936ع تي "سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي" ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. سنڌ ۾ 1. فيبروري 1937ع تي چوندڙ ٽيون جنهن ۾ سڀ کان وڏيڪ سرسي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ڪئي. پر گورنر سنڌ لانسلاٽ گراهم محض 3 نشستون کٽندڙ سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي جي سربراهه سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ جي دعوت ڏني. پر 23 مارچ 1938ع تي بجيٽ اجلاس ۾ سر غلام حسين جي وزارت کي شڪست آئي. جنهن ڪري سنڌ اتحاد پارٽي ۽ ڪانگريس جي پنيرائي سان خان بهادر الهه بخش سنڌ جو وزيراعظم ٽيو. سنڌ جي هن روشن خيال وزيراعظم 29- مارچ 1938ع تي پنهنجي سرڪار جي حڪمت عملي بابت ڳالهائيندي چيو:

"هندوستان ۾ جيڪا قومي جاڳرتا آئي آهي، ان اثر کان هي پرڳڻو به پرانهون رهي نه ٿو سگهي. ان ڪري عوام جي جذبن، اميدن ۽ آسرن کي اڳيان رکندي مان ظاهر ڪرڻ ڳهران ٿو ته اسان جي سرڪار جيڪا انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ ٻين سهڪاري ڏرين جي پنيرائي سان وجود ۾ آئي آهي انهن جي پروگرام کي پڻ ملڪي حالتن ۽ ضرورتن جو لحاظ رکندي عمل ۾ آڻڻ

جي ڪوشش ڪندي. ان باري ۾ صاف پڌائڻ گهرجن ٿو ته اسان جي پارٽي ٻين پارٽين سان سودو ڪري وزارت عظميٰ ڪانه حاصل ڪئي آهي. اسان هڪ ئي وعدو ڪيو آهي ته ملڪي انتظام کي قوم پرستي جي بنيادن تي هلايو ويندو ته جيئن عوام جا عيوضي عملدارن جي دست اندازي کان آزاد ٿي وهنوار عوام جي خواهشن مطابق هلائي سگهن. آءٌ ميمبرن کي گذارش ڪندس ته اسان جي ڪم ڪار کي ڏسي پوءِ وزارت جي پلي ۽ بري هٿ جو فيصلو ڪن."

انهي ساڳئي بيان ۾ اڳتي هلي پروگرام ظاهر ڪندي چيو:

1 سکر بئراج ٺهڻ سان، سنڌ جي زراعت تي هاڃيڪار اثر پيا آهن. ان جي سد باب لاءِ لوئر سنڌ بئراج ناهڻ لاءِ خاص آفيسر مقرر ڪرڻ گهرون ٿا.
2 اترسنڌ ۽ خاص ڪري روهڙي ڊويزن جي واهن کي سڌارڻ گهرون ٿا.
3 انتظاميه کي درست ڪرڻ ۽ خرچ گهٽائڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرون ٿا.
4 وزارتون گهٽ پگهارون ڪٽنديون.
5 ڪورٽن پاران سزائن ۾ ڏنڊ جي وصولي زور زبردستي نه ڪئي ويندي.
6 آنرري مئجسٽريٽن جا عهدا ختم ڪنداسون.
7 لوڪل باڊيز ۾ ٽاڪيل ميمبرن جي طريقي کي ختم ڪيو ويندو.
8 مولانا عبيدالله سنڌي جي واپسي لاءِ مرڪز کي سفارش ڪنداسون.
9 روڍن ۽ رستن جو چار وچائڻ لاءِ اُپاءَ ولنداسون.
10 پرائمري استادن جي پگهار ۾ 5- روپيا درماهو اضافو ڪيو ويندو.
11 سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن ختم ڪرڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪئي ويندي.

اسان جيڪڏهن الهه بخش جي پاليسي ۽ پروگرام جو ڳوڙهي نموني مطالعو ڪنداسين اُها هڪ خوشحال ۽ آزاد سنڌ جي سپني کي ساڀيان ٻڌائڻ جي رٽابندي هئي. پر انهي ايجنڈا تي عمل ڪرڻ لاءِ سياسي سگهه ۽ سماجي ردوبدل جي ضرورت هئي. ان لاءِ سومري صاحب دلن ۾ واڌارو ڪرڻ جو قدم کنيو. ان عمل سندس خلاف ٻرندي تي تيل هارڻ جو ڪم ڪيو. سنڌ جو جاگيردار طبقو سندس خلاف ٿي بيٺو. سنڌ اتحاد پارٽي ۾ به ڦڙ ڦوٽ پئجي وئي. انهي ڇڄ ڏاهه ۽ غير يقيني صورتحال جي ڪري فرقيواريت ۽ مذهبي جنون ۾ واڌارو اچڻ لڳو. سنڌ ۾ فرقيواريت جي اڳواڻي مسلم ليگ ڪري رهي هئي. مسلم ليگ جا سرگرم سرواڻ سر عبدالله هارون، جناب جي. ايم -

سيد، خان بهادر محمد ايوب کهڙو ۽ پير علي محمد راشدي هئا. بهر حال فرقيوارانه ڇڪتاڻ هڻي وڃي هنڌ ڪيو. ان جي موٽ ۾ هڪ خوني باهه جو ڀڙڪو 1939ع ۾ مسجد منزل گاهه سکر جي صورت ۾ نمودار ٿيو. جنهن ۾ سوين بي گناهه جنون ۽ فرقيواريت جي ڏاگهه تي چڙهي ويا. الهه بخش مسجد منزل گاهه جي نالي ۾ فرقيوارانه سياست آڏو جهڪڻ کان انڪار ڪري 17 مارچ 1940ع ۾ وزارت عظميٰ تان استعيفا ڏئي ڇڏي. سندس جاءِ تي جاگيردار ۽ ابن الوقت سياست جو نمائندو مير بنده علي ٽالپر وزيراعظم ٿيو. ان کان پوءِ الهه بخش لاءِ ٻه رستا هئا : هڪ ته اقتدار جي جنگ ۾ شامل ٿي پاڻ کي مصروف رکي يا ته وري سنڌ ۾ غير فرقيوارانه/ سڪيولر، روشن خيال ۽ قوم پرست سياسي جدوجهد جو طرفدار ٿي بيهي. الهه بخش پويون رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان کان پوءِ ستت ئي 23 مارچ 1940ع تي لاهور ۾ مسلم ليگ جي ميزباني هيٺ "لاهور ٺهراء" پاس ڪيو ويو. الله بخش جي دور انديش نگاهن تاڙي ورتو ته فرقيوارانه سياست جو اڀار نه رڳو سنڌ کي پر سڄي برصغير کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي رهيو آهي. ان حوالي سان "آزاد مسلم ڪانفرنس" جي نالي سان هڪ اجلاس دهلي ۾ گهرايو ويو. انهي ڪانفرس بابت "هندوستان ۾ جديد اسلام" (MODERN ISLAM IN INDIA) جو مصنف ڊبليو- سي- سمٿ ڄاڻائي ٿو:

"مارچ 1940ع تي هندوستان جي قوم پرست ۽ روشن خيال مسلمانن جي گڏجاڻي "آزاد مسلم ڪانفرنس" جي نالي سان ٿي. ڪانفرنس جي صدارت سنڌ جي اڳوڻي وزيراعظم الله بخش سومري ڪئي. ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندڙ وفدن "لاهور ٺهراء" کي هڪ سياسي چال ڄاڻايو ڇو ته ان تي عمل ڪرڻ جا نتيجا سڄو برصغير ڀوڳيندو. مذهبي بنيادن تي برصغير جو ورهاڱو موتمار ثابت ٿيندو" ان کان پوءِ وري ستت ئي 27،28 اپريل 1940ع تي برصغير جي بگڙجندڙ حالتن سبب آزاد مسلم ڪانفرنس پاران دهلي ۾ ٻيو اجلاس پڻ گهرايو ويو. ان اجلاس جي صدارت به الله بخش سومري ڪئي. صدارتي تقرير ۾ الله بخش عالمي سطح تي ايندڙ لاهن چاڙهن ۽ ان جو برصغير تي اثر انداز ٿيڻ کي مدبرانه نموني سان پيش ڪيو. پر لاهور ٺهراء تي ورجاءِ ڪندي چيو: "لاهور ٺهراء محض اکين جو ڍءُ آهي. سچ پچ ته برصغير کي ٽارپيڊو ڪرڻ جي برابر آهي. هن وقت اسان جو گول هندوستان جي آزادي

آهي... ... ڇا سياسي ۽ عملي دنيا ۾ ممڪن آهي ته ڪجهه ڪروڙ پنجابي، سنڌي، پختون ۽ بلوچ مسلمانن جي هڪ رياست اولهه ۾ ۽ ٻي اوڀر ۾ لڳ ڀڳ اڍائي ڪروڙ آسامي ۽ بنگالي مسلمانن جي ٺاهجي. پوءِ ان جي معرفت ٻين صوبن ۾ رهندڙ اقليتي مسلمانن لاءِ اُپاءَ ورتا ويندا... ..."

سنڌ جي غير مستحڪم صورتحال ڏينهنون ڏينهن بگڙجندي رهي. مسلم ليگ وزارت منجهان جيڪي به اميدون ۽ آسرا هئا سي پاڻي تي لڪير ثابت ٿيا. جنهنڪري سال جي مختصر عرصي کان پوءِ مارچ 1941ع تي الهه بخش ٻيهر سنڌ جو وزير اعظم ٿيو. پر ايندڙ سال الهه بخش جي ارادي ۽ اصولن جي آزمائش جو سال بڻجي آيو. ڇو ته ڪانگريس سموري هندوستان ۾ "هندوستان خالي ڪيو تحريڪ" جو آغاز ڪيو.جنهن به پرڳڻن ۾ ڪانگريس جون وزارتون هيون انهن نه رڳو هاءِ ڪمانڊ جي حڪم تي وزارتون ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. پر سرڪاري لقب ۽ آفرين ناما به واپس ڪرڻ شروع ڪيا. انهي اصول جي پوئواري ڪندي الهه بخش 26 سيپٽمبر 1942ع تي هڪ خط وسيلي وائسراءِ کي لقب موٽائيندي لکيو:

"سائين جن کي هن خط معرفت آگاهه ڪرڻ گهران ٿو ته مان فيصلو ڪيو آهي ته برطانيه سرڪار کان مليل لقب، ملڪ جي صورتحال ۽ عقيدي کي مدنظر رکندي پاڻ وٽ رکي نٿو سگهان. هندوستاني آزادي لاءِ گهڻي وقت کان پاڻ پتوڙي رهيا آهن. موجوده عالمي جنگ شروع ٿيڻ بعد اميد هئي ته جن اصولن جي بنياد تي اتحادي قوتون، فسطائي حڪومتن خلاف جنگ ۾ مصروف آهن ان پٽاندڙ هندوستان کي آزادي ڏئي ان کي جنگ ۾ آزادانه طور حصي وٺڻ جو فخرڏنو ويندو. پر ائين نه ڪيو ويو. اهو منهنجو ايمان ته اهل هند آزادي حاصل ڪرڻ جو حق رکن ٿا.پر برطانيه سرڪار جي بيان بازي ۽ عمل منجهان ثابت ٿي رهيو آهي ته اها هندوستان جي مختلف پارٽين جي وچ ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪري پنهنجو تسلط قائم رکڻ گهري ٿي. تازو وزيراعظم برطانيه مسٽر ونسٽن چرچل جي لوڪ سڀا/ دارالعوام ۾ ڪيل تقرير هندوستان جي ساڃاهه وند ۽ قوم پرست ماڻهن ۾ نهايت نا اميدي پيدا ڪئي آهي. ان منجهان صاف ظاهر آهي ته انگريز سرڪار کي آزادي ڏيڻ جو ڪوبه ارادو ڪونهي. اهڙي حالت ۾ مان حڪومت پاران ڏنل لقب پاڻ وٽ رکي نه ٿو سگهان ۽ موٽائي موڪليان ٿو." ان کان بعد ۾ الهه بخش وزارت کي

10آڪٽوبر 1942ع تي "هندوستان خالي ڪيو هلچل" جي طرفداري ڪرڻ ڏسمس ڪيو ويو. اهڙي طرح سنڌ جي سياست ۾ سماج تي جاگيردار ۽ ابن الوقت طبقو گرفت مضبوط ڪري ويو. الهه بخش کي برطرف ٿيڻ کان پوءِ ستن مهيني جي مختصر عرصي ۾ ڏينهن ڏني جو 14 مئي 1943ع تي شڪارپور ۾ شهيد ڪيو ويو.

هاڻي اچون ٿا پنهنجي ڪنيل سوال ڏانهن ته شمع منجهان شمع ٻرڻ جو سلسلو وسيع پئماني تي قهلاءِ ڪري چو نه سگهيو؟

تواريخ جي ورقن منجهان ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ گهرو لڙائي کان پيرو ڪڻ سان ڏسڻ ۾ آيو ته سياسي ساڃاهه جي سڃ ۽ پينگ هڻڻ ڪري ٽالپرن سنڌ جي قومي وحدت ۽ سماج کي چيهون چيهون ڪري چڏيو. انگريزن ماڻهن جي هنگامي مسئلن کي به پنهنجي مفادن کي نظر ۾ رکندي حل ڪرڻ لاءِ اپاءُ ورتا، پر سياسي لحاظ کان سنڌ ۾ جاگيردار، وطن فروش ۽ لقب القابن جا بکيا ولر پيدا ڪيا. جنهن ڪري حل طلب مسئلا به اڻپورا رهجي ويا. جڏهن 1935ع جي ائڪٽ مطابق آئيني سڌارن هيٺ سنڌ ۾ هڪ روشن خيال ۽ محب وطن انسان الهه بخش جي وزارت اقتدار ۾ آئي ته لڳ پڳ، انهن مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ نشاندهي ڪئي هئي، جيڪي اڄ به جيئرا جاڳندا موجود آهن. مختصر طور امن امان، بک ۽ بي روزگاري. چو ته سنڌي سماج ۾ بنيادي ردوبدل آڻڻ وارو طبقو جنهن جو نمائندو الهه بخش سومرو هو سو پنهنجو سگهارو ڪردار ادا ڪري نه سگهيو آهي. اهو طبقو پنهنجي طاقت ۽ تواريخي حيثيت کان اڃاڻ آهي ۽ منظر ڪونهي. ان جي ڪري قوم پرستي، ترقي پسنديءَ ۽ روشن خياليءَ جي نالي ۾ جاگيردارانه سياسي سجاده نشيني جو سلسلو سنڌ جي ڳچيءَ ۾ غلامي جو طوق بڌجي پيل آهي.

اڄ ضرورت آهي ته مشعل منجهان مشعل هاريون ته پوءِ ردوبدل/ انقلاب اوس ايندو. ائين ئي اڳوڪي ڏينهن تي الله بخش جي قرباني ۽ کي خراج عقيدت/شردانجلي پيش ڪري سگهون ٿا.

ڪراچي سنڌ
12.05.2007
رات جا 9.45

جي ايم سيد: وقت جو اسير
صوفي/ باغي/ منحرف

هر هڪ ساهوارو فطري لحاظ کان پنهنجي ذات جي محور ۽ دائري ۾ گهيريل هوندو آهي. اهڙي ڪيفيت کي فڪري نقطي نگاهه کان اندر جو اسير پنهنجي ذات ۾ مگن ۽ مست يا انگريزي ۾ Self-Centered چئي سگهجي ٿو. پر آدم ذات جي ناليءَ سان ساهوارو جنهن کي هين ساهوارن کان فڪر، فهم سوچ ۽ ساڃاهه جي حوالي کان هڪ منفرد ۽ جدا گانه مقام حاصل آهي. ان جي زندگي ۾ جدوجهد/جياپي جي حصول ۾ اهم نقطو اندر جي اسيرائپ مان آزادي ماڻڻ هوندو آهي. اها آزادي يا چوٽڪارو انساني حيات جي مقصد ۽ ماڳ جو جوهر هوندو آهي.

انهي حوالي سان برصغير جي سياسي ۽ سماجي وايو منڊل ۾ مهاتما گانڌي ( ) خان عبدالغفار خان کانپوءِ جناب جي ايم سيد ( ) اها قدآور شخصيت آهي، جنهن وقت جي پنجوڙن مان پاڻ کي آجو ڪرائڻ ۾ پڻ گهڻ پاسائون ڪردار ادا ڪيو. پر گانڌي وقت جي اسيري ۽ قيد جون تاڪيون توڙي هندستان جي آزادي جو رهنما ٻڌجي ويو. جڏهن ٻي پاسي تواريخ خان عبدالغفار ۽ جي ايم سيد جي نالن آڏو هڪ سوالیہ نشان ٻڌجي بيٺل آهي ته اهي ٻئي صاحب وقت جي اسيري منجهان ڪيتري آزادي حاصل ڪي سگهيا آهن.

اڄ جيئن ته اسان جو موضوع سيد جي صد سالہ سالگره جي ناتي سان واڳيل آهي، انڪري پاڻ "ڪي جي ايم سيد : وقت جو اسير" ٽائين محدود رکڻ مناسب سمجهان ٿو. اڄا به جي ايم سيد کي هڪ سياسي دانشور طور، سندس زندگي جي جدوجهد ۽ حاصلات جي احاطي ۾ رکڻ گهران ٿو.

جي ايم سيد، جنهن ماحول ۾ جائو ۽ نپنو اُن جو واسطو سنڌ جي عام روا جي پيرن سيدن ۽ زميندارن جي ماحول سان گڏوگڏ اڪيلائي ۽ افراتفريءَ جي دور سان واڳيل مذهبي گهراڻو هو. سيد، اهڙي مذهبي

ڪيفيت مان ڏاڪي بہ ڏاڪي مٿي چڙهي وطن جي محبت سان ڳنڍيجڻ ڪي هيئن بيان ڪيو آهي:

"آءٌ بنيادي طور جذباتي هئڻ ڪري، گهٽو ڪري مذهب جي اثر هيٺ رهيو آهيان. ڪو وقت هو، جو نماز جو پابند هوس، رمضان جا روزا رکڻ، راتيون جاڳي تهجد پڙهڻ، چلا ڪيڻ، وظيفا پڙهڻ، بزرگن جي مزارن جون زيارتون ڪرڻ، درويشن جي صحبت ۾ گذارڻ، پيران طريقت کان ذڪر وٺڻ، ختما ڏيارڻ، عرس، يارهيون ۽ اضحيون ڪرڻ، ماٺهن کي زوري نماز پڙهائڻ، مسجدون ٺهرائڻ، مذهبي وعظ ڪرائڻ، منهنجا خاص مشغلا هئا."

"مذهب، اسلام جي عام روايتي عقيدن ۾ ويساهه وينل هوم جنهن ڪري شريعت اسلام مطابق زندگي گذارڻ ۾ راهه نجات سمجندو هوس."

سيد اڳتي هلي ڪنهن خاص مذهب جي بالادستي مڃڻ جي بدران مذهبن بابت راءِ ڏئي ٿو "سڀني مذهبي نظرين کي آءٌ دين فطرت جا جزا تسليم ڪيان ٿو. جنهن جا بنيادي مقصد اتحاد انساني، امنِ عالم ۽ ترقي، بني آدم معلوم ٿيا آهن." ان جو بنيادي سبب ڄاڻائيندي چوي ٿو: "مختلف ماٺهن سان بحث مباحثا ڪرڻ، جدا جدا مذهبي ڪتابن جي مطالعي ۽ غور فڪر ڪرڻ بعد آهستي آهستي، مذهبي خوش اعتقادي جي آهني ديوارن ۾ شگاف پوڻ لڳا."

ائين فرقيوارانہ مذهبي سوچ کي رد ڪندي، ڪثرت کان وحدت جي راهه ڏانهن لاڙو رکي ٿو تہ هڪ سچي صوفي ۽ انقلابي متعلق چوي ٿو:

"هو عقيدي ۽ خيال جي آزادي جو حامي آهي. هو ان کي جنم جو حق ڄاڻي ٿو. تنهن ڪري جماعت يا حڪومت پاران داخل اندازي جي مخالفت ڪري ٿو."

- هو عدم تشدد جو حامي آهي.
- هو مذهبي جهاد ۽ رتوڇاڻ جو مخالف آهي.
- هو خودي ۽ جي خلاف آهي.

صوفي، خودي ۽ کي ڪائڻ جي فائدي ۾ آهي. پر ان لاءِ سندس مطلب تارڪ الدنيا، بيڪار، سست ۽ ڪاهل ٻڌجڻ يا ٻڌائڻ ناهي. هو تشخص کي ملڪ ۽ قوم جي مفاد خاطر قرباني ڪرڻ جي تعليم ڏئي ٿو. هو قومن کي انسان ذات جي مفاد خاطر ڪم ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو.

- هو حق ۽ صداقت جي هڪ هٽي يا ٽيڪيداري کنهن مخصوص گروهه جو ورثو نه ٿو ڄاڻي.
- هو مذهب ۽ سياست جي جدائي جو حامي آهي.

سيد، تصوف کي هڪ روش يا ورتاءَ طور مڃڻ کان انکار ڪندي ان کي هڪ فڪر ۽ فلسفي جو حصو سمجهي ٿو. هو صوفي لاڪوفي جي نقطه نگاهه سان غير جانبدار تحريڪ جو پاڻ کي بين الاقوامي هلچل جو هڪ جزو ليکي ٿو. هڪ سچو انقلابي ۽ عوام دوست سياست کار ليکي ٿو. هڪ سچي صوفي کي "عشق ۽ محبت" جي آگاهي سان جدوجهد ڪرڻ ۽ منزل ڏانهن راهي ٽيڙ ۾ چوڪارو ڄاڻائي ٿو. اڄ کان ستر ورهيه اڳ "مجازي مرحلا" جي نالي سان هڪ مضمون ۾ لکي ٿو:

"مجازي عشق جو تصور به شخصي هو. ان جي اثرمان ٻاهر نڪرڻ بعد سجده گاهه به ٻيو ڳولڻو پيو. وري مجازي معشوق ٻي صورت ۾ اڇي منهن ڏيکاريو. اڳي فرد (جزوي) جي صورت ۾ منهن ڏيکاري ڪشش ڪئي هئائين. هاڻي هڪ نظرئي جي شڪل ۾ ڪشش ڪئي هئائين. اڳي مارئي کيت جي درد فرق ۾ مبتلا هئي، هاڻي کيت جي عيوض مارن جي ياد اچڻ لڳس. مارئي جا مارو ٽڙاول سندس هم قوم هٿا ۽ منهنجا مارو سنڌ ديس جا رکوالا سنڌي هئا."

سيد صوفي فڪر سان مخمور سنڌ جي محبت ۽ عشق کي پنهنجي منزل جو ڏاڪو ٻڌائيندي جدوجهد ۾ ويساهه رکي ٿو. پر عشق جي اڏام ۽ سندس بيقرار روح کڻڙا مرحلا ۽ منزلون طئ ڪن ٿا. ان کي ٽورو پيرائتي نمونو نظر مان ڪيڻ ضروري آهي.

سيد جي سياسي سفر جي ابتدا پرڏيهي سامراج يعني انگريزن خلاف آزادي ۽ جي هلچل ۾ شامل ٽيڻ لاءِ هيٺيان واقعا بنيادي ڪارڻ ٻڌيا.

(i) 1918ع ۾ پهرين مهاياري لڙائي جي خاتمي ۽ خلافت عثمانيه جي زوال سان هندوستان ۾ خلافت تحريڪ جو اسرڻ.

(ii) 13- اپريل 1919ع ۾ امرتسر جي جليانه والا باغ ۾ عام هند واسين جو قتل عام. خلافت تحريڪ پنهنجي ڪنهن منطقي انجام تي پهچڻ کان اڳ ئي زوال پذير ٿي وئي. چوته 1924ع ۾ ترڪي جي مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ اقتدار ۾ اچي مورڳو خلافت جي اداري کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ هڪ

جمهوري ۽ سکيولر ترکي جو بٽياد رکيو. انهي وچ ۾ سيد جي ملاقات گانڌيجي سان 1921ع ۾ ٿي جنهن جي اثر هيٺ انڊين نيشنل ڪانگريس جي پروگرام کان متاثر ٿي ڪاڏي پائڻ، سادگي سان رهڻ ۽ آزادي جي جدوجهد ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. سيد جي اهڙي سرڪار مخالف چرپر جو نوٽس وٺندي ڪيس پري رهڻ جي تنبيه ڪئي وئي ۽ وراڻي ۾ حڪمرانن کي ڪتو جواب مليو. جنهن ڪري جوابي موٽ ۾ سرڪار، سيد کي مالي ۽ جاني نقصان ڏيڻ جا طور طريقا آزمائڻ شروع ڪيا. ان هوندي به پنهنجن اصولن تي اٽل رهندي سامراج دشمن هلچل ۾ سرگرمي سان حصو وٺڻ لڳو. لاشڪ ته سيد جي انهي ابتدائي سياسي هلچل ۾ شموليت اختيار ڪرڻ ۽ مستقل مزاجي سان مزاحمت ڏانهن مائل ٿيڻ مستقبل بابت هڪ پيش خيمو ثابت ٿي. ان کان پوءِ ستت ئي سڄي برصغير ۾ مانٽيگو چيلمسفورڊ سڌارن هيٺ آئيني ۽ قانوني طرز سان جمهوري جدوجهد وسيلي قيرقار آڻڻ جا لاڙا پيدا ٿيا. ان حوالي سان به پاڻ سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي سجاڳي آڻڻ جا رجحان پيدا ڪيا. مطلب ته سيد سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي سجاڳي آڻڻ لاءِ خدمت جي جذبي سان 1928ع ڌاري ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ڪراچي جو صدر چونڊجي ويو. انهي ساڳئي سال ۾ سنڌ جي بمبئي کان آزادي جي مطالبي ۾ به چوهائي اچڻ لڳي. سيد به اوستائين ڪانگريس جي قومپرست ۽ غيرفرقيوارانه جدوجهد کان متاثر ٿي شموليت اختيار ڪئي. پرانهي زماني ۾ سياسي ايجنڈا ۾ جدوجهد جو مڪيه اسر سنڌ جي بمبئي کان آزادي حاصل ڪرڻ هو. سنڌ ۾ انهي مطالبي ايتري ته سگهاري حيثيت حاصل ڪئي جو آل انڊيا سطح تي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ به ساڳيو مطالبو ڪرڻ لڳيون. پر سيد ۽ساٿين کي محسوس ٿي رهيو هو ته سنڌ جي آزادي سان گڏوگڏ سماجي ردوبدل به لازمي آهي چوته سنڌ ۾ جاگيردارانه سرشتو پنهنجي مڪروهه ۽ ڀيانڪ شڪل ۾ موجود هو. ان لاءِ پنهنجن ٻين ساٿين سان گڏ 1930ع ۾ جمشيد مهتا جي صدارت هيٺ ميرپورخاص ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جو بنياد رکيو. پر سيد ڪانگريس لاءِ اڳتي هلي محسوس ڪرڻ لڳو ته آل انڊيا سطح جي مسئلن ۽ مونجهارن جي ڪري سنڌ جي صعوبتن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ کان معذور ۽ مجبور آهي. ان ڪانسواءِ سنڌ ۾ ڪانگريس ليڈر شپ ڪنهن حد تائين مذهبي فرقيواريت جو به شڪار

هئي. ان لاءِ هن مناسب سمجهيو ته سنڌ بنيادن تي هڪ اهڙي پارٽي جي ضرورت آهي، جيڪا ملڪي سطح تي پارٽين آڏو سنڌ جي ڪيس کي رکڻ جي لائق هجي. نيٺ 1931ع ۾ سر شاهنواز پٽو الهه بخش سومري ۽ ميران محمد شاهه سان گڏجي "سنڌ پيپلز پارٽي" ٺاهي. ان کان بعد ٽين گول ميز ڪانفرنس جي نتيجي ۾ 1935ع جو آل انڊيا ائڪٽ نافذ ٿيو ۽ سنڌ اپريل 1936ع ۾ بمبئي کان آزادي حاصل ڪئي. ان وقت سنڌ حڪومت جي وقتي وهنوار کي هلائڻ لاءِ گورنر لانسلاٽ گراهم هڪ صلاحڪار ڪاميٽي جوڙي ۽ سنڌ پ پ جو سربراهه شاهنواز پٽو پارٽي کي تياڳ ڏئي وڃي گورنر جوائڊوائزر ٿيو. پزوري 1936ع "سنڌ اتحاد پارٽي" جي نالي سان هڪ سڪيولر، قوميپرست، جمهوري پارٽي ٺاهي وئي جنهن جو صدر حاجي عبدالله هارون چونڊيو ويو. ان پارٽي جي ٺاهيندڙن ۾ جي ايم سيد ۽ الهه بخش سومرو سرفهرست هئا. سر شاهنواز به وري اچي نئين پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. ستت ئي 1937ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون، پهرين آزاد سنڌ اسيمبلي ۾ 60 ميمبرن جي ايوان ۾ ڪنهن به پارٽي کي اڪثريت حاصل ٿي نه سگهي پر سنڌ اتحاد پارٽي 24 ميمبرن جي انگ سان اڪثريتي پارٽي ٿي اُپري آئي. سنڌ جي گورنر دستور مطابق وڏي پارٽي کي سرڪار ٺاهڻ جي دعوت ڏيڻ جي برعڪس سر غلام حسين جي مسلم پوليٽيڪل پارٽي کي سرڪار ٺاهڻ جي ڪوٽ ڏني جيڪا صريحن جمهوري اصولن جي پڇڙي هئي. ائين آزاد سنڌ جي پهرين اسيمبلي ڇڄ ڏاهه جو آکاڙو بڻجي وئي. اهڙي صورتحال جي نشاندهي جي ايم سيد هيئين طرح ڪئي آهي.

"هاڻي سنڌ اسيمبلي، سنڌ جي خدمت ۽ سنڌي ماڻهن مان غربت، جهالت ۽ بدامني کي ختم ڪرڻ وارن مڪيه مقصدن طرف ڏيان ڏيڻ جي بدران ڪرسين حاصل ڪرڻ جي هيڇ جو آکاڙو بنجي وئي ۽ سنڌ جي ماڻهن جنهن غير فرقيوارانه سنڌ حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي هئي. ان سنڌ اسيمبلي، سنڌين واري عينڪ لاهي، هندو ۽ مسلمان جون ذار ذار عنيڪون پائي ورتيون هيون ۽ فرقيواريت جي ياهه جيڪا اسيمبلي ۾ پري رهي هئي سا ڪهڙي خبر ته اڄتي هلي سموري سنڌ ۾ پنيت بنجڻ واري هئي."

سيد، سنڌ اسيمبلي ۾ اهڙي بگڙجندڙ حالت ۽ سرڪار طرفان دباءَ، لالچ ۽ طمع جي باوجود به دل نه لاٿي. سر غلام حسين به محسوس ڪري

ورتو تہ اتحاد پارٽي جي قربت ۽ پٺيرائي کان سواءِ ڪم هلي نہ سگهندو. سو ٺاهہ لاءِ هٿ ڊگهيريو. سيد وراڻي ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ هيٺيان شرط رکيا:

1- قانون انتقال ايراضي جو بِل پاس ڪرڻ.
2- هارپ ائڪٽ پاس ڪرڻ.
3- قرضن معاف ڪرڻ جو قانون پاس ڪرڻ.
4- وياج معاف ڪرڻ.
5- ڪرسين جا پروانہ منسوخ ڪرڻ.
6- لوڪل باڊيز ميمبرن ٿاڦڻ جي روايت ختم ڪرڻ.

سنڌ اتحاد پارٽي پاران مٿين پيش ڪيل نقطن کي ٿورو غور سان ڏسبو تہ اهو ڄڻ تہ نئين سنڌ جي اڏاوت جو هڪ چارٽر هو. پر سر غلام حسين رڳو پويان ٻہ شرط پورا ڪرڻ جي حامي ڀري. جنهن ڪري سنڌ اتحاد پارٽي وارن سنڌ آزاد پارٽي، آزاد ميمبرن ۽ سنڌ ڪانگريس جي مدد سان سر غلام حسين جي سرڪار کي ختم ڪري الهہ بخش سومري کي وزيراعظم بڻايو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ الهہ بخش سومرو هڪ روشن خيال، سڪيولر ۽ قومپرست وزيراعظم هو جنهن انهي چارٽر تي عمل ڪرڻ لاءِ وک وڌائيندي ڪرسين ۽ لوڪل باڊيز ۾ سرڪاري ميمبرن جو رواج ختم ڪيو. پر جيئن ئي سنڌ اسيمبلي ۾ باقي رهيل چئن نقطن کي بل جي صورت ۾ آڻڻ جو سانباهو ڪيو ويو تہ آزاد هندو ميمبرن ۽ ڪانگريس جي ميمبرن بل جي مخالفت ڪرڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو. ان لاءِ سنڌ ڪانگريس جا ميمبر ڪارڻ ڄاڻائي رهيا هئا تہ پنهنجن اڪثريتي هندو ووٽرن سان بي وفائي نہ ڪري سگهندا. ڇو تہ هو هڪ تہ جدا چونڊن جي سٽاءُ ۾ چونڊجي آيل آهن ۽ ٻيو تہ هندو شاهوڪار طبقي کي بہ معاشي ۽ اقتصادي طور ڌڪ لڳڻ جو انديشو آهي. انت تہ جيئن ئي سيد فڪري ۽ شعوري طور سنڌي سماج ۾ ڦيرڦار آڻڻ جي اميد الهہ بخش وزارت مان لاٿي ۽ هندو ميمبرن جي فرقيوارانہ ذهنيت بہ کيس بيزار ڪيو تہ پنهنجي غيرفرقيوارانہ سياسي عمل کان دستبردار ٿي فرقيوارانہ سياست ڏانهن رخ ڪندي، سنڌجي مسئلن حل ڪرڻ جي اميد رکي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ انگريز حڪمرانن ۽ هندو انتهاپسندن جي روش فرقيواريت جي ٻرندڙ باهہ تي تيل هارڻ جو ڪم ڪيو. پر سيد فرقيواريت جو علاج فرقيواريت وسيلي ڪرڻ خاطر جيڪو 1938ع

ڀر مسلم ليگ ڀر شامل ٿيوان جا اڳتي هلي تمام خطرناڪ نتيجا نڪرڻا هئا. چاڪاڻ ته مسلم ليگ ته 1906ع ڀر انگريزن سر آغا خان جي سربراهي ڀر فرقيوارانہ بنيادن تي ٺهرائي هئي ته جيئن برصغير ڀر آزادي جي روشن خيال ۽ قومپرست تحريڪ جي آڏو بند ٻڌي سگهجي. سيد، مسلم ليگ جي فرقيوارانہ سياست جي چڪر ڀر اچي "مسجد منزل گاهہ" جي هلچل جي سرواٽي ڪئي. جنهن عمل سنڌ جي سهپ ۽ رواداري جي ڪلچر کي ڪاپاري ڏڪ هنيو. انهي تباهي جو ذڪر سيد هينين لفظن ڀر ڪري ٿو:

"مسلم ليگ ڀر شامل ٿيڻ کان ترت ئي پوءِ هڪ اهڙي واقعي (مسجد منزل گاهہ) واقعي جنم ورتو جنهن سموري سنڌ جي صدين کان قائم ايڪتا ۽ وحدت واري ديوار ڀر ڏار وجهي ڇڏيا، ۽ صوفي ۽ ساڌن جي سنڌ فرقہ پرستي جي باهہ ڀر وکوڙجي وئي. جنهن باهہ اڳتي هلي سموري سنڌجي محبت ۽ ٻڌي واري چمن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو ۽ جنهن جي نتيجي ڀر 1947ع تي هيءُ برصغير ورهائجي ويو."

سيد، مسجد منزل گاهہ جي تباهہ ڪندڙ اثرات جو ڪاٽو لڳائڻ کانپوءِ ٻہ مسلم ليگ جي سياست مان هڪ اميد واسي انسان طور نيڪي جي توقع رکندو پي آيو. جنهن ڪري سنڌ ڀر مسلم ليگ کي رات ڏينهن منظم ڪرڻ ڀر مصروف رهيو. 23 مارچ 1940ع تي مسلم ليگ لاهور ڀر هڪ تواريخي ٺهراءُ پاس ڪيو جنهن مطابق مسلم اڪثريتي علائقا هڪ زون جي شڪل اختيار ڪندا ۽ اهي علائقا اندروني طور خود مختيار ۽ آزاد هوندا. پر سنڌ ڀر صورتحال ساڳي رهي ۽ ڪنهن ٻہ ڏر سماجي ردوبدل بابت سنجيدگي سان پيش رفت ڪانہ ڪئي ۽ حالت اها ٿي جو ساڳي مسلم ليگ ٻہ (ڇٽن نقطن) جي مخالفت تي ڪمرڪشي ٻيڻل هئي. انهي هوندي ٻہ سيد 3 مارچ 1943ع تي سنڌ اسيمبلي ڀر برصغيرجي ورهاڱي جو ٺهراءُ پيش ڪيو ۽ زور ڏيندي چيو:

"هي اسيمبلي، سرڪار کي سفارش ڪري ٿي ۽ وائسراءِ جي معرفت بادشاهہ سلامت جي حڪومت کي صوبہ سنڌ جي مسلمانن جي جذبات ۽ خواهش کان واقف ڪري ٿي ته جنهن صورت ڀر هندستان جا مسلمان هڪ جدا قوم آهي، جن جو مذهب، فلسفو، حيات، معاشرتي رسمون، ادب، روايات، سياسي ۽ اقتصادي عقيدا هنڊن کان جداگانہ آهن. تنهنڪري هو هڪ جدا

قوم جي حيثيت ۾ انهي خطي زمين هند ۾، جتي هو اڪثريت ۾ آهن پنهنجن آزاد ۽ خود مختيار حڪومتن قائم ڪرڻ جا حقدار آهن. ان ڪري هو پر زور طريقي سان اظهار راءِ ڪن ٿا ته کين ڪو به اهڙو آئين قبول نه ٿيندو جو کين هڪ مرڪزي حڪومت ۾ ٻي اڪثريت واري قوم جي ماتحت ڪندڙ هوندو. ايندڙ حالتن ۾ زندگي کي آزادانه ۽ پنهنجي نقطه خيال موجب بسر ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته کين پنهنجون قومي حڪومتون هجن. تنهن ڪري ڪابه اهڙي ڪوشش جا هندوستان جي مسلمانن کي سندن مرضي خلاف هڪ مرڪز جي ماتحت ڪندي ساڃاڻ جنگي، نامناسب ۽ خوفناڪ نتيجن جو پيش خيمو ثابت ٿيندي."

سيد جي متين پيش ڪيل قرارداد ۾ 1940ع جي لاهور ٺهراءُ جي عڪس جي جهلڪ نظر اچي ٿي. اهو هيئن ته مسلم اڪثريتي علائقا، اندروني طور آزاد ۽ خودمختيار هوندا. هوڏانهن سنڌ اسيمبلي جي قرارداد ۾ سنڌ جي اڪثريتي مسلمان آزاد ۽ خودمختيار قومي حڪومت/ حڪومت جو قيام ڄاڻايل هو. سيد دراصل سياست جي انهي دور ۾ مذهبي طرز جي رياست کي جمهوري ۽ قومي حڪومت جي سنگم سان تجربو ڪرڻ جي ڪوشش تي زور ڏئي ٿو. ان زماني کي اسان سيد جي خوش فهم سوچ جو دور چئي سگهون ٿا. بهرحال سنڌ ۾ فرقيواريت جو زهر وڌندو رهيو. جنهن جي نتيجي ۾ سڪيولر سنڌ جي رهنما الهه بخش سومري کي 14 مئي 1943ع تي ڏينهن ڏني جو شڪارپور ۾ شهيد ڪيو ويو. انهي بگڙجندڙ حالتن ۾ به سيد، مسلم ليگ جي فرقيوارانه سياست کي سڌارڻ ۽ عوام دوست بنائڻ لاءِ نيڪ نيتي سان ڪوشش ڪندو رهيو ۽ ان اميد آسري ۾ رهندو آيو ته مسلم ليگ جي جاگيردارانه ۽ سرڪار پرست حڪمت عملي کي سڌارڻ سان مثبت نتيجا حاصل ڪري سگهبا. انهي حوالي سان آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪراچي ۾ ٿيندڙ سالياني اجلاس ۾ 24 ڊسمبر 1943ع تي استقباليه ڪميٽي جي صدارتي تقرير ۾ سنڌ بابت خيالن جو اظهار هيئين ريت ڪري ٿو:

"دوستو، فطرت هن زمين جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو ۽ مون کي اميد آهي ته ان جو مستقبل به اهڙوئي روشن ٿيندو."

پر اهڙي روشن مستقبل بابت لازمي آهي ته:

"جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جي

اختلاف متائڻ لاءِ حل گولي نه ڪڏيو ويو آهي، دنيا ۾ دائمي اتحاد ۽ امن قائم ٿيڻ مشڪل نظر اچي ٿو. انهي حل گولڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تواريخي روايتن هيٺ تربيت جي حاصلات هڪ لازمي شرط آهي."

سيد، انهي تحرير ۾ سنڌ جي ڪردار ۽ ذميواري جي اپٽار هيٺين ريت ڪري ٿو:

"انهي مشن جي سرانجامي لاءِ سرزمين سنڌ جا رهاڪو موزون آهن. قديم تواريخ جا دفتر گواهه آهن ته ڪيئن نه هتي مختلف نسلن جا ماڻهو تهذيبون، فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن. دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن مشرق ۽ مغرب جا ويڇا ميٽجي هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن. سرزمين سنڌ کي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. مون کي هن اونداهه ۽ انڌوڪار جي زماني ۾ ڪي روشني جا ترورا نظر اچي رهيا آهن، هن جسماني ولوڙ بعد مڪڻ هتان ئي نڪرڻو آهي." پر انهن گهربل نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ آزادي جو مقصد ۽ مفهوم بيان ڪندي چتائي سان چوي ٿو:

"آزادي جو مقصد ۽ حصول عوام جي غربت دور ڪرڻ آهي ۽نه چند جاگيردارن ۽ ڪامورا ڪلاس جي حڪومت قائم ڪرڻ جو."

سيد جي انهي مٿين تقرير مان سندس فرقيوارانه سوچ ۽ فڪر ڪان پاسيرو ٿيڻ جو چٽو ۽تز اشارو ملي ٿو. هو شايد محسوس ڪري چڪو هو ته مسلم ليگ پاران مذهب جي نالي ۾ سخت گير ۽ جارحانه مرڪزي پاليسي ۽ ان سان گڏوگڏ سنڌ جي اندروني مسئلن ۾ مداخلت ڪرڻ ۽ جاگيردارن ۽نوابن جي تسلط کي قائم ڪرڻ هڪ تباهي جا دروازا کولي ڇڏيندو. ان ڪري سيد ۽ جناح جي وچ ۾ ڇڪتاڻ شروع ٿي وئي. جنهن ڪري سيد لاءِ مسلم ليگ ڇڏڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نه بچيو. سيد، مسلم ليگ سان اختلافن کي بيان ڪندي ٻڌائي ٿو:

"نوابن، جاگيردارن، لقب بردارن جي ڪشتي کي ترڻي پسندن کان خطرو محسوس ٿي رهيو آهي، ان ڪري اسان کي شڪست ڏيڻ لاءِ هنن هر ڪو ذليل طريقو اختيار ڪرڻ کان دريغ نه ٿي ڪيو."

"انهن کي معلوم هو ته سندن طاقت زورزبردستي ۽ فرقيوارانه اختلاف ڦهلائڻ رستي قائم رهي سگهندي تنهن ڪري انهن هٿيارن کي

ڪتب آندائون. اسان ان جي مقابلي ۾ شرافت کي مدنظر رکندي، صرف عوام کي بيدار ڪري، حق ۽ ناحق سڃاڻڻ جو رستو اختيار ڪيو. اسان جو سنڌي عوام (هاري ۽ مزدور) ۾ پنهنجي مفاد لاءِ آخر بيدار ٿي مقابلو ڪرڻ ۾ ايمان هو.اسان کي يقين هو ته جيڪڏهن عارضي طور ڪجهي ۽ گمراهه ٿي به وڃن يا هنن کي هيسائي ڪم ڪيو وڃي ته به ڪڏهن نه ڪڏهن "ستل شير" ضرور ننڊ مان سجاڳ ٿيندو."

سيد شدت سان محسوس ڪري چڪو هو ته قومي آزادي کي مذهب جو ملمعو پارائڻ سان تباهي ۽ بربادي کانسواءِ ڪا به هڙ حاصل نه ٿيندي. آزادي سان سماجي ردوبدل جو گهاٽو سنبنڌ آهي. ۽ جنهن ريت مذهبي بنيادن تي برصغير ورهاڳي ڏانهن وڃي رهيو هو ان جي دردناڪ انجام جا پروڻ اڳ ۾ ڪيس پئجي ويل هئا. هتي جي ايم سيد جي سوچ ۽ فڪر بابت 2 اپريل 1946ع تي وائسراءِ لارڊ ويول سان دهلي ۾ ملاقات جو ذڪر ڪرڻ وقتائتو ثابت ٿيندو. لارڊ ويول پنهنجي روزنامچي بعنوان "Wavel: The Viceroy's Journal" ۾ لکي ٿو:

"سنڌ جي سيد سان گفتگو ڪرڻ ۾ محسوس ڪيم ته بنان ڪنهن رک رکاءَ جي ڳالهه ڪرڻ جو ڏاڻ اٿس. هن بابت ملهل تفصيل منجهان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ غير محتاط ۽ آزاد طبع جو سياستدان آهي. ان کانسواءِ هڪ ذهين ۽ خوش مزاج طبيعت جو مالڪ آهي. (هن مون کي سنڌ جي قتل ٿي ويل وزيراعظم الهه بخش متعلق ياد ڏياري) هن جي ملاقات جو مڪيه مقصد هو ته هندوستان جي منجهيل مسئلن منجهان اقتصادي مسئلو سڀ کان وڌيڪ ڏيان طلب آهي ۽ سواءِ ڪنهن مذهبي ۽ سياسي چيڙچاڙ جي."

هاڻي سيد جاڻي ورتو ته برصغير جو ورهاڳو اٽڪر بڻجي ويو آهي ته به پنهنجي وس ۽ وت آهر فرقيوارانه شدت پرستي کي مائيٽو ڪرڻ لاءِ لڳ پڳ ڪٻنت مشن جهڙي تجويز ڏني ته به زون ٽاهيا وڃن ۽ انهن جي وچ ۾ سهڪار سان هلائڻ جا اُپاءُ وٺڻ گهرجن. اهي ٻئي زون جن جا آئينده نالا "هندستان" ۽ "پاڪستان" هوندا سي اندروني طور خود مختيار ۽ آزاد هوندا. ان آڌار تي سيد، 31 جنوري 1947ع تي ٽائمز آف انڊيا کي هڪ تفصيلي انٽرويو ڏيندي گهر ڪئي:

"اسين آزاد هندوستان ۾ آزاد پاڪستان بنائڻ گهرون ٿا. اسين

هندستان جي غير مشروط آزادي جا طرفدار آهيون"

سيد جي دوربين نگاهن محسوس ڪري ورتو ته نئين پاڪستان ۾ مسلم ليگ جي حاڪميت جي آڙ ۾ آمريت، لٽ ڦر ۽ لتاڙ جا دوزخي دروازا ڪُلي پوندا. ان ۾ سڀ کان وڌيڪ سياسي ۽ معاشي نقصان سنڌ کي ٿيندو. جنهن ڪري 24-23 جون 1947ع تي سن ۾ "سنڌ مسلم جماعت" جي ميٽنگ زير صدارت شيخ عبدالمجيد سنڌي جي ٿي. سيد پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ سنڌ جي صورتحال بابت ڳالهائيندي چيو:

"سنڌ مسلم جماعت، سنڌ جي مفادن جي سوال تي مسلم ليگي رجعت پرست ليڈرن خلاف بغاوت ڪري سنڌي حب الوطني جو بنياد وڌو آهي پر اڄا، سرزمين سنڌ کي گهڻن ئي خطرن جو مقابلو ڪرڻو آهي."

ايئن عالمي صورتحال کان ايشيا جي حالتن کي بابت ٻُهڪندڙ نوع ۾ ڳالهائيندي چيو:

"اُتنگلو آمريڪن بلاڪ ۽ مسلم سرمايه دارن ۽ رجعت پرست مسلمانن وسيلي سوشلزم جي وڌندڙ سيلاب روڪڻ لاءِ آهي. آءٌ ڏسي رهيو آهيان ته اهو بلاڪ مستقبل ۾ پٺن اسلام ازم جي نالي هيٺ مشرق وسطيٰ جي شاهوڪار ۽ نواب طبقي کي گڏي ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ جو منصوبو سَٽي رهيو آهي."

انهي سامراجي ۽ رجعت پرست اره زور آوري کي روڪڻ لاءِ ايشيا جي هڪ گڏيل اتحاد جي تجويز ڏئي ٿو:

"هندستان ته چڏيو پر ايشيا جو اتحاد هاڻي معاشي بنيادن تي ٿي سگهندو. عوام جي بهتري ۽ انصاف واري زندگي گذارڻ واري جذبي ۾ ايڏي ته طاقت آهي جو جيڪڏهن صحيح رهنمائي ڪري سگهجي ته سرمائيدار طبقي جي سمورين سازشن کي شڪست ڏئي سگهجي ٿي. هينئر وقت آيو آهي ته ٻيهر اسلامي اتحاد جي نالي ۾ بي وقوف بنائڻ جي عيوض ڪين اقتصادي ۽ معاشي بنيادن تي منظم ۽ بيدار ڪجي."

اهڙي ريت سرزمين سنڌ جي باغي ڪردار کان وٺي عالمي رجعت پرستي جي مقابلي ۽ ايشيا جي اتحاد کي ذهن ۾ رکندي علاج تجويز ڪري ٿو:

"موجوده وقت ۾ قوميت، جاگرافيائي حدن، اقتصادي مفاد، زبان، تهذيب ۽ قديم روايت تي شمار ڪئي وڃي ٿي. انهي معيار جي بنياد تي

صفحہ هستي تي نيون قومون بنجي وجود ۾ اچي رهيون آهن. سنڌي بہ هڪ جداگانہ قوم جون وصفون رکن ٿا. انهن جي قوميت کي تسليم ڪري حق، خود ارادي ڏيڻ جي ضرورت آهي."

انهي ايجنڈا تي عملي طور ڪ وڏائڻ جي راءِ ڏيندي چوي ٿو:

- سنڌين ۾ قوميت جو احساس پيدا ڪري ملڪ کي ڌارين جي سياسي، اقتصادي ۽ ذهني غلامي کان آزادي لاءِ تيار ڪرڻ گهرجي.
- عوام لاءِ معاشي هڪ جهڙائي حاصل ڪرڻ لاءِ منجهن اهڙو سياسي شعور پيدا ڪجي جو اسيمبلين يا وزيرن جي هٿان ڏميوار سوسائٽي جي نظام تبديل ڪرڻ جي عيوض هو ازخود پنهنجا مفاد طاقت وسيلي حاصل ڪري سگهن.
- سنڌ اندر ۽ باهر جملي ترقي پسند جماعتن سان گڏجي مٿين خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ محاذ بنائجي.

انڪري آئنده جيڪي سياست ۾ سوال حل ڪرڻ ضروري آهن انهن بابت سيد چيو: "(الف) سنڌي قوم (ب) سوشلزم آهن، ان ڪري آءُ هن وقت پڪو سوشلست آهيان ۽ منهنجو عوام جي سچي جمهوريت آڻڻ ۽ سندن طاقت ۾ پورو ايمان آهي."

سنڌ جي ايشيا ۽ پاڪستان ۾ اهم مقام طور نشاندهي ڪندي چيائين: "سنڌ نہ رڳو پاڪستان ۾ پر ايشيا جي سياست ۾ هڪ اهم جاءِ والاري سگهي ٿي. بشرطيڪ ان کي سياسي، اقتصادي ۽ ذهني طور باهرين جي اثر کان آزاد ڪرائجي. پوءِ اهي زورزبردستي مڙهيل هجن يا اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ پيش ڪيل هجن." سيد هڪ مدبر ۽ ڏاهي وانگر ڏس پتو ڏيندي چوي ٿو:

"اهو وقت اچي ويو آهي، جڏهن سنڌ جو هر هڪ رهاڪو پوءِ اهو نووارد هجي يا قديم باشندو، پر ان جو مفاد سنڌ ۾ سمايل هجي ۽ نہ ڪنهن بي هنڌ سو سنڌي قوم، سنڌي تهذيب، سنڌي تمدن، سنڌي زبان، سنڌ جي مفاد ۽ سنڌ جي آزادي جي نالي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪري ۽ هر هڪ ڳالهہ ڪي ان ڪسوٽي تي پرکي. زمانو زورشور سان پنهنجي انقلابي رنگ ۾ بدلجي رهيو آهي. ان کان اڳ جو سستي ۽ بي همتي جي چڪي ۾ پيڙجي وڃون، اسان کي پنهنجي آئنده نسلن جي آزادي ۽ ترقي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي."

اپڪند جو ورهاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ سيد ۽ سندس ساٿين محسوس ڪيو ته سنڌجي سياسي ۽ اقتصادي آزادي لاءِ محدود طرز جي حدن اندر رهندي جدوجهد ڪرڻ ۾ لاپ حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي. ان لاءِ هڪ ڪڏيل محاذ جي ڳهرج وقت جي ضرورت آهي. جنهن ڪري جولاءِ 1948ع ۾ خان عبدالغفار خان جي سربراهي ۾ پاڪستان عوامي پارٽي،(پيپلز پارٽي) ناهي وئي، هوڏانهن پاڪستان جي حڪمران طبقن، بيوروڪريسي ۽ فيوڊل سياست ڪارن حقيقي جمهوريت، قومي حقن ڪان انحرافي ۽ معاشي روبدل آڻڻ ڪان انڪار ڪندي پهريائين 23 جولاءِ 1948ع تي ڪراچي کي سنڌ ڪان زوري ڌار ڪري مرڪزجي قبضي ۾ ڏئي سنڌ سرڪار جي املاڪ تي قبضو ڪيو. هندستان کان لڏي ايندڙ مهاجرن لاءِ سنڌ جي هندن جي ڇڏيل مال ملڪيت کي ڪليمن جي شڪل ۾ ورهايو ويو. ٿورن لفظن ۾ ته سنڌ کي هڪ ڪالوني طور تسلط هيٺ رکڻ جي حرفت اختيار ڪئي وئي. ايڏا به اڳتي هلي سنڌجي رهيل ڪُهيل شناخت کي ختم ڪري زوري 1955ع ۾ون يونٽ مسلط ڪيوويو. انهي صورتحال ۾ سيد لاءِ جدوجهد جي حوالي سان ون يونٽ جو خاتمو سنڌجي سياڻپ لاءِ اهم ۽ اول اسم بڻجي پيا. انهي اڳرائي ۽ ڏاڍ جو ذميوار پنجاب کي ڄاڻايائين. ڇوته بيورو ڪريسي۽ فيوڊل سياست ڪار جو واسطو ۽ تسلط پنجاب سان هو. ان ڪري پنجاب جي جارحانه حڪمت عملي ۽ لٽ ڦر کي نشانبر ڪندي سيد چوي ٿو:

"ڪنهن به انسان دوست اتحاد جي وچ ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ ون يونٽ جو قيام آهي."

سيد، اهل پنجاب کي تلقين ڪندي چوي ٿو:

"پنجاب کي جيڪڏهن سنڌين ۽ ٻين ننڍين قومن جي نزديڪ ٿيڻ جو خيال آهي ته اقبال جي پوئلڳي ڇڏي خواجه غلام فريد، بلاشاهه، علي حيدر، وارث شاهه ۽ شاهه باهوجي زبان ۾ ڳالهائڻ گهرجي، جنهن سان هو گهٽي وقت کان مانوس آهن. اها زبان سنڌي جي سڳي پيڻ آهي." پرساڳي وقت سنڌ جي قومي ۽ سماجي غلامي جو مڪيه ڪارڻ هيئين ريت بيان ڪري ٿو:

"سنڌ ۾ طاقت متئين طبقي جي هٿ ۾ رهي آهي. ٻيو غريب طبقو آهي. وڇون طبقو جنهن ۾ ننڍا واپاري، ننڍا ڪاتيدار، ننڍا ڪامورا، وڪيل ۽ ننڍين فئڪٽرين وارا اچي وڃن تا سي پاڪستان کان اڳ هندو هئا ۽

پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ انهي طبقي جا ماڻهو نوَن آيل مهاجرن ۾ ڪجهه سنڌ جي مسلمانن ۾ پيدا ٿيا آهن. ليڪن هڪ ته انهن جو تعداد ٿورو آهي. ٻيو ته انهن مان گهڻو تعداد پنهنجي گذر معاش ۾ ايترو ته رُڌل آهي جو ملڪي سياست ڪي سمجهڻ ۽ ان ۾ دلچسپي وٺي ان کي سڌي رستي تي هلائڻ لاءِ نه وقت اٿن ۽ نه شوق اٿن. انهن مان هڪ گروهه ڪي پئسا گڏ ڪري، مٿين طبقن ۾ وڃڻ جو حرص دامن گير آهي ۽ ٻيو گروهه خود غرضي سبب مٿين طبقي جي ماڻهن جو چاڙتو ۽ پوئلڳ ٿي رهڻ ۾ پنهنجو ٻلو ۽ سلامتي سمجهي ٿو." سيد مٿين طبقي جي پرڪارن، وچولي طبقي جي لاتعلقي ۽ عام ماڻهن ۾ غفلت جي ڪيفيت جو ذڪر ڪري ٿو:

"مٿين طبقي جي ماڻهن مان هڪ ٽولو آهي، جيڪو ملڪ جي ملڪيت، علم ۽ حڪومت تي قابض آهي. جيڪڏهن جمهوريت جو دور دورو ٿيو ته هنن جي هڪ هٽي ٽٽي پوندي. اها ڳالهه انهن جي فائدي وٽان نه آهي ته عام ماڻهو بيدار ٿي پنهنجي ملڪي سياست جي قسمت ۽ فيصلي جا مالڪ ٿين، تنهن ڪري هو نه صرف ماڻهن کي اها تعليم ۽ تربيت نه ٿا ڏيڻ گهرن، ليڪن انهن کي غلام بہ ڪن ٿا. وچون طبقو اڄا بيڪار ويٺو آهي. عوام خواب غفلت، ۾ ستل ۽ مٿئين طبقي جي غلامي جا عادي ٿي ويا آهن. سردار، زميندار، پيري ۽ مذهب جي نالي ۾ مُلن جو ايترو ته تسلط ماڻهن تي حاوي ٿي ويو آهي جو هڪ جهڙائي ۽ ياگي پائيواري جي ڳالهه کي سمجهن ئي نه ٿا."

ان ڪري "جيڪڏهن ملڪ ۽ قوم کي ترقي جي راهه تي آڻڻو آهي ته عوام کي جمهوريت ۽ مساوات جي فائدن کان آگاهه ڪرڻو آهي."

بهرحال ون يونٽ جي خلاف سيد جي جدوجهد ۽ انجي صلي ۾ حڪمران طبقن طرفان صعوبتون سندس عزم ۽ ارادي کي لوڏي نه سگهيا. انڪري پاڻ ون يونٽ جي خلاف جدوجهد مغربي پاڪستان اسيمبلي ۾ بہ جاري رکندو آيو ۽ جڏهن سيد جي محنتن رنگ لاتو ۽ ون يونٽ خلاف ماحول سازگار ٿيڻ لڳو ته ان کي بچائڻ لاءِ فوج سنئين سڌي مداخلت ڪندي 7 آڪٽوبر 1958ع تي مارشل لا هٽي اقتدار تي قبضو ڪيو. سيد جي سات ۾ شامل اڪثريت جو واسطو ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ هيئين وچولي طبقي سان هو جيڪي اديب، دانشور، قومي ڪارڪن ۽ شاگردن تي مشتمل هئا. نيٽ ون يونٽ خلاف هلچل هٽي وڃي هنڌ ڪيو. 1969ع ۾ نئين فوجي

حڪومت جيڪا ايوب خان کي برطرف ڪري يحيٰ خان جي شڪل ۾ آئي هئي ان ون يونٽ جي خاتمي جو اعلان ڪيو. جنرل يحيٰ خان ون يونٽ جي خاتمي جو مکيہ سبب اڳوٽي مغربي پاڪستان اسيمبلي ۾ پيش ڪيل ٺهراءُ ڄاڻايو. (ياد رهي ته ان ٺهراءُ پيش ڪرڻ جي سرواٽي جي ايم سيد ڪري رهيو هو) حڪمران طبقن پنهنجن هٿن سان ون يونٽ کي ظاهري طور ته روانو ڪيو. پر ان ۾ نيڪ نيتي کان وڌيڪ بدنيتي جو جزو اندروني طور ڪارفرما هو. اهو هيئن ته حڪمران طبقن محسوس ڪري ورتو هو ته اپرندي بنگال ۽ ننڍن صوبن ۾ پنجاب جي بالادستي خلاف هڪ مضبوط مورچو بڻجي رهيو هو.

سيد ون يونٽ جي ٽٽڻ کانپوءِ سنڌ متحده محاذ ٺاهيو. هوڏانهن ذوالفقار علي جي سربراهي ۾ پيپلز پارٽي کي ٺاهي اڳتي آندو ويو ته جيئن اپرندي بنگال ۽ ننڍن صوبن ۾ وڏندڙ بيچيني جو تدارڪ ڪري سگهجي. اهڙي حالت ۾ ننڍن صوبن جو گڏيل اتحاد ٺاهڻ وقت جي ضرورت هئي. هونئن ان لاءِ نيشنل عوامي پارٽي هڪ محاذ جي شڪل ۾ موجود هئي. سيد پاڻ به نعپ جي بانيڪارن منجهان هڪ هو. پر بقول سيد جي ته سندس نعپ سان حڪمت عملي تي اختلاف هئا. انڪري پاڻ سيني صوبن ۾ جدا جدا محاذ ٺاهڻ جو طريقو اختيار ڪيو. ان لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته سيد جي اها حڪمت عملي سگهاري ۽ اثرائتي حيثيت حاصل ڪري نه سگهي ۽ ملڪي سطح تي گڏيل محاذ ٺاهڻ واري سوچ فڪر جي ابتڙ هئي. هوڏانهن ملڪي سطح تي مرڪز گريزي ۽ مرڪز پرستي جي آڌار تي عوامي ليگ ۽ پيپلز پارٽي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٻيندل هئا.

سيد ملڪ ۾ نئين سياسي صف بندي ۾ عوامي ليگ سان اتحاد ڪيو. جو ته عوامي ليگ ڇهن نقطن جي پروگرام وسيلي مڪمل صوبائي خود مختياري حاصل ڪرڻ جو عزم ڪيو هو. ان جي مقابلي ۾ پيپلز پارٽي اندروني طور فوج ۽ نوڪر شاهي جي پٺيرائي سان ايوبي آمريت جي خلاف هيرو بڻجي اُپري آئي هئي. ان ڪانسواءِ پنجاب جي اڪثريتي نفسيات يعني جنگي جنون ۽ پارت دشمني سان سلهاڙيل هئي. انهي صورتحال ۾ سيد جي محدود ٽيڙ واري سياست يعني محاذ ٺاهڻ جو ڪو به ڪڙتيل نه نڪتو ۽ سيد نئين صف بندي ۾ پير ڪوڙي نه سگهيو. ان جو نتيجو هيئن نڪتو ته سنڌ جو هينيون وچولو طبقو جيڪو ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ سيد جي سربراهي ۾

دست هر اول هو سو پنهنجي مفادن جي حوالي سان فڪري ۽ شعوري طور جاگيردار ذهنيت جي سياست ڪارن خلاف هو اهي سيد جي اپرنڊڻ طاقت جي ڪري، سندس چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳا. انڪري ايا پير ڪوڙيندڙ وڇولو طبقو ٻالپڻي جي عمر ۾ ئي انتشار جو شڪار ٿي ويو. ڇو ته وڇولي طبقي جو لڙهندڙ ڪردار ايا ڪنهن مضبوط پوزيشن ۾ ڪونه هو.

نيٺ 1970ع ۾ چونڊون ٿيون. انهن چونڊن لاءِ پيپو وجي ٿو ته متحده پاڪستان ۾ ڪنهن حد تائين غير جانبدار رهيون. انهن چونڊن جي نتيجي ۾ عوامي ليگ کي هڪ مڪمل اڪثريتي پارٽي جي حيثيت حاصل ٿي. پنجاب ۾ پيپلز پارٽي مڪمل اڪثريت ۽ سنڌ ۾ گهٽائي واري پارٽي بڻجي آئي. جڏهن ته سرحد ۽ بلوچستان ۾ نعپ ۽ جمعيت العلماءِ اسلام کي اڪثريت حاصل ٿي. سنڌ متحده محاذ جو اڪيلو نمائندو جي ايم سيد ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهيو. پاڪستان جي حڪمران طبقن فيصلو ڪري ڇڏيو ته عوامي ليگ کي ڪنهن به حالت ۾ اقتدار منتقل ڪرڻو ناهي. ڇو ته بنگال جي اڪثريت سندن مفادن لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي. جيتري قدر ٻين پارٽين جو تعلق هو ته پيپلز پارٽي ۽ استيبلشمينٽ ۾ ناهه ٿي چڪو هو. انڪري ذوالفقار علي ڀٽي لاهور جي هڪ عام جلسي ۾ ڪلم ڪلا اعلان ڪيو ته "هوڏانهن اوهين (عوامي ليگ) ۽ هتي اسين (پ پ) اقتدار ۾ هجون."

سيد اهڙي مايوس ڪندڙ صورتحال ۾ پنهنجن دوستن ۽ گهٽگهرن جي صلاح سان عارضي طور تي فيبروري 1971ع تي سعود عرب روانو ٿي ويو. مون کي 5/3/71 تي جدي مان خط لکيو اٿس جنهن ۾ مايوس هوندي به مستقبل ۾ ايندڙ تباهه ڪاري جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"آئون سنڌ متان کارا ڪر ايندڙ ڏسي ٻي واهه نه ڏسي خانه خدا ۽ بارگاه، نبوي ۾ فريادي ٿي اچي پهتو آهيان. اتي چا وَهي واپري پيوان جو پتو ناهي. افواهه اهي آهن ته صدر (يحيٰ خان) ۽ ڀٽو (ذوالفقار علي) هڪ ٿي ويا آهن. آئين ساز اسيمبلي انجي چوڻ تي غير معين مدت لاءِ ملتوي ڪئي وئي آهي. سنڌ جا مڪيه ٽئڪس، واپار ذريعه، متاستا، بيرون امداد، ڪن مستقل مفاد وٽ گروي رکڻ جي نالي ۾ جمهوريت ختم ڪرائي پوئين دروازي کان اقتدار ۾ اچڻ گهري ٿو. خدا خود مطلب ۽ حريف کي ساڃاهه ڏي ۽ ظالمن کي راهه هدايت بخشي ٻي حالت ۾ انهن سازشن جو سد باب ڪري."

سنڌ جو فريادي بارگاهه مدينه ۾ غلام مرتضيٰ سيد جي مٿين خط ۾ ڪيل اڳڪٿي درست ثابت ٿي. فوج، پيپلز پارٽي ۽ افسر شاهي جي اتحاد اڪثريتي پارٽي يعني عوامي ليگ جي آئيني، قانوني ۽ جمهوري حيثيت مڃڻ کان نابري واري ڇڏي. عوام جي مليل مينڈيٽ جي بيخ ڪني ڪندي مارچ 1971ع ۾ بنگال تي فوج ڪشي ڪئي وئي، جنهن جي پڇاڙي 16 ڊسمبر 1971ع تي پاڪستان جي اڪثريت رت جو درياهه ٽپي بنگلاديش ٻڌجي وئي. باقي رهيل پاڪستان ۾ فوج سياسي ۽ فوجي محاذ تي شڪست کانپوءِ پس پرده هلي وئي ۽ اقتدار ظاهري طور ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪيو ويو. ڀٽو صدر ۽ ان سان گڏوگڏ پاڪستان جو پهريون سولين چيف مارشل ائڊمنسٽريٽر ٻڌيو. نئين پاڪستان ۾ سنڌ جو ۽ قومي تحريڪ جو محاذ يعني "سنڌيونائيٽڊ فرنٽ" غير متحرڪ ٿي ويل هو. پر ان جي شاگرد تنظيم "جيئي سنڌ استوڊنٽس فيڊريشن" ذريعي گهٽ سياسي، پليٽ فارم طور ڪم ڪري رهي هئي. جنهن ڪري جساف پاران هڪ عرضداشت صدر ذوالفقار علي ڀٽي ڏانهن، سنڌ جي مسئلن بابت ڇپيل صورت ۾ اماڻي وئي. ان عرضداشت ۾ مکيه پورهيوٽ جناب جي ايم سيد جو هو. پرمواد کي ترتيب ڏيڻ ۽ صلاح ثباب ۾ راقم الحروف، اقبال ترين ۽ مدد علي سنڌي شامل هئا سون. اهو ڪتابچو لڳ ڀڳ 28 صفحن تي مشتمل هو. جنهن جو اختصار ڏيڻ لازمي سمجهان ٿو:

1. مسلم اقليت وارن صوبن ۽ پنجابي مستقل مفاد جي حامين جي هندو سرمائيدار ۽ ڪاموري سان اختلاف پيدا ٿيڻ جي ڪري مسلمانن جي جداگانه قوميت جو نظريو ايجاد ٿيو. ۽ انگريزن جي مدد سان برصغير جو ورهاڱو ٿي پاڪستان وجود ۾ آيو.
2. آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري اجلاس 23 مارچ 1940ع جي ٺهراءِ ۽ سنڌ اسيمبلي جي 3 مارچ 1943ع واري ٺهراءِ موجب پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ ايراضي کي آزاد ۽ خود مختيار رياستن بنائڻ جا فقرا موجود آهن.
3. سرزمين- سنڌ هڪ مستقل جاگرافيائي خطي جي حيثيت رکي ٿي. ان جو وجود قدرت جي پيداوار آهي. ان جون روايتون تواريخي آهن. هتي جا رهاڪو، هتي جي زبان، هتي جو ڪلچر، قومي ڪردار، زرعي پيداوار

هزار ورهين جي قدرتي ارتقا جي پيداوار آهي.

4. سنڌ دنيا لاءِ محبت ۽ امن جو پيغام ڏنو آهي.

5. اقوام متحده جي جملي قومن کي وطن، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفادن جو بٽياد تسليم ڪيو ويو آهي.

6. 11 آگسٽ 1947ع تي باني پاڪستان محمد علي جناح پهرين آئين ساز اسيمبلي ۾ تقرير ڪندي هن قومن جي نظرئي کي ختم ڪري پاڪستان جي سياست کي مذهب کان علحده ڪرڻ ۽ هلائڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

7. لياقت علي خان مهاجر مستقل مفاد جو علمبردار هو. جنهن هندستان سان مخاصمت، مذهبي نظام - حڪومت، آمريڪي بلاڪ سان عهد ناما، مڪاني قوميتن جي وجود کان انڪار ۽ سنڌ کي مهاجر ڪالوني بنائڻ جي نيت سان هن اردو زبان کي سڄي سنڌ ۾ لازمي ٺهرايو.

انهي ڪتابچي ۾ اڳتي هلي سنڌ جي سياسي، معاشي ۽ اقتصادي قرلت جو پيرائتي نموني جائزو ورتو ويو ته ڪيئن سنڌ سان پاڻي جي مسئلي کان وٺي روزگار ۽ واپار ۾ سنڌين کي پوئتي رکڻ جي سازش ستي وئي آهي. انهن سازشن جي ڪري سنڌ جي صورتحال جي اپتار هيئين ريت ڪيل آهي: "مهاجر ۽ پنجابين جا ڳڏيل مفاد هڪ سامراجي شڪل اختيار ڪري ويا آهن انهن جي روش سبب 30 لک بنگالين جو قتل عام ٿيو. هڪ ڪروڙ ماڻهو بي گهر ۽ پنجن اربن جو نقصان ڪيو ويو."

ان ڪري اسين محسوس ڪيون ٿا ۽ اپيل ڪيون ٿا:

1. نظريه پاڪستان ختم ٿي چڪو آهي. ان کي دفنائڻ کان بازاچو. انهي اصرار جي معنيٰ ٿيندي ته ننڍن قومن کي پاڪستان کان بغاوت ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي.

2. اردو کي قومي زبان بنائڻ جي برعڪس چئن صوبن جي زبانن کي قومي زبان جو درجو ڏنو وڃي.

3. اردو زبان جي بالادستي مهاجر پنجابي سامراج جي سياسي تسلط، اقتصادي استحصال ۽ ڪلچر جي غلبي لاءِ راهه هموار ڪندي.

ان لاءِ جيئن ته اوهان جو (پٽو) سنڌ ۾ جنم ورتل آهي ۽ سنڌي قوم جا فرزند آهيو. اسان اوهان کي عرض ڪنداسون ته:

- سنڌين جي قومي وجود کان انڪار ڪندڙ سامراجي قوتن جي ظلم کان

اسان کي بچائڻ لاءِ مدد ڪريو.

- مرڪزي حڪومت کي مضبوط ڪرڻ جي نالي ۾ مهاجر، پنجابي مستقل مفاد سامراج جي غلامي ۾ ويڙهڻ کان سنڌ کي بچايو.
- پارٽ دشمني جي نالي ۾ لشڪر کي وڏائي وري ملٽري رول قائم ٿيڻ جي راهه بند ڪرڻ لاءِ قدم کڻو.
- ملڪي پاليسي مذهب، تعصب ۽ نفرت جي عيوض محبت، دانش مندي ۽ سيڪيولر بنيادن تي قائم ڪرڻ ۽ صحيح سوشلزم جي قيام لاءِ راهه هموار ڪيو.
- اردو زبان جي ڏهني سامراج کان سنڌين کي بچايو.

پر جيڪڏهن اوهان (ذوالفقار علي ڀٽو) ڪن مجبورين سبب اڳوڻن حاڪمن جي پيروي ڪندا ته پوءِ

- ڪٽر قوم پرستي پيدا ٿيندي ۽ صوبا مرڪزي حڪومت خلاف ٿي پاڪستان کي توڙڻ جو باعث بنجي ويندا.
- مرڪز ۾ ڪجهه طاقتن جي قبضي ۽ تسلط کان تنگ ٿي ملڪ ۾ بغاوتون پيدا ٿي پونديون.
- مذهب جي نالي ۾ استحصال ڪرڻ جي سبب نوجوان مذهب کان بيزار ٿي پوندا.
- سنڌي اڃڙي پاڪستان ۾ رهڻ کان آزادٿيڻ کي وڌيڪ پسند ڪندا.

انهي عرضداشت جي منظر عام تي اچڻ کانپوءِ سرڪار طرفان ٽڏي سيني سان غور ۽ فڪر ڪرڻ جي بدران پابندي هٽي ڪتابچي کي ضبط ڪيو ويو. سيد صاحب جي ساڻئي سلسلي سان لاڳاپيل هڪ تحرير به اسان لاءِ وڌيڪ مددگار ثابت ٿيندي جيڪا هن 31 مارچ 1973ع تي سنڌ يونيورسٽي ۾ شاگردن سان ملهايل شام ۾ ڪئي. ان تقرير ۾ ملڪ ۾ نئين آئين سازي لاءِ تجويز ڏيندي چيو:

(i) ملڪ جونئون آئين قومن جي تواريخي، ڪلچرل سياسي ۽ معاشي مفادن کي مدنظر رکي ناهيو وڃي.

(ii) اسلامي نظام حڪومت، نظريه پاڪستان ۽ مضبوط مرڪز جي برعڪس جمهوري ۽ سيڪولر بنيادن تي هموار ڪرڻ سان گڏوگڏ سوشلسٽ معاشي سرشتو قائم ڪيو وڃي.

(iii) سنڌو ديش جي معنيٰ سنڌ طاس (Indus Basin) جي موجوده سنڌ ملڪ جي ايراضي آهي. جيڪا هزار ورهين کان پنهنجي علمي حيثيت قائم رکندي اچي پئي. سنڌ ۽ سنڌوديش ۾ تفاوت آهي ته سنڌ ۾ ساري سنڌوماٽري اچي وڃي ٿي. پر سنڌوديش جي نالي وٽ مان اسانجو مقصد آهي ان خطئه زمين جي سياسي ۽ اقتصادي خوشحالي ۽ ڪلچر ٿئي ٿو جا هن وقت صوبه سنڌ تي مشتمل آهي.

پر سيد، انهي سياسي جدوجهد جي آڏو رندڪ بابت جاڻ ڏيندي چيو ته: "ملا، پير، وڏيرو ۽ غلام صفت مڊل ڪلاس جي اڪثريت ان ۾ رڪاوٽون آهن."

ان جا ڪارڻ ٻڌائي ٿو: سياستدان ٻن قسمن جا ٿين ٿا:

(الف) عملي سياستدان: جيڪي عارضي ڪاميابي ۽ اقتدار جي حصول لاءِ اصول قربان ڪن ٿا.

(ب) آئڊيلسٽ سياستدان: جيڪي ملڪ ۽ قوم جي مجموعي نفعي لاءِ ڪي اصول مقرر ڪن ٿا، ان مطابق هلندي ٻين کي ترغيب ڏين ٿا.

آخر ۾ شاگرد برادري کي ذهن صاف ڪرڻ ۽ پنهنجو وقت تعليم ۽ تربيت ۾ صرف ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ سان گڏوگڏ ڪين دعوت ڏني ته:

"اوهان کي دعوت ڏجي ٿي ته 12 شاگردن جي گروپ جي شڪل ۾ هفتي لاءِ موڪل وٺي ملڪي مسئلن، سياسي نظرين ۽ اختلافي ڳالهين جي وچ ۾ تميز حاصل ڪرڻ لاءِ مون وٽ سن ۾ رهي ڪچهري ڪري سگهو ٿا."

پر ملڪ جي حڪمران طبقن جي ايم سيد پاران ڏنل انهن تجويزن جو منفي ۽ غير منطقي اثر ورتو ۽ 1973ع جو آئين جيڪو مضبوط مرڪز ۽ قومن جي خود مختياري کان انحراف جي بنياد تي ٺاهيو ويو. انهي آئين جوڙڻ جي صلي طور تڏهوڪي وزير قانون عبدالحفيظ کي سنڌ يونيورسٽي مان اعزازي ڊگري ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. پر جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران مخالفت جو عهد ڪيو ويو. انڪري 28 اپريل 1973ع تي جامشوري ۾ منعقد ڪنونشن ۾ جيئن ئي عبدالحفيظ پيرزادي کي ڊگري ڏني وئي ته ان جي رد عمل ۾ ٽيندڙ احتجاج جي نتيجي ۾ مون سان گڏ ٻين شاگردن کي ڏهن سالن لاءِ رسٽيڪيٽ ڪيو ويو. پوءِ به سنڌ جي نوجوانن آئين جي خلاف پنهنجو احتجاج عالمي سطح تي رکارڊ ڪرايو. ان ڪانسواءِ ظلم ۽ تشدد

وسيلي قومپرست ڪارڪنن جي گرفتاري جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪيو ويو. سنڌ ۾ سنڌي ڪتابن، رسالن تي بندش هنئي وئي، مطلب ته مخالفن کي چيڀاٽڻ لاءِ سڀ غير جمهوري ۽ غير انساني طريقا اختيار ڪيا ويا. اهي سڀئي ڪرتب ظاهري طور اقتدار جي مسند تي ويٺل ذوالفقار علي ڀٽو ڪري رهيو هو. جي ايم سيد کي گهر ۾ نظربند ڪيو ويو.

سيد جي ڊگهي نظربندي ڀٽي جي زوال تائين جاري رهي. پر انهي نظربندي جي ڊگهي دور ۾ سندس فڪر ۽ سوچ ۾ هڪ ريڊيڪل تبديلي اچڻ لڳي. اهو هيئن ته سيد، جمهوريت جي بيخ ڪني ٿيندو ڏسي ڪنهن حد تائين جمهوري طور طريقن تان سندس ارواح ئي کڄي ويو. سيد پنهنجي فڪر ۽ سوچ کي "دياردل داستان محبت" نالي سان ڪتاب ۾ قلمبند ڪيو. انهي ڪتاب ۾ پاڻ فلسفو، عشق، عملي زندگي جا مسئلا ۽ مونجهارا، دنيا ۾ ايندڙ تبديليون، غلطيون، سنڌ جو موجوده حالتن ۾ ڪردار ۽ ذميواري کي بحث هيٺ آندو آهي. سيد جي ديار- دل داستان محبت جو تت هتي رهنمائي لاءِ پيش ڪجي ٿو. سيد، فلسفي، عشق ۽ عملي زندگي بابت لکي ٿو:

مون کي معلوم ٿيو ته فلسفو علم جو جوهر هو. ان کانسواءِ علم بي جان هو. ليڪن عشق جي رهبري کانسواءِ فلسفو اڌورو هو. فلسفه، مون کي مذهب، وهم ۽ خدا شناسي جي وچ ۾ تميز جو مادو عطا ڪيو. فلسفه مون کي سياسي زندگي جو مقصد ۽ مراد سمجهڻ ۾ مدد ڪئي. فلسفه مون کي معصوميت جي بهشت مان ڪڍي شڪن جي دنيا ۾ ڌڪي ڇڏيو. عملي زندگي مون کي سياست ۽ عبادت جو باهمي تعلق ڏيکاريو. عملي زندگي مون کي خود مطلبي جي تنگ دائري مان ڪڍي قوم ۽ ملڪ جي سڃاڻڻ ۽ خدمت ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪئي.

عشق منهنجي سياست جو دائرو وسيع ڪري سنڌ جي رَهاڪن لاءِ بنان مذهب ۽ ملت جي محبت پيدا ڪئي.

عشق مون کان بت شڪني جا ڪم ڪرايا،
عشق مون ۾ آزاديءَ لاءِ تڙپ پيدا ڪئي.

منهنجي زندگي جو مقصد ۽ ماڳ آهي ته :

- سنڌ جي پنج هزار ساله شاندار تواريخ کي زنده ڪرڻ.
- سنڌ جي ڪلچر ۽ زبان جي ترقي،

- سنڌ جي سياسي آزادي ۽ اقتصادي خوشحالي.
- سنڌ جي جداگانہ قومي وجود جي بحالي.

منهنجي حياتي جو نقطہ نگاھ آهي:

اتحاد انساني- امن عالم ۽ ترقي نوع آدم

سيد هيڏي ساري ايجنڊا تي ڪم ڪرڻ ۽ مقصد جي ديوي ماڻڻ خاطر ابتدا جي پنهنجن غلطين ۽ ڪوتاهين ڏانهن نشاندهي ڪندي چوي ٿو:

- اسان تي مولانا عبيد الله سنڌي جي سنڌ جي جداگانہ قوم جي نظرئي جو اثر نہ ٿيو.
- خان بهادر الهہ بخش سومري جي پاليسي کي پڻي ڏيڻ سان نقصان ٿيو.
- سنڌ هن وقت يو پي ۽ پنجاب جي مستقل مفاد جي تسلط هيٺ آهي.

اهڙي طرح انهن مٿين نقطن کي ذهن ۾ رکندي جدوجهد ڪرڻ جي برعڪس:

- سرسيد جو مسلمانن کي هندن کان علحده رکڻ وارو نظريو جيڪو مسجد منزل گاھ جي هلچل ۾ هڪ ڏنل ۽ ويران مسجد جي سرڪار کان قبضي وٺڻ لاءِ هلچل ۾ حصو ورتو سين.

يو پي جي مستقل مفادن لاءِ ايجاد ڪيل هو.

- علامہ اقبال جي مسلمانن جي وحدت، خيال ۽ عمل جي بنياد تي ايجاد نظرئي جي پويان پنجابي مسلمانن جي برتري، فسطائي نظريہ، سياسي شاعرانہ بلند خيالي ڪانسواءِ ٻي ڪابہ حقيقت ڪانہ هئي.

سيد ايڏا بہ وڏيڪ جرئت مندي ۽ دليري سان غلطين جو اعتراف چٽائي سان ڪندي ان جو هڪ اهم عنصر "نفرت" کي ڄاڻائي ٿو. نفرت جي عنصر سنڌ، ڏکڻ ايشيا ۽ عالمي سطح تائين ڪهڙا ڪلور ڪيا آهن. ان جو ذڪر هيٺين ريت ڪري ٿو

- جمهوريت ۾ مخالف جي راءِ خلاف پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ، رواداري جي حد اندر رواجي طور جائز هو پر ان کي نفرت جي درجي تي آڻڻ غلط هو. جوشيلي طبعيت هٿ ڪري اختلاف کي اڪثر حد اندر رکي نہ سگهيو آهيان.
- مسجد منزل گاھ پيري سياسي مسئلي کي مذهبي رنگ ڏئي نفرت جو باعث بہ بڻيو آهيان.
- انگريز سامراج اسانجو استحصال ڪيو تي پر انهن جي مخالفت کي

نفرت جي درجي تائين ٽيڻ ۾ به غلط رجحان جو مرتڪب ٿيو آهيان.

- ملا جي تشريح واري اسلام کي مڪمل سمجهي، ان کان ٻاهر ماڻهن کي ناحق تي سمجهي انهن خلاف نفرت جي اظهار جو گناهه گار رهيو آهيان.
- مسلم قوم جي غلط نظريئي کي صحيح ڄاڻي انهن بنيادن تي ملڪ جي ورهاڱي لاءِ ڪوشش ڪري ملڪ کي نفرت ۽ نفاق جي آڳاهه ۾ اڇلائڻ جو ڏوهاري آهيان.
- مهاجر، پنجابي مستقل مفاد هر قومپرست سنڌي، بلوچ ۽ پنهنجي کي نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو.
- ڪٽر هندو مسلمانن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو.
- عرب يهودين کي نفرت لائق سمجهن ٿا.
- ملا جو پوئلڳ مسلمان پاڻ کانسواءِ ٻين کي حقارت جي نظر سان ڏسي ٿو.

سرمائيدار ڪميونسٽ خلاف نفرت جو اظهار ڪن ٿا.اهو نفرت جو جذبو آهي جنهن ڪري قومون مشين گنون، توپون، بمبار هوائي جهاز ائٽم بم هئڊروجن بم ڪٺا ڪري رهيون آهن.

سيد "نفرت" جي انهي مرض کان انسان ذات جي چوٽڪاري حاصل ڪرڻ بابت ڏس پتي حاصل ڪرڻ ۾ هڪ مونجهه جو شڪار آهي. ۽ انهي سوالي نشان جي حل لاءِ نشاندهي ڪري ٿو:

- سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي آزادي.
- سنڌ مٽان مهاجر/ پنجابي مستقل مفاد سامراج جو تسلط آهي. ان مان ڪيس آزاد ڪرائڻو آهي.

سنڌ جي غلامي ۽ ڪمزوري جو ٻاعث انجو غدار وڏيرو، پير ۽ ملا آهي. ان جي پاڙ پٽڻ سان سنڌ جي آزادي لاءِ راهه هموار ڪندي.

سنڌ جي آزاد ٽيڻ ڪانپوءِ: هتي جي رهاڪن کي هيٺيين مقصدن لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو:

1. جمهوريت، سوشلزم، سڪيولرازم، قوم پرستي، بقائي باهمي، جنگي معاهدي کان گوشو ڪرڻ، غير جانبدار رهڻ ۽ تشدد کان پرهيز ڪرڻ.
2. آزاد ٽيڻ بعد اتحاد انساني ۽ امن عالم، مغرب ۽ مشرق جي امتزاج لاءِ مشني جو ڪم ڪرڻو آهي.

حاصل مطلب ته سيد سموري جمار هڪ سياسي دانشور ۽ مفڪر

طور گذاري، جنهن جو تت هيئن بيهي ٿو:

"سنڌ تواريخ ۾ صدين کان هڪ آزاد ۽ خود مختيار ملڪ طور رهندي اچي ٿئي. ان کي سنڌ جي آزادي حاصل ڪرڻ قانوني، آئيني ۽ فطري حق آهي. سنڌ جي آزادي سماجي انصاف سان مشروط آهي. سنڌ جي آزادي ۾ رندڪ ٻڌجي بيندل پير، ملا، وڏيرو ۽ اڪثر سياستدان آهن. جيڪي مهاجر/ پنجابي مستقل مفاد ۽ عالمي طور تي اينگو آمريڪن سامراج جا پوئلڳ آهن. سنڌ جي قومي ۽ سماجي آزادي لاءِ وچولي طبقي کي پنهنجي ذميواري نياهڻ ضروري آهي. سنڌ جو فڪر ۽ فلسفو تصوف ۽ لاڪوفيت (Non-Allinged) جي اصولن سان واڳيل آهي. سنڌ جي آزادي پنهنجي جوهر ۾ مغرب ۽ مشرق جي فڪر ۽ فهم جو سرچشمو آهي. سنڌ جي آزادي ان لاءِ به اهم آهي ته جيئن سنڌ واسي ايشيا، عالمِ انسانيت ۾ پنهنجو ڪردار ۽ ذميواري نياهي سگهن.

اسان کي هاڻي ڪنيل موضوع جي اهم نقطي يعني ته سيد پنهنجي حاصلات ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيو ان جي چنڊچاڻ ڪرڻ لازمي آهي ته جاڻ ملي پوندي ته پاڻ وقت جي اسيرائپ مان ڪيستائين آزادي حاصل ڪري سگهيو.

اسان سيد جي فڪري ۽ ذهني پورهئي کي آڏو رکندي ۽ محسوس ڪيون ٿا ته پاڻ هيڏي ساري ڪنيل ايجنڊا جو پهريون ڏاڪو يعنيٰ سنڌ جي آزادي" به اُڪري نه سگهيو سو پنهنجي جاءِ تي هڪ اهم سوال آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ اسان کي 1970ع جي ڏهاڪي ۾ وڃڻ جي ضرورت آهي.

پاڪستان ۾ 1970ع ۾ چونڊن جي نتيجي ۾ عوامي ليگ کي مڪمل سرسي حاصل ٿي. عوامي ليگ ڇهن نقطن جي پروگرام هيٺ ووٽ وٺي سوپ ماٺي هئي. پر ملڪ جي حڪمران طبقن بنگالين کي اقتدار ۾ شريڪ ڪرڻ جي بدران فوج ڪشي ڪئي. جنهن کري 16 ڊسمبر 1971ع تي ملڪ جي اڪثريت ڇجي ڌار ٿي بنگلاديش ٻڌجي وئي. نئين پاڪستان ۾ جي ايم سيد سنڌ جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ئي هڪ ڄاول ذوالفقار علي ڀٽي ڏانهن هٿ ڏکهيريو. ان لاءِ ڪيس آئين سازي ۾ بلوچن ۽ پختونن جي سهڪار حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ ان سان گڏوگڏ هندوستان ۽ پاڪستان ۾ جنگي جنون جي خاتمي لاءِ به آچ ڪئي. پر ذوالفقار علي ڀٽي آئين سازي ۾ مدد وٺڻ ڪانپوءِ حڪمران طبقن کي خوش ڪرڻ لاءِ جي ايم سيد کي

نظربند ڪري ڇڏيو. انهي نظربندي سيد جي سوچ ۽ فڪر ۾ هڪ تبديلي آندي ته جمهوريت ۽ جمهوري طريقن سان حقن حاصل ڪرڻ جي اڳيان پنجاب جو اڪثريتي انگ ۽ بالادستي ديوار چين بڻجي بيٺل آهن. ان ڪري پاڪستان کان آزادي حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به رستو ڪونهي. ڇو ته جنهن هنڌ جمهوريت، عوام ۽ عوامي راءِ جو قدر ۽ مان ڪونهي ته هرو ڀرو مغزماري ڪرڻ وقت جو زيان آهي.

سيد آزاديءَ جو ليکو ته ڪيي ڇڏيو پر آزادي ڪيئن حاصل ڪجي ان لاءِ وٽس ڪو به عوامي منصوبو ڪونه هو. ان ڪانسواءِ سيد "جمهوريت" ۽ "عوام" کي محض ووٽ ۽ پارليامينٽ جي سياست تائين محدود سمجهي رهيو هو. جڏهن ته جمهوريت ۾ پارليامينٽ جي سياست هڪ وسيلو آهي. ان ڪري سيد کي سندس فڪر ۽ فهم جي آئيني ۾ رڪندي عملي لحاظ کان هيٺيون وٽيون محسوس ٿين ٿيون:

- سيد جو عام ماڻهن جي سياست ۾ شرڪت تان ويساهه جيڪڏهن ڪجي نه ويو هو ته به گهٽجي ويل هو. چوته هو پنهنجي تجربي جي بنياد تي عوام کي مَت جو موڙهيل، جذباتي ۽ اٻهرو سمجهي رهيو هو. جنهن ڪري عام ماڻهن کي ڪنهن منظم پارٽي ۾ ترجيحات جي بنيادن تي شامل نه ڪيو ۽ قومي تحريڪ عام ماڻهن ۾ پاڙون کوڙي نه سگهي. ان لاءِ هڪ ويجهڙائي جو مثال آهي ته 1983ع ۾ فوجي آمريت جي خلاف سجو ملڪ ٻري اٿيو ۽ سنڌ سڀ کان اڳيري هئي. پر جڏهن سنڌ ۾ تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ فيوڊل طبقو پنهنجي منافقانه روش جي ڪري ڪسڪي رهيو هو ته ان جي جاءِ تي ڪابه منظم قومي تحريڪ موجود ڪانه هئي جيڪا عوام جي رهنمائي ڪري سگهي. سيد صاحب ته انهي تحريڪ کي اقتدار جي بکايلن جي تحريڪ چئي سهڪار کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو.
- سيد، سنڌ جي شاندار ماضي ڏانهن ورڻ جو ذڪر ڪري ٿو جيڪا هڪ خواهش آهي، پر ان جو عملي دنيا ۾ ڪو به وجود ڪونهي. ماضي مان رڳو اتساهه حاصل ڪري سگهجي ٿو، پر ماضي پرستي مان ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيندي آهي.
- سيد قومي تحريڪ لاءِ قومي ڪردار کي اهم نقطو سمجهندو هو. پر

سندس پوئلڳي جي دعويٰ ڪندڙن ۾ اڪثريت ان کان واقف هئي.

* سيد سنڌ جي آزادي ۾ سماجي ردوبدل کي اوستائين ڏيان لائق ڳهڻ سمجهيو جيستائين آزادي جي مومل تہ ٽي ماڻجي. سندس ذهن ۾ هو تہ جيڪڏهن ڊ سماجي ردوبدل جي معاملي کي وڌيڪ هٿي ڏبي تہ سنڌي قوم جي صف بندي ڍهڻ جا امڪان وڌي ويندا. حالانڪ سماجي ردوبدلجي وسيلي ئي نيون سماجي قوتون اقتدار ۾ اچڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون آهن.
* سيد سنڌ جي عشق ۾ قومي تحريڪ جي مٿان پوندڙ آسپاس ۽ بين الاقوامي اثرات کي بہ گهڻ اهميت جي لائق سمجهيو. جنهن ڪري سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ نواڻ جو عمل نہ هئڻ برابر آهي.
* سيد، سنڌ جي آزادي لاءِ ڪنهن بہ منظم رٽابندي کان پاڻ کي پري رکيو. جيڪڏهن نالي ماتر کا تنظيم موجود هئي تہ ان جي مٿان سندس گهاڻي بڙ جهڙي شخصيت چانورو ڪري بيٺل هئي. جنهن ڪري سندس جيئري ئي تنظيم بحران ۽ گروهہ بندي جو ڪاچ ٻڌجي ويل هئي.

هاڻي مان مناسب سمجهان ٿو تہ ڪنيل عنوان جي آخري نقطي يعني سيد جي اسيرائپ مان آزادي بابت اوهان سان ويچار ونڊڻ جي ڪوشش ڪريان. مان سمجهان ٿو تہ سيد اڄ بہ وقت جي اسيرائپ مان آزاد ٿي نہ سگهيو آهي. ان لاءِ اسان سيئي سنڌي يا اٽسنڊي طرح ڏميوار آهيون جيڪي جي ايم سيد جي مڪتبہ فڪر سان وابستہ هئڻ جي دعويٰ ڪيون ٿا. اهو هيئن آهي تہ اسان پنهنجن مفادن سبب جي ايم سيد کي هڪ سياسي دانشور ۽ مفڪر سمجهڻ کان وڌيڪ سياسي پير ۽ پوڄا لائق هڪ هستي جو درجو ڏئي ڇڏيو آهي. انڪري سنڌ جي آزادي جون دعويٰ ڪندڙ ڏريون ۽ خاص ڪري انهن جا رهبر ۽ رهنما سيد جي نالي ۾ پنهنجن غلطين جي اعتراف ڪرڻ بجاءِ چڙواڳي / انارڪي ڏانهن گامزن آهن. جنهن ڪري جمهوريت، سهپ ۽ رواداري کان ڪم وٺي هڪ ٻئي کي مثبت اختلاف راءِ جي زمري ۾ برداشت ڪرڻ جي برعڪس ليڊر شپ ۽ ذاتي مفادن کي ترجيحات ۾ شامل ڪيو آهي. ادارن ۽ پڇاڳاڇا جو عمل نہ هئڻ برابر. گروهہ بندي جي سياست عروج تي پهتل آهي. اهي سيئي گروهہ پاڻ کي سنڌجي آزادي جو سرواڻ ۽ ٻين کي رد ڪرڻ ۾ وڌيڪ وقت وڃائي رهيا آهن. ائين سنڌ جي قومي

تحريڪ تن مکيہ حصن ۾ هيئين ريت ورهايل آهي:

1. سياسي مهم جوئي
2. سياسي دانشوري.
3. سياسي سجاده نشيني.

موجوده حالتن ۾ سنڌجي قومي تحريڪ ڇڙواڳي جي ڪرناڪ دور مان لانگهائو آهي. سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ احتجاج جو عنصر حاوي ٿيندو وڃي پيو جنهن ۾ ڏرٽا، بک هڙتال ۽ جلسا جلوس ڪلچر چانيل آهي جنهن کي قومي آزادي لاءِ ابتدائي وک چئي سگهجي ٿو. پر آزادي جو روح مزاحمت ۾ سمايل هوندو آهي. جنهن جي حيثيت زباني جمع خرچي کان اڳتي وڌي نہ سگهي آهي. انڪري اسان کي هڪ تلخ حقيقت مڃڻ گهرجي تہ سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ روح ڦوڪڻ جي اهليت ڪنهن بہ هڪ گروهہ ۾ ڪانهي جو هو اڪيلي سر سنڌ جي آزادي حاصل ڪري سگهي. ان لاءِ سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر پڻ هڪ ڏڳهي ۽ مستقل رٽابندي لاءِ ڳڏيل محاذ ٺاهڻ جي گهرج آهي. اسان کي جيڪڏهن سيد جي سپني کي ساڀيان ڪرڻو آهي تہ ڳڏيل محاذ جوڙي جدوجهد ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ رستو ممڪن ڪونهي. چو تہ انهي اتحاد جي مهي ولوڙ مان ئي تہ ايماندار ۽ جانثار ڪارڪن پيدا ٿيندا. ياد رکو تہ ڪارڪن / ورڪر تہ ڪنهن بہ تحريڪ جو جوهر ۽ جمال هوندا آهن. سيد کي لاشڪ تہ سندس جدوجهد ۽ مستقل مزاجي ڏکڻ ايشيا ۾ صف اول ۾ ٻيهاريو آهي، پر جي ايم سيد سڃي جمار هڪ ڪارڪن هڻڻ تي فخر ڪندو رهيو. جنهن کي تواريخ اڄ هڪ مفڪر، باغي ۽ منحرف جو سونهري تاج پارائي ڇڏيو آهي.

انگلنڊ جي عظيم شاعر وليم وردس ورٽ جون هيئيون سٽون سيد جي پورهئي تي ڪيڏيون نہ ٺهڪي اچن ٿيون:

In him virtue of race. Revenge, and all ferocious thoughts were dead, nor did he change, but kept in lofty place
The wisdom which adversity had bred.
(William Words Worth)

(هن ۾ اهڙين هڙئني وصفن، نسل، ساڙ ۽ خونخوار ويچارن جو خاتمو اچي ويو نہ وري هن ۾ ڪابہ قيرقار آئي. پر پوءِ بہ بلندين کي ڇهڻ لڳو ڏاهپ جي سورن ۾ پلجندو رهيو.)

اڄ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسون ته پاڻ فڪري ۽ شعوري طور ورڪر آهيون يا معتبري ۽ سرواٽي جي سوداءَ ۾ ورتل. اسان جي مٿان ذميواري اچي ٿي ته سيد کي وقت جي اسيرائپ / نظرياتي مان آجو ڪرايون سيد جي نظرياتي پوري ڪانه ٿي آهي. جيستائين سنڌ غلام آهي. اسان جي غلامي آڏو رندڪ ٻڌجي بيٺل جاگيردارانه سياست، فوج ۽ بيورو ڪريسي جو اتحاد هڪ سوالیہ نشان طور آهي جنهن کي حل ڪرڻ ۾ئي چوٽڪارو ۽ نجات آهي.

ڪراچي
17.12.2003

(جيئي سنڌ محاذ پاران جي. ايم. سيد. جي صد ساله جشن
جي سلسلي ۾ پڙهيل پي. ايم. اي هائوس ڪراچي).

ميرغوث بخش بزنجو: باباءِ بلوچستان

(جنم 1917ع ـ لاڏاڻو 11 آگسٽ 1989ع)

جديد بلوچستان جي سياست جو سرواڻ جنهن پنهنجي وطن ۽ دنيا جي مظلوم قومن جي آزادي، سماجي انصاف، پيڙيل طبقن جي ڇوٽڪاري ۽ خودمختياري لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ محڪومن کي سردار شاهي جي خلاف متحد ڪرڻ جي هلچل ۾ قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪيون. جنهن بلوچستان جي عام ماڻهن تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ اڻ، گهوڙن، گڏهن کان وٺي پيدل سفر ڪندي پنهنجي عوام کي ظلم جبر ۽ ناانصافي خلاف بيدار ڪيو. گهر گهر، گهٽيءَ گهٽيءَ، گام گام شعور ۽ آگاهيءَ جون مشعلون روشن ڪيون ۽ پنهنجي مستقل مزاجيءَ، لڳاتار جدوجهد، خلوص، ايثار ۽ اعليٰ نظرياتي سياست جي آسمان تي هڪ روشن ستاري جي حيثيت حاصل ڪئي. انهن سڀني خوبين جي جوهر کي تواريخ جي سونهري ورقن ۾ ميرغوث بخش بزنجو چيو ويجي ٿو.

ميرغوث بخش بزنجي جي پيدائش جو سال 1917ع آهي. جڏهن دنيا جي تختي تي روس ۾ پورهيتن جي پهرين سرڪار جو سِجُ طلوع ٿي رهيو هو. هن انسان ذات جي خير خواهه جو جنم رياست قلات جي علائقي جهلوجي هڪ ننڍڙي ڳوٺ شانڪ ۾ ٿيو. سندس واسطو بزنجي قبيلي جي عالم طبقي جي يعني حمالاڻي شاخ سان هو. ننڍپڻ ۾ ئي سندس والد جو انتقال ٿي ويو جڏهن ته سندس ڏاڏو ميرسفر خان 45 ورهيه مڪران جو گورنر رهيو ۽ 1883ع ۾ وفات ڪيائين جنهن ڪري سندس جائداد کي برطانوي سرڪار ڪورٽ آف وارڊس جي تحويل ۾ ڏني ڇڏيو. ان ڪان پوءِ سندس ڪٽنب دائمي طور لڏي اچي نال ۾ ويٺو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ سنڊيمن هاءِ اسڪول ڪوئٽا ۾ حاصل ڪئي پر 1935ع ۾ ڪوئيٽا ۾ زلزلي اچڻ جي ڪري سندس مائٽن مئٽرڪ جي تعليم جو باقي دور سنڈ مدرسته الاالسلام ۾ پورو ڪرايو. ان ڪان پوءِ باقي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ علي ڳڙهه روانو ٿيو. ميربزنجو علي ڳڙهه پهچڻ تائين فوٽ بال جو بهترين رانديگر

بڻجي چڪو هو. سندس چوڻي موجب ته "جيڪڏهن سياست جي ڪنڊن ڀريل ماٿري ۾ نه اچان ها ته فوٽ بال جو ناميارو رانديگر هجان ها." انهيءَ زماني ۾ (N.E.D) انجنيئرنگ ڪاليج ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽي جي وچ ۾ فوٽ بال جي راند ۾ غوث بخش اين. اي. ڊي (N.E.D) طرفان علي ڳڙهه جي مضبوط ٽيم جي خلاف راند جو شاندار مظاهرو ڪري ڌاڪو ڄمايو. انهيءَ دور ۾ ڄام مير مقبول خان جا ٻه پٽ به علي ڳڙهه تعليم لاءِ وڃي رهيا هئا ۽ انهن ٻنهي ڄڻن سان ڊاڪٽر ضياءُالدين جي چوڻ تي غوث بخش کي به اماڻيو ويو. انهيءَ زماني ۾ انگريز سرڪار جي خلاف آزاديءَ جي هلچل ۾ واڌارو اچي رهيو هو. جنهن ڪري هر هڪ شخص جو اهڙي اٿل پٿل کان متاثر ٿيڻ لازمي هو جنهن کان بزنجو به بچي نه سگهيو. علي ڳڙهه جي سياسي وايو منڊل ۾ ٻه گروپ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا هئا ۽ سندس لاڙو ڪانگريس طرف ٿيو ۽ ان ۾ به کاٻي ڌر جي سوشلسٽ آدرش رکندڙن سان مير بزنجي لڳ ڀڳ چار ورهيه علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ گذاريا ۽ 1939ع جي اوائل ۾ ڪراچي (سنڌ) پهتو. سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ بزنجو جي بقول ته: "فوٽ بال تان دل کڄي وئي ۽ سياست ڏانهن رخ ٿي ويو ۽ ايئن چوڻ ۾ ڪو به حجاب محسوس نه ٿو ڪيان ته سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچي منهنجي سياسي جدوجهد ۾ آغاز جو وسيلو بڻي."

انهيءَ کان اڳ جو مير غوث بخش بزنجي جي سياسي ميدان ۾ عملي جدوجهد ۽ حاصلات کي نظر مان ڪڍون ان کان ٿورو آڳاٽي بلوچستان ۾ سياسي اوسر کي به سمجهڻ ضروري آهي.

بلوچستان ۾ جيتريقدر سياسي سجاڳيءَ جو لاڳاپو آهي ته انهيءَ حوالي سان لاشڪ هڪ نانءُ زبان تي اچي ٿو سو آهي مير عبدالعزيز ڪرد. جنهن 1928ع ۾ اتحاد بلوچان جي نالي سان هڪ زير زمين سياسي تنظيم جي جوڙ جڪ ڪئي. انهيءَ تنظيم ۾ هن سان گڏ ملڪ فيض محمد يوسف زئي، مير يوسف مگسي، محمد اعظم شاهواڻي ۽ ٻيا دست راست هئا. ان زماني ۾ مير عبدالعزيز ڪرد هڪ ڪتاب "شمس گردي" لکيو.

اهو ڪتاب رياست قلات جي وزير اعظم سر شمس شاهه بابت هئو جيڪو سخت ظالم، سفاڪ ۽ انگريزن جو خاص ماڻهو هئو. ان حد تائين جو 1935ع کان اڳ ۾ ڪنهن به سياسي رهنما يا ٻاهران رسالي ۽ ڪتاب جي اچڻ تي به پابندي لڳل هئي، جڏهن 1935ع جو انڊيا ائڪٽ پاس ٿيو ته انجمن

سازيءَ جي اجازت سرڪار ڏني. اهو هو بلوچستان جو سياسي ۽ سماجي جائزو ۽ پس منظر جنهن ۾ ميرغوث بخش سياست جي ميدان ۾ قدم رکيو.

ميرغوث بخش بزنجي جو عملي سياست ۾ آغاز به هيئن ٿيو ته 5 فيبروري 1937ع ۾ سبيءَ جي مقام تي قلات جي نوجوان ڪارڪنن قلات نيشنل پارٽيءَ جي نالي سان هڪ سياسي پارٽيءَ جو بٽياد رکيو ۽ ميير عبدالعزيز ڪرد کي نئين جماعت جو صدر ۽ ملڪ فيض محمد يوسف زئي کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ساڳي وقت 1936ع ۾ عبدالصمد خان اچڪزئي "انجمن وطن" جي نالي سان جماعت ناهي. ان کان سواءِ مولانا عبدالله جان جي سربراهيءَ ۾ جميعت علماءِ هند جي شاخ به قائم ڪئي وئي.

قلات نيشنل پارٽيءَ کي خان احمد يار خان قلات جو به مڪمل سهڪار حاصل هو. پر اڳتي هلي جڏهن پارٽي بلوچستان ۾ سردارن ۽ نوابن جي بالادستي ۽ عوام دشمن حڪمت عملي خلاف جدوجهد جي شروعات ڪئي ته خان قلات تي سردارن ۽ معتبرن جو دباءُ وڌي ويو ته قلات نيشنل پارٽيءَ تي پابندي لاڳو ڪئي وجي. انت ته 6-5 جولاءِ 1939ع تي مستونگ ۾ قلات نيشنل پارٽيءَ جو سالياڻو اجلاس ٿيو انهيءَ جلسي کي سردارن لشڪر ڪشي ڪري درهم برهم ڪري ڇڏيو. سردارن ۽ين مطالبن سان گڏوگڏ هڪ اهم مطالبو به خان احمد يار خان آڏو رکيو ته قلات نيشنل پارٽيءَ تي بندش هنئي وجي. ائين سردارن جي دباءَ هيٺ قلات نيشنل پارٽيءَ تي بندش لاڳو ڪئي وئي. هونئن مجموعي طور قلات نيشنل پارٽي، انجمن وطن ۽ جميعت علماءِ هند، ڳٺي پاڳي هندوستاني سياست ۾ اندين نيشنل ڪانگريس سان همدردي رکندڙ هيون. انڪري جيئن قلات نيشنل پارٽيءَ تي پابندي پئي ته خان احمد يارخان پنهنجا لڳ لاڳاپا مسلم ليگ سان وڌائڻ شروع ڪيا. قلات نيشنل پارٽيءَ تي بندش هٽڻ سان گڏوگڏ صدر عبدالرحيم خواجه خيل، ميرفاضل خان، مرزا فيض الله، ملڪ فيض محمد يوسف زئي ۽ ميرغوث بخش بزنجو کي قلات بدر ڪيو ويو. جنهن ڪري 1939ع کان 1942ع تائين بزنجو جلا وطن رهيو.

انهيءَ جلاوطنيءَ جي عرصي ۾ ميرغوث بخش پنهنجي سياسي ۽ فڪري ڄاڻ ۾ واڌارو ڪندو رهيو ۽ جهونن ۽ آزمود گار سياستدانن جي وچ ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪندو رهيو. 1941ع ۾ قلات نيشنل پارٽيءَ جي رهنمائن

محسوس ڪيو ته جيستائين آل انڊيا سياست سان لڳ لاڳاپا نه وڌايا ويندا، تيستائين بلوچستان جي قومي هلچل کي پنيرائي حاصل ٿي نه سگهندي، ان ڪري پارٽيءَ آل انڊيا اسٽيٽ پيپلز پارٽيءَ جي ڳڏجاڻيءَ ۾ بلوچستان بابت هڪ نظرياتي ۽ بنيادي نقطو سياسي طور اڀرندي آندو ته بلوچستان ماضيءَ ۾ ڪڏهن به هندوستان جو حصو نه رهيو آهي ۽ ان جو سنئون سڌو معاهدو 1876ع ۾ تاج برطانيا سان رهيو آهي. ان ڪري بلوچستان هڪ آزاد ملڪ رهيو آهي اهڙا مثال نيپال ۽ افغانستان آهن وغيره ... ...

برصغير ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ڇڪتاڻ جو بند دروازو ڪُلي پيو ۽ پچاڙي برصغير جي ورهاڱي تي ڇيهه ڪيو. ان سان گڏوگڏ 11 آگسٽ 1947ع تي هڪ اعلان دهلي مان نشر ٿيو جنهن ۾ حڪومت قلات جي آزادي کي تسليم ڪيو ۽ اهو به مڃيو ته رياست قلات ڪڏهن به هندوستان سان شامل نه رهي آهي پر سنوان سڌا تعلقات برطانيا سرڪار سان رهيا آهن.

جڏهن آزاديءَ جو مرحلو آيو ته مير عوث بخش بزنجو مولانا ابوالڪلام آزاد سان ملڻ ويو ته "اسان سان ته هڪ زيادتي ٿي رهي آهي ته اسان کي ڪنهن به ملڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويجي پيو جڏهن ته اسين سدائين آزاد رهيا آهيون ۽ ڪڏهن به برصغير جو حصو نه رهيا آهيون پر جاگرافيائي طور ايراني پوئي (Iranian Plataeu) سان واڳيل رهيا آهيون" پر مولانا ابوالڪلام انهيءَ سلسلي ۾ بلوچستان جي مدد ڪرڻ کان معذرت ظاهر ڪئي ۽ چيائين ته "بلوچستان پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي پوزيشن ۾ ناهي ان ڪري ائين ٿيندو ته توهان پنهنجي آزاديءَ لاءِ باهرين قوتن کان مدد ونڊوَ ۽ نتيجي ۾ انهن خارجي قوتن جو نشانو برصغير به رهندو ائين هندوستان جي آزاديءَ تي اثر پوندو جنهن لاءِ مان ڏهني طور تيار نه آهيان."

برصغير جي ورهاڱي کان پوءِ 14 ڊسمبر 1947ع تي خان آف قلات، رياست جي پارليامينٽ جي هنهي ايوانن يعني دارالعوام ۽ دارالامراءُ جو گڏيل اجلاس سڏايو ته جيئن فيصلو ڪري سگهجي ته رياست کي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي يا پنهنجي جداگانه سڃاڻپ قائم رکڻ گهرجي. انهيءَ گڏيل اجلاس ۾ مير غوث بخش بزنجو جي ڪيل تقرير مدبرانه سوچ ۽ فڪر جو ڪڪو تواريخ جي ورقن ۾ شاهڪار حيثيت رکي ٿي، انهيءَ تقرير جو تت آهي:

"ايران ۽ افغانستان وانگر اسان جي جداگانه سڃاڻپ آهي رڳو ان لاءِ

تہ اسين مسلمان آهيون ان ڪري پاڪستان ۾ شامل ٿيون تہ پوءِ ايران ۽ افغانستان ڪي بہ پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن پاڪستان اسان کي آزاد ۽ خودمختيار ملڪ مڃڻ کان انڪار ڪري ٿو ۽ سيني اصولن کي پائمال ڪرڻ گهري ٿو تہ پوءِ هر هڪ بلوچ پنهنجي آزاديءَ لاءِ سِرَ جي قرباني ڏيڻ ۾ ڪابہ هڪ محسوس نہ ڪندو."

انت تہ اسيمبليءَ جي گڏيل اجلاس ۾ اتفاق راءِ سان فيصلو ڪيو ويو تہ، رياست قلات پاڪستان ۾ شامل نہ ٿيندي پر نئين آزاد ملڪ سان برادرانہ ۽ آزادانہ تعلقات رکڻ کي پنهنجي ترجيحات ۾ شامل ڪري ٿي.

پر پاڪستان جي حڪمران طبقي 28 مارچ 1948ع تي قلات تي فوج ڪشي ڪندي الحاق ڪيو ۽ خان قلات کان زوريءَ معاهدي تي دستخط ڪرايا ويا. پاڪستان جي فوج ڪشي ۽ قلات تي قبضي کان پوءِ قلات نيشنل پارٽيءَ تي پابندي لڳائي وئي. ان سان گڏوگڏ ميرغوث بخش مزنجو، ميرگل خان نصير ۽ پين کي گرفتار ڪيو ويو. آغا عبدالڪريم (خان قلات جو نندو ياءُ) پهريائين تہ جهالاوان جي علاقي ۾ منظم گوريلا جنگ ڪرڻ جي تيارين ۾ جنبي ويو انهيءَ وچ ۾ قيد ٿيل ساٿين سان بہ رابطي ۾ رهيو، پوءِ اوچتو سرحد ٽپي افغانستان هليو ويو. اتان موٽڻ کان پوءِ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. ايئن آزاد بلوچستان جي جدوجهد جو ابتدائي باب عارضي طور پنهنجي پڄاڻي تي پهتو.

ان کان پوءِ بزنجو پاڪستان ۾ رهندي ڏڏائي ۽ ٿهرمر سان نئين صورتحال جو تجزيو ڪيو. پاڪستان جي اندر رهندي بلوچستان جي حقوقن جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد جي هڪ رٽابندي ڪئي. اهو سياسي طور غوث بخش بزنجي جي حڪمت عمليءَ جو ٻيو دور چئي سگهجي ٿو. مان هڪ ڀيري ميرصاحب سان نال ۾ ڪچهري ڪري رهيو هئس ۽ قلات تي فوج ڪشي ۽ ان کان پوءِ پيدا ٿيل صورتحال تي تبصرو ڪرڻ لاءِ چيو تہ لڳ ڀڳ هيٺين راءِ جو اظهار ڪيائين:

"بلوچستان جي عام ماڻهن ۾ انهيءَ جبري الحاق خلاف سخت تاءُ ۽ رد عمل ظاهر ٿيو. پر تنظيم سازيءَ جي ڪوٽ، سياسي سوچ ۽ فڪر جي گهٽتائي، سردارن جي وچ ۾ ڦڙ ڦوٽ ۽ انتشار، خان قلات ميراحمديار جي لالچ، بزدلي، موقعہ پرستي ۽ وطن دشمني جي ڪارڻ عوامي هلچل اثرائتي

بڌجي نه سگهي. ان ڪري حقيقت پسند صورتحال کي ذهن ۾ رکندي پاڪستان ۾ رهندي بلوچستان جي عوام جي سياسي، معاشي، قومي ۽ ثقافتي حقن جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو."

انهيءَ آئيني جدوجهد لاءِ ميدان هموار ڪرڻ ۾ پنج، ڇهه سال لڳي ويا. اهو هيئن ته آغا عبدالڪريم آزاد ٽيڻ کان پوءِ سيني ساٺين سان گڏجي 1956ع ۾ ون يونٽ خلاف "استمان گل" نالي سان پارٽي ناهي جنهن جا ترتيبوار صدر ۽ جنرل سيڪريٽري آغا عبدالڪريم ۽ ميرغوث بخش بزنجو ٿيا. پر سياسي وايو منڊل جي بيهڪ ۾ ميرغوث بخش جي تيز فهم نظرن تاڙي ورتو هئو ته ملڪ جو حڪمران طبقو جنهن جي سربراهي افسر شاهي ڪري رهي هئي سي مجموعي طور عوام جي پلائي لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ جي بدران ملڪ کي آمريڪا جي طفيلي بڻائي رهيا هئا ۽ رجعت پرست عوام دشمن ٽولا فوج افسر ۽ شاهي جي مهر جوئيءَ ۾ ساٽاري بڌجي رهيا هئا. جڏهن ته ون يونٽ جي نالي ۾ مرڪز پرست ۽ قومي حقن کان انحرافي جو هڪ جابرانه دور شروع ٿي چڪو هو انڪري لازم بڌجي پيو ته جيڪڏهن رجعت پرست ۽ استحصالي قوتون پنهنجا قرلٽ جا مورچا مضبوط ڪري رهيون هيون ته پوءِ ملڪ جي قوم پرست، ترقي پسند ۽ روشن خيال ڌرين کي به گڏجي لائحه عمل جوڙڻ ۾ ڪا به قباحت ڪانهي. نيٺ 30 نومبر، 12 ڊسمبر 1956ع لاهور ۾ هيئين پارٽين جو گڏيل ڪنوينشن ٿيو. جنهن ۾ صوبائي سطح جي پارٽين انفرادي حيثيت ختم ڪري ملڪي سطح تي پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جوڙڻ جو اعلان ڪيو ويو.

پنجاب	ميان افتخار الدين	آزاد پاڪستان پارٽي
سنڌ	جي. ايم. سيد	سنڌ متحده محاذ
بلوچستان	ميرغوث بخش بزنجو	استمان گل
سرحد	خان عبدالغفار خان	خدائي خدمتگار
بلوچستان	خان عبدالصمد خان	وروريختون

پاڪستان نيشنل پارٽيءَ ۾ مشرقي بنگال جي نمائندگي نه هئڻ برابر هئي ان ڪري مشرقي بنگال ۾ جڏهن عوامي ليگ ۾ سهروردي ۽ مولانا ڀاشاني جي وچ ۾ چڪتاڻ جي پڇاڙي جدائي جي صورت ۾ ٿي ته جولاءِ 1957ع ۾ ڍاڪا ۾ پاڪستان نيشنل پارٽي ۽ عوامي ليگ کان ڌار

ٽيل گروهه مولانا ياشاني جي سربراهيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي نالي سان قوم پرست، ترقي پسند، روشن خيال ۽ سامراج دشمن ملڪي سطح جي پارٽي وجود ۾ آئي انهيءَ پارٽيءَ جا مکيه اصول هئا:

- ون يونٽ جو خاتمو
- جمهوريت ۽ جمهوري حقن جي بحالي
- عوام دشمن معاهدن جهڙوڪ سيٽو ۽ سينٽو جي مخالفت.

انهيءَ جوڙجڪ ۾ ميرغوث بخش بزنجو کي بلوچستان جو جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو.

ميرغوث بخش بزنجو بلوچستان ۾ قوم پرست سردارن جهڙوڪ عطاءُ الله خان مينگل، نواب خيربخش مري ۽ پين کي هن نئين سفر ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو.

هاڻي ظاهري طور ايئن پئي لڳو ته 1958ع جي ايندڙ چونڊن ۾ هڪ روشن خيال ۽ عوام دوست ردوبدل اچڻ واري آهي. ان ۾ ون يونٽ جو خاتمو اهم نقطو هئو پر انهيءَ کان اڳ جو ڪا جمهوري تبديلي اچي ملڪ ۾ فوج ايوب خان جي سربراهي ۾ فوج 07 آڪٽوبر 1958ع تي قبضو ڪيو. هوڏانهن خان قلات جي سربراهي ۾ "ون يونٽ" جي خلاف ۽ رياست جي بحاليءَ لاءِ جهالاوان ۽ ساروان جي سردارن گڏجي ميرمهراب خان شهيد جي قبر تي قسم کڻي جدوجهد هلائڻ جو اعلان ڪيو پر مارشلا جي لڳڻ سان فوجون قلات ۾ داخل ٿي ويون. محلات تي بمباري ڪري خان احمد يار خان کي گرفتار ڪيو ويو ۽ قلات کي سنئون سڌو فوج جي تحويل ۾ ڏنو ويو. خان قلات جي گرفتاريءَ جي نتيجي ۾ سردارن جي اڪثريت خاموشي اختيار ڪئي پر نوروز خان زرڪ زئي مزاحمت ڪرڻ جو اعلان ڪيو. نوروز خان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ فوج زيدي جي علائقي ڏانهن روانو ٿي پر اوستائين سردار پنهنجن سائين سوڏو جبل ڏانهن رخ ڪيو ۽ جهالاوان جي علائقي تي فوج ڪشي ڪئي وئي. اهو ويڙهه جو عرصو چار ورهيه ساندهه رهيو. انهيءَ وچ ۾ ايوب خان 1962ع جي آئين تحت چونڊون ڪرايون. سرڪار حتي الامڪان ڪوشش هئي ته سندن حمايت يافته اميدوار چونڊجي اچن پر ان جي برعڪس قومي اسيمبليءَ ۾ سردار عطاءُ الله مينگل ۽ نواب خيربخش مري ڪامياب ٿيا جن جو واسطو نعپ سان هو. جهالاوان جي سياست ۾ به قيرقار اچڻ شروع

ٿي وئي. سرڪار نواب نوروز خان کي يقين ڏياريو ته جيڪڏهن جبلن تان لهي ايندؤ ته کاٻ کارروائي نه ڪئي ويندي پر جيئن ئي نواب هيٺ لهي آيو ته کيس گرفتار ڪري عدالت سيني کي سزائون ڏنيون. ستن ڇٽن کي ڦاسي ڏني وئي. نواب نوروز خان جيل ۾ وفات ڪئي. سرڪار جي انهيءَ قدم وڌيڪ نفرت کي وڌايو. انهيءَ هلچل کي قومي جنگ سڏيو ويو. ايوب خان جي سرڪار کجهه ڏينهن کان پوءِ نواب اڪبر بگٽيءَ کي گرفتار ڪيو. نواب خير بخش مري ۽ سردار عطاءالله مينگل کي قبيلي جي سربراهي کان بر طرف ڪري هٽائي پوءِ گرفتار ڪيو ويو. نتيجي ۾ جهالاوان جي علائقي ۾ هلندڙ هلچل جنهن کي رڳو "زرڪ زئي" قبيلي جي ويڙهاند سمجهيو پئي ويو. اها جنگ مري ۽ بگٽي ايراضين ۾ به پکڙجي وئي. ان سان گڏوگڏ اها تحريڪ زير زمين مسلح جدوجهد/ گوريلا جنگ جي شڪل اختيار ڪرڻ لڳي. انهيءَ تحريڪ جو مکيه نالو مير شير محمد مري عرف جنرل شيروف چئي سگهجي ٿو. جنهن جو نعرو هيو ته "هٿيار بند اڳرائي جو جواب هٿيار بند جدوجهد آهي." انهيءَ حوالي سان اجتماعي طور هڪ بلوچ قومي تحريڪ جنم ورتو ۽ هڪ عام سوچ جو دائرو وسيع ٿيڻ لڳو ته حق آزاديءَ حاصل ڪرڻ کان سواءِ نه حاصل ٿي سگهندا. ان فڪر کي آزاد بلوچستان جي تصور جو هڪ نقطهءَ آغاز به چئي سگهجي ٿو.

ايئن مجموعي طور 1958ع کان 1968ع تائين سرڪاري ۽ غير سرڪاري انگن اکرن مطابق بيشمار ماڻهو مارجي ويا ۽ هزارين لوڪ بي گهر ٿيا. ان کان به وڌيڪ انسان پنهنجي عزت ۽ آبرو بچائڻ لاءِ سنڌ ڏانهن روانا ٿيا. اهي يارنهن ورهيه بلوچستان ۾ فوج ۽ عوام جي تضاد سان تواريخ ۾ پريل آهن. فوج جي لاءِ ذهن ۾ ويهاريو ويو هيو ته اقتدار ۽ بچاءُ جي علامت آهي، جڏهن ته فوج جي روش عوام سان غيرهمدردي واري هئي ان ڪري بلوچستان ۾ عام تاثر پکڙجي ويو ته بلوچستان نه رڳو فوج جي چانوٽي آهي پر پاڪستان جي مرڪزي سرڪار به ان کي ڪالوني سمجهي ٿي ۽ بلوچن سان محڪومن جهڙو سلوڪ ڪري ٿي.

انهيءَ سموري هٿيار بند جدوجهد جو نتيجو نڪتو ته سردارن ۽ نوابن پنهنجي اقتدار کي عام ماڻهن جي مٿان ۽ پنهنجن علائقن کي ذاتي ملڪيتون سمجهندي مسلط ڪيو. جڏهن ته ميرغوث بخش بزنجو، ايوبي

مارشلا جي دور ۾ جيئن ئي فوج ڪشي ٿي ته بدنام زمانه قلي ڪئمپ ۾ وڃي قيد ٿيو جنهن ۾ مير گل خان نصير ۽ ٻيا به هن سان گڏ هئا. مير صاحب قيد ۽ بند ۾ هڪ نئين طور طريقي سان سوچڻ شروع ڪيو ته بلوچستان جي قبائلي نوابن ۽ سردارن کي جيڪي تعليم يافته هئا، انهن کي بلوچستان جي سياسي جدوجهد ۾ شامل ڪري ۽ سندن طاقت ۽ اثر رسُوخ کي استعمال ڪندي هڪ مثبت ۽ تعميري سياست جو بنياد رکي سگهجي ٿو. جنهن ڪري قلي ڪئمپ ۽ ٻين عذابن مان جند آزاد ٿيڻ کان پوءِ انهن تعليم يافته نوابن، سردارن کي بلوچستان جي سياسي وهڪري ۾ آڻڻ جي ابتدا ڪئي. اهي قبائلي سردار ۽ نواب به هوريان ڏاڍيان بلوچستان جي قومي حقن ڏانهن راغب ٿيا. بلوچستان ۾ انهن سردارن ۽ نوابن جڏهن قبائلي بندش مان ٿورو پاڻ کي آزاد ڪرايو ته قومي هيرو ۽ رهنما بڻجي ويا. انهن شخصيت ۾ نواب اڪبر بگٽي، نواب خير بخش مري ۽ سردار عطاءَ الله مينگل جا نالا کڻي سگهجن ٿا.

ائين نعپ بلوچستان ۾ هڪ مضبوط پارٽي بڻجي اُٿي ۽ 23 مئي 1966ع ۾ مير غوث بخش ڪراچي/ لسٻيلهٔ مان قومي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. مير غوث بخش، ايوبي آمريت خلاف جدوجهد ۾ اڳرو رهيو. ساڳي سال نعپ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي ۽ پاڻ ولي خان گروپ جو الهندي پاڪستان جو جنرل سيڪريٽري ٿيو. بهرحال 1968ع جي اوائل ۾ مير غوث بخش بزنجو کي گرفتار ڪيو ويو ۽ الزام هنيو ويو ته هن هٿيارن جي خريداري وقت اهڙا نوٽ ڏنا هئا جن تي "بلوچن جا حق واپس ڪريو" ۽ "ون يونٽ ٽوڙيو ويو" جا نعرا لکيل هئا. انهيءَ حرڪت کي وطن دشمني ڄاڻائيندي بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو ويو. ۽ پوءِ مير گل خان نصير کي به گرفتار ڪيو ويو ۽ ٻيا کوڙ سارا ڪارڪن حڪومتي تشدد جو نشانو بڻيا.

ايوب خان جي قومي اسيمبليءَ واري پهرين بجيٽ اجلاس ۾ مير غوث بخش بزنجي تقرير ڪندي چيو ته:

"روزانو لکين روپيا بلوچستان تي فوج ڪشي ۽ بمباريءَ تي ڪيا وڃن ٿا. ان جي باوجود به هن ملڪ ۾ تعمير ۽ ترقيءَ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ڪراچي هن ملڪ جو سڀ کان وڏو شهر آهي. جنهن جو هر ڏهون ماڻهو فوٽ پاٿ تي سمهي ٿو، مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هيءَ ڪهڙي ترقي آهي."

نعپ جي قوم پرست، ترقي پسند ۽ سامراج دشمن ڪردار جي

سياسي جدوجهد حڪمران طبقي جي رڌڻي ۾ رولو وجهي ڇڏيو هو. ان ڪري ذوالفقار علي پٽو جنهن کي ايوب خان پنهنجي ڪابينا مان برطرف ڪيو هو ان سان چيني سياست جي طرفدارن ۽ بين ترقي پسندن، جاگيردارن گڏجي نومبر 1967ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد رکيو. جيتري قدر پ- پ ۽ نعپ جي سياسي فڪر ۽ سوچ جي ڏاڙا جو سوال آهي ته پ پ جي مرڪز پرست ۽ غيرمبهم سياست جو مڪيه جزو محض معاشي جدوجهد تائين محدود هو. جڏهن ته نعپ جو بنيادي فڪر قومي (صوبن جي بحالي) ۽ اقتصادي ردوبدل آڻڻ سان هيو. ان ڪري پ. پ کي پنجاب ۾ ۽ پوءِ سنڌ ۾ ترتيب وار سهڪار حاصل ٿيو.

جڏهن ته سنڌ ۾ جناب جي. ايم. سيد جي سربراهيءَ ۾ ون يونٽ جي خاتمي لاءِ 1968ع ۾ ائٽنٽي ون يونٽ فرنٽ ناهيو ويو. نيٺ آهستي آهستي جنرل ايوب خان جي آمرانه دور جي خلاف هلچل شروع ٿي ۽ انت ته ايوب خان سياسي پارٽين سان گڏلهين جو دور شروع ڪيو. انهيءَ گڏلهين جو بائيڪاٽ پ. پ ۽ نعپ (پاشاتي) گروپ) ڪيو. انهن گڏلهين ۾ طئه ٿيو هو ته پارليامينٽرين جمهوريت بحال ڪئي ويندي.

ايوب خان چونڊن ۾ حصو نه وٺندو پر ملڪ جي اصل حڪمرانن، سياسي ڏرمان ذوالفقار علي پٽي ۽ مولانا عبدالحميد پاشاني جو سهڪار ڪيو جن صاحبن گڏلهين پولهين وسيلي مسئلن جي حل ڪرڻ جي برعڪس بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو. انت ته ملڪ ۾ هنگامه پنهنجي عروج تي پهچي ويا. ايوب خان اقتدار جون واڳون آئيني طور اسپيڪر جي حوالي ڪرڻ بدران مارچ 1969ع تي ملڪ ۾ مارشلا لاگو ڪري جنرل يحيٰ خان کي اقتدار ڏئي روانو ٿيو.

نئين فوجي جنتا سان قربت رکندڙن ۾ پارٽين مان پهرين نمبر تي مسلم ليگ (قيوم گروپ)هي نمبر تي پ.پ هئا. ملڪ جي سياسي وايو منڊل ۾ مرڪز پرست، مذهب پرست پارٽيون جهڙوڪ: مسلم ليگ جا سيئي گروهه، مذهبي جماعتون جماعت اسلامي، جميعت- العلماءِ اسلام، جميعت العلماءِ پاڪستان فڪري لحاظ کان هڪ پاسي هئا، هي پاسي مرڪز گريز سياست جا طرفدار عوامي ليگ، نعپ ۽ جڏهن ته پ.پ وچٿروحڪمت عملي جي پوئواري ڪري رهي هئي.

بهرحال ملڪ جي حڪمران طبقن يعني فوج ۽ بيورو ڪريسيءَ ۽ ان سان گڏوگڏ مرڪزپرستن لاءِ خطري جي گهنٽي هئي ته مشرقي پاڪستان ۽ ٻيا ننڍا صوبا جهڙوڪ: سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمختياري ۽ ون يونٽ جي خاتمي لاءِ اتفاق راءِ رکن ٿا. ان ڪري جنرل يحيٰ خان ظاهري طور تي اهم فيصلا ڪيا:

1. ون يونٽ جو خاتمو
2. هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جو سرشتو
3. چونڊن ڪرائڻ جو اعلان.

اڳتي ريت ڊسمبر 1970ع ۾ فوجي جنتا چونڊون ڪرايون ۽ نتيجي ۾ عوامي ليگ ملڪي سطح تي هڪ اڪثريتي پارٽي طور چونڊجي آئي. پنجاب ۽ سنڌ ۾ پ-پ کي برتري حاصل ٿي، جڏهن ته سرحد ۽ بلوچستان ۾ ترتيبوار نعپ، جميعت العماءِ اسلام ۽ مسلم ليگ (قيوم گروپ) کي سرسي حاصل ٿي. بلوچستان ۾ قومي اسيمبلي جي ڇهن سيٽن مان نعپ کي ٽي سيٽون مليون. انهن چونڊجي ايندڙن ۾ ميرغوث بخش بزنجو، ڊاڪٽر عبدالحئي ۽ نواب خيربخش مري هئا. پر حڪمران طبقي يعني فوج، نوڪر شاهي ۽ جاگيردار ذهنيت سياستدانن عوامي ليگ کي اقتدار نه ڏيڻ جو فيصلوڪري ڇڏيو هو.

ان ڪري مارچ 1971ع تي ايرندي پاڪستان تي فوجي چڙهائي ڪئي وئي ۽ ان سان گڏوگڏ نعپ تي به پابندي مڙهي وئي. 16 ڊسمبر 1971ع تي بنگال جدا ٿي ويو ۽ باقي پاڪستان ۾ ذوالفقار علي ڀٽو تواريخ جو پهريون شهري چيف مارشلا ائڊمنسٽريٽر ٿيو. فوجي جنتا جي حڪمت عمليءَ کي بنگال ۾ شڪست ملڻ کان پوءِ کين مجبور ٿي اقتدار جي پهرين ڊاکي کان عارضي طور هيٺ لهي بيهڻو پيو.

ذوالفقار علي ڀٽي ابتدا ۾ مثبت سياسي پيش رفت اختيار ڪندي - نعپ تان پابندي کنئي ۽ سيني ڏرين سان ڳالهين ٻولهين وسيلي سياسي مسئلن کي طئ ڪرڻ ڏانهن ڏيان ڏنو. انهيءَ وچ ۾ نعپ جو پشاور ۾ ڪنوينشن ٿيو. جنهن ۾ پارٽيءَ جي اندر سخت گير ۽ انتها پسند موقف ڇڏي ايري آيو. انهيءَ نقطئ نگاهه جي طرفداري سردار عطاءُ الله مينگل، نواب خيربخش مري ۽ ڊاڪٽر اعزاز نظير وارا ڪري رهيا هئا. انهيءَ سخت موقف

رکندڙن جي راءِ هئي ته پٽو سرڪار ايڏي مضبوط ڪانهي ان ڪري ڪنهن به ٽاهه ڪرڻ جي ضرورت نه پر علحدگيءَ جي حق تائين جدوجهد ڪرڻ گهرجي ان جي برعڪس ميرغوث بخش بزنجي جي راءِ هئي ته "پٽو سرڪار ايتري ڪمزور ڪانهي ان کي فوج جو مڪمل آشيرواد ۽ آمريڪا جو سهڪار آهي. ان ڪري جيڪڏهن اختلاف آهن ته اهي ويهي طئه ڪرڻ گهرجن ۽ موجوده صورتحال ۾ ڪابه علحدگيءَ جي تحريڪ ڪامياب نه ٿيندي چو ته ان لاءِ حالتون سازگار ڪونهن. ڪجهه سردارن جي هجڻ سان مجموعي صورتحال ۾ فرق ڪونه ٿو اچي، ماضيءَ ۾ اهڙي مهم جوئي ڪئي وئي آهي پر انجو ڪو به ڪڙ تيل ڪونه نڪتو آهي. مان اوهان کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي حڪمت عملي سان سنياڻي پير نه ڪنيا ته پوءِ ائين ٿيندو ته فوج ۽ پٽي جي وچ ۾ سهڪار وڌيڪ مضبوط ٿيندو ۽ مستقبل ۾ پٽي جي آمرانه قدمن ۽ جابرانه حڪمت عملي جي ڪري ولي خان جهڙو ڇهن فوٽن کان به قد آور همراهه پنهنجي ڪَلَ بچائڻ لاءِ رجعت پرست قوتن جي پاڇي ۾ پناهه وڃي ونندو"

پشاور ڪنونشن ۾ مجموعي طور ميرغوث بخش بزنجو جي حڪمت عملي کي پذيرائي حاصل ٿي، پر طنزيه طور ڪيس "باباءِ مذاڪرات" جو نالو ڏنو ويو.

اهڙي ريت ذوالفقار علي پٽو جنهن پهريائين سيني صوبن ۾ پنهنجا گورنر مقرر ڪيا هئا. ان جا نعم ۽ جميعت سان مذاڪرات عارضي طور ڪامياب ٿيا.

بلوچستان ۾ 30 اپريل 1972ع تي ميرغوث بخش بزنجو گورنر ٻڌجي آيو. 01 مئي 1972ع تي سردار عطاءُ الله مينگل بلوچستان جي وزيراعليٰ جو عهدو سنياليو. انهي وچ ۾ ذوالفقار علي پٽو اڪثريت سان 1973ع جو آئين ٽاهڻ ۾ سوياروٿي ويو. آئين ٽاهڻ ۾ ميرغوث بخش بزنجي جو مرڪزي ڪردار رهيو پر جيئن ئي پاڪستان جا اصل حڪمران جن جي ايجنڊا ۾ هڪ ئي نقطو رهيو آهي ته ملڪ ۾ جمهوريت ۽ جمهوري ادارن کي ڪنهن به حالت ۾ مضبوط ٿيڻ نه ڏجي ۽ ملڪ جي عام ماڻهن جي پلائي ۽ بهبود لاءِ ڪنهن به سرڪار کي پنهنجو مدو پورو ڪرڻ نه ڏجي ته انهن پنهنجا ڪرتب ڏيکارڻ شروع ڪيا. جو ته پاڪستان تي پنهنجي سفاڪانه سوچ سان زوريءَ ٻڌجي ويل حڪمرانن جي منشا مطابق هڪ ته

ڀارت جي قبضي مان جنگي قيدي موٽي آيا ٻيو ته آئين به تيار ٿي چڪو هوپر آئين جي ڀڃڪڙي ڪرڻ لاءِ ابتدا ڪئي وئي. اهو هيئن ته بلوچستان ۾ پنهنجي حامين وسيلي امن امان جي صورتحال پيدا ڪرائي وئي جنهن کي بلوچستان حڪومت منهن ڏيڻ لاءِ سخت گير پاليسي اختيار ڪئي. ان لاءِ سازش ڪئي وئي ته عراق جي معرفت بلوچستان ۾ هٿيار اچن پيا جنهن ڪري آزاد بلوچستان لاءِ گوريلا جنگ جون تياريون ٿي رهيون آهن. انهيءَ طرز جي تهمتن جو وزيراعليٰ بلوچستان سخت نوٽيس ورتو ۽ مير غوث بخش بزنجو اسلام آباد ۽ بلوچستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ جي صورتحال کي ڳالهه ٻولهه وسيلي طئه ڪرڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ شروع ڪئي. هونئن به جيتوڻيڪ ذوالفقار علي ڀٽو ظاهري طور ته هڪ آزاد حڪمران هو پر اندروني طور اسٽيبلشمينٽ جي ڄار ۾ ڦاسي چڪو هو. ڇو ته هو پنهنجي اقتدار تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ڪونه هيو. ان ڪري بلوچستان ۾ فوج ڪشي شروع ڪئي وئي. بزنجو 15 فيبروري 1973ع تي گورنر جي عهدي تان استعيفا ڏئي ڇڏي. ان سان گڏوگڏ بلوچستان جو نئون گورنر نواب اڪبر بگٽي بڻيو. مير غوث بخش ان کان پوءِ قومي اسيمبليءَ ۾ نعپ جو پارلياماني ليڊر ٿيو. هوڏانهن سرحد سرڪار به بلوچستان ۾ کنيل غير آئيني ۽ غير قانوني قدم تي احتجاج طور استعيفا ڏئي ڇڏي.

انهيءَ صورتحال هيٺ مرڪزي سرڪار نعپ تي بندش هڻي آگسٽ 1973ع ۾ مير غوث بخش سان گڏوگڏ خان ولي خان، نواب خير بخش، سردار عطاءُ الله مينگل، ارباب سڪندر خليل ۽ ٻين کي گرفتار ڪري بغاوت جا ڪيس داخل ڪيا ۽ بلوچستان ۾ فوجي آپريشن کي تيز ڪيو ويو.

انت ته ڀٽو سرڪار سپريم ڪورٽ ۾ ريفرنس داخل ڪرائي نيشنل عوامي پارٽيءَ تي 1975ع ۾ پابندي هڻائي ڇڏي ۽ نعپ جي گرفتار ٿيل ليڊرن کي حيدرآباد منتقل ڪري "حيدرآباد ٽربيونل" جوڙي مٿن ملڪ خلاف سازش ۽ بغاوت جو مقدمو هلايو ويو. انهيءَ ٽربيونل ۾ مير غوث بخش هڪ ذميوار انسان جي حيثيت سان تواريخي تقرير ڪئي جنهن جو تت هيئن هيو:

"اسان تي الزام تراشي ڪئي پئي وڃي ته نظريه پاڪستان جا مخالف آهيون. مان پڇڻ گهران ٿو ته نظريه پاڪستان ڪو ماڻهو آهي، جنهن جو ڪو خاص نظريو آهي. مان دعويٰ سان چوان ٿو ته يحيٰ خان کان پهريائين

مسلم ليگ جي ڪنهن به رهنما پوءِ اهو جناح صاحب هجي، لياقت علي خان هجي، نظريه پاڪستان جو نالو ڪونه ورتو آهي. نظريه پاڪستان جي نالي سان ڪا شيءِ نه پهريائين هئي ۽ نه وري هاڻي آهي.

ايان به چيو وڃي ٿو ته اسان ۾ قومي نظريي جا مخالف آهيون ته پوءِ جناب سمجهڻ گهرجي پاڪستان بڻجڻ کان پوءِ به قومي نظريي جي ڪهڙي حيثيت آهي. مان جيڪڏهن ڏوهاري آهيان ته پلي قاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيو. به چار بزنجو مري ۽ مينگل قاسي چڙهي ويندا ته چا ٿيندو اوهان وٽ ته ڪوڙ سارا مجدد ۽ معتبر وينا آهن."

بغاوت جو مقدمو ڏيکاءَ واسطي هلندو رهيو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو فوج جي ايجنڊا مطابق سياسي ڏرين سان ڦٽائڻ ۾ محو ۽ نوڪر شاهي ۽ فوج کي پنهنجو رفيق ۽ گهٽگهرو سمجهندو رهيو. انهيءَ صورتحال ڇيهو وڃي ڪيو ته فوج جي سربراهه جنرل ضياءَ چونڊيل سرڪار کي 05 جولاءِ 1977ع تي روانو ڪري ملڪ ۾ مارشلا لاڳو ڪري ڇڏي ۽ ذوالفقار علي ڀٽو کي گرفتار ڪيو. ان چوڻ ۾ ڪوبه وهم ۽ گمان ڪونهي ته فوج آئين جي پڇڙي ڪندي، اهو قدم ڪنيو هيو ان ڪري ملڪ ۾ پنهنجي حيثيت کي جائز ڄاڻائڻ ۽ عاقبت بچائڻ لاءِ، ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ جن به سياسي مخالفن کي بنديخانن ۾ وڌو ويو يا نظربند ڪيو ويو هو انهن کي آزاد ڪرڻ ۽ بلوچستان ۾ عام معافي جو اعلان ڪيو ويو. انهيءَ حوالي سان حيدرآباد ٽربيونل کي ختم ڪيو ويو ۽ ٽربيونل جا باندي به آزاد ڪيا ويا. انهن آزادي ماڻيندڙن ۾ ميرغوث بخش بزنجو به هو. 5 فيبروري 1978ع تي آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ ساڻين جي صلاح ٿواب سان نئشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. جنهن جو سربراهه سردار شيرباز مزاري هئو. اسان اڳ ۾ ئي اين ڊي پي ۾ شامل ٿيا هئاسون. خان عبدالولي خان به اين. ڊي. پي ۾ شامل ٿيو. پر اين. ڊي. پيءَ جي گڏجاڻين ۾ چٽو فرق ٿي ٻيٽو هو ته پختونن ۽ بلوچن جي ٻڌيءَ جي شفاف شيشي ۾ وار جهڙي وٿي پيدا ٿي چڪي هئي. جو ته پختون لابي جنهن جي سربراهي ولي خان ڪري رهيو هو سا حڪمران طبقي کان مراعتون حاصل ڪري سياسي رَوش ۽ جدوجهد ۾ سرد مهري اختيار ڪرڻ لاءِ نيم رضا مند بڻجي وئي هئي. ولي خان جي سامراج دشمن استيبلشمنٽ مخالف حڪمت عملي جيڪا ڪيس. خان عَبدالغفار کان ورثي ۾ ملي هئي ان تان

هٿ کٽڻ لاءِ تيار ٿي ويو جڏهن ته بلوچ لابي پنهنجين روايتن مطابق عوام دوست ۽ جمهوري جدوجهد تان هٿ کٽڻ لاءِ تيار نه هئي. انهيءَ دور ۾ هڪ صدين جو فطرتي اتحاد نمودار ٿي رهيو هو جنهن جي دائري ۾ سنڌ ۽ بلوچستان ويجهو اچي رهيا هئا. ان اتحاد جي تواريخي دوستيءَ جي هٿ وڌائڻ ۾ اسان سڀ شامل هئاسون. انهيءَ اتحاد جي سرواٿي ميرصاحب ڪري رهيو هو. جڏهن ته سردار عطاءُ الله مينگل ۽ انهيءَ حڪمت عمليءَ شامل هيو ۽ نواب خير بخش مري حيدرآباد جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ سياسي وايومنڊل کان لاتعلق ٻڌجي ويهي رهيو.

هوڏانهن خان ولي خان جي ايجنڊا ۾ هئو ته پهريائين احتساب ۽ پوءِ انتخاب (چونڊون) ۽ ميرغوث بخش جو نقطه نگاهه هيو ته هڪ فوجي سرڪار جنهن آئين جي پيڪڙي ڪندي اقتدار تي قبضو ڪيو آهي. ان کي ڪو به حق ناهي ته ڪنهن جو به احتساب ڪري ۽ فوج کي چونڊون ڪرائي اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪرڻ گهرجي. انهيءَ چونڊيل سرڪار کي حق آهي ته احتساب جو عمل شروع ڪري. اهڙي اختلاف راءِ تان پختون ۽ بلوچ سياست جون راهون ۽ رند ڌار ٿيڻ جا چتا آثار ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويا ۽ بلوچ سياست جو ملڪي سطح تي نئون اتحادي، سنڌي ٻڌجي رهيو هو.

فيبروري 1979ع ۾ ڪوئيٽا ۾ اين. ڊي. پيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جي آخري ڀرپور گڏجاڻي زير صدارت سردار شيرباز مزاريءَ جي ٿي گذري. جنهن ۾ پختون، سنڌي ۽ بلوچ سياستدانن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ عروج تي پهچي وئي ۽ رات جي پيٽ ۾ ميرغوث بخش بزنجو کي نيا پوملي ويو ته جيڪڏهن ولي خان جي نقطه نگاهه سان اختلاف آهي ته اوهان کي جدا ٿيڻ جو اختيار آهي اهو هڪ قسم جو مهذب نموني ميرغوث بخش بزنجو ۽ سندس ساٿين کي جدا ٿيڻ جو اشارو/ فرمان هو. انهيءَ ڇڪتاڻ ۾ سردار شير باز مزاري مصلحت خاطر يا ڪنهن اندروني جذبي جي ڪري ولي خان لابيءَ سان سات ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

انهيءَ وچ ۾ افغانستان جي قبائلي معاشري ۾ هڪ اتساهيندڙ رودوبدل آئي يعني "انقلاب ثور" اهو هيئن ته 27 اپريل 1978ع تي سوويت يونين جي مدد سان سردار دائود خلاف پرچم ۽ خلق پارتيءَ وارن اتل آندي ۽ نور محمد تره ڪي صدر نامزد ٿيو. انهيءَ انقلاب جي ولي خان پڻ مخالفت

ڪئي. اهڙي ريت ولي خان جي حڪمت عملي ۾ اٽسڌي طرح فوج سان سهڪار ۽ انقلاب ثور جي مخالفت ۾ اهم نقطا هئا جيڪي بلوچ ۽ پختون سياست ۾ جدائيءَ جو ڪارڻ بڻيا. ان کان پوءِ تواريخ ۾ هڪ دردناڪ واقعو ظهور پزير ٿيو. 4 اپريل 1979ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي کي فوجي سرڪار، پاڪستان جي اعليٰ عدالت جي فيصلي مطابق قاسي ڏني وئي.

بهرحال مئي 1979ع ۾ مستي خان هائوس ۾ سردار عطاءُ الله مينگل ۽ مير غوث بخش بزنجو اين ڊي پي کان جدا ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ انهيءَ کان پوءِ ڪراچيءَ جي فردوس ڪالونيءَ ۾ ٻه روزه ڪنوينشن ڪري 01-02 جون 1979ع تي پاڪستان نيشنل پارٽي مير غوث بخش بزنجو جي سربراهيءَ ۾ جوڙي وئي اسان سيئي به شامل ٿياسون.

پاڪستان نيشنل پارٽي جي پروگرام ۾ قومي سوال، سامراج مخالف ۽ قومي جمهوري انقلاب آڻڻ مکيه نقطا شامل هئا.

ايڄا پاڪستان نيشنل پارٽي جي جوڙجڪ ۽ رٿا بندي جي مَسُ ڪاغذن تان سُڪي به ڪانه هئي ته سردار عطاءُ الله مينگل لاتعلقيءَ ۽ سرد مهريءَ جو رويو اختيار ڪيو. ان جومکيه ڪارڻ هيو ته سردار صاحب ذهني طور طبقاتي حوالي سان مير غوث بخش بزنجو جي سربراهي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو انڪري ڪجهه ويجهن ساٿين جن کي مُهم جو به چئي سگهجي ٿو انهن سردار عطاءُ الله مينگل جي ذهن ۾ نقطو اپاري وڏو ته جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي سياست جو تجربو ماضيءَ ۾ نعب جي حوالي سان ڪري ڇڪا آهيون ان مان بلوچستان کي تباهي، بربادي ۽ خونريزيءَ کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيو آهي. ان ڪري آزاد بلوچستان جي لاءِ ملڪ کان باهر راءِ عامه کي هموار ڪرڻ گهرجي. مطلب ته نواب خير بخش مري پنهنجي قبيلي سوڏو افغانستان ۽ سردار عطاءُ الله مينگل لنڊن پاڻ هرتو جلاوطني (SelfExile) ڪئي. انهن ٻنهي ڇڻن/ صاحبن باهر وڃي ڪيترو ڪم ڪيو سو هيئن ته نواب خير بخش، افغانستان سرڪار جو مهمان ٿي وڃي رهيو ۽ پنهنجي ذاتي مشغولين ۾ مصروف ٿي ويو سردار عطاءُ الله مينگل لنڊن ۾ رهندي پهريون ڊاڪو لهي ممتاز علي ڀٽي جي ڌاهيل سنڌي، بلوچ، پختون فرنٽ ۾ شامل ٿيو پر ان ۾ به جالي نه سگهيو ۽ پوءِ انهن ٻنهي محترم هستين جو نشانو غوث بخش بزنجو بڻيو، جنهن ۾ نواب اڪبر بگٽي به شامل ٿيو.

بهرحال غوث بخش بزنجو لڏپلاڻ جي سياست کي رد ڪندي ملڪ ۾ رهندي ڪردار ادا ڪرڻ کي ترجيح ڏني، پر مهم جوئي ۽ خيالي سياست ڪندڙ ماڻهن ميرغوث بخش بزنجي جي نئين سياسي طريقہ ڪار سان اختلاف رکندي هڪ جدا ڍڳ اختيار ڪيو. اهو هيئن ته آزاديءَ جي لاءِ هموار ڪرڻ جي ابتڙ مهم جوئي کي ترجيح ڏني، انهيءَ مهم جوئي جو انت ٿيو ته حميد بلوچ کي 11 جون 1981ع ۾ قاسي ڏني وئي ۽ هڪ وڏيڪ شهيد جو اضافو ٿيو. سنڌ ۾ بہ ساڳئي صورتحال هئي. اسان جڏهن ميرغوث بخش بزنجو جا جلسا سڄي سنڌ ۾ شروع ڪيا ته جيئي سنڌ تحريڪ جي مولانا عبدالواحد آريسر جي هدايتن مطابق جلسن کي درهم برهم ڪرڻ ۽ نعريبازيءَ جو ڪارج شروع ٿي ويو. مون کي ياد آهي ته لاڙڪاڻي ۾ گڏجاڻي کي درهم برهم ڪرڻ لاءِ بہ نعرا هنيا ويا هئا. ۽ جڏهن ميرغوث بخش تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو ته تواريخي جملا چيا هئا ته "انتها پسند ساڄي ڌر جو هجي يا کاٻي ڌر جو، اهو هميشہ موقعي پرست هوندو آهي." اهڙي ريت پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي سربراهہ ميرغوث بخش بزنجو ضيا جي مارشلائي آمريت ۽ جبر جي خلاف جلاوطني اختيار ڪرڻ جي برعڪس جمهوري قوتن سان گڏجي مقابلو ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو. انهيءَ وچ ۾ مارشلا سرڪار جي خلاف جمهوري قوتن جو اتحاد "تحريڪ بحالي جمهوريت" يعني ايم. آر. ڊي وجود ۾ آئي، پر ان ۾ پي، اين، پي شرڪت کان انڪار ڪيو چو ته رڳو هڪ نقطو هئو ته مارشلا جو خاتمو ۽ جمهوريت جي بحالي. پر جمهوريت جي وضاحت ۽ تشريح کانہ ڪيل هئي. نيٺ ميرغوث بخش بزنجو پنهنجي سياسي ساڃاهہ سان ايم. آر. ڊي جي قيادت ۽ خاص ڪري پ- پ وارن کي مجائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته جمهوريت جو مقصد مڪمل صوبائي خودمختياري ۽ قومن/ قوميتن کي حقوق ڏيڻ ضروري آهي. اهڙي عهدنامي/ ناهہ تي سڀني پارٽين صحيحون ڪيون. انهيءَ ناهہ ۾ چاڻايو ويو ته جيڪا بہ پارٽي اقتدار ۾ ايندي اها، صوبائي خود مختياري کي پنهنجن ترجيحن/ اوليت ۾ شامل ڪندي. پر ٿيو ايئن جو جڏهن 1988ع ۾ پ-پ کي اقتدار مليو ته صوبائي خودمختياري جو ڪيل معاهدو عمل ۾ ڪونہ آيو. ان جي برعڪس فوج کي جمهوريت بحال ڪرڻ لاءِ تمغا پارايا ويا.

مارشلا سرڪار خلاف جدوجهد 1983ع ۾ شروع ٿي وئي. انهيءَ

جدوجهد /هلچل جي اڳواڻي سنڌ ڪري رهي هئي. اها جدوجهد ملڪ جي ٻين حصن ۾ به چوپر ڪري رهي هئي. پر سنڌ جو عام ماڻهو انهيءَ تحريڪ ۾ شامل ٿي ويو. مان ماضيءَ جي سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ۾ سنڌ جي مفاد پرست پيرن وڏيرڪي طبقي کي به شامل ٿيندو ڏسي رهيو هئس. ميرغوث بخش بزنجو کي ليارياءَ (ڪراچيءَ) مان جلوس جي اڳواڻي ڪندي گرفتار ڪري سنڌ بدر ڪيو ويو. پوءِ وري کوئيٽا ۾ جلوس جي اڳواڻي ڪندي گرفتار ڪري گهر ۾ نظربند ڪيو ويو. سنڌ ۾ پي، اين، پي جو مڪيه ليڈر شاهه محمد شاهه روايتي طور گهر/ غائب ٿي ويو. بقول سندس پارٽيءَ جي لاءِ ٻاهر رهي ڪم ڪرڻ ضروري آهي. جڏهن ته انجي برعڪس جيڪي به ٻيا دوست هئا انهن جي اڪثريت مون سان اتفاق راءِ ڪندي گرفتاري پيش ڪئي. نيٺ وڏيرن جي اڪثريت وجي فوجي سرڪار جي پيش پئي. محترمه بينظير پٽو ڪن جي آپريشن جي سلسلي ۾ ملڪ ڪان ٻاهر هلي وئي، ۽ ايم. آر. ڊي جي عوامي اڀار کي ۽ خاص ڪري سنڌ جي ماڻهن کي سندن رهنما روهه ۾ رولي غائب ٿي ويا ان کي ٿورن لفظن ۾ خوف، ڊپ ۽ پنهنجن مفادن کي طبقاتي طور اوليت ڏيڻ چئي سگهجي ٿو. ۽ جنهن کي لاشڪ ته ويساهه گهاتي ڪرڻ پڻ ليکي سگهجي ٿو.

مان جيل منجهان 12 اپريل 1984ع تي آزاد ٿيس ۽ پن تن ڏهاڙن ڪان پوءِ ميرغوث بخش بزنجو سان ملڻ سندس ڳوٺ نال ويس. منهنجي نيم ۾ ڏينهن جو آس پاس جا علائقا ميرصاحب سان گڏجي گهمڻ ۽ رات جو سياست ۽ تواريخ تي ڏگهيون ڪچهريون ڪرڻ شامل هئو. مان ايئن محسوس ڪندو هيس ته ميربزنجو سياسي تجربي ۽ تواريخ جي بنيءَ مان پڇي راس ٽيل هن دور جو مهاتما ٿڌ آهي. هو دلي طور هڪ ئي وقت بلوچ ۽ انسان دوست ۽ نفرت ۽ تشدد جي سياست ڪان ڪوهين ڏور هيو. مون کي ياد آهي ته جڏهن سنڌ ۽ سموري ملڪ جي صوتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ويناسون ته چيائين "ايم. آر. ڊي جي هلچل جي اڳواڻي سنڌ ڪئي آهي. اسان سيئي سنڌ جا طفيلي آهيون، باقي طبقاتي حوالي سان رهنمائن جيڪا بي وفائي ڪئي اهو به هڪ تواريخ جو منفي ورق آهي ۽ هاڻي به سنڌ کي مستقبل ۾ سرواڻي ڪرڻي آهي. چوته سنڌ جي سياسي اٽل پٽل ۾ هڪ وچولو طبقو اپري رهيو آهي... ..."

انت تہ ايم. آر. ڊي جي هلچل جيڪڏهن پنهنجي منزل مقصود تائين پهچي دور رس نتيجا حاصل ڪري نہ سگهي تہ بہ فوجي آمريت جي ديوار ۾ ڏارون وجهي ڇڏيون ۽ ڏيکاء واسطي 1985ع ۾ غيرجماعتي بنيادن تي چونڊن جو سانگ رچايو ويو. اصل ۾ فوجي سرڪار پنهنجي حڪمت عملي مطابق ملڪ ۾ برادري طرز ۽ جاگيردارانہ سياست کي ڪارگر سمجهندي اهو قدم کنيو. پي. اين. پي انهن چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندي احتجاج درج ڪرايو. پر پي، اين، پي سنڌ جو صدر عبدالحميد جتوئي پنهنجي سوچ ۽ فڪر جي حوالي سان غيرجماعتي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ ڪيس صدارت تان برطرف ڪيو ويو.

اڳتي هلي پوءِ ميرغوث بخش بزنجو ۽ اسان سيني محسوس ڪيو تہ جيستائين ملڪ ۾ روشن خيال، آزاد خيال ۽ ترقي پسند ڌرين جو ڳڏيل اتحاد وجود ۾ نہ ٿو اچي اوستائين مرڪز پرست ۽ مذهبي پارٽين سان مقابلو ڪري نہ ٿو سگهجي. انهي نقطي کي اڳتي وڌائڻ لاءِ جڏهن ميرغوث بخش ابتداء ڪئي تہ ڪيس پنجاب جو ايجنٽ، پنجاب جي لسيءَ جو شوقين ۽ بلوچ ڪاز جو مخالف جا طعنا ۽ مِهٽا سَهڻا پيا. پر جڏهن 06 فيبروري 1986ع ۾ ملتان ۾ پي، اين، پي فيصلو ڪيو تہ سرائڪي ڳالهائيندڙ تواريخي طور طبعي حدبندي، تهذيب، ثقافت ۽ ٻولي جي لحاظ کان هڪ جدا وحدت آهن. جنهن کي زوريءَ لشڪر ڪشيءَ وسيلي قبضو ڪري پنجاب سان شامل ڪيو ويو هيو. ان ڪري اڄ کان وٺي پي، اين، پي ۾ سرائڪي وحدت جي جداگانہ نمائندگي هوندي. انهيءَ موقف تي پنجاب جي ڪجهہ دوستن ناراضگي جو اظهار ڪندي چيو تہ ٿي سگهي ٿو پنجاب ۾ اسان کي محاذ آرائي سان مد مقابل ٽيٽو پوي پر پي، اين، پي جي ليڈرشپ جي راءِ هئي تہ تواريخي حقيقتن تي پردو وجهڻ بہ گناهہ عظيم آهي.

ان کان پوءِ جلسہ عام ۾ تقريرون ٿيون جن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ جو هڪ جداگانہ موقف هيو تہ پي، اين، پي کي 1940ع جي قرارداد مطابق خودمختياري جي طلب کان هٽ ڪٽي حق خود اختياري ۽ بشمول علحدگي جو اعلان ڪرڻ گهرجي وغيره وغيره. ان کان سواءِ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا دوست جيڪي پي، اين، پي ۾ شامل هئا انهن بہ انهيءَ ساڳي راءِ تي زور ڀئي ڏنو. انهيءَ ڏينهن ملتان ۾ پي، اين، پي ۾ بہ انتها پسند لاڙا آمهون سامهون

اچي ويا. هڪ پنجاب جي بالادستي کان ڪيبائيندي اعتراف ڪري رهيو ۽ ٻيو هڪ تہ آزادي ۽ علحدگيءَ کانسواءِ ڪوبہ رستو ڪونهي ۽ ظاهري طور ائين پئي لڳو تہ اڄ پي، اين، پي حصن پتين ۾ ورهائجي ويندي، پر جڏهن مير غوث بخش پنهنجي صدارتي تقرير ڪئي تہ صورتحال کي ايترو چٽو ۽ واضح ڪري بيهاريو جنهن کي حقيقت پسندي ۽ سچائي چئي سگهجي ٿو. سندس تقرير جو لب لباب هيئين ريت هيو:

"انتها پسندي ۽ مهم جوئي واري حڪمت عملي قومي جدوجهد ۾ زهر قاتل آهي. پنجاب جي مهم جو صاحبن جي ذهن ۾ اهو خناس پريل آهي تہ هو ننڍين قومن تي مسلط رهندا تہ اها سندن پُل آهي. سرائڪي هر لحاظ کان هڪ قوميت آهن. ۽ قوميتن جي حقن کي پائمال ڪري نہ ٿو سگهجي. جيڪڏهن وفاق قائم رکڻو آهي تہ پنجاب کي پنهنجي روش ۽ طور طريقن تي نظرثاني ڪرڻي پوندي، انڪري اسان کي ڏڻائي ۽ ٿهرم سان پنهنجي سوچ ۽ فڪر کي عوام سان لاڳاپيڻ ۾ئي مثبت موت ملي سگهندي. انتها پسند ساڃي ڏر جو هجي يا ڪاهي ڏر جو اهو هميشہ موقعي پرست هوندو آهي، ۽ ياد رکو تہ موقعي پرستيءَ جو مرض قومن جي تباهيءَ ۽ معاشري جي زوال جو مکيہ ڪارڻ هوندو آهي... ..."

سرائڪي وحدت کي پي، اين، پي طرفان هڪ جداگانہ قوميت جي مڃتا ڏيڻ کان پوءِ حڪمران طبقي جي رنڊڻي ۾ رولو پوڻ لازمي هو. جو تہ حڪمران طبقو پنجاب جي اوٽ جو نقاب پائي پنهنجن مفادن جو نگهبان بڻجندو آيو پئي ۽ انهي صورتحال کان بہ واقف هيو تہ پي، اين، پي يا ان کان ٻاهر بہ اهڙا موقعي پرست ۽ انتها پسند موجود آهن جن کي مير بزنجي جي سوچ ۽ فڪر خلاف استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ سڌي يا اڻسڌي طرح لاءِ رڪابندي سان هڪ جار وڇايو ويو.

انهيءَ وچ ۾ عالمي صورتحال ۾ ردوبدل جا آثار نمودار ٿيڻ لڳا. افغانستان ۾ آمريڪا ۽ سوويت يونين جي وچ ۾ سرد جنگ پنهنجي منطقي انجام ڏانهن سرڪي رهي هئي. اهو هيئن تہ جيئن ويٽنام ۾ آمريڪا کي مات ملي جو روانگيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ رستو ڪونہ رهيو ساڳي ريت سوويت يونين بہ پنهنجي جارحانہ ۽ فوجي حڪمت عمليءَ جي حوالي سان شڪست جي ويجهو هيو. انهيءَ سرد جنگ ۾ پاڪستان ۽ افغان انتها پسند

آمريڪا جي حڪمت عمليءَ جو پرزو بڻجي ويل هئا ۽ آمريڪا ۽ سوويت يونين جي ڇڪتاڻ کي اسلام ۽ ڪفر جي جنگ جو نالو ڏنو ويو هو. سوويت يونين جي اندروني جوڙجڪ ۾ بہ ڏڪيڙ ۽ بي آرامي پيدا ٿيڻ لڳي. پاڪستان ۾ محمد خان جوڻيجو جيڪو غير جماعتي بنيادن تي چونڊيل نمائندن جي پنيرائي سان وزيراعظم جي عهدي تي پهچي چڪو هو. ان ڪمزور وزيراعظم اڈوگابري اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ تي اهم ڪارنامو سرانجام ڏنا ۽ اهي ٻئي قدم سندس وزارت عظميٰ تان برطرفيءَ جو باعث بڻيا:

1. جنيوا معاهدو ڪري افغانستان مان روسي فوجن جي روانگي ۽ امن قائم ڪرڻ.
2. اوجهڙي ڪئمپ جي تباهي لاءِ جانچ جو حڪم.
3. سياسي پارٽين سان گڏالهه ٻولهه جي لاءِ دوراڙا ڪولڻ.

انهي حوالي سان محمد خان جوڻيجو سياستدانن جي گڏيل گول ميز ڪانفرنس گهرائي، جنهن ۾ اعتراف ڪيو تہ ملڪ سياسي ۽ معاشي طور تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪو آهي. ان لاءِ اسان سڀني کي گڏجي ڪو طريقہ ڪار چونڊڻ گهرجي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ ميرغوث بخش بزنجو کي دعوت ڏني وئي هئي جنهن ۾ پاڻ مدبرانہ تقرير ڪئي. ان کيل تقرير جو تت هو تہ:

"منهنجي نظر ۾ اڄ اسانجي ملڪ ۾ هڪ سنگين مسئلو درپيش آهي. اهو مسئلو پاڪستان ۾ رهندڙ قوميتن جو آهي. اهو مسئلو ملڪ جي حفاظت ۽ استحڪام تي بہ سنئون سڌو اثر انداز ٿئي ٿو. حالت اها بڻي آهي جو اسانجو نوجوان نسل هاڻي ڪُلهه ڪُلا اعلان ڪري ٿو تہ هن ملڪ ۾ ڪين پنهنجو مستقبل اونداهو نظر اچي ٿو. جنهنڪري پاڪستان ۾ رهڻ ضروري ڪونهي. اوهان ۽ اسان سڀئي هن ملڪ ۾ رهون ٿا. ۽ طرحين طرحين جا نعرا ٻڌون ٿا. سنڌو ديش جو نعرو، آزاد بلوچستان جو نعرو، آزاد پختون خواه وغيره وغيره جا نعرا. اهي سڀئي نعرا ڪنهن شغل لاءِ لڳايا ڪونہ پيا وڃن. پر اهو نتيجو آهي ان ڪوتاهہ نظر ۽ غيردانشمندانہ حڪمت عملي جو. جنهن جي پيروي اسان جا حڪمران گذريل چاليهن ورهين کان ڪندا اچن پيا. جنهنڪري سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا ماڻهو پڇڻ تي مجبور آهن تہ هن ملڪ ۾ سندن مستقبل بہ آهي؟ انڪري مان ٻڌائڻ گهران ٿو تہ اسين انهن مان هرگز نہ آهيون جيڪي انتها پسندانہ مطالبہ ڪندا آهن پر واشگاف لفظن ۾

چوان ٿو ته اهڙن ماڻهن منجهان به نه آهيان جيڪي ڏسن ۽ محسوس ڪن ته قومن کي غلام بڻايو وڃي پيو ۽ اهڙي ظلم ۽ ڏاڍ خلاف سينو تاڻي نه بيهن، حقيقت اها آهي ته اندروني طور ملڪ ۾ هڪ سخت بحران موجود آهي ته اسانجي ڌرتي تي هن وقت لکين افغان پناهگير موجود آهن. انهن جي اچڻ سان بيشمار مسئلا پيدا ٿيا آهن. اسان جي زندگيءَ جو هر هڪ شعبو انهن جي آمد کان متاثر ٿيو آهي. انهيءَ زمري ۾ اسان جي سياسي، اقتصادي ۽ معاشرتي ۽ تهذيبي قدر متاثر ٿيا آهن. ان صورتحال جي ڪري اسانجي ملڪ جي ڪنڊڪڙ ۾ موتمار هٿيارن جي ريل پيل ٿي رهي آهي. ان کانسواءِ هيروئن ۽ ٻين نشي آور شين جي ڦهلاءَ اسانجي معاشري کي ايترو ته تهس ۽ نهس ڪرڻ شروع ڪيو آهي جو نظر ۽ ضبط جي ڳالهه ڇڏ ته ماضيءَ جو هڪ قصو بڻجي ويل آهي. ماڻهو دائمي طور عدم تحفظ جو شڪار آهن. ملڪي معاشرو پڄ ڌاهه ڏانهن وڃي رهيو آهي. ايئن سمجهڻ گهرجي ته جنهن ڏينهن کان وٺي اسان افغانستان جي مسئلي ۾ ملوث ٿيا آهيون تڏهن لاکون هيءَ درد ناڪ صورتحال جي چونڊ ڪئي آهي.... ..."

ملڪ جي فوجي حڪمرانن محسوس ڪيو ته محمد خان جوڻيجي جهڙو ڪمزور وزيراعظم به سياسي پيش رفت ڪري رهيو آهي ته ڪيس روانو ڪيو ويو. سنڌ ۾ ايم. ڪيو. ايم جي هٿان سنڌين جو قتل عام ڪرايو ويو ۽ سنڌي گروهن جي وسيلي به مزاحمت جي نالي ۾ ماڻهو مارايا ويا. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ ۾ جناب جي، ايم، سيد جي سربراهيءَ ۾ "سنڌ قومي اتحاد" وجود ۾ آيو. جنهن ۾ اتحاد جو حصو سنڌ پي، اين، پي به ٿي جڏهن سنڌ پي، اين، پيءَ اتحاد ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ته مير صاحب انهيءَ فيصلي تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي چيو ته:

"پي، اين، پي جي آئين مطابق سياسي وحدتون مقامي طور صورتحال کي نظر ۾ رکندي فيصلا ڪرڻ لاءِ آزاد ۽ خودمختيار آهن پر سنڌ قومي اتحاد ۾ اهي به ماڻهو اچي گڏ ٿيا آهن جيڪي پنهنجي سياسي مزاج جي حوالي سان سرڪار پرست آهن، سنڌ قومي اتحاد به هڪ انتها پسنديءَ جو رد عمل آهي انڪري اوهان شامل پلي ٿيو پر قوميءَ ۽ انسان دوست روش تان هٽ نه ڪٽ گهرجي....."

انهيءَ کان پوءِ ستت ئي 17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءَ هوائي

حادثي ۾ مارجي ويو ۽ جنرل اسلم بيگ فوج جون واڳون سنياليون ۽ سينيٽ جي چيئرمين غلام اسحاق خان صدر جو عهدو سنياليو. ملڪ ۾ چونڊن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو.

چونڊن جي اعلان کان پوءِ حڪمران طبقي مير غوث بخش کي شڪست ڏيارڻ لاءِ ميدان کي هموار ڪرڻ شروع ڪيو ته جيئن هڪ قومپرست، جمهوريت پرست ۽ انسان دوست آواز کي اسيمبليءَ جي ايوان تائين وڃڻ کان روڪي سگهجي، ان لاءِ هيئيان ٻه رستا اختيار ڪيا ويا:

1. اهي هڙئي انتها پسند جيڪي آزاد بلوچستان کان هيٺ ڪنهن به ڳالهه کي ٻڌڻ لاءِ تيار نه هئا ۽ چونڊن ۽ جمهوريت جي سلسلي کي هڪ دوکو ۽ فريب سمجهندا هئا سي سيئي غوث بخش بزنجو جي خلاف متحد ٿي ويا ۽ بلوچستان نيشنل مومينٽ ۽ بلوچستان نيشنل يوٿ مومينٽ ڳڏجي هڪ اتحاد ناهيو جنهن کي بلوچستان نيشنل الائنس جو نالو ڏنو ويو. انهيءَ اتحاد ۾ حق خوداختياري بشمول حق علحدگي، آزاد بلوچستان ۽ بلوچستان جي حقن کي پائمال ڪرڻ وارا گڏجي ويا. ان محاذ ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ، سردار عطاءُ الله مينگل ۽ نواب اڪبر بگٽي (جيڪو بلوچستان ۾ پٽي دور ۾ فوج کشي ڪرائڻ ۾ هڪ اهم عنصر هو) سيئي هڪ صف ۾ بينل هئا.
2. پي.اين. پي جي صفن ۾ ڏڪير پيدا ڪرڻ ۽ پنهنجن داخل ڪيل ماڻهن معرفت ڪم وٺڻ.

هاڻي ظاهر هيو ته مير غوث بخش بزنجو جي سامهون بيهڻ وارن کيس بلوچستان ۾ سوچ ۽ فڪر رکندڙهجڻ ڪري ڇڪي نگاهه سان ڪو نه پئي ڏٺو ان ڪري بلوچستان نيشنل الائنس وارن مشهور ڪرڻ شروع ڪيو ته مير صاحب کي پنجاب جا مفاد پيارا آهن ۽ پاڪستان جي سياست بلوچستان کي تباهيءَ کان سواءِ ڪجهه ڪونه ڏنو آهي. اسان کي بلوچستان جي مفادن لاءِ گڏجي جنگ ڪرڻي آهي. ان ڪري مير صاحب کي بلوچستان جي نمائندگي ڪندڙ قوتن آڏو جهڪڻو پوندو وغيره وغيره... ...

بلوچستان ۾ انهيءَ منفي صورتحال جو مون کي فڪر ٿي پيو. ڇو ته اسانجي خواهش ۾ شامل هو ته مير غوث بخش بزنجي جو ايندڙ اسيمبليءَ ۾ وڃڻ ضروري آهي. ان ڪري مان هڪ ٻئي دوست امين بلوچ سان گڏجي

نال مير بزنجو وٽ وياسون. رات جو خيالن جي ڏي وٺ ڪندي مان ڪيس گذارش ڪئي ته توهان بي،اين، اي وارن سان اتحاد ڪيو ۽ ڪنهن به نموني چونڊجي اچو ڇو ته سنڌ ۾ قومي اتحاد وارا ڇڙو ڇڙ ٿي ويا آهن ۽ پ پ جي مرڪز پرست سياست جي سامهون ٿيڻ واري ڪا به طاقت ڪانهي، منهنجي راءِ ٻڌڻ کان پوءِ مير صاحب ڳچ وقت تائين ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ ڪنڌ مٿي کڻي مضبوط ۽ ڳنڀير لهجي ۾ چيائين:

"بلوچستان جا هڙئي مهم جُو، انتها پسند ۽ مرڪز پرست منهنجي خلاف صف بندي ڪري بيٺا آهن اهي گولان کان بولان جي انتها پسندي کي ڇڏي اسيمبلين جي معرفت مسئلن جي حل ڪرڻ ڏانهن وک وڌائي رهيا آهن، جيڪا بنيادي طور منهنجي سوچ ۽ راءِ جي فتح آهي ته دنيا جا ڳنڀير ۽ منجهيل مسئلا ڳالهه ٻولهه ۽ مذاڪري جي وسيلي حل ڪري سگهجن ٿا. جنگ، ويڙهاند فساد، لڙائي ۽ خونريزي کان پوءِ به مسئلا ميز تي ويهي نبيرڻ ۽ نڇيرڻ جو زمانو آهي. مون کي اڳ ئي خبر پئجي وئي آهي ته اسٽيبلشمينٽ ۽ اسان جا مهربان دوست مون کي شڪست ڏيارڻ لاءِ هڪ ٻئي سان سهمت ٿي ويا آهن. مان ميدان ڪونه ڇڏيندس. هن مهل منهنجي اصولن ۽ انسان دوستي جي آزمائش جي گهڙي آهي. مان نسل پرست بلوچ نه آهيان. مان جيڪڏهن شڪست کاڌي ته به انهن انتها پسندن کي شرمساري نصيب ٿيندي، جيڪڏهن مان سوڀارو ٿيندس ته به شرمساري انهن کي نصيب ٿيندي، ڇو ته مان بلوچستان ۽ انسان ذات جي تواريخ ۽ جدوجهد ۾ پنجاهه سالن کان هڪ امين ۽ محافظ آهيان.....

آخر نومبر 1988ع ۾ چونڊون ٿيون ۽ بي، اين، اي (B.N.A) جي منظور گچڪي (جنهن لاءِ مشهور هيو ته حيدرآباد سازش ڪيس ۾ سلطاني گواهه بڻيو هيو) مير غوث بخش کي شڪست ڏني، ٿلهي ليکي ايئن چئي سگهجي ٿو ته مير غوث بخش بزنجو جي سياسي پورهئي ۽ اصول پرستيءَ کي مسمار ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل راتاهو هنيو ويو انهيءَ راتاهي ۾ نام نهاد ترقي پسندن سان گڏوگڏ سردار ۽ نواب گڏ هئا. انهن سردارن ۽ ترقي پسندن ۾ اهي به شامل هئا جن جي سياسي تربيت ۽ ذهني اوسر ۾ مير غوث بخش هڪ استاد جو ڪردار ادا ڪيو هو.

اليڪشن جي انهيءَ مامري کان واندو ٿيڻ کان پوءِ مير غوث بخش

بزنجو ڪراچي آيو ۽ غير رسمي طور پي، اين، پي جي ڳڏجاڻي رکي وئي. انهيءَ ڳڏجاڻيءَ ۾ مان محسوس ڪيو تہ ميرغوث بخش جي منهن تي پنهنجن جي بي وفائي ۽ بيقدريءَ جا جهيڙڏسڻ ۾ آيا پئي، پرسندس وطن سان محبت، انسان ذات سان حُب، حوصلہ مندي، عظمت، شفقت، شرافت، جرئت، اصول پرستيءَ ۽ شائستگيءَ ۾ ڪابہ قيرقار ڪا نہ آئي هئي، ۽ جڏهن پي، اين، پي جي شڪست جا ڪارڻ بحث هيٺ آيا تہ سڀ ڪوبار بين جي ڪلهن تي اڇلائڻ ۾ پورو هو ۽ حقيقت سان منهن مقابل ٿيڻ کان لنوائي رهيو هيو پر ظاهر ٿي چڪو هو تہ پي، اين، پي انتشار، گروهہ بندي ۽ مفاد پرستيءَ جي ڏبڻ ۾ ڦاسي چڪي هئي. ان لاءِ علاج بہ ميرغوث بخش هيئين ريت تجويز ڪيو:

"پي، اين، پي کي ڳڏيل ليڈرشپ جي آڌار تي بحران مان ڪڍي سگهجي ٿو. اسان کي ظاهري طور چونڊن ۾ عوام جو سهڪار حاصل نہ ٿيو آهي، پر پي. اين. پي جي اصولي سياست جي فتح ٿي آهي، جو انتها پسند قوتن بہ پارليامينٽ وسيلي مسئلن ۽ مونجهارن جي حل ڪرڻ ڏانهن ڏيان ڏيڻ شروع ڪيو آهي... ..."

اهڙي طرح يارنهن ورهين جي فوجي راج کان پوءِ آڪٽوبر 1988ع ۾ بينظير ڀٽو مشروط طور اقتدار جي تڪندي ۾ وزيراعظم طور چونڊجي آئي، ان کي بہ پي، اين، پي آمريت کان جمهوريت ڏي هڪ اڳتي قدم قرار ڏنو. ان ڪري بينظير سرڪار لاءِ لازمي هاڻايو ويو تہ جمهوريت ۽ جمهوري اصولن جي پاسباني لاءِ اپاءَ وٺي. ان لاءِ انقلاب ثور کي افغانستان ۾ سگهارو ڪرڻ پاڪستان جي ترقي پسند ۽ جمهوري قوتن جو فرض آهي. چوتہ انقلاب ثور جي مستحڪم ٿيڻ سان ملڪ ۾ جمهوري عمل جاري رهي سگهي ٿو. اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ پاڪستان افغانستان ۾ هڪ تابع حڪومت ٺاهڻ گهري ٿو جيڪا سندس وس کان ٻاهر آهي پر جيڪڏهن افغانستان ۾ ڪي انتها پسند ۽ شدت پرست حڪومت ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ٿا تہ پوءِ بينظير سرڪار بہ رهي نہ سگهندي. ان ڪري حڪمرانن لاءِ ضروري آهي تہ افغانستان جي موجوده سرڪار جي لاءِ هڪ مثبت رويو اختيار ڪن ۽ سختيءَ سان جنيوا معاهدي تي عمل ڪن.

ميرصاحب پوءِ ستت ئي سوويت يونين ۽ افغانستان جي دوري تي هليو ويو. اتان موٽي اچڻ کان پوءِ ٻنهي ملڪن جا تفصيل ٻڌائيندي چيائين تہ

سوويت يونين جي رياستن ۾ سخت بيچيني ۽ بي آرامي آهي. مان جڏهن گورباچوف سان ملاقات ڪئي ته ڪيس ٻڌايم ته "پاڪستان ۾ قومي سوال ۽ قومي حق هڪ بنيادي حل طلب مسئلو آهي جنهن ڏانهن چالیهن ورهين ۾ ڪنهن به حڪومت سنجيدگيءَ سان حل ڪرڻ ڏانهن ڌيان نه ڏنو آهي، پر سوويت يونين ۾ روسي فيڊريشن جي بالادستي ۽ مٿيرائي جي ڪري ٻين رياستن ۾ سخت ناراضگي ۽ ڏڪار موجود آهي. ان جو مطلب ٿيو ته توهان سوشلسٽ معاشري کي صحيح راه ڏانهن وڃڻ ۾ مثبت پيش رفت ڪانه ڪئي آهي. مان ايئن سمجهان ٿو ته قومي سوال سوويت يونين ۾ هڪ سنجيده مسئلو ٿي ايري آيو آهي. جيڪڏهن ان کي سنت ئي حل ڪرڻ ڏانهن ڌيان نه ڏنو ويو ته پوءِ سوويت يونين ۾ هڪ اٽندڙ طوفان ۽ بحران کي نظرانداز ڪري نه ٿو سگهي... ..."

پوءِ وري ميربزنجي، مون ڏانهن مُهڙ ڪري چيو ته مان افغانستان بابت تنهنجي راءِ سان سهمت آهيان ته افغان معاشرو بنيادي طور قبائلي سماج سان لاڳاپيل آهي. ان ڪري مٽان ڪان آيل انقلاب جَتاءِ نه ڪري سگهندو ڇو ته افغانستان جا رهواسي موجوده سرڪار کي سوويت يونين جي سرڪار سمجهي رهيا آهن ۽ حڪمران طبقو عوام جي سهڪار کان ڏينهون ڏينهن محروم ٿيندو وڃي پيو. ايان به ڳالهه اڳتي وڌائيندي چيائين ته جيڪڏهن افغانستان ۾ رد عمل جي ڪري بنياد پرست سرڪار اچي وئي ته پوءِ پاڪستان جي سلامتيءَ کي ڇيهو رسڻ جي امڪان کي رد ڪري نه ٿو سگهجي. ان کان سواءِ آمريڪا جيڪو سوويت يونين کي جهڪائڻ لاءِ مذهبي قوتن جي پنيرائي ڪري رهيو آهي. ان کي بنياد پرست ڪچيءَ ۾ پڪجي ويندا، اهي بنياد پرست اندران ئي اندران دنيا ۾ پکڙجي ويندا ۽ اڳتي هلي آمريڪا جي لاءِ به مٽي جو سور ثابت ٿيندا."

ڪجهه مهينن کان پوءِ ميربزنجو جي طبيعت خراب ٿيڻ لڳي، ان ڪري ڪيس ڊاڪٽرن مشورو ڏنو ته باهر وڃي تپاس ڪرائي ۽ آخرڪار لنڊن ۽ ماسڪو ۾ مختلف مرحلن مان چڪاس ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽرن ڪيس ٻڌايو ته جيري جو ڪينسر وکوڙي ويو آهي.

ان کان پوءِ ميربزنجو موٽي آيو ۽ ڪراچيءَ جي آغا خان اسپتال ۾ داخل ٿيو. مان اچان ڪراچي وڃڻ جو سانباهو ڪري رهيو هيس ته ميربزنجو

جو نياپو پهتو ته بيٺي پير ڪراچيءَ پهچي وڃ. مان ڪراچيءَ 28 جولاءِ 1989ع تي پهتس. اوستائين پاڻ ڪلفٽن تي بيزن (مير صاحب جو وڏو پٽ) جي رهائشگاهه تي منتقل ٿي آيو هيو. مون کي ٻي ڏينهن صبح جو اچڻ لاءِ چيائين ڇو ته ماڻهن جي اچ وڃ ۽ ڳالهه ٻولهه کيس ٿڪائي وڌو هيو ٻئي ڏينهن 29 جولاءِ تي صبح جو ڏهين وڳي ڌاري ويس. مون کان مير صاحب حال احوال ورتو ۽ مالي حالت بابت پڇيو. مان کلندي چيو مانس ته "ايتري مضبوط آهي جيتري ماضيءَ ۾ اوهان جي رهي آهي."

انهيءَ ڪچهريءَ ۾ لاله محمد حسين ايڇ بلوچ ۽ صديق بلوچ کان سواءِ ٻيو ڪو به ماڻهو موجود ڪونه هيو. مير صاحب پنهنجي انداز/ ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو ته: "اڄ کان مان توکي تواريخ جي هڪ اهم ذميواري سونپي رهيو آهيان ته مون کان پوءِ پارٽيءَ جو سربراهه تون ٿيندين، پارٽيءَ ۾ توکان به وڌيڪ سينيئر ۽ تجربيڪار ماڻهو ويٺا آهن. پر سنڌ جي عام قومي ورڪر جي ڪلهن تي ذميواري رکندي اهو ظاهر ڪرڻ گهران ٿو ته مستقبل ۾ سنڌ کي سموري پاڪستان جي وطن دوست، قوم پرست ۽ انسان دوست سياست جي رهبري ڪرڻي آهي. اوهان نوجوان منهنجي سياست جا حقيقي وارث آهيو. اوهان جي مٿان فرض عائد ٿئي ٿو ته فڪري سياست جي حوالي سان عوام جي ڇوٽڪاري جو دڳ اختيار ڪيو" ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ پوءِ وڌيڪ تلقين ڪندي چيائين ته:

"مان توکي هڪ ٻي سبب به ذميواري ڏيان ٿو ته تون سدائين جي، ايم، سيد ۽ سوڀي جي اعتبار جوڳن ماڻهن سان رهيو آهين. مان به توتي اعتبار ڪيان ٿو ته پارٽيءَ کي وڪڻڻ، نيلام ڪرڻ ۽ پنهنجي پيٽ ڀرڻ جي ڪوشش نه ڪندين ۽ توکان وڌيڪ مون کي شاهه محمد شاهه پيارو رهيو آهي، پر اڄ شاهه محمد شاهه منهنجي اطلاع مطابق هن مهل ڪراچي جي ڪور ڪمانڊر سان گڏجاڻي بنا اجازت ڪرڻ ويو آهي. جنهن ڪري منهنجي اعتماد ۾ لوڏو اچي ويو آهي. مونکي ٻڌايو ويو آهي ته ماضيءَ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ به شاهه محمد جو مشڪوڪ ڪردار رهندو هيو. مون کي مليل اطلاع جي تصديق شاهه محمد شاهه بابت صديق بلوچ به ڪري سگهي ٿو."
(اهو هڪ جدا باب آهي ته پي، اين، پي کي ڪيئن تباهه ڪيو ويو).

هاڻي مان اچان ٿو غوث بخش بزنجي سان گذاريل پوئين هفتي

ڏانهن جنهن ۾ هن مون کي کيترين ئي نصيحتون کيون. جيڪي مان ڀائري ۾ لکندو ويندو هيس:

- پاکستان مختلف قوميتن جي رضامنديءَ رضاڪارانه اتحاد جي ڪري وجود ۾ آيو آهي. جنهن جي اقتدار اعليٰ تي خود غرض، لالچي ۽ بدڪردار ماڻهن جي قبضي ۾ هڻڻ ڪري عمل ئي نه سگهيو آهي. منهنجي آڏو اهو لازمي ۽ فطري عمل آهي ته مختلف قومون هڪ ٻئي سان ويجهو اچي انساني نسل جو هڪ اڻ ٽٽندڙ حصو بڻجن ٿيون.
- اسلام به امت جي ڳهڻ قومي اداري ۾ مختلف نسلن ۽ قومن جي ماڻهن کي پنهنجن قدرن، رسمن روايتن کي قائم رکندي هڪ امت يا ملت ڏانهن پيش رفت ڪئي آهي.
- مون کي جيڪا بيماري چنبڙي آهي ان جو خوف ۽ هراس سخت پکڙيل آهي پر مان پاڻ پريشان نه آهيان چوته جيڪڏهن حيات آهي ته موت برحق آهي. ان لاءِ انسان کي هروقت تيار رهڻ گهرجي. مان ڀرپور زندگي گذاري آهي. ان ۾ گهٽو پاگو سور ۽ سختين جو هڪ عجيب و غريب داستان حصو آهي، پر اهي سور سختيون مان پنهنجي وطن ۽ عوام لاءِ برداشت ڪيا آهن ۽ ڪنهن تي به احسان کونه ڪيو آهي. مان انهيءَ عشق ۾ ڪيستائين ڪامياب ٿيو آهيان ان جو فيصلو عوام ڪندو. مان پنهنجي ليکي ايترو مطمئن ٿيو آهيان ته ڪو به غلط ۽ اڻهرو قدم کونه کنيو آهي.
- انسان ناقابل تقسيم آهي. انسانيت جو دک درد ۽ پيڙا به مشترڪ آهي. جڏهن به منهنجي علم ۾ آيو آهي ته دنيا جي ڪنهن حصي ۾ ظلم ٿي رهيو آهي، مان ان جي ضرور مذمت ڪندس. اهو منهنجو نظريو ۽ عقيدو آهي.
- منهنجو جنازو هوائن جي سفر وسيلي نه کنيو وڃي. منهنجي زندگي پيرين اگهاڙن ۽ متي اگهاڙي ماڻهن سان گهاريندي گذري آهي. منهنجو ميت به انهن ئي رستن سان گذرڻ گهرجي، جنهن تي منهنجي وطن جا ماڻهو سفر ڪن ٿا چوته انهن پنجر ۽ ويران رستن تان جيڪڏهن جيئرا جاڳندا، بيمار ۽ مصيبتن جا ماريل ماڻهو سفر ڪري سگهن ٿا ته پوءِ منهنجي بي جان لاش کي کڻڻ ايذاءِ ايندو.

* جمهوريت لاءِ منهنجو پنهنجو هڪ تصور آهي. منهنجي آڏو جمهوريت رڳو جلسن جلوسن ۾ نعريبازيءَ جو ڪارج ناهي، پر جمهوريت هڪ جمهوريت پسند ڪي سيني سان جمهوري رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. پنهنجي گهر کان وٺي ملڪ ڪي جمهوري ۽ استحصال کان آزاد ڏسڻ گهران ٿو زندگي جي سيني شعبن ۾ عوام جي رهنمائي وارو ڪردار مثبت ۽ روشن خيال هئڻ گهرجي.
* اسان کي سمجهڻ گهرجي ته سنڌ ۾ بلوچستان جا فطرتي طور صدين جا لڳ لاڳاپا آهن، جنهن کي جديد دور جي تقاضائن مطابق وڌيڪ مضبوط ۽ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت آهي. انهن لاڳاپن کي سگهارو ڪرڻ ۾ سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل طبقي کي صف اول جو ڪردار ادا ڪرڻو آهي. چوته جديد قوم پرست فڪر جنهن جو بنياد نسل پرستي ۽ ذات پرستيءَ تي ڪونهي ان جي برعڪس بلوچستان جا سردار ۽ قبائلي تمندار سي نسل پرستانه قوميرستي جي حوالي سان سنڌ ۾ به پنهنجو تماشو ڏيکارڻ ۾ مصروف آهن جڏهن ته سنڌ جا اسان ٿورائتا آهيون جيڪا اسان کي ڇهه مهينا روزگار ڏيندي آهي. مان سنڌ ۾ رهندڙ بلوچن کي نسل پرستيءَ جي بنياد تي جدا قوم نه ٿو مڃان ۽ اهي سنڌي قوم جو هڪ اڻ ٽٽ حصو آهن. ان ڪري سنڌ جي موجوده حدبنديءَ ۾ جيڪو به پاڻ کي بلوچ سڏائي جدا سحاڻپ کي برقرار رکڻ گهري ٿو اهو نسل پرست، رجعت پرست ۽ سنڌ جو نمڪ حلال فرزند نه ٿو ليکي سگهجي.

اهڙي ريت باباءِ بلوچستان، باباءِ مذاڪرات ۽ باباءِ استمان 11 آگسٽ 1988ع اڌ رات کان پوءِ پنهنجي زندگيءَ جا آخري پساهه به سنڌ ۾ پورا ڪيا. ميربزنجو پنهنجي سياسي حياتيءَ جو سفر سنڌ مان بلوچ ليگ جي نمائندي جي حيثيت سان شروع ڪيو ۽ پڄاڻي هڪ انسان دوست، وطن دوست ۽ آدرشي جي حيثيت سان سنڌ ۾ ڪئي.

ميرصاحب جو لاڏاڻو نه رڳو هن علاقي لاءِ پر دنيا ۾ مظلومن ۽ محڪومن جي هلندڙ جنگ لاءِ هڪ غم ۽ نقصان آهي. چو ته اهڙيون شخصيتون ورهين جي پورهئي ۽ عرق ريزيءَ کانپوءِ نمودار ٿيندیون آهن. اهڙا املهه ماڻڪ ته ڪنهن به خطي جي رهواسين لاءِ صدين جي صدائن کان پوءِ ظهور پزير ٿيندا آهن، جيڪي حسن- اخلاق جو نمونو، شفقت ۽ محبت جون

موجون هٽندڙ مهراڻ، امن ۽ آشتي جا پيا مبر، همت ۽ آزادي جي پختگي ۽ هالار کان ٻه رتيون کسر وارا، اصول ۽ آدرش جا اڻ موٽ، علم ادب جو خزانو هجن ۽ پيار ورهائڻ لاءِ موکيءَ جا مَٽ پري ويئل هجن اهي ماڻهو تواريخ جو لاشڪ ته هڪ لازوال حصو ٻڌجي امرتا پائي وڃن ٿا.

ميرغوث بخش بزنجو، يوسف عزيز مگسي جي پوکيل ٻوٽي جي آبياري ڪئي ۽ پنجاهه سالن جي سياسي جدوجهد ۾ ٽڙيل پکڙيل بلوچستان جيڪو رياست قلات، برطانوي بلوچستان ۽ ٽيڪي تي ڏنل بلوچستان جي نالي ۾ حصاپتيون هو، ان کي اڄوڪي بلوچستان جي شڪل ۾ آڻي جواڻ جماڻ وڻ ٻڌائڻ ۽ ان جي ٻهرين گورنر ٻڌجڻ جو اعزاز جنهن انسان کي مليو سو ميرغوث بخش بزنجو هو.

ميرصاحب نه رڳو سياسي رَهنماء ۽ سياستدان هيو، پر سياسي مفڪر، سياسي نظريه دان ۽ سياسي سائنسدان هيو.

مجموعي طور ميرغوث بخش بزنجي جي سياسي فلسفي جو بٽياد هيئن مختصر لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو:

مظلوم، محڪوم قومن ۽ طبقن جي حاڪميت ۽ قومي جمهوري انقلاب لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

خدايا اسانکي اهڙا انسان بخش!
اعليٰ ذهن، صاف ڪردار جا،
ڪشاده دل ۽ دور رس نگاهن رکڻ وارا،
جن کي دولت جي لالچ خريد نه ڪري سگهي،
جيڪي وڪرو ٿي نه سگهن،
جيڪي جُهڪي نه سگهن،
جيڪي اڏول، بهادر ۽ باڪردار هجن،
جيڪي خوشامد تي پير پساري نه ويهن،
جيڪي خدمتِ خلق ۾ محو هجن!

(هالينڊ جو شاعر جوزف جيلرٽ)

2000/09/07
صبح جا ساڍا ڇهه.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي: باباءِ سنڌ
هاري هلچل ۽ سنڌ جي هلچل جو سرواڻ

ڪنهن به مَهان پُرش جو جنم ڏينهن يا لاڏاڻي جو ڏهاڙو ملهائبو آهي ته ان جي محنت، جذبي ۽ جدوجهد جو ذڪر شدَومَدَ سان ڪيو ويندو آهي. اڃان به جيڪڏهن ڪجهه وڌيڪ عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪيو ويندو آهي ته عظيم هستي جي ٻُڌايل دڳ تي هلڻ جو پڪو پختو وچَنُ به ڪرڻ ۾ پوئتي پير نه رکبو آهي. انهي مَهان پرش جي اڻ ٿڪ ۽ اورچ هئڻ جي ذڪر ڪرڻ سان گهڙي کَنَ ۽ پلڪ لاءِ ته ٻڌندڙن کي ايڏو ته اتساهه حاصل ٿيندو آهي جو جذبا ۽ جنون، امنگون ۽ ارمان نڪورا ۽ نروار ٿي پوندا آهن. پر ڇنڊ ڦُوڪ ڪرڻ سان سُڌِ پوندي آهي ته ڪير ايمانداري ۽ سچائي سان لاڳاپيل آهي ۽ ڪير ٺَلهو سکڻو ۽ ڇسو آهي.

21 مئي به هڪ اهڙي مهان پرش جي ياد سان واڳيل آهي، سنڌ ۾ هاري هلچل جي بيباڪ رهنما، سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ روشن خيال تحريڪ جي روشن ستاري، سنڌ جي لائق ۽ جانثار فرزند، هڏڏوکي، اڻٽر ۽ صاف گو ڪامريڊ حيدر بخش جي وڇوڙي کي 21 هون ورهيه آهي. اهو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جنهن کي سنڌ واسي سِڪ، محبت، عقيدت ۽ احترام جي ڪارڻ باباءِ سنڌ به سڏين ٿا.

هونئن روايتي طور اڄ به اخبارن، رسالن ۽ جلسن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جي ساراهه ۽ ثنا جون سُرڪيون ڀَريون وينديون. پر اڄ 21 مئي تي اسين پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسون ته ڪامريڊ حيدر بخش جي جلايل جوت جي نگهباني ۽ پاسباني ڪيستائين ڪري سگهيا آهيون؟ انهن سوالن کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪامريڊ حيدر بخش جي حياتي ۽ سندس سوچ ۽ فڪر جي اوسر ۽ اٿل پٿل کي اڳيان رکي اڳتي وَڌون.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي عملي زندگيءَ جي ابتدا سرڪاري نوڪري سان ڪئي، پر من ۾ متل مونجهه ۽ اڻ تڻ کيس گهڻو وقت ٽِڪاءُ ڪرڻ ڪونه ڏنو جنهن ڪري ستت ئي سرڪاري سنگهرن منجهان پاڻ کي

1945ع ۾ آجو ڪري سنڌ ۾ صدين کان ڏتڙيل، پيڙيل طبقي يعني هاري هلچل ۽ هارين جي سجاڳي لاءِ پاڻ اربي ڇڏيو. انهي هلچل ۾ حيدر بخش پاڻ ايترو ته موکيو جو صدين کان سنڌ جي اڪثريت هاري غلامي جي اگهور ننڊ ۾ سُتل ڪر موڙي اٿڻ لڳا. پر جلد ئي سندس ذهين ۽ عميق سوچ تاڙي ورتو ته هاري هلچل کي رڳو هارين جي بنيادي مسئلن سان لاڳاپي رکڻ جي ڪري هاري طبقو، سنڌي سماج لاءِ مستقبل جي طلب جو پوراءُ ڪري ڪونه سگهندو. ڇوته سنڌ جي سياسي سنگهاسن تي قابض قوتون غدار، ملت فروش ۽ ابن الوقت آهن. انهن قابض قوتن جو مقابلو ڪري کين اقتدار کان محروم ڪرڻ لاءِ تواريخ جي وهڪري ۾ هاري طبقي کي سياسي شعور ۽ ساڃاهه سان هٿيار بند هئڻ ڪرڻ اشد ضروري آهي. ان ڪري ڪامريڊ حيدر بخش قومي سجاڳي کي هاري هلچل سان لاڳاپيل ۽ لازم ملزوم عنصر سمجهي مستقبل جي رٿا بندي ڪرڻ تي زور ڏنو. انهي رٿابندي جو پهريون اظهار رتوديرو ۾ 30-31 مئي 1948ع ۾ ڪُل سنڌ هاري ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ حيدر بخش جتوئي، هاري ڪاميٽي جو پهريون گهمرو صدر چونڊيو ويو. ان تواريخي ڪانفرنس ۾ سنڌي عوام جي قومي ۽ طبقاتي مفادن بابت تواريخي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. انهن تواريخي ٺهرائن جو هتي به لائق پڙهندڙن لاءِ ترتيب وار ذڪر ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن هڪ ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي دورانديشي ۽ ڏاهپ کي سمجهي سگهجي ۽ ٻيو ته هاري هلچل ۽ سنڌ هلچل کي به ماضي، حال ۽ مستقبل جي حوالن سان سمجهي سگهجي.

ٺهراءَ پهريون سنڌ بابت:- سنڌ جي هارين جي هيءَ ڪانفرنس هِن پخته راءِ جي آهي ته جيڪڏهن پاڪستان کي مستحڪم ۽ مضبوط بنائڻو آهي ته اهو فقط پاڪستان ۾ شامل ٿيل سمورن صوبن جي رضامندي ۽ رضاڪارانه تعاون سان ئي ٿي سگهي ٿو. آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري ٺهراءَ جي بنياد تي ئي پاڪستان حاصل ڪيو ويو آهي. ان ٺهراءَ ۾ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ سمورن صوبن لاءِ خود مختيار حڪومت ۽ ڪُل اختياريت جا حق تسليم ٿيل آهن، ۽ ائين پاڪستان کي هڪ کان وڌيڪ قومن جي اجتماع جي صورت ۾ تصور ڪيو ويو هيو ۽ ان ئي بنياد تي هاڻي سندس تنظيم ۽ تعمير ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪرڻ گهرجي. پاڪستان ۾ رهندڙ سنڌي، پنجابي،

بنگالي، بلوچستاني ۽ سرحدي ماڻهو باوجود انهي جي ته هو سڀئي مسلمان آهن، بين الاقوامي سياست جي سمورن تسليم ٿيل قانونن ۽ اصولن پٽاندر پنهنجو پنهنجو مستقل قومي وجود رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته منجهانئن هر هڪ کي پنهنجو وطن، پنهنجي مخصوص زبان ۽ ادب، تواريخ ۽ تهذيب وتمدن ۽ پنهنجا مخصوص سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مسئلا، پسندگيون ۽ مفاد آهن. انهي ڪري منجهانئن هر هڪ وٽ پنهنجي ڀلائي لاءِ پاڻ فيصلي ڪرڻ جو حق محفوظ آهي، ۽ هو اها دعويٰ پوري حق ۽ انصاف جي بنياد تي ڪري سگهن ٿا ته انهن جي اها حيثيت پاڪستان جي وفاقي رياست جي آئين ۾ ڪنهن رک رکاءَ کان سواءِ ۽ پوري وضاحت سان تسليم ڪئي وڃي.

مٿي بيان ٿيل حقائق جي روشني ۾ سنڌ جي هارين جي هي ڪانفرنس اعلان ٿي ڪري ته سنڌ جا ماڻهو خاص قوميت جي مالڪ هجڻ جي حيثيت سان، اهونه مٽجندڙ ۽ ناقابل ترديد حق رکن ٿا ته:

(الف) هو هر قسم جي ٻاهرين سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي بالادستي کانسواءِ پنهنجي آزادي جي ماڻڻ ۽ ان کي محفوظ رکڻ جو اعليٰ مقصد سامهون رکن ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪن.

(ب) هو هر اهڙي قدم کي رد ڪن ۽ ان جو مقابلو ڪن، جيڪو سڌي يا اڻسڌي طرح هنن جي وطن جي علائقائي يا اقتصادي يڪجهتي کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو وڃي يا کنيو وڃي، ۽

(ج) هو پاڪستان ۾ هر شامل قومي اڪائي يعني وحدت سان مرڪز ۾ نمائندگي جي معاملي ۾ برابري جي درجي، ۽ پنهنجي قومي زندگي جي اندروني ۽ گهرو دائري جي حدن اندر پنهنجي ڪل اختياريت ۽ خود حڪومت جي ماڻڻ جي دعويٰ ڪن ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪن.

ٺهراءُ ٻيو هندو زميندارن جي ڇڏيل زمين بابت:- سنڌ جي هارين جي هي ڪانفرنس، اهو ڄاڻائيندي ته پاڪستان سرڪار جي سامهون سڀني مسئلن تي ترجيح مشرقي پنجاب مان نڪتل، قسمت جي ماريل لکين پناهه گيرن کي آباد ڪرڻ ۽ اجهي ڏيڻ جي آهي؛ ۽ ائين پڻ مڃيندي ته ان مسئلي جو واحد حل هي آهي ته پاڪستان جي مغربي پنجاب ۽ ٻين صوبن ۾ سڄي زرعي زمين کي قومي ملڪيت ۾ ورتو وڃي. حڪومت طرفان سنڌ ۾ ان سلسلي ۾ جيڪي ابتا طريقا ۽ ذريعا اختيار ڪيا ۽ ظلمي

انداز سان عمل ۾ آنديا پيا وڃن، تن تي پنهنجي وڏي صدمي، بيحد ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿي، ڇو ته انهن ذريعن ۽ طريقن جي نتيجي ۾ سنڌ جا اصلوڪا هاري زمين تان بيدخل ۽ پنهنجي وطن ۾ پناهه گير ۽ خانه بدوش بڻجي رهيا آهن.

"پنجاب جو جاگيرداري مفاد اڄ هڪ چئلنج جي مُنهن مقابل آهن. سندن پاروٿو ۽ سڙيل زمينداري سرشتو اڄ مشرقي پنجاب کان نڪتل انهن لکين بي گهر ۽ بي زمين پناهه گيرن جي دٻاءَ هيٺ آهي، پنجاب جا هي جاگيرداري مفاد اڄ پوري ڪوشش ۾ آهن ته هو انهي معاملي ۾ پنهنجي ذميداري جو سڄو بار سنڌ جي ڪلهن تي اڇلي وجهن ۽ ائين سنڌي هارين جي قيمت تي اُتان جي زميندار شاهي پنهنجي اُن سڄي بحران کي حل ڪرڻ گهري ٿي."

"سنڌي هارين جي هيءَ ڪانفرنس، هن موقعي تي هڪ نهايت خطرناڪ غلط فهمي کي دور ڪرڻ گهري ٿي جيڪا هونئن پنجاب جي جاگيردار حڪمرانن جي مٿئين اجوڳ مقصد جي حمايت ۾ استعمال ڪئي پئي وڃي. اها غلط فهمي هڪ بنهه ڪوڙي ۽ پر فريب دليل تي بيٺل آهي ته پناهگيرن کي سنڌ ۾ هندو زميندارن جي ڇڏيل زرعي زمينن تي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ اُتان جا اهي سنڌي مسلمان هاري ئي زوريءَ بي دخل ۽ خانمان برباد ڪيا نه پيا وڃن. ٿرپارڪر ضلعي جي جکراڻي ڳوٺ جو سانحو اهڙي پڌري پٽ ظلم جو هڪ ثبوت آهي."

"هي ڪانفرنس انهيءَ ڪري متعلقه اختياريءَ وارن کي صورتحال جي حقيقت کان آگاهه ڪري ٿي ۽ ان جي پوشيده ڀيانڪ نتيجن کان خبردار رکڻ گُهري ٿي، جيڪي سنڌ ۾ پناهه گيرن جي آباد ڪاريءَ جي انهي طريقي جو لازمي حصو آهن، ۽ واسطيدار صوبائي ۽ پڻ مرڪزي صوبائي ۽ پڻ مرڪزي حڪومتن کان گُهر ڪري ٿي ته اهڙي زمينون پٽي (LEASE) تي سنڌي هارين وٽ رَهڻ ڏنيون وڃن ۽ کانئن ليز جي قيمت جي ڏهه سيڪڙو رقم فورن ۽ بقايا فصلن کڻڻ مهل وصول ڪئي وڃي.

ٽيون ٺهراءُ: سياسي صورتحال:- سنڌ جي هارين جي هيءَ ڪانفرنس سنڌ ۾ پيدا ٿيل نهايت اجوڳ ۽ غلط سياسي صورتحال تي پنهنجي شديد ڳڻتيءَ جو اظهار ڪري ٿي، جيڪا مرڪزي سرڪار جي اڻ

ويچاريل ۽ ڪوتاهين، تازن فيصلن ۽ اقدامن جو نتيجو آهي: مثال طور، سنڌ ڪان ڪراچي جي علحدگي جو اڀرڻ زوراوري وارو قدم. سنڌي هارين جي سندن هارپ هيٺ زمينن ۽ گهرن گهاڻن مان بيدخلي ۽ انهن جي جاءِ تي زوريءَ پناهه گيرن جي آبادڪاري، ۽ ان مقصد لاءِ حڪومت سنڌ ڪان پناهه گيرن جي آبادڪاريءَ جو ڪاتو ڪسي ڇڏڻ، وغيره؛ ۽ واسطيدار اختيار ۽ اقتدار جي صاحبن ڪان مطالبو ٿي ڪري ته هو پنهنجا اهي قدم روڪين، ۽ ان باري ۾ سنڌ جي ماڻهن جي متفقہ طور اظهاريل خواهش، امنگن ۽ سندن بنيادي مفادن کي نظرانداز ڪرڻ ۽ انهن ڳالهين ۽ مسئلن ۾ ايئن انهن جي هٽڪ ۽ نظرانداز ڪرڻ ڪان باز اچن. پاڪستان جي مرڪزي اختيار جا اهي فيصلا ۽ اقدام قومن جي اخلاقي ۽ سياسي عادلانہ ۽ منصفانہ اصولن جي خلاف ورزيءَ جا واضح مثال آهن، جن مان ايئن ظاهر ٿئي ٿو ته ان سلسلي ۾ سنڌ جي ماڻهن لاءِ هيو ڪو به رستو ڇڏيو نہ ٿو ويجي سواءِ هڪ جي ته هُو مرڪزي سرڪار کي ڏارين جي حڪومت سمجهي، پنهنجن قومي حقن جي ميجتا ۽ حفاظت جي طلب ڪَن ۽ انهن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪَن.

سنڌ جي هارين جي هن ڪانفرنس جو انهي ڪري پختو رايو آهي ته پاڪستان ۾ قوميتن جو مسئلو ۽ ان مان وقت بوقت اٿندڙ ٽڪراءَ جا اسباب، غلط فهميون ۽ اختلاف، مارچ 1940ع جي پاڪستان ٺهراءَ جي بنياد تي، صلاح مشوري سان ۽ پُرامن طور فقط انهي راج نيتيءَ ۽ حڪمت عملي سان حَل ٿي سگهندا ۽ ٿيڻ گهرجن، جنهن تي عمل ڪندي سويت يونين پنهنجي قوميتن جي اهڙي ئي بلڪ ان کان وڌيڪ مشڪل مسئلن کي حل ڪري سگهي آهي."

ڪامريڊ حيدربخش سچي چمار، انهن مٿي چاڻايل ٽن مکيہ ٺهرائن تي ڪاربند رَهندي سنڌ جي آزادي ۽ آڇپائي جي جنگ وڙهي. انهن ٺهرائن کي ٺورو سمجهہ ۽ سوچ سان ويهي تورتڪ ڪبي ته سنڌ، انسانيت ۽ سموري عالم جي آجي ٿيڻ ۽ پاڻ اربي ڇڏڻ وارو جذبو مٽانهون ۽ مثالي نظراچي پيو جنهن ڪري ڪامريڊ حيدربخش تنگ دلي، مذهبي ڪٽرپڻ، انتها پسند قوم پرستي ۽ ٺلهي سڪڙي طبقاتي جدوجهد واري نفرت انگيز روش کان بہ پاڻ کي پرپرو رکيو. انڪري ڪامريڊ ڪٽر قوم پرستن ۽ ڪتابي ڪميونسٽن لاءِ ذهني طور قابلِ قبول ڪونہ رهيو. ان جو مکيہ ڪارڻ هيو ته قوم پرستن جو

هڪ گروهه جيڪو سنڌ جي نالي ۾ قوم پرستي جي آڙ ۾، تواريخي طور دغاباز قوتن کي به پنهنجو پرجهلو ۽ ساٿي سمجهندو آيو آهي، ان کي ڪامريڊ نندينڊو رهندو آيو. ٻئي پاسي سنڌ ۾ ڪميونسٽ هلچل ۾ گهڻو حصو ۽ پاڳو هندو ڪامريڊن جو هئو. جيڪي ڌرتيءَ جا فرزند هئڻ ڪري سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي مسئلن کان چڱي ريت واقف هئا. سي ورهاڱي کان پوءِ لڏي ويا. انهن ساٿين جي جاءِ تي اردو ڳالهائيندڙ ڪميونسٽ دوست اچي ويا. انهن دوستن جي گهٽائيءَ سنڌ جي قومي مسئلي کي ڏسي وائسي اردو شاو نزم جو شڪار ٻڌجي انڪار ڪيو. انهن تنگ دل صاحبن جي سمجهه مطابق ته طبقاتي جدوجهد کي تڪو ڪرڻ سان قومي مسئلو خودبخود حل ٿي پوڻو هيو. انڪري جيئن ئي 1954ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي تي بندش پئجي وئي ته ڪامريڊ حيدربخش، هاري ڪاميٽي کي "هاري پارٽي" بنائڻ ڏانهن پيش قدمي ڪئي، جنهن جي اردو پرست ڪميونسٽ دوستن سختيءَ سان مخالفت ڪئي. اهڙي هڪ مخالفت جو ذڪر ڪامريڊ جتوئي آخري انٽرويو 31 مارچ 1970ع ۾ هيئين لفظن ۾ ڪيو آهي:

"50-51 جي ڳالهه آهي. مون سمجهيو ته سنڌ اندر سنڌ هاري ڪاميٽي ئي انقلابي ڪم ڪري سگهي ٿي. تنهنڪري اُن کي سنڌ هاري ڪاميٽي جي بجاءِ باقاعدي "سنڌ هاري پارٽي" ڪجي. انهيءَ تي منهنجي ڪميونسٽ دوستن کي ڏاڍي خار لڳي، هنن چيو ته مون ڪميونسٽ پارٽيءَ سان بغاوت ڪئي آهي."

ان کان پوءِ سُٽت ئي ون يونٽ جو ٽڪسات ڪڙو ڪري سنڌ جي نالي ماتر صوبائي درجي کي به ختم ڪيو ويو. انهيءَ دور ۾ سنڌ جي نئين سر بحالي يعني سنڌ جي قومي وجود کي بچائڻ واري هلچل ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جو مٿانهون اصول ۽ آدرش رهيو. پر پوءِ به ڪامريڊ حيدربخش قومي ۽ طبقاتي جدوجهد ڏانهن تيز ۽ تُرروش ۾ گهٽتائي ڪانه آندي. اهڙو اشارو 67ع ۾ چپيل شاعري بعنوان "اي سنڌي وڌيرا ڪجهه انسان ٿي" ۾ هيئن ڪري ٿو:

وڌيرا وطن پنهنجو هَارائي ويٺا،
مِٽيءَ سنڌ پنهنجيءَ کي مارائي ويٺا،
حقن پنهنجن کي ڪُهارائي ويٺا،
ٻچن مائرن کي رُئارائي ويٺا،

تـڏهـن ڀـي آ دعـويٰ: پـهـلـوان آهـيـون،
اڃـا ڀـي چَـون ٿـا تـہ انسـان آهـيـون.

(حيدر)

بهرحال ڪامريڊ جي محنت ۽ ڪشالا وڃي صاب پيا ۽ ون يونٽ جو ٽڪساٽ ٽُٽي ٽُڪرا ٿي پيو. ان لاءِ ئي تہ ڪامريڊ سَرهائي سان چيو:

اجـهـا عـيـد آئـي، اجـهـا عـيـد آئـي
ٿي سنڌين جي، پنهنجن جي آخر رهائي،
ٿـي حـقـدار سـنـڌيـن جـي اڄ حَق رَسائـي،
اجـهـا عـيـد آئـي، اجـهـا عـيـد آئـي.

(حيدر)

ڪامريڊ حيدربخش ون يونٽ خلاف هلايل هلچل کي تہ سڻائو ٿيندي ڏٺو پر اهي قوتون جن جا سڳا ڌاڳا ۽ دماغي بئراميٽر ڪوڙن قوم پرستن ۽ نقلي ڪميونسٽن جي هٿ ۾ هئاسي پنهنجي روايتي ڪِرت ۽ ڪاروبار کي لڳي ويا. اهي ڪوڙا قوم پرست جن جي نظر ۾ طبقاتي جدوجهد جي ڳالهہ ڪرڻ سنگين ۽ نہ معاف ٿيندڙ جرم هيو سي وَري پنهنجي طبقاتي حوالي سان، هاري ۽ پورهيت جي رت ۽ سَتُ تي گذر سفر ڪندڙ هئا. سي طبقاتي جدوجهد جو ويهن ننهن جو زور لڳائي مخالفت ڪري رَهيا هئا. هوڏانهن ٻئي پاسي نالي ماتر ڪميونسٽ جن ڪڏهن بہ ذهني طور سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي سوال کي هڪ ٻئي سان لاڳاپيل ڪو نہ سمجهيو پئي. پر جيڪڏهن کين انهي نازڪ مسئلي جي ڄاڻ بہ کڻي هئي تہ بہ اردو بازي ۽ لکنوي ڪلچر جي تعصب سندن اکين تي انڌ جا کوپا چاڙهي ڇڏيا هئا. هنن عقلمند صاحبن ڪڏهن بہ وڏن شهرن منجهان ٻاهر نڪري سنڌي عوام سان ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي. ان ڪري سنڌي ماڻهن جي مزاج ۽ روش کي سمجهي انقلابي حڪمت عملي ترتيب ڏيڻ جي بجاءِ غير فطرتي انقلاب کي سُسُ پُس وسيلي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. يا وري لفظي ڊيگهہ پٽاڙ وسيلي زوري زبردستي عقلمند، ڏاها ۽ دانشور بڻجي ويٺا. انهي مقصد ۽ مطلب خاطر سنڌين ۾ انقلابي طوطا پيدا ڪيا جن هاري ڪاميٽي کي سنڌ جي قومي ۽ طبقاتي پارٽي بنائڻ جي برعڪس رابطہ ڪاميٽي جي رَسيءَ ۾ قابو ڪري هڪ اهڙي ڪميونسٽ پارٽي سان سلهاڙڻ جا حيلا بهانا

۽ سازشون ڪيون، جنهن جو وجود سنڌي عوام ۾ نه هئڻ جي برابر هيو. اڄ تائين اهي نقلي ڪميونسٽ رولا ڪن ۽ چڙواڳن جو تولو آهن.

اهڙي طرح هاري ڪاميٽي کي "هاري پارٽي" جي سياسي حوالي سان ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي مشن ۽ مهم کي اڳتي وڌي وڃڻو هيو. اهڙي پارٽي جي لاءِ ابتدائي نقطا ۽ اشارا 1948ع جي رتوديرو هاري ڪانفرنس ۾ حيدربخش چتا ڪري ڇڏيا هئا. پر ائين ٿي نه سگهيو ۽ هاري ڪاميٽي جڙ ۾ زوريءَ سياسي تنظيمن جي هڪ ذيلي تنظيم بڻجي پئي.

انڪري هَاري هلچل جيڪا سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي هلچل جو سرموڙ هئي سا اڄ هاري ڪاميٽي جي نالي سان آگرين تي ڳٽڻ جيترن همراهن، سائين ۽ رفيقن تي مشتمل وڃي رهي آهي. هاڻي اسان سڀني کي ڏسڻو آهي ته ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي اڏ ۾ چڏيل مشن سان ڪيترو انصاف ڪري سگهيا آهيون؟ اسان هاري هلچل کي سنڌ جي هلچل سان ڪيترو ڳنڍي سگهيا آهيون؟ چو ته ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي هلچل جو مڪيہ نقطو هيو ڏاڍ، جبر، ظلم، انڌير نگري جي نظام جو خاتمو:

جو سنڌ لَئِ عذاب آهي، ناس سو نظام ٽٽي.

(حيدر)

لاڙڪاڻو
91.15.17

ذوالفقار علي ڀٽو:
انصاف ۽ آزاديءَ جو طلبگار

وقت (Time) ۽ وٿي (Distance) سماج جا ٻه اهڙا عنصر آهن، جيڪي واقعن، ڪارگذارين، انقلابن ۽ اٽل پٽل کي ماضيءَ جي ڪوهيڙي جو غلاف پارائي ڏُنڊ ۾ اماڻي چڏيندا آهن جواهي سيئي اسر ماضيءَ جي سلسلي جو هڪ حصو بڻجي ويندا آهن، پر وقت ۽ وٿيءَ جي سلسلي جون ڪڙيون ۽ پراڻ شخصيتون هونديون آهن. اهي شخصيتون ظاهري طور ايڏو تہ چانيل ۽ تابناڪ هونديون آهن جو ايئن لڳندو آهي تہ سيئي ڪرشما ۽ ڪرتب انهن همراهن جي صدقي ۽ طفيلي آهن، پر اصل ۾ وقت ۽ وٿي ٻہ وڪر/ عنصر آهن، جيڪي شخصيتن جي فائدي ۽ نقصان ۾ هوندا آهن.

سنڌي سماج جيڪو عالمي سماج جو هڪ حصو آهي. سنڌ جون شخصيتون جيڪي وقت ۽ وٿي جي دائري ۾ سلهاڙيل رهنديون اچن پيون سي ٻہ سنڌي سماج سان گڏوگڏ عالمي سماج جو پڻ هڪ حصو آهن. اهڙيون شخصيتون پنهنجي فهم، فراست، سمجهہ ۽ سچيتائي سان وقت ۽ وٿي کي پاڻ سان ڳنڍڻ جو هنر سکيون سي تواريخ جي اڻ ڪٽ ورقن مان هڪ ورق ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪري سگهيون آهن.

ڀر شخصيتن سان ڪڏهن ڪڏهن تواريخ جي انصاف ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي، پلي تہ ليکڪ جو قلم ۽ ذهن بي ريا هجي، پر شخصيتن جا گڻ ۽ اوگڻ هڪ ٻئي سان ايترو تہ ڳتيل هوندا آهن جو سومل جي انهيءَ سُتَ کي سولو ڪرڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي، جنهن ڪري شخصيتن کي "هيرو" ٻہ سڏيو ويندو آهي تہ "ولين" ٻہ لکيو ويندو آهي، پر جڏهن تواريخ شخصيتن سان انصاف ڪندي آزادي بخشيندي آهي تہ اهي تواريخ ۾ قومي سورمن جي صف ۾ بيدل نظر ايندیون آهن.

ذوالفقار علي ڀٽو ٻہ سنڌ، پاڪستان ۽ اپکنڊ جي متضاد، منجهيل ۽ گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ رهيو آهي. جنهن کي مخالفن موقعي پرست، مطلب پرست، اقتدار پرست ۽ جيري لاءِ ڀڪري ذبح ڪرڻ جا الزام هنيا آهن.

وري سندس معتقدن ۾ پوئلڳن کيس آدرشي انسان، غلطين ۾ کوتاهين کان پاڪ ۽ پوتر سمجهندي عقيدي پرستي جو آفيم کائي سجدو ڪيو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به منش سان انصاف ڪري نٿو سگهجي، جيستائين انتهاپسند واري "نفرت" ۽ "محبت" جي ڪسوٽين تي پرکڻ کان پاسو ڪيون. ۽ سچ پچ ته ذوالفقار علي ڀٽو به اڄ تائين انتهاپسندي جي آڙاهه ۾ پڄري ۽ ڪامي رهيو آهي، جنهن ڪري سائٽس انصاف ڪرڻ جي برعڪس رياڪاري اختيار ڪئي وئي آهي. ان ڪري سما جي پس منظر جو چيڙ ڪندي فرد جي چنڊچاڻ ڪبي ته انصاف ڪرڻ محال ۽ مشڪل ڪونهي.

اپکنڊ ۾ 1857ع جي خودرو جنگِ آزادي هڪ مخصوص طبقي جي مفادن لاءِ وڙهي وئي، جنهن کي عوامي سهڪار حاصل ڪونه ٿيو سا چيهون چيهون ٿي وئي. ٻاهران آيل واپارين جي ويس ۾ انگريز اپکنڊ جي تقدير جا مالڪ بڻجي ويا. انگريزن حڪمراني لاءِ "ورهايو ۽ حڪمراني ڪريو" جي اصولن تي عمل ڪندي فرقيواريت کي هوا ڏيندي هندو ۽ مسلم فرقابندي کي اُپاري مٿي آندو. ان ڪري هندو جاتيءَ تي پنهنجن مفادن خاطر هٿ رکيو، چوته هنن اقتدار مغلن کان ڦُريو هو، جيڪي مسلم جاتيءَ سان واسطو رکندڙ هئا. ان لاءِ مسلمانن کي زيردست رکڻ ۽ هندن تي هٿ رکڻ ۾ پنهنجي عاقبت ۽ آجپو سمجهيو. پر جڏهن هندو جاتي تعليم، شعور ۽ ساڃاهه سان هٿياربند ٿي ته کين غلامي جو احساس ٿيو. اهو احساس انگريزن لاءِ خطري جو گهُڳهُو هو. ان لاءِ سندس آئنده چونڊ جو مرڪز مسلم جاتي بڻجڻ لڳي.

ايئن هندوستان جي سياست ۽ سماج ۾ ٻي لاڙا اُپري آيا:

1. هندو جاتي اپکنڊ ۾ مسلمانن جي بالادستي کان تنگ اچي انگريزن جو ساٿ ڏنو سي جديد تعليم حاصل ڪرڻ ۽ نوڪرين چاڪرين ۾ اڳتي وڌي ويا، پر جيئن چوٽي آهي ته هرجابرجي گهر ۾ جبرجي خاتمي لاءِ ساز و سامان تيار ٿيندو آهي، تيئن هندو جاتيءَ محسوس ڪيو ته انگريز هندوستان کي غلام بڻائي آزادي ڦٻايو وينا آهن. ان لاءِ پهريائين ته انگريزن کان هندوستانين لاءِ نوڪرين ۾ ٻين سهولتن گهرڻ واسطي مسٽر هيوم جي نگهباني ۾ 1885ع ۾ "انڊين نيشنل ڪانگريس" جو پايو وڌو ويو. پر آهستي آهستي ڪانگريس ۾ روشن خيال ۽ وطن دوستن جو قبضو ٿيندو ويو جنهن ڪري انڊين نيشنل ڪانگريس جي تبديل ٿيندڙ طريقہ

ڪارسبب حاڪمن جي ڊپ وٺي ويو ۽ غيرفرقيوارانہ بنيادن تي جماعت جي اُسرڻ کي ہنجوڏيڻ لاءِ ضروري ٻڌيو تہ فرقيوارانہ بنيادن تي جماعتن جو بنياد رکائجي. انڊين نيشنل ڪانگريس جا پهريان اڳواڻ بدرالدين طيب جي (1844ع-1906ع) ۽ گوکلي (1989ع-1964ع) ليکي سگهجن ٿا. اڳتي هلي مهاتما گانڌي (1869ع-1948ع) پنڊت جواهر لال (1889ع-1964ع) ابوالڪلام آزاد (1888ع-1958ع) اچي وڃن ٿا.

2. مسلمانن جي هڪ طبقي محسوس ڪيو تہ انگريز حاڪمن سان سهڪار ڪرڻ ڪانسواءِ پيو ڪو بہ ڏڳ ڪونهي، جنهن ڪري انگريزن جي وفاداري ۽ اطاعت ۾ بچاءِ ۽ بقا آهي. انهي طبقي جا مکيہ نمائندا سرسيد احمد خان (1817ع-1898ع) ۽ سيد اميرعلي (1849ع-1909ع) چئي سگهجن ٿا. ان حد تائين جو 1857ع واري جنگ آزادي جي مخالفت ڪندي سرسيد احمد خان انگريزن جو پاسو ورتو. هونئن سرسيد هندو-مسلم اتحاد جو زوردار طرفدار هو. پر جيئن ٿي هندي ۽ اردو جي چڪتاڻ ٿي تہ پاڻ انهي اتحاد تان هٿ کڻي ويو ۽ فرقيوارانہ بنيادن تي مسلمانن کي هندو جاتي کان پري رهڻ جي تلقين ڪئي. پر ساڳي وقت مسلم جاتي کي ترقي لاءِ جديد تعليم ۽ تهذيب سان ڳنڍڻ جي وکالت ڪئي. هاڻي هڪ پاسي علمائن سرسيد جي انگريز پرست پاليسي جي مخالفت ڪئي تہ ٻي پاسي زوال پذير رولاڪ وچولو طبقو جيڪو مغل شهنشاهيت جي زوال کانپوءِ پير سنپالڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هو. سو بہ سرسيد جي جدت پرستي جي مخالفت ڪري رهيو هو. ان ڪري وچولي طبقي جي قدامت پرست گروهہ ڪيس تنقيد جو نشانو بڻايو. جنهن جو روح روان اڪبرالہ آبادي هو. پر ساڳي اڪبرالله آبادي پنهنجي پٽ سيد عشرت حسين کي اعليٰ تعليم لاءِ انگلستان اماڻيو. نيٺ اڳتي هلي انهي طبقي انگريزن جي پنيرائي سان فرقيوارانہ بنيادن تي 1906ع ۾ مسلم ليگ جو بنياد رکيو. مسلم ليگ جو بنياد رکندڙن ۾ نواب سرسليم الله خان آف ڍاڪا ۽ سر آغا خان اڳ اڳرا هئا. ۽ ساڳي وقت ڊسمبر 1906ع ۾ فرقيوارانہ بنيادن تي لاهور ۾ هندو مهاسيا جو پايو وڌو ويو.

3. مسلمان عالمن جو هو طبقو جيڪو هندوستان جي آزادي ۽ انگريز سامراج جي خلاف ويڙهاند کي وڌيڪ اهميت ڏئي رهيو هو. جن جو واسطو ديوبند سان

هو. ان سوچ جا سر موڙ شيخ الهند مولانا محمود حسن (1850ع-30 نومبر 1920ع) آهن. انهي فڪر کي اڳتي وڌائڻ ۾ مولانا حسين احمد مدني (1892ع- 1957ع)، مولانا عبيدالله سندي (1872ع-1944ع) ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد (1888ع-1958ع) جا نالا ڪٽي سگهجن ٿا. انهن علمائن جي نظرياتي تعليم جي حاصلات جو مرڪز شاهه ولي الله هو. اهڙي طرح روشن خيال ۽ آزادي پسند علمائن جميعت العلماءِ هند ٻڌائي. ائين هندوستان جي سياست ۾ ترتيب وار هيٺين ريت ورهاست ٿي:

هڪ: قوم پرست، روشن خيال ۽ غيرفرقيوارانه سياست.

ٻيون: فرقيوارانه، موقعا پرست ۽ سماجي طور آزاد خيال.

ٽيون: مذهبي، قوم پرست ۽ وطن سان محبت ڪرڻ.

انهن تنهي لاڙن جي اندر اپڪنڊ جي سياست اُسري ۽ ايري رهي هئي. ان ماحول کان سنڌ جي سياست وانجهيل ڪونه هئي. سنڌ جي سياست ۾ قوم پرست سياست جو لاڙو، گهٽي پاڳي هندو جاتي سان لاڳاپيل هو. ٻيو طبقو اهڙن سياسي گهراڻن جو هو، جيڪي موقعي پرست ۽ اقتدار پرست هئا. انهن کي انگريزن راءِ بهادر، سر صاحب جا لقب ڏئي پاڻ سان ڳنڍيو هو. اهو طبقو سنڌ ۾ جاگيردارن ۽ وڏيرن تي مشتمل هو، جيڪي باقي مخلوق کي ڪيڙا مڪوڙا سمجهي رهيا هئا. مطلب ته انگريزن جي پئيرائي سان سڄي ملڪ وانگر سنڌ ۾ به هڪ اهڙو طبقو وجود ۾ آڻي ويو هو، جيڪي ذهني ۽ روحاني طور انگريزن کان متاثر ۽ ديس واسين جي مٿان حڪمرداري ۽ حاڪميت لاءِ پيدا ڪيو ويو هو.

انهيءَ ماحول ۾ ذوالفقار علي ڀٽو 5 جنوري 1928ع تي لاڙڪاڻي ۾ سر شاهنواز ڀٽو جي گهر ۾ جائو. پر ذوالفقار علي ڀٽو جي امڙ جيڪا هيٺين طبقي سان واڳيل هئي. ان عورت سنڌ جي گڻنگ جاگيردار سان پيچ اٽڪايو هو. اهو پيچ ايئن هو جيئن نوري ۽ جام تماچيءَ جو جوڙ يا نور محمد ڪلهوڙي ۽ گلان جو جوڙ. جاگيردارانه ماحول جو تنتل ۽ بدبودار ماحول خورشيد بيگم کي جاءِ ڏيڻ لاءِ تيار ڪو نه هو. انهيءَ ڪيفيت کي سر شاهنواز به سمجهي رهيو هو، جنهن ڪري خورشيد بيگم سان جام تماچي ۽ نور محمد ڪلهوڙي وانگر ناتو جوڙيندي نندڙي ذوالفقار علي ڀٽي سان گڏ بمبئي جا وڻ وڄي وسايائين. شايد هڪ ٻيو سبب هو ته سنڌ جو سياسي

ماحول ۾ سر شاهنواز کي پاڻ ۾ نه پيو.

بهرحال ذوالفقار علي اميري ۽ احساس محرومي (جيڪو ڪيس امڙ کان ورثي ۾ مليو هو) جي گڏيل وايومنڊل ۾ پلجڻ لڳو ۽ ورهاڳي کان اڳ ولايت پڙهائي لاءِ روانو ٿي ويو.

ورهاڳي ٽيڊ ڪانپوءِ آزاد ٿيل ملڪ هندوستان ۾ ته ڪانگريس جي اڳواڻن سياسي ادارن ۽ آئين سازي جي ڏاهڻ ڏانهن ڏيان ڏنو. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ قائداعظم محمد علي جناح (1872ع-1948ع) به نئين آئين ساز اسيمبلي ۾ پنهنجي افتتاحي تقرير ۾ رياست جي اڏاوت جو بڻ بنياد جمهوريت ۽ غيرفرقيوارانه سياست تي رکڻ جو اعلان ڪيو. پر مسلم ليگ جي غيرمنظم، غيرنظرياتي ۽ مخالفن ڏانهن دشمني واري روش چالاڪ نوڪر شاهي کي ملڪي وهنوار ۾ مداخلت ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. جنهن ڪري جناح صاحب جي فوت ٿيڻ سان سياسي ادارن جي اڻ هوند ملڪ کي آمريت جي اوندهه ۾ ڌڪو ڪري ڇڏيو.

انهيءَ وچ ۾ نوجوان ذوالفقار علي ولايت مان بئرسٽري پاس ڪري موٽي آيو. ملڪي سياست ۾ نوڪر شاهيءَ جي پويان فوج به سياسي ادارن کي مضبوط ٿيڻ نه ڏني. ان سان گڏوگڏ ننڍين صوبن کي آڪٽوبر 1955ع ۾ زوري گڏي ون يونٽ جو سانگ رچايو ويو. ان حڪمت عملي خلاف ننڍين صوبن ۾ ته نفرت جوڳو ردعمل ٿيو. سنڌ ۾ جناب جي ايم سيد جي سربراهي ۾ "ائنٽي ون يونٽ فرنٽ" ٺاهيو ويو. انهيءَ هلچل ۾ ذوالفقار علي به داخل ٿيو. پر سندس سياسي استاد ۽ والد سر شاهنواز محسوس ڪيو ته قوم پرستي جي سياست هڪ اوکو ۽ اڻانگو سفر آهي، جنهن ۾ ذوالفقار علي کي رياستي اقتدار جي ماڳ ۽ منزل تائين پهچڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي. جنهن ڪري ذوالفقار علي ائنٽي ون يونٽ فرنٽ تان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ اسڪندر مرزا جي ويجهو ٿيو.

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته نوجوان ذوالفقار علي جيئن ئي اسڪندر مرزا جي ويجهو ٿيو ته پنهنجي ذهانت ۽ ڏاهپ جي ڪري چانئجي ويو. خاص ڪري جنرل اسڪندر مرزا لاءِ ڪشمير جي مسئلي ۽ سينٽو تي لکيل تقريرن ۾ ذوالفقار علي پٽوجي قدر ۽ عزت ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو. ان هوندي به سر شاهنواز پنهنجي ڏاهپ سان جاڻي ورتو هو ته اصل اقتدار جون

واڳون فوج وڏ آهن. ان ڪري فوج جي سڌراهه جنرل ايوب خان ڪي شڪار جي دعوتن وسيلي ويجهو ٿيو. ٿيو يه ايئن، جيئن جنرل ايوب خان ملڪ سان مارشلا آڪٽوبر ۾ هٽي اقتدار تي قبضو ڪيو تہ ذوالفقار علي پٽو نئين مارشلا سرڪار ۾ گهٽ عمر وارو ذهانت سان پرپور نوجوان طور ويڙل هو.

ذوالفقار علي پٽو جنرل ايوب خان جو بااعتماد ۽ پروسي جوڳو ساٿي بڻجي ويو ۽ سياسي صلاحڪار ليکجڻ لڳو. پر ذوالفقار علي ٻڌندڙ ٻيڙي ۾ ويهڻ جو هيراڪ ڪونہ هو ۽ سندس ذهني اڏام جو پڪي اقتدار جي اوچائين کي ڇهڻ لاءِ بيقرار هو. جنهن ڪري انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ رهيو. ان ڪري جيئن ئي جنوري 1966ع ۾ تاشقند معاهدي ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس يقين ٿي ويو تہ ايوب خان پنهنجي عروج کان زوال طرف وڃي رهيو آهي، اها بہ خبر هيس تہ اقتدار جو حقيقي مرڪز فوج ۽ افسر شاهي آهي، جنهن جو واسطو پنجاب سان آهي، جنهن ڪري ذوالفقار علي پاڻ لاءِ سياسي ميدان هموار ڪرڻ لاءِ پنجاب جي نفسيات سان کيڏندي پهريون ڪارڊ اڇلايو تہ اسان 1965ع جي جنگ ۾ سرسي حاصل ڪري وياسون. پر ان کي تاشقند ۾ هارائي آيا آهيون ۽ ذميواري جنرل ايوب خان تي آهي. ايوب خان چوڌاري نوڪرشاهي جي گهيري ۾ هو ۽ وزير الطاف گوهر جي ڀُرڄ تي ذوالفقار علي پٽي کي وزارت تان لاٿو ويو.

ذوالفقار علي ڪجهہ وقت تہ همٿ هاري ويهي رهيو پر بنيادي طور سندس ذهن ۾ هڪ نقطو هو تہ تواريخ ۾ جيارپي لاءِ وڙهڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ واهہ ڪانهي ۽ ڳچ وقت لاڙڪاڻي ۾ پاسيرو ٿي پڙهڻ ۽ آئندہ لاءِ حڪمت عملي تيار ڪرڻ لڳو.

ذوالفقار علي پاڪستان کان ٻاهر نظر نهار ڪئي تہ ذهن ۾ ويهي رهيس تہ سڄي دنيا سرد جنگ جي چڪتاڻ مان لنگهي رهي آهي، ان ۾ ٽين دنيا سياسي ۽ اقتصادي مسئلن جي ڄار ۾ ڦاٿل آهي، پاڪستان بہ انهي ڏبڻ ۾ ڦاٿل آهي. هن وقت مظلوم انسانن جي لاءِ هڪ معاشي پروگرام (سوشلزم) جو غوغاء هلي رهيو آهي، اسان جي ملڪ ۾ بہ اهو غوغاء گهٽي وقت کان هلي رهيو آهي، پر ان سان گڏوگڏ قومي سوال بہ لاڳاپيل آهي، جنهن کي حڪمران طبقو هن مهل تائين سرد خاني ۾ اڇلائيندو اچي پيو. ان لاءِ ضروري آهي تہ حڪمرانن سان مهاڏو انڪائڻ جي برعڪس عوام جي نفسيات کي ڪتب آڻجي ۽ اقتصادي پروگرام کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ گهرجي.

اهو مون اندازو هيئن لڳايو ته جڏهن ذوالفقار علي لاڙڪاڻي ۽ المرتضيٰ ۽ اچي ٽانيڪو ٿي ويئو ته سندس نيم هوته مرحوم تاج محمد ابڙي جي اوطاق تي روزانو ٽيندڙ ڪچهري ۽ شريڪ ٿيندو هو. ان ڪچهري ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، مولوي نظير حسين جتوئي، ڪامريڊ جمال الدين بخاري، ڪامريڊ سوپو گيانچنداڻي، دوست محمد ابڙو، سيد خادم حسين شاهه، سائين ايار قادري، بخشل شاهه، عبدالوحيد ڪنڀر ۽ اسان نوجوان جيڪي ون يونٽ جي خلاف تحريڪ ۾ سرگرم هئاسون، اهي به اتي ويهنداهئاسون. ذوالفقار علي سنڌ، سموري ملڪ ۽ بين الاقوامي صورتحال تي سڀني سجاڻ ماڻهن سان ڪچهري ڪندو هو.

مون کي ياد آهي ته هڪ پيري ذوالفقار علي جو ڪامريڊ حيدر بخش ۽ ڪامريڊ سوپي سان بحث چڙي پيو ته جيڪڏهن اسين سوشلزم جي معاشي پروگرام کي هٿ ۾ کڻي جدوجهد ڪنداسون ته سڀني مسئلن ۽ مونجهارن کي ختم ڪري سگهنداسون. جڏهن ته بنهي ڪامريڈن جي راءِ هئي ته قومي سوال جي نبيرڻ ڪانسواءِ ملڪ ۾ دائمي ناپراچڻ محال آهي، هن مهل ته سنڌ کي به ون يونٽ جي سنگهڑن ۾ سوگهو ڪيو ويو آهي، اسان جي قومي سجاڻپ سان ته طبقاتي جدوجهد لاڳاپيل آهي، ان ڪري هتي طبقاتي مسئلو اوستائين حل ٿي نه سگهندو، جيستائين ان سان گڏ قومي مسئلي کي حل ڪرڻ جي سنجيدگي سان ڪوشش نه ڪنداسون" پر ذوالفقارعلي جو دليل هوته جيڪڏهن قومي سوال کي ايڏو سنجيدگي سان ڪنيو ويو ته پنجاب ۾ هروبرو شڪ شبها جنم ونندا. هونئن به اسان سڀني جا مسئلا ۽ مونجهارا هڪ ٻئي سان ايترو ته ڳٽيل آهن جو سنڌ اڪيلي سر ڪجهه به نه ٿي ڪري سگهي." وغيره وغيره.

بهرحال انهن ڪچهرين ۾ ايئن ٿيو ته ذوالفقار علي سان اسان جو اچڻ وڃڻ ويجهو ٿيندو ويو. ان ڪانپوءِ ايوب شاهي جي عملدارن ذوالفقار علي جي پويان نُوس نُوس ڪرڻ شروع ڪئي ته به مان ۽ هڪ ٻيو دوست (جيڪو هينئر گڏنگ ڪامورو آهي) المرتضيٰ ايندا ويندا هئاسون. آخرڪار ذوالفقار علي پاڪستان جي سياست ۾ هڪ نئون ورق لکڻ شروع ڪيو. جيڪو 30 نومبر 1967ع تي شروع ٿيو ۽ اڄ تائين لکجي رهيو آهي. مطلب آهي پاڪستان پيپلز پارٽي جو نهڙ. هونئن ياد رکڻ گهرجي جو ورهاڱي کان اڳ

جناب جي ايم سيد ۽ سر شاهنواز پٽو به پيپلز پارٽي ٺاهي هئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي جو ٺهڻ وقت جي گهرج هئي، چوته ملڪي سياست ۾ قومي سوال تي عوامي ليگ ۽ نيشنل عوامي پارٽي جو موقف چٽو هو. مسلم ليگ حڪمران طبقي جي گولي غلام بڻجي ويئل هئي. مذهبي جماعتون رجعت پرستي ۽ بنيادپرستي جون طرفدار هيون. ملڪ جي سول ۽ ملٽري بيوروڪرسي سياست ۾ حڪمراني ۾ بالادست بڻجڻ تان هٿ کڻڻ لاءِ تيار ڪو نه هئي. انهن ٻنهي ادارن کي مفادن جي لحاظ کان کا به قومپرست سياست جي راند قبول کا نه هئي ۽ اهڙي پارٽي جي ضرورت هئي، جيڪا اهڙي سياسي اٽل ۾ مانار آڻي چڏي يا عارضي طور وڏندڙ سياسي عمل کي ڦيرائي سگهي. اها حڪمت عملي ذوالفقار علي ڀٽي جي سوچ ويچار سان ٺهڪي رهي هئي، چوته هن جي راءِ موجب ته حاڪمن سان مهاڏو اٽڪائي بيهڻ کان وڌيڪ سرجاءِ سان اقتدار ۾ پاگي پائيوار ٽيڻ ۾ چگائي آهي.

ذوالفقار علي پنهنجن ڪيترين ئي غلطين ۽ ڪوتاهين جي باوجود عوام جي ذهني اوسر جو نبض شناس هو. جنهن ڪري هُن عام ماڻهن کي انسان هڻڻ جو احساس ڏياريو. اهوئي سندس اندر ۾ ويئل احساس محرومي وارو انسان هو.

نيٽ 1970ع جون چونڊون ٽيون، عوامي ليگ اڪثريت سان چونڊجي آئي ۽ هي نمبر تي پ پ کي اڪثريت حاصل ٿي. حڪمرانن جي رڌڻي ۾ رولو پٽجي ويو ۽ عوامي ليگ کي اقتدار نه ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. عوامي ليگ به پارليامينٽ کان ٻاهر ڪنهن به پارٽي خاص ڪري پ پ سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ تيار ڪو نه هئي. چوته عوامي ليگ کي اڪثريت هڻڻ ڪري ڪنهن به اتحاد جي گهرج کا نه هئي. هوڏانهن ذوالفقار علي کي پاڻ سان چونڊجي آيل ميمبرن جي ذهنيت بابت چگي ريت ڄاڻ هئي ته جيڪڏهن اقتدار جي ايوان ۾ شامل نه ٽيو ته ميمبرن جي اڪثريت ساٿ چڏي ويندي. جڏهن بنگال تي فوج ڪشي 25 مارچ 1971ع ۾ ڪئي وئي ته سندس زبان مان نڪتو ته "خدا جو شڪر آ ته پاڪستان بچي ويو"

پر تواريخ ۾ ائين ڪو نه ٽيو آهي ته ڪنهن به قوم کي احساس ٿئي ته هو غلام آهي ته پوءِ دنيا جي کا به طاقت ان کي غلام رکي سگهي، ٽيو به ائين جو 16 ڊسمبر 1971ع تي اڪثريت، اقليت کان جان ڇڏائي وڃي

بنگلاديش ٺاهيو.

پاڪستان جي حڪمران ملٽري ۽ سول نوڪر شاهي جي دنيا ۾ پت وائکي ٿي وئي.دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پاڪستان جي غيرسياسي روش جي نندا ٿيڻ لڳي. ان کانسواءِ ملڪ ۾ اندروني طور سياسي ۽ اقتصادي گهوٽالو عروج تي پهچي ويو، ڇو ته جنگي جنون ۽ مرد مجاهد جي فلسفي جي بيخ ڪني ٿي وئي جنهن ڪري جنگ ۾ شڪست اچي وئي، ملڪ جو ڳپل حصو هٿن مان نڪري ويو ۽ نوي هزار جوان جنگي قيدي وڃي بڻيا.

هاڻي سول ۽ ملٽري بيوروڪريسي جي لاءِ هڪ ئي دڳ رهيو ته اقتدار ڪنهن سياسي ڌر جي حوالي ڪيو وڃي، ان لاءِ ذوالفقار علي ڀٽي ۽ پ پ جي چونڊ ڪئي وئي. ائين قتدار جي مسند تي پهچڻ کانپوءِ مصيبتن جي گهيري ۾ ورتل ملڪ جي سياسي ۽ معاشي ساک بحال ڪرائڻ لاءِ هيٺيان اپاءَ ورتا:

1. هندوستان جي وزيراعظم مسز اندراگانڌي (نومبر 1917ع-آڪٽوبر 1984ع) سان 2 جولاءِ 1972ع ۾ شملا ٺاهه ڪري نوي هزار جنگي قيدي آزاد ڪرايا، قبضي ٿيل زمين واپس ورتي.
2. سڄي دنيا جو دورو ڪري ملڪ جي پرڏيهه ۾ ڪرندڙ ساک کي بحال ڪرايو ۽ خاص ڪري عرب ملڪن تباهه اقتصاديات کي بحال ڪرائڻ لاءِ امداد ڏني.
3. اندروني طور سياست ۾ به سڀني ڌرين سان حيلا بهانا هلائي 1973ع جي آئين تي اتفاق راءِ پيدا ڪيو، ٻيو ته ڇڏيو جناب جي ايم سيد به ذوالفقار علي ۽ نيشنل عوامي پارٽي جي وچ ۾ سهڪار لاءِ مدد ڪئي.

هن مهل تائين وقت ۽ وٿي ٻئي ذوالفقار علي جي مُٺ ۾ قابو هئا، ان ڪري کيس سهپ، رواداري ۽ سچيتائي سان وهنوار کي هلائڻ گهريو، پر اقتدار تي قابض ٿيڻ شرط اهي غلطيون ورجائڻ شروع ڪيون، جيڪي فيوڊل سياست جو ورثو ته چئي سگهجن ٿيون، پر جمهوريت ۽ آزادي جي روح جي منافي ليکي سگهجن ٿيون. اهي غلطيون ترتيب وار هيئن ليکي سگهجن ٿيون:

1. مخالف سياسي جماعتن سان محاذ آرائي شروع ڪئي، جنهن ڪري نعپ ۽ ٻيون قومپرست جماعتون جهڙوڪ جيئي سنڌ تحريڪ وارا نشانو بڻيا.

2. پ پ ۾ ڪڏهن به ادارن جي تنظيم سازي ڏي ڏيان ڏيڻ مناسب نه سمجهيو ۽ شخصي سحر جي حوالي سان انفرادي گرفت کي سوگهو رکيو ۽ پارٽي پروگرام جي بي شڪل "پٽوازم" ٻڌجي وئي.
3. پارٽي جي تنظيم سازي جي اٿهوند سبب ذوالفقار علي کي افسر شاهي تي تکيو ڪرڻو پيو.
4. تعليمي ادارن، بئنڪن ۽ ٻين ادارن کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو اعلان ڪيو ويو. پر انهن ادارن کي هلائڻ لاءِ ڪا به عوامي تنظيم يا جوڙجڪ موجود ڪا نه هئي، جنهن ڪري نوڪر شاهيءَ جو محتاج ٿيڻو پيو.
5. پارٽي اسٽرڪچر ۾ ريڊيڪل سوچ رکندڙن جهڙوڪ ڊاڪٽر مبشر حسن، ميرعلي احمد تالپر، معراج محمد خان، محمود علي قصوري، مير علي بخش تالپر، مختيار رانا، حنيف رامي وارن کي يا ته ڪيو ويو يا پاسيرو ڪيو ويو. ان جاءِ تي فيوڊل ۽ حاڪمانه سوچ رکندڙن رائو رشيد، غلام مصطفيٰ جتوئي، ممتاز علي ڀٽو، مولانا ڪوثر نيازي، رفيع رضا، صادق حسين قريشي جهڙا ذوالفقار علي جي چوڌاري گهيرو ڪري ويا.

ذوالفقار علي پ پ ۾ تنظيم سازي جي پينگ هئڻ ڪري عوام کان ڇڄي نوڪر شاهي جو طفيلي ٻڌجي ويو. جنهن ڪري نوڪر شاهي ۽ جاسوسي ادارن جي صلاح ثواب تي عمل ڪرڻ لڳو. ان جو هڪ مثال آهي ته جاسوسي ڪاتي رپورٽ ڏني ته نيشنل عوامي پارٽي ملڪ دشمن سرگرمين ۾ ملوث آهي، جنهن ڪري پارٽيءَ تي بندش لاڳو ڪئي وئي، پر مارشلا سرڪار اڳتي هلي "اڇي ڇني" (White Paper) ۾ پڌرو ڪيو ته اها رپورٽ هٿراڏو هئي، انهن ادارن جي صلاح تي ذوالفقار علي ڀٽو هيٺيان هينان اڀرا قدم کنيا:

1- سرڪار جي پاليسين تي صحتمند تنقيد کي به روڪيو ويو.
2- پريس تي پابندي هٽندي، رسالن ۽ اخبارن تي بندش هنئي وئي،
3- قومي اسيمبلي ۾ اڪثريت جي حيثيت کي بيدردي سان استعمال ڪندي ڪورٽن جي اختيارن کي گهٽايو ويو ۽ عوام جي بنيادي حقن کان به ڪن لاتار ڪئي وئي.
4- مذهبي قوتن کي ڏڙو ڪرڻ لاءِ هڪ خوفائتو فيصلو ڪيو ويو جنهن ڪري فرقيواريت جو ڀوت بوتل کان ٻاهر نڪري آيو يعني قاديانين کي ٽورائي قرار ڏيڻ، (اهو پوت هاڻي ته ذڪري، اهل تشيع، آغا خاني ۽ بوهرين

تي ڏند ڪرڻي رهيو آهي.) اڃا به ڏيکاءِ واسطي شراب تي بندش، جمعي جي موڪل ۽ گهوڙن ڊوڙن تي پابندي هنئي وئي.

هن مهل تائين ذوالفقار علي جي غلطين ۽ اوڻاين جو چڱو چوکو ذڪر ٿي چڪو آهي، پر ايترن ڪوتاهين جي باوجود به ذوالفقار علي جيئرو جاڳندو آهي، اهو هڪ بنيادي سوال آهي. ذوالفقار علي جي غلطين ۽ ڪوتاهين کي هڪ فيوڊل ۽ اميري ماحول ۾ پلجڻ ۽ حاڪمانه ذهنيت واري انسان جو اظهار چئي سگهجي ٿو پر مون جيئن مٿي ذڪر ڪيو آهي ته ڀٽي ۾ احساس محرومي وارو به انسان لڪل هو اهو احساس محرومي وارو انسان وطن دوست ۽ انسان دوست، آزاد خيال ۽ روشن خيال صوفي به هو جنهن کي وساري يا ميساري نه ٿو سگهجي. ان صوفي ذوالفقار علي کي پنهنجي وطن جي مٽي، تهذيب، ثقافت سان جنون جي حد تائين محبت هئي. مثال طور:

1. سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کي اجاڳر ڪرڻ لاءِ موهن جي دڙي سان پنهنجو رشتو ڳنڍڻ لاءِ "سنڌ ضدين کان" بين الاقوامي سيمينار منعقد ڪرائڻ.
2. راڳ ۽ موسيقي سان اڻ کٽ چاهه ۽ محبت. ان حد تائين جو لطيف سرڪار، شاهه حسين ۽ خواجه غلام فريد جي ڪلام تي روئي پوڻ. مون ته ذوالفقار علي کي اکين سان سُرور ۽ بي خوديءَ ۾ نچندو ڏٺو.
3. پاڪستان جي تواريخ کي ڪنهن ٻاهرئين نظرئي سان ڳنڍڻ جي بجاءِ پنهنجي ثقافت ۽ ڪلچر جي واڌاري لاءِ قومي ادارا قائم ڪرڻ.
4. پنهنجي عوام سان محبت ڪرڻ.

پر اقتدار جي ايوان ۾ رهندي ذوالفقار علي پنهنجي عوام کان ڇڄي ويو ۽ "وقت" ۽ "وٿي" واري وانگر وهي چڪا هئا ۽ خوشامدپرست ۽ موقعي پرست به کسڪڻ لڳا. آخرڪار جيئن اورنگزيب (1618ع-1707ع) مذهبي ۽ فرقيواريت جو طرفدار بڻجي صوفي منش ۽ دانشور داراشڪوه (1615ع-1659ع) کي گهيرو ڪري ويڪائو عالمن کان فتويٰ ڏياري مارائي ڇڏيو ائين جنرل ضياءَ به اورنگزيب جو ٻيو روپ بڻجي قضا جي تلوار وَهائي ۽ ذوالفقار علي ڀٽو 4 اپريل 1979ع جي ڀنڀرڪي ۾ اڻ ڏٺي ڏيهه ڏانهن روانو ٿي ويو، جنهن لاءِ لطيف سرڪار چيو آهي:

حميرن حساب، ڪَهه ڄاڻان ڪهڙو ٿيو

هاڻي هڪ سوچ ويچار جو نقطو آهي ته ذوالفقار علي جو ڦاسيءَ تي

چڙهڻ ۾ ڪيس شهيد ليکڻ وارو رتبو عوام جي دلين مان ڪو به کسي ۽ ميساري نه سگهيو آهي، ۽ ان جو مکيه سبب آهي ته اسان ذوالفقار علي سان انصاف ڪرڻ ۾ تنگ نظري جو شڪار ٿيا آهيون ۽ ان ڪري ڪيس آزادي نصيب ڪا نه ٿي آهي.

قومپرستن ۾ ترقي پسندن عوام سان ته محبت جو اظهار ڪيو آهي، پر عوام جي دلين ۾ پيهي ويل ذوالفقار سان انصاف کو نه ڪيو آهي، پر ذوالفقار علي سان فيوڊل روش اختيار ڪئي وئي آهي. انصاف اهو آهي ته صوفي ذوالفقار سان انصاف ٿيڻ گهرجي.

هن مهل حالت اها بڻي آهي جو ذوالفقار سان انصاف نه ٿيڻ سبب فيوڊل ذوالفقار علي ۽ جي سجاده نشيني جو سلسلو عروج تي پهتل آهي، ان ڪري لازمي آهي ته ذوالفقار کي سجاده نشيني جي بدعت ۽ بت پرستي ۽ کان بچايون. ان ڪري کيس خاندااني ورثي جي سياسي زنجيرن مان آزاد ڪرايون، ان لاءِ سندس خوبين ۽ خامين کي غيرجانبدارانه نموني چنڊچاڻ ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

لاڙڪاڻو
1993/12/28

ٹئگور رابندرناٿ
امن ۽ انساني پائيچاري جو علمبردار

ويهين صديءَ جو هندوستان ۽ تواريخ جي وَرڻن ۾ ڪيرڙارا (Milky Way) جيان آرماڙ ۽ گهڻ پا سائن هستين سان سٽيل آهي. انهن سدا بهار ۽ ڳڻتوان هستين جي فهرست لکڻ ويهجي ته شايد وقت وهامي وڃي. پر ٽلهي ليکي ويهين صديءَ جي پهرين اڌ جو هندوستان/ برصغير، خوش قسمتي سان پڻ ڏن اهم اڳواڻن جو عهد آهي جن ۾ هڪ شاعر، پيو فلاسفر ۽ ٽيون اخلاقي قدرن جو پرچارڪ آهي. انهن ڏنهي صاحبن پنهنجي وت ۽ وس آهر محنتن ۽ جاکوڙ سان قدامت پرست هندوستان کي هندو قوم پرستيءَ جي حدن منجهان ٻاهر آڻي عالمي پائيچاري سان روشناس ڪرايو. اهڙي طرح هندو قدامت پرستيءَ، سوچ ۽ فڪر جا دروازا بند ڪري، هندوستاني قوم جي وسيع تر بنيادن تي عمارت سازيءَ جي ابتدا ڪئي. انهن ڏنهي انسانن جديد هندوستان جي اڏاوت کي مسلمانن ۽ ٻين جاتين جي سهڪار کان سواءِ اڻ پورو، ويران ۽ بسو ڇاڻايو. اهي شخصيتون آهن؛ گرديو ٹئگور ۽ راڌا ڪرشن.

شاعر/ فيلسوف ٹئگور، تنگ دل، قدامت پرست هندوستان جي جاءِ تي وشال ۽ سڪيولر هندوستان جو سفير ۽ پيامبر هو. سندس زوردار راءِ مطابق ته هندوستان جي تواريخ اڏيندڙ محض هندو ڪونہ آهن. پر سيئي هند واسي آهن. صديون اڳ مسلمانن پنهنجي جدا گانہ ڪلچر ۽ تهذيب جي سڃاڻپ سان سرزمين هند تي پير رکيو هو. اڳتي هلي هن ديس جي تواريخ جو هڪ حصو بڻجي ويا. ان کان بعد ۾ برطانوي/ يورپي مغربي ڪلچر ۽ علم جي اضافي برڪتن سان وارد ٿيا. ان ڪري سمجهڻ ۾ گهرجي ته جديد هندوستان تي ڪنهن به هڪ رنگ، نسل ۽ ذات جي هڪ هٿي قائم ٿي نہ سگهندي. سرزمين هند ۾ مختلف مذهب ۽ ڪلچر هڪ ٻئي آسمان هيٺ امن، محبت شانتي سان رهندا اچن پيا. پر اڄ هندوستان کي امن، محبت ۽ ايڪتا برقرار رکڻ جي وڏيڪ ضرورت آهي. ٹئگور، هندوستان جي انهي ڪينسر مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ محبت، امن ۽ انساني پائيچاري جي وايو منڊل کي

وڌيڪ مستحڪم رکڻ لاءِ عملي قدم کنيو. ان مان منهنجي مراد آهي "وشوپارتي" يعني عالمي پارتي يونيورسٽي جو شانتي نڪيتن ۾ بڻياد رکڻ. يونيورسٽيءَ جو مقصد هو ته انساني پائپي جوڙو ماحول پيدا ڪرڻ جتي مغرب ۽ مشرق جو سنگم هڪ نواڻ جي اوسر جو ڪارڻ بڻجي سگهي.

"گرديو ٽئگور پنهنجي عمل ۽ فڪر ۾ عميق ۽ اونهو روشن خيال ۽ سڪيولر مزاج جو هو. جڏهن مهاتما گانڌي پنهنجي تقريرن ۾ آزادي لاءِ رام راج لفظ جو ورجاءُ ڪرڻ لڳو ته ان کان پوءِ ٽيل هڪ ملاقات ۾ ڪيس خبردار ڪندي چوڻ لڳو: اوهان کي منهنجي هڪ گذارش هينئين سان هنبائڻ ضروري آهي ته آزادي جي جدوجهد ۾ جن لفظن کي هندوستان ۾ ڊيٽ ويٽ ڪرائي رهيا آهيو سو اڄڪلهي هلي نقصان ڪارثابت ٿيندو ۽ ٻنهي جاتين هندو ۽ مسلم کي ورهائي ڇڏيندو."

اهڙي ئي هڪ ملاقات ٽئگور ۽ گانڌي وچ ۾ جولاءِ 1921ع تي گرديو جي رَهائش گاهه تي ڪلڪتي ۾ ٿي.ان ۾ ٻه ٽئگور گانڌيءَ کي فرمائش ڪندي چيو" مذهب کي ماڻهن جي خالص سياسي ۽ سماجي مسئلن سان ملائڻ ڪرڻ جا اڳرانتيجا نڪرندا آهن." گرديو. "مان ته هندو_ مسلم ايڪتا جا گهُربل نتيجا حاصل ڪري ورتا آهن" گانڌي حيرانگي مان _ گهوريندي چيس. ٽئگور وراڻيس ؛"جڏهن برطانوي ڪُوچ ڪري ويندايااسين قوم پرست کين نيڪالي ڏيڻ ۾ سوپارا ٿيندا سون ته پوءِ چا ٿيندو؟" گانڌي:" پر منهنجو سِتاءُ ته مڪمل خود مختياري ۽ عدم تشدد جي بنيادن تي حاصل ڪرڻ آهي." ٽئگور چيس هيڏانهن اڄ ۽ گانڌي صاحب اڇي لقاءُ ڏسو " ٽئگور وراندي جي ايوان /آڱڻ ۾ بيهي آگر جو اشارو سڏائي ۾ ڪندي چيس: "اوهان پنهنجي اکين سان ڏسو ته اوهان جي عدم تشد جا نام نهاد پوئلڳ چا ڪري رهيا آهن؟" اهي ماڻهو پرڏيهي ڪپڙا ساڙي رهيا هئا جن جا الا ۽ دونهون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. ٽئگور سوالیہ نوع ۾ گانڌي کان پڇيو."چا ائين ممڪن آهي ته عام ماڻهن جي جارحانہ جذبات کي اهڙن عدم تشدد جي طور طريقن سان ٻنجو ڏئي سگهجي ٿو؟"مان سمجهان ٿو ته ناممڪن آهي"گانڌي ٽڏائپ ۽ مايوسيءَ سان وراڻيو.

ٽئگور طاقت ۽ جبر جي سخت خلاف هو. جنهن وقت هندوستان ۾ رولٽ ائڪٽ نافذ ڪرڻ خلاف هند واسي مظاهرا ڪري رهيا هئا. انهن احتجاجن ۾ امرت سر جو جلياڻہ والا باغ مرڪزي حيثيت حاصل ڪري ويو هو. ان حوالي سان 12 اپريل 1919ع تي ٽئگور هڪ اِنومان هيٺ گانڌي ڏانهن

هڪ تفصيل وار خط لکيو ان خط ۾ لکي ٿو: پيارا مهاتماجي،

طاقت/ شڪتي ڪهڙي به شڪل ۽ شبيه ۾ هجي اهاغير منطقي اياڻپ ۽ ڇسائپ جومجموعو آهي. ان لاءِ ائين به چئي سگهجي ٿوته: انڌي گهوڙي ڪل ۾: جنهن کي منزل ۽ ماڳ جي ڪابه سُڌ ڪانه هوندي آهي. انڪري اخلاقيات جو عنصر ۽ ان سئس / سوار ۾ هئڻ لازمي آهي جيڪو انڌي گهوڙي تي سوار آهي. هونئن مايوسي جي ڦند ۾ ڦاٿل مزاحمت لاءِ سگهه/ طاقت هروڀرو ضروري ڪانه هوندي آهي. چيو وڃي ٿو ته مايوسي پڻ اخلاقي قدرن منجهان هڪ عنصر آهي. اها مايوسي جي روش/ سلوڪ مورڳو سچائي خلاف به ڪتب اچي سگهي ٿي. پر جڏهن طاقت جي سر ڪشي وڌي وڻ ٿي فاتح بڻجڻ جي بدمستيءَ ۾ مبتلا ٿيندي آهي ته پوءِ لالچ، لوڀ جا آثار پيدا ٿيندا آهن.

مون کي چڱي ريت ڄاڻ آهي توهان بديءَ جي خلاف نيڪي جي هٿيار سان جنگ ڪرڻ ۾ ويساهه رکندڙ آهيو. پر ان طرز جي ويڙهاند ته سورما ڪندا آهن ۽ نه وري لاحاصل جوش ۽ ڌڪار جي تحريڪ سان... ..."

انهي مذڪوره خط جي پڄاڻي ۾ هيٺيون بيت گانڌي ڏانهن ارپنا ڪندي لکي ٿو.

"منهنجي دعا آهي ته محبت لاءِ همٿ ۽ سگهه عطا ڪر.
همٿ ڏي ته ڳالهائي سگهان."

تنهنجي چاهت ۽ محبت لاءِ مصيبتون ۽ مامرا برداشت ڪيان، جيئن مان عام شين کي تياڳ ڏئي سگهان يا وري مون کي اڪيلائي ڏانهن اماڻي ڇڏ.

منهنجي دعا آهي ته محبت ۾ ويساهه کي اعليٰ
رکين زندگي متعلق موت ۾ پڻ ويساهه ٿئي،
شڪست ۾ فتح نظر اچي،
هيڻائي ۾ سگهه سانڀيل نظر اچي،
سورن ۾ عظمت ۽ وڏائي نظر اچي،
ڌڪار ۾ راحت نظر اچي.

آخر ۾، ٽئگور قدامت پرست ۽ دل تنگ قوم پرستيءَ جو مخالف هو جنهن ڪري کيس ائنٽي نيشنلسٽ به چيو ويندو هو.

ڪراچي، سنڌ
شام جا ڇهه وڳا
6/05/07

ائڊورڊ سعد EDWARD SAID
فلسطين جو عالمي دانشور

(01 نومبر 1935ع - 25 سيپتمبر 2003ع)

ڏکڻ ايشيا ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ جنهن جي جمار مان پنهنجي ليکي چوڪي ۾ هڪ صدي جي لڳ ڀڳ پائيندو آهيان تنهن کي هيلتائين ٻالجتي ۾ مورڳو بانبڑا پائڻ جي دور ۾ ليکيندو آهيان. پوتہ سنڌ جي قومي تحريڪ کي عالمي تحريڪ جو هڪ حصو ليکيندو آهيان. جڏهن انهيءَ نقطہ نگاهہ کي ذهن ۾ رکي ڪاٽو لڳائيندو آهيان تہ سنڌ جي قومي تحريڪ پنهنجي موجوده طبعي حد بندي جا ليکا لتاڙي ڏکڻ ايشيا ۾ عالمي سطح تي پنهنجي مڃتا ۽ سڃاڻپ جي ڏس ۾ ڪو بہ فعال ڪردار ادا ڪندي نظر ڪونہ ٿي اچي. ان ڏس ۾ اڃ هوند جا ڪيترائي ڪارڻ چئي سگهجن ٿا. پر مکيہ ڪارڻ هيٺيان نظر اچن ٿا:

1. عالمي سطح تي سنڌ جي قومي نمائندگي ۽ سرواٽي.
2. عالمي سطح تي سنڌ جي دانشور ۽ مفڪر جو ڪردار ۽ وابستگي.

انهن ٻنهي نقطن کي آڏو رکندي جڏهن سنڌ جي سياسي ۽ سماجي وايو منڊل تي غور ۽ فڪر ڪندو آهيان تہ گهٽي ياگي مثبت/ هاڪاري ۽ دل کي ڏيڊ ڏيندڙ/ دلجاءِ ڏيندڙ ڪار گذاري گهٽ لڌندي آهي. پوتہ سنڌ جي موجوده قومي تحريڪ چڙوچڙ، گروهہ بندي، افراتفري ۽ هڪبئي جا لاهہ ڪيڻ جي عمل منجهان گذري رهي آهي. سنڌ جي آڃي ۽ خوشحالي جون دعويداريون ڏريون "اتحاد" جي نالي ۾ اتحاد مخالف عمل ۾ وڌيڪ سرگرم آهن. ان جو هڪ اهم ڪارڻ آهي تہ اداري سازي جيڪا ڪنهن بہ جاندار قومي تحريڪ/ سياسي پارٽي جو روح هوندي آهي ان جي شروعاتي دور ڪان بہ پر انهون آهيون جنهن ڪري شخصيت پرستي جو هڪ ڏنڊ چانيل آهي. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ بابت ڪا بہ اتفاق راءِ موجود ڪانهي تہ سنڌ جو مقدمو وڙهڻ ۽ نمائندگي ڪرڻ جي وک وڌائڻ جڏ تہ هڪ خام خيالي

نظر اچي ٿئي. انهن ساڳين حالتن ۾ ورتل سنڌ جو فڪري لڏو پڻ آهي ، جو ته سنڌ جي فڪر ۽ فهم ۾ نواڻ ۽ اتساهه جو جذبو پيدا ڪندڙ دانشور طبقو قومي تحريڪ ۾ گذريل ٽيهن ورهين کان اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ بدران لفاظي گرمجوشي ۽ تير تڪلي تي گذارو ڪري رهيو آهي. انهن دانشورن جي اڪثريت ماضي جي ڪار گذاري کي سيني سان لايون تقليد پرستي جي پيچرن جا پانڌيئڙا آهن. انڪري ائين چوڻ ۾ حق بجانب ٿو سمجهان ته اسان جي سياسي ۽ معاشي غلامي جو مڪيه ڪارڻ فڪري جموديت آهي. پر ياد رکڻ گهرجي ته صورتحال ڪيڏي به منجهيل ۽ مايوس ڪندڙ ڇو نه هجي ته به همت ۽ حوصلو هاري ويهڻ غلامي جو بدتر اهڃاڻ آهي. انجو هڪ سبب آهي ته پنهنجي قومي تحريڪ ۾ ماڻار جي ڪري اسان اوسي پاسي ايندڙ ردوبدل ڏانهن ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي نالي ماتر به ڪوشش ڪئي هجي نه ته ٿيو خير!

انهيءَ ڏس ۾ عالمي سطح تي سنڌ جي قومي تحريڪ جون لامون ڦوليڻ شروع ڪندو آهيان ته فلسطين جي قومي تحريڪ ڪنهن حد تائين ٽهڪندي آهي ۽ فلسطين جي قومي تحريڪ مان اتساهه ۽ پنيرائي حاصل ڪندو آهيان. فلسطين جي فڪري محاذ تي ڪوڙ سارن دانشورن ۽ عالمن جا نالا نظر ايندا آهن، پر جنهن صاحب فلسطين جي مان ۽ مقصد کي عالمي سطح تي پيش ڪري لازوال مڃتا ماڻي اهو فلسطين جائو ائڊورڊ سعد آهي جيڪو 25 سيپٽمبر 2003ع تي جلا وطنيءَ جي حالت ۾ نيويارڪ ۾ گذاري ويو.

ائڊورڊ سعد جنهن پنهنجي علم ۽ عمل وسيلي فلسطين کاز لاءِ اڪين جو نُور نچوڙي اوجاڳا ڪيي جلاوطني جي حالت ۾ 300 مضمون لکيا. 26 سيمينارن کي خطاب ڪيو ۽ لڳ ڀڳ ارڙهن ڪتاب لکيا. ائڊورڊ جيڪو آزاد فلسطين جي جدوجهد ۾ قومي سلامتي جو ميمبر رهيو ۽ جڏهن ياسر عرفات 1992ع ۾ اوسلو ناهه وسيلي فرقيوارانه وڊ ورچ قبول ڪري هٿيار ڦٽا ڪيا ته هن پي، ايل، او تان استعيفا ڏئي ڇڏي. ان حد تائين جو ائڊورڊ سعد کي سندس مخالفن "مسٽر فلسطين" ۽ "مسٽر دهشتگرد" جي خطابن سان سڏڻ شروع ڪيو.

ائڊورڊ سعد جي قلمي ۽ عملي پورهئي ۽ عالمي سطح تي سندس ڪردار کي سمجهڻ لاءِ هن حصن ۾ ورهائڻ وڌيڪ لاپائتو ثابت ٿيندو:

1. **ائڊورڊ سعد جي حياتيءَ جو سفر.**
2. **ائڊورڊ سعد جو علمي ۽ عملي پورهيو.**

ائڊورڊ سعد جي حياتيءَ جو سفر ۽ جدوجهد:

ائڊورڊ سعد جون ساروٽيون جيڪي سال 2000ع ۾ گهر کان پا هر (OUT OF PALACE) جي نالي سان چپيون آهن. ان ۾ ڪتاب جي مهاڳ ۾ صفحي XV تي مختصر پر اثرائتي نموني پنهنجي حياتي بابت لکندي چوي ٿو:

"هن ڪتاب لکڻ جي آڏار سان هڪ نقشو ايري اچي ٿو. منهنجي حياتيءَ متعلق جيڪا 1935ع ۾ جنم کان شروع ٿيندي 1962ع تائين وچ اوير ۾ آيل اٿل پٿل جي هڪ غير سرڪاري رکارڊ تي محيط آهي. ان ۾ منهنجي حياتي جو لنگهه ٻي مهاياري لڙائي جي پس منظر کان ٿيندو فلسطين جي ويجائڻ ۽ اسرائيل جي وجود ۾ اچڻ، مصر ۾ بادشاهت جي خاتمي ۽ ناصر جي حڪمراني، 1967ع جي جنگ، فلسطيني تحريڪ جو اُڀار، لبنان جي گهرو لڙائي، ۽ اوسلو امن ناهه تائين پکڙيل آهي.

ائڊورڊ سعد 1 نومبر 1935ع تي نيم آزاد فلسطين جي گادي واري هنڌ بيت المقدس ۾ جائو. انهي دور ۾ دنيا ٻي مهاياري لڙائي ۾ داخل ٿي رهي هئي، جڏهن ته پهرين مهاياري لڙائي جي نتيجي ۾ خلافت عثمانيه جي خاتمي کان پوءِ فلسطين جو عارضي انتظام برطانيه جي نگراني ۾ هو: جنهن 1918ع جي بالفور معاهدي هيٺ يهودين کي فلسطين ۾ هڪ آزاد رياست برپا ڪري ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو. بالفور معاهدي کان پوءِ دنيا جي مختلف ڪنڊن ۽ ڪڙڇن کان يهودين رٽا بندي سان فلسطين ڏانهن لڏپلاڻ جو سلسلو شروع ڪيو. ان لاءِ فلسطين جي اصلوڪن رهواسين کي ڏرتي تان بيدخل ڪرڻ لاءِ دهشتگرد جٿا ٺاهي قتلام ڪرڻ جو ظالمانه طريقو شروع ڪيو ۽ انهي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي موٽ ۾ فلسطين ۾ هڪ غير منظم مزاحمتي تحريڪ شروع ٿي. اهڙي خوف ۽ هراس جي ماحول ۾ ائڊورڊ سعد جو گهراڻو فلسطين ۾ پوءِ به رهندو آيو. پر هي مهاياري لڙائي جي خاتمي سان فلسطين ۾ يهودي آباد ڪارن جو سلسلو وڌيڪ تيز ٿيندو ويو. جنهن ڪري برطانيه تي يورپ ۽ آمريڪا پاران دٻاءَ ۾ واڌارو ٿيڻ لڳو ته رياست جي قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذميواري نيائڻ ۾ ڪوتاهي نه ڪري. ائين برطانوي انتظاميه بيت المقدس جي شهر کي انتظامي لحاظ کان ننڍن حصن ۾ ورهايو. شهر جي هڪ حصي کان ٻي حصي ڏانهن اڃ وڃ لاءِ اجازت نامون حاصل ڪرڻ لازمي ڪاڻايو ويو. پوءِ ته ڏسندڙ وائسندي شهر جي الهندي حصي تي پوليند، جرمني ۽ آمريڪي پناهه

گيرن جا ڪٽڪ ڪاهي پيا. انهن جو ڏيک ۽ ڏهڪاءُ ڄڻ ته فاتحن جهڙو هو ۽ هوڏانهن فلسطين کي القدس جي اڀرندي حصي ۾ محدود ڪيو ويو.

ائڊورڊ سعد انهي افراتفري، پريشاني ۽ لڏپلاڻ جي وايو منڊل ۾ ابتدائي تعليم پرائڻ جو سلسلو يروشلم ۾ شروع ڪيو ۽ جيئن ئي يروشلم کي انتظامي حوالي سان حصن ۾ ورهائڻ جو طريقو رائج ٿيو ته کيس به هڪ اجازت نامي وسيلي اسڪول وڃڻ جي موڪل ڏني وئي. بهرحال هن لاءِ خوف ۽ هراس جي وايو منڊل ۾ پنهنجي گهرڀاتين سان گڏجي رهڻ جو ڊسمبر 1947ع آخري سال ثابت ٿيو.

ائين ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ پنهنجي ڌرتي تان بيدخل ٿي قاهره ۾ پنهنجي گهراڻي سوڌو پناهگير بڻجي داخل ٿيو. هونئن سعد جو انهي لڏپلاڻ بابت ڪو خاص ردعمل ڪو نه هو پر کيس ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ ايتري ساڃاهه هئي ته ڪجهه غير معمولي وهنوار ٿي رهيو آهي، ان بابت پنهنجن ساروڻين ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو: "هڪ ڏهاڙي، منهنجو پيءُ لڏي اچڻ کانپوءِ هڪ فلسطيني ڪٽنب سان رهاڻ ڪري رهيو هو، ان ڪٽنب جي وڏڙي افسوس ۾ هٿ مهٽيندي چيو ته هو سڀ ڪجهه وڃائي ويٺا آهن" ٿوري ويرم کان پوءِ بابا وراڻيس ته "هائو سڀ ڪجهه" پر مان کائنس پڇيو ته هتي قاهره ۾ پاڻ اچڻ کان پوءِ به ڌنڌو ڌاڙي چڱو چوکو ۽ اٿڻي ويهڻي به ساڳي آهي پوءِ ڪهڙو فرق پيو آهي؟ ٿڌو ساهه کڻي چيائين "فلسطين وڃائي ويٺا آهيون"

انت ته 1948ع ۾ فلسطين جي تباهي سان اسرائيل جو انهي خاڪ جي ڍير تي قيام عمل ۾ آيو. ائڊورڊ سعد ابتدائي تعليم جو دور قاهره ۾ پورو ڪيو ۽ 1951ع ۾ اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا روانو ٿي ويو. ۽ ساروڻين ۾ پنهنجي پيءُ جي نصيحتن جو ذڪر هيٺين ريت ڪري ٿو:

"جيڪڏهن هڪ گهوڙو ڊوڙ جي ميدان ۾ اٿندي ئي تيزي سان ڊوڙڻ لڳندو ته سست ٿي ٿڪجي ميدان کان ئي ٻاهر ٿي ويندو آهي. اها ساڳي حالت تو سان به زندگي جي ميدان ۾ ٿي سگهي ٿي. ڇو ته جيڪڏهن تون به اٿندي اٻهرائپ ۾ وڪوڙجي ويندين ته انعام حاصل ڪرڻ ته پري جي ڳالهه پر ڊوڙ ۾ به پوئتي رهجي ويندين."

ٻي نصيحت ڪندي چيائين ته: "مان تنهنجي لاءِ ورثي ۾ ڪجهه به ڇڏي ڪو نه رهيو آهيان ۽ توکي سمجهڻ گهرجي ته تون امير شخص جو پٽ

ناهين پر مان ته پاڻ کي علمي لحاظ کان سکر سمجهي رهيو هيس".

ائڊورڊ سعد نيويارڪ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ محو رهيو پر سندس اندر کي جلاوطني کان پوءِ، قاهره ۽ قاهره کان پوءِ نيويارڪ ۾ پناهه گزين ۽ بي وطني جو عذاب پيڙيندو رهيو. پر جڏهن آمريڪي صدر ٽرومين جي واتان "صيهونيت" جي حمايت ۾ تقرير ٻڌائين ته سندس دٻيل جوش ۽ جولان وري نئين سر اٿلي پيو ته منزل ۽ ماڳ جي ڳولا قولا ڪرڻ لازمي آهي.

سعد پنهنجي تعليم پوري ڪري ڪولمبيا يونيورسٽي ۾ انگريزي ۽ تقابلي ادب جو استاد بڻيو. ان کان سواءِ علم موسيقي تي به دسترس حاصل ڪري ورتائين. هوڏانهن وچ اوپر ۾ سياسي تبديليون رونما ٿي رهيون هيون. ان جي نتيجي ۾ مصر ۾ 23 جولاءِ 1952ع تي شاهه فاروق کي تخت تان لاهي فوج وسيلي قومپرست آفيسرن انقلاب آندو. جنهن ڪري ڪرنل جمال عبدالناصر عرب دنيا جو سرواڻ ٿي اُپري آيو. ناصر مصر ۾ سياسي ردوبدل سان گڏوگڏ تعليم جي واڌاري، زرعي سڌارن، صنعتڪاري ۽ غربت جي خاتمي کي سر فهرست رکيو. ان کانسواءِ شام، عراق ۽ ليبيا ۾ به قومپرست تحريڪن ۾ اضافو ٿي رهيو هو. انهن قومپرستن جو نشانو اسرائيل جي رياست بڻجي رهي هئي.

ائڊورڊ سعد ايندڙ ردوبدل کي جانچي رهيو هو پر ڪنهن به رُخ کان حصو وٺڻ کان لاچار هئو. ذهن جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ اڻ ٽڻ هجي ۽ حالتون ڏيئي جي وٺ سورڻ جو ڪم ڏين ته پوءِ روشنائي جو ٽيڻ اوس ضروري آهي. انهن حالتن جي اثراندار ٽيڻ بابت به واقعا پڙهڻ لائق آهن. هڪ واقعو بيان ڪندي چوي ٿو ته:

"تعليم پرائڻ دوران هڪ يهودي ربي/ مولوي مون کي گڏيو. اکين ۾ اکيون وجهي پڇڻ لڳو ته مستقبل ۾ تنهنجو چا ارادو آهي؟ مون وٽ هڪ مبهم ۽ منجهل جواب هو.

پر هن مون کي چيو ته: تعليم ختم ڪرڻ کان پوءِ تون پنهنجي ماٽهن ڏانهن موٽي وڃ، انهن کي تنهنجي ضرورت آهي. انهن کي ڊاڪٽرن، انجنيئرن ۽ استادن جي گهرج آهي. عربن ۾ بک، بيماري، افلاس ۽ علم کان اڻڄاڻائي عروج تي پهتل آهي. اهڙي دڪڻائڪ صورتحال ۾ تو جهڙا ماٽهو عرب دنيا لاءِ قيمتي سرمايو آهن".

ٻي واقعي جو ذڪر هيٺين ريت ڪري ٿو:

"منهنجو هڪ ڏورانهون چاچو چارلس ملڪ جيڪو لبنان ۾ ڪامل شمعون جي ڪابينا ۾ پرڏيهي وزير هو. ان کان پرايم ته ڪيئن منجهائيندڙ سوالن کي حل ڪري سچائي ڏانهن رجوع ٿجي. ان کان هڪ ڪَوڙي ۽ ڪساري آگاهي ملي ته تهذيبن جو ٽڪراءُ موجود آهي، يعني مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ جنگ، يعني ڪميونزم ۽ آزادي/ جمهوريت، مسيحيت ۽ ٻين مذهبن ۾ ڇڪتاڻ." انهيءَ ۾ ڪو به شڪ شبهو ڪونهي ته اهڙي طرز جا واقعا ۽ اتفاق ائڊورڊ سعد جي ذهن تي اثرانداز ٿيندا رهيا پر جنهن اهم واقعي سندس سرير کي ڌونڌاڙي ڇڏيو سا ڇهن ڏهاڙن جي 5 جون 1967ع ۾ عرب اسرائيل جنگ هئي. ان جنگ جي نتيجي ۾ عربن کي شڪست فاش ملي ۽ عرب دنيا جو ٻاهريون دٻدٻو ۽ ڏيا ڊهي اچي پٽ پيا. انهيءَ ذلت ڀريل شڪست سعد جهڙن حساس ماڻهن کي لوڏي ڇڏيو.

هوڏانهن 1950ع واري پڇاڙي ۾ ابوعمار ياسر عرفات ڪويت جي فلسطيني پناهه گيرن سان گڏجي "الفتح" جي نالي سان تنظيم جوڙي. ان تنظيم جو مکيه مقصد ڄاڻايو ويو ته عرب اتحاد سان ئي فلسطين جي آزادي حاصل ٿي سگهندي ۽ اسرائيل جي مٿان برتري حاصل ڪرڻ لاءِ گوريلا جنگ کان سواءِ ٻيو ڪو به رستو ممڪن ڪونهي. پر انهي وچ ۾ مصر ۾ جولاءِ 1952ع جو انقلاب اچي ويو جنهن ڪري وچ اوڀر ۾ عرب قوم پرستي اڃان به هڪ نئين جوش، جذبي ۽ ولولي سان ڪُر کنيو. انهي عرب اتحاد جي رُخ ۾ جمال عبدالناصر 1964ع ۾ قاهره اندر عرب سربراهه ڪانفرنس گهرائي جنهن ۾ عربن جي گڏيل جدوجهد لاءِ فلسطين جي هلچل کي هڪ اهم عنصر ڄاڻايو ويو. ان لاءِ احمد شڪوري جي سربراهي ۾ فلسطين لبريشن آرگنائزيشن (Palestin Lianibration Organization) جو بنياد رکيو ويو. ياسر عرفات جي "الفتح" سال 1965ع جي پهرين ڏهاڙي تي اسرائيل مٿان ڪمانڊو حملو ڪيو. اها ڪمانڊو ڪارووائي هلندي رهي ته ستت ئي جون 1967ع جي عرب اسرائيل جنگ لڳي.

انهيءَ جنگ جي نتيجي عرب دنيا ۾ ناصر جي اڀرندڙ اثر رسوخ کي هڪ پاسي ڪاپاري ڌڪ هنيو ته ان سان گڏوگڏ ياسر عرفات جي "الفتح" کي پنهنجي راءِ کولي رکڻ جي لاءِ ميدان فراهم ڪيو ته دائمي امن لاءِ هڪ آزاد

فلسطيني رياست جو قيام لازمي آهي. ان لاءِ طئہ ڪيو ويو تہ گوريلا هلچل وسيلي مزاحمت جي عمل کي سگهارو بنائڻ گهرجي. گوريلا جنگ جي طريقہ ڪار اسرائيل کي ڏونڊاڙي ڇڏيو ۽ الفتح جي انهيءَ تحرڪ دنيا جي آڏو فلسطيني سوال کي تعجب ۽ اچرج پريل نظرن سان اُپاري آندو. انهيءَ متحرڪ دور ۾ احمد شڪوري جي مصلحت آميز ۽ زباني حڪمت عملي سندس ساڪ کي متاثر ڪيو جڏهن تہ ياسر عرفات جي هٿيار بند جدوجهد هٿي وڃي هنڌ ڪيو ۽ ڪيس پي، ايل، او جو سربراهہ چونڊيو ويو. ان سان گڏوگڏ پي. ايل. او کي عرب رياستن ۽ خاص ڪري نار جي علائقن مان جڏهين انداز ۾ مالي سهائتا ملڻ شروع ٿي وئي. فلسطين نيشنل ڪائونسل جيڪا ماضيءَ ۾ هڪ ڪاميٽيءَ جو ڪردار ادا ڪندي هئي ان کي هڪ جلاوطن پارليامينٽ جي صورت ۾ آندو ويو. ان پارليامينٽ جي نگرانيءَ ۾ هٿيار بند جدوجهد، سماجي خدمت گار گروهہ، پرڏيهي پاليسي، صحت جا پيا ڪاتا ڪم ڪرڻ لڳا، ائين ڪٿي ڇڪجي فلسطين نيشنل ڪائونسل يعني پارليامينٽ تہ موجود هئي رڳو ڪنهن علائقي / زمين جي ضرورت هئي.

بهرحال 1967ع جي عرب/ اسرائيل جنگ جي ذلت آميز نتيجن کان پوءِ پي. ايل. او پنهنجي مقصد يعني فلسطين لاءِ هڪ آزاد وطن جي جدوجهد کي جداگانہ طور سچاڻپ ۽ مڃتا حاصل ڪرڻ لاءِ ڪمانڊو ائڪشن جي پروگرام کي اڳتي وڌايو تہ جيئن دنيا جو ڌيان ڇڪائي سگهجي. ان لاءِ 1968ع ۾ اسرائيلي هوائي جهاز اِل ايل تي اٽينس جي هوائي اڈي تي حملي ڪرڻ سان ابتدا ڪئي وئي. انهيءَ حملي جي رد عمل ۾ اسرائيل به فلسطيني پناهيگرن جي ڪئمپن تي حملي جو اڻ ڪٽ سلسلو شروع ڪيو.

انهيءَ دور ۾ جڏهن فلسطين نيشنل ڪائونسل جو ڦهلاءُ دنيا جي ڪنڊ ڪڙ تائين ڪري ڪيس هڪ پارليامينٽ جي شڪل ڏني وئي تہ ائبورڊ سعد به پنهنجي علمي ۽ فڪري ڪردار نيائڻ لاءِ ميمبر ٿيو ۽ فلسطين جي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جو مڪيہ ڪارڻ ٻڌائيندي ائبورڊ سعد چوي ٿو:

"مان 1967ع جي جنگ کان پوءِ ساڃيو ماٺهو ڪونہ هيس. انهي جنگ جي اثر مونکي لوڏي وڌو ۽ پوئتي ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ فلسطين جي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اتساهہ ڏنو."

ائبورڊ سعد پنهنجي علم، عمل ۽ قلمي پورهئي کي آزاد فلسطين

جي مول ۾ مقصد لاءِ اربي چڏيو. آزاد فلسطين جي جدوجهد کي دنياجي کنڊڪڙ ۾ تائين پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ فلسطين جي مقصد لاءِ ڊاڪٽر اقبال احمد، فيض احمد، نوم چومسڪي، سلمان رشدي تائين بين الاقوامي شهرت ماڻيندڙ شخصيتن جو سهڪار حاصل ڪيو. ائين 1979ع تائين فلسطين جي قومي ڪائونسل جو ساندهه 14سال ميمبر رهيو. پر جڏهن ياسر عرفات آزاد فلسطين حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ مصلحت پسند ۽ غير اصولي جهڪاءَ جو طريقو اختيار ڪندي اوسلو ناهه قبول ڪيو تہ ائڊورڊ سعد پي. ايل. او تان استعيفا ڏئي چڏي. ائڊورڊ 1992ع جي سيپٽمبر ۾ هڪ سيمينار ۾ شريڪ ٿيو جيڪو سندس چوڻي "ڏهن ڪي ٽڪائيندڙ ۽ دلشڪستو ڪندڙ هو. ان مان اسان جي نا اهلي ۽ پڏري پٽ هئي تہ هڪ مقصد تي سهمت ٿي نہ تا سگهون ۽ هر هڪ جي من ۾ خواهش آهي تہ ڪيس ٻڏو وڃي. مختصر تہ اوسلو ناهه جي ناڪاميءَ لاءِ چتاءُ ڏنو پئي ويو ٻيو مڙوئي خير هو."

ان سيمينار ۾ ڪيس خبر پئي تہ ڪيس بلڊ ڪئنسر آهي ڇو تہ نيويارڪ مان سندس گهرواري فون ڪري آيل رپورٽن ۽ ڊاڪٽرن جي راءِ کان ڪيس آگاهه ڪيو.

ائڊورڊ سعد جي نظر ۾ اوسلو ناهه هڪ آزاد فلسطين رياست جي قيام ڏانهن پيش رفت ڪرڻ جي برعڪس هڪ مذهبي ۽ فرقيوارانہ طور طريقن کي هٿي ڏيڻ برابر هو. ان لاءِ تہ اسرائيل جي موجوده شڪل ۾ موجودگي مذهبي بنيادن تي ميڙتا ڏيڻ برابر آهي. فلسطين جي مول ۽ مقصد کي مذهبي بنيادن تي ورهائڻ ۽ ميڙ جو مقصد قومي سڃاڻپ کي ڇيهون ڪرڻ برابر آهي. ائين مذهبي نقطہ نگاهه کي اوسلو معاهدو امن تہ ڪونہ آڻيندو پر وڌيڪ جنگ ۽ ڇڪتاڻ کي ڇوهو ڪندو. انڪري مئبرڊ ۾ فلسطين جي قومي ڪائونسل تائين استعيفا ڏيندي ٻين سببن سان گڏ هڪ مکيہ سبب ڄاڻايو تہ:

"سياسي دنيا ۾ هلچل ۽ ويڙهاند جو زمانو جنهن جي ابتداء 1967ع کان ٿي سو 1991ع ۾ پڄاڻيءَ تي پهچي ويو هڪ نئين آرڊر اسرڻ جا آثار آهن جنهن مان کوبہ لاپ حاصل ٿيڻ هڪ سوالیہ نشان آهي." ياسر عرفات ۽ ائڊورڊ سعد جي وچ ۾ اختلافن جي خليج وسيع ٿيندي وئي. 1996ع ۾ تہ فلسطين اٿارٽيءَ وارن سندس لکڻين ۽ ڪتابن تي غازه ۽

الهندي ڪناري ۾ بندش هٽي چڏي جن ۾ اوسلو معاهدي جي مخالفت ۾ ياسر عرفات جي حڪمت عمليءَ تي تنقيد ڪيل هئي. پر ائڈورڊ سعد قلم جي وسيلي آزاد فلسطين جي مقصد لاءِ پتوڙيندو رهيو. نيٽ هي انسان دوست عالم ۽ دانشور 25 سيپٽمبر 2003ع تي جلاوطنيءَ جي حالت ۾ آزاد فلسطين جي سپني کي ساييان بنائڻ ۾ پنهنجو وارو وڃائي نيويارڪ ۾ وفات ڪري ويو.

ائڈورڊ سعد جو علمي ۽ عملي پورهيو:

ائڈورڊ سعد جنهن لڳ ڀڳ ويهارو ڪن ڪتاب ۽ 300 مضمون لکيا ۽ 26 سيمينارن ۾ خطاب ڪيو. هن جون لکڻيون دنيا جي 26 ٻولين ۾ ترجمو ٿيون آهن پر جنهن ڪتاب سندس فڪر ۽ سوچ کي مغرب ۾ چٽو ڪري ٻيهاريو سو اوريئينٽلزم (OREINTALISM) / مشرقيت، جيڪو 1978ع ۾ ڇپيو ان کان سواءِ هيٺيان ڪتاب ب پنهنجي اهم جاءِ والا رين ٿا:

1. اسلام جي حفاظت لاءِ Covering Islam 1981ع
2. فلسطين جو سوال Question of Palestine 1979ع
3. آخري آسمان کان پوءِ After the last sky 1986ع
4. ڏٽيلن تي بهتان The Blaming 1988ع
5. ابتدائون Beginings 1975ع
6. ثقافت ۽ سامراجيت Culture and Imperialism 1993ع
7. محرومن جي سياست Politics of dispossession 1994ع
8. گهر کان نيڪالي Out of Place 2000ع

مان هتي اوهان آڏو هيٺين ٽن ڪتابن جو مختصر نموني ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو جيڪي منهنجي نظر ۾ سندس فڪر ۽ فهم کي اڇو اجرو ڪري ٻيهارن ٿا. ائڈورڊ سعد کي سندس لکڻين ۽ فڪر جي حوالي سان فرينچ فلاسافر مائيڪل فوڪالٽ (Michael Focult) جوپوئلڳ سمجهيو وڃي ٿو هي صاحب Post Structularism جي بانيڪارن مان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو پر اوائلي دور ۾ جوزف ڪونارڊ (Joseph Conorad) تي به ڪم ڪيل اٿس جنهن جو عنوان آهي (Joseph Conard and fiction of autobiography) پر سندس لکڻين کي وڌيڪ سگهارو ۽ اثرائتو بنائڻ ۾ انليءَ جي ويچو (Vico) هڪ تواريخدان جي حيثيت ۾ ۽ گرامچي هڪ

انقلابي ليکڪ ۽ فينن (Fenon) جي قومي آزاديءَ جي لکڻين جو اثر نظر اچي ٿو ۽ پاڻ قبول ڪري ٿو.

1- ابتدائون (Beginings): هي ڪتاب ائڊورڊ سعد جي 1967ع کان وٺي 1975ع تائين ڪيل پورهئي ۽ فڪر جو نچوڙ آهي. هي ڪتاب ايترو ته اهم ۽ اثرائتو جئي سگهجي ٿو جنهن جي بڻ بڻياد تي پاڻ اڳتي هلي مشرقيت (Oreintalism) جهڙو شاهڪار ڪتاب دنيا کي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هن ڪتاب جو مڪيہ نقطو ادب جي حوالي سان آمريڪا ۽ برطانيہ ۾ پيدا ٿيل بحران جي نشاندهي ڪري اڳتي وڌڻ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ آهي.

ابتدائون بابت اشارتاً مٿي ڄاڻائي آيو آهيان ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ ادب ۾ هي مهاپاري لڙائيءَ کان پوءِ پيدا ٿيل بحران کي نظر ۾ رکي لکيو ويو آهي.

انهيءَ طرز کي علمي زبان ۾ پوسٽ ماڊرنزم چيو وڃي ٿو.

ابتدائون جو تعارف لکندڙ مائڪل وود (Michael Wood) ٽيڪا ٽپڻي ڪندي چوي ٿو:

"ڄاڻ/ علم جي حصول جو اهم ذريعو لفظن جي لکت ۽ ترتيب سان واڳيل هوندو آهي، جنهن ڪري هن ڪتاب کي اسين ادبي تنقيد چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ۽ نہ وري نج فلسفي جو نقل، پوءِ بہ هن ڪتاب جي ساڃاهہ وند ليکڪ سعد پنهنجي تنقيد جي اسلوب کي فلسفي، تواريخ، سياست يا دنيائي وهنوار کان چني ڌار ڪو نہ ڪيو آهي جنهن ڪري هن پنهنجي لکڻيءَ کي هڪ وسيع ۽ ويچار لائق موضوع بڻائيندي جديديت جي فريم ۾ رکڻ جي ممڪن حد تائين ڪوشش ڪئي آهي پر مناسب ٿو لڳي ته هن ڪتاب جي ليکڪ ائڊورڊ سعد جي لکت مان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته هن ڪتاب بابت سندس مقصد، مراد ۽ مفهوم ڇا آهي؟

ان ڏس ۾ ائڊورڊ سعد چوي ٿو ته منهنجي ذهن ۾ هن ڪتاب جي لکڻ يا شروعات ڪرڻ ويل ڇا هئو؟

هن ڪتاب بابت هڪ خاص مقصد بيان ڪرڻ آهي. ائين چئي سگهجي ٿو ته هن ۾ مستقل طور ورجاءُ وسيلي تجربي جي ابتدا ۽ ابتدا ۽ وري ابتدا جو هڪ سلسلو آهي جنهن ۾ طاقت جو محور محض اقتدار جو غلبو حاصل ڪرڻ ۽ نہ وري دقيا نوسيت کي هٿي ڏيڻ آهي، پر ان جي برعڪس پاڻ تي ياڙڻ ۽ تحرڪ جي پليرائي ڪرڻ آهي. تحرڪ جو مطلب ڏاڍ

۽ جبر جي مخالفت ۽ گڏجي هلڻ جو طور طريقو پر لائق ليکڪ ايا به وضاحت سان سمجهائيندي چوي ٿو ته:

"ابتدا" منجهان معنيٰ ۽ مفهوم کهڙو آهي؟

اصل ۾ ابتدا نه رڳو متحرڪ ٿيڻ جو هڪ منفرد انداز آهي پر ان سان گڏوگڏ ذهن جي هڪ خاڪو بندي/ ڊزائن آهي. هڪ قسم جو ڪارج، روش/ ورتاءُ/ سلوڪ ۽ ساڃاهه آهي. هي پنهنجي جاءِ تي هڪ طرح جي گهڻ پاسائين ابتدا آهي ته جيئن سولائي ٿي سگهي ته ڪٿان ابتدا / شروعات ڪجي، پنهنجي مقصد کي سمجهڻ لاءِ يا ليکڪ کي ڪٿان پنهنجي ڪم جي شروعات ڪرڻ گهرجي ۽ ڇو؟"

1. ائين ائڈورڊ سعد "ابتدا" جي نقطي بابت سوال اٽاري ٿو ته آخر ابتدا ڇو ضروري آهي؟ انجا جواب ۾ پاڻ ٿو ڏئي:
2. "ابتدا اها پهرين وڪ آهي (ورلي ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ مثال موجود هجي) جنهن معرفت ڪنهن وٽ کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي، ڇو ته ابتدا ئي هڪ اهڙو ڪارج آهي جنهن وسيلي اختلاف/ فرق کي پڌرو ڪرڻ يا اڏاوت ڪرڻ ۾ هٿ وندائي سگهجي ٿو. ابتدا هڪ اهڙو طريقه ڪار واضح ڪري ٻيهاري ٿي ته هڪ صاف ۽ سٿري ردو بدل کي آڻڻ ۽ گهٽ ۾ گهٽ انهن نشانين جي نشاندهي ڪري جنهن وسيلي نواڻ/ جدت جو اڇڻ آهي اهائي ته ابتدا آهي."

2- مشرقيت Orientalisun : هر هڪ دانشور ليکڪ جي لکڻين جو ڪو به هڪ ڪتاب يا ليک سندس فڪر، فلسفي ۽ فهم جو نچوڙ هوندو آهي. لاشڪ ته اها لکڻي يا ڪتاب ئي ان دانشور يا ڏاهي کي تڪراري/ متضاد هستيءَ جو درجو ڏئي ڇڏيندي آهي. ڇو ته تڪرار سماج ۾ جيئن ئي پنهنجي حيثيت ۽ اهميت جي ميجتا ماڻي وٺندو آهي ته تڪراري ليکڪ طور تاريخ جي ورقن ۾ هڪ لازوال شخصيت جو درجو اختيار ڪري ويندو آهي.

انهيءَ نقطه نگاه کان ائڈورڊ سعد جو 1978ع ۾ ڇپيل ڪتاب مشرقيت (Orientalism) سندس سڀني لکڻين جي تاج جو چمڪندڙ هيرو آهي.

هن ڪتاب ۾ مشرقيت (Orientalism) ۽ مغربيت (Occidentalism) جي وچ ۾ صدين کان هلندڙ بحث کي نئين رنگ ڍنگ سان سمجهائڻ جي وزندار نموني علمي طرز کان ڪوشش ڪيل آهي. هن

ڪتاب جي لکڻ جو اهم مقصد آهي ته يورپ/مغربي قوتن ۾ين علائقن ڪي بينڪي راج / ڪالونائيز ڪرڻ لاءِ سياٽپ ۾ ڏيرج سان خاص ڪري آفريڪا ۽ ايشيا لاءِ هڪ ديو مالائي فلسفو ايجاد ڪيو آهي ته مغرب جي علم ۽ ڏاهپ جي پيٽ ۾ مشرق جو علمي قدڪاٺ نه هڻڻ برابر آهي پر ائڊورڊ سعد جي مشرقيت جي پهرين پني تي بنجامن ڊزارلي (Benjamen Disareli) جو قول اُکريل آهي:

(THE EAST IS A CARRIER) مشرق ئي ته قاصد/ ايلچي آهي. اهڙي ريت مشرق ۽ مغرب جي چڪتاڻ واري نقطي ڪي ائڊورڊ سعد رد ڪندي چوي ٿو:

"مشرق پنهنجي پر ۾ يورپ جي مادي تهذيب ۽ ثقافت جو هڪ اڻ تڻندڙ حصو آهي."

ايا ۾ وضاحت ۽ چنڊچاڻ ڪندي ائڊورڊ سعد سمجهاڻي ڏيندي چوي ٿو:

"مشرقيت جي ڄاڻ ۽ بحث مباحثي کان سواءِ ڪو به فرد يورپ جي تهذيب ۾ ترتيب ۽ رٿا بندي ڪي سمجهي نه سگهندو. جو ته روشن خيالي جي دور جي شروعات کان اڳ ۾ مشرق جي سياسي، سماجي، منطقي، نظرياتي، فوجي ۽ سائنسي سهڪار/ ترقيءَ ڪي به هينئين سان هنڌائڻ ضروري آهي."

هن ڪتاب جي ڇپجڻ کان پوءِ علمي دنيا ۾ بحث مباحثي جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو پر ٿلهي ليکي ۾ رايا اُپري آيا:

مغرب جي ليکڪن مطابق هي ڪتاب طاقت/ اقتدار جي ڪلچر ۽ ماڻهن جي وچ ۾ لڳ لاڳاپن کي اجاگر ڪري ٿو.

نام نهاد مسلم دنيا ۾ وري ائين بانور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته هي ڪتاب اسلام جي بچاءِ ۾ لکيل آهي. پر ائڊورڊ سعد انهن راين کي رد ڪندي چوي ٿو:

"مشرق ۽ مغرب هڪ ئي سکي جا ۽ پاسا آهن، جو ته ظاهري طور مشرق ۽ مغرب هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن پر سندن قدر ۽ پاڳي پائيواري مشترڪ آهن."

بهرحال مشرقيت بابت غوغاء ۽ تضاد ڇپجڻ کان پوءِ ڇوٽائي صديءَ کان هلندا اچن پيا. نيٽ ائڊورڊ سعد جو 11.08.2003 تي "مشرقيت

سان نئين سر ملاقات (Orientalism revisited) تي هڪ تفصيلي مضمون چپيو. ان ۾ لکي ٿو ته:

"عراق تي آمريڪا ۽ برطانيا جو جارحانہ قبضو تهذيبن جو ٽڪراءَ چاڻائي مذهبي شدت پرستيءَ کي هوا ڏيڻ جي برابر آهي. واشنگٽن ۾ اقتدار جي مسند تي ويٺل صاحبن بابت ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته وچ اوڀر جي نقشي کي پنهنجي مرضيءَ ۽ منشا مطابق قير گهير ڪرڻ جي خفت ۽ سوداءَ ۾ مبتلا آهن پرهتي هڪ اهم سوال آهي ته ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ نيپولين جڏهن مصر تي يلغار ڪئي هئي ان کي به اهڙو خفت هئو. چا انهيءَ چريائپ کي ورجائي سگهجي ٿو. جنهن کي "تهذيبن جو ٽڪراءَ" هڪ هٿرادو ۽ بي بنياد اسر آهي ۽ هن دنيا ۾ انسان ذات جي گڏيل مسئلن ۽ مونجهارن کان لنوائڻ جو طريقو آهي. ان کي سمجهڻ گهرجي ته هڪ سيڪيولر ۽ غير فرقيوارانہ دنيا جي اڌاوت ۾ انسان ذات جو آڇپو ۽ چونڪارو آهي ۽ نہ وري تهذيبن جي ٽڪراءَ ۾. جيڪڏهن تهذيبن جو ٽڪراءَ آهي ته پوءِ عراق تي آمريڪا ۽ سندس ساٿارين خلاف دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ احتجاج ۽ مظاهرا هڪ بي دنيا جي نشاندهي ڪن ٿا."

ائين "مشرقيت" جي باري ۾ چئي سگهجي ٿو ته هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ ائدورڊ سعد هڪ نقاد جي حيثيت ۾ تواريخ، انساني فڪر ۽ فهم سان گڏوگڏ ثقافتي عنصرن وسيلي پنهنجي ڪنيل موضوع سان انصاف ڪيو آهي.

3- ثقافت ۽ سامراجيت/ شهنشاهيت (Culture and Imperialism) :هي ڪتاب 1994ع ۾ چپيو. اهو ڪتاب اسان جي ملڪ جي هڪ برڪ ڏاهي ڊاڪٽر اقبال احمد (1933-1999) ڏانهن منسوب ڪيل آهي.

هن جي لکڻ جو ڪارڊ هيئن ٿيو ته 1978ع ۾ مشرقيت جي چپجڻ کان پوءِ هن جي ذهن ۾ آيو ته هن پنهنجي سڃاڻپ جي حوالي سان ته ڪتاب لکي ورتو پر هن جي اڳيان هڪ اهم سوال آڏو اچي بيٺو ته دنيا اندر ڏاڍا ۽ جابر جارحانہ حڪمت عملي چوٽا اختيار ڪن ۽ منطقي طور ثقافت جي بالا دستيءَ جو هيٺن ۽ ڪمزورن تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو. انهيءَ سوال کي ذهن ۾ رکندي 1985.86ع ۾ ائدورڊ سعد آمريڪا، انگلستان ۽ ڪئناڊا ۾ تقريرن جو سلسلو شروع ڪيو جو ته مشرقيت جو ڪئنواس ته گهٽي پاڳي وچ اوير تائين محدود هو.

هن ڪتاب وسيلي لائق ليکڪ "ثقافت" ۽ "سامراجيت" جي سٻنڌ کي دنيا جي ڪاروهنوار تي اثرانداز ٿيڻ کي بحث هيٺ آندو. مطلب ته ائڊورڊ سعد جي چواڻي "انهيءَ کنيل سوال جي گود ۾ ٻه اهم نقطا هئا جن کيس هن ڪتاب لکڻ لاءِ اتساهيو. هڪ ته سامراجي ڪلچر جو دنيا ۾ ڦهلاءُ ۽ ٻيو تواريخي مزاحمت جو عمل. انهن شهنشاهن جي خلاف اهي ٻئي نقطا جيئن ته "مشرقيت" ۾ بحث هيٺ آڻڻ محال هئا انڪري "ثقافت ۽ سامراجيت" لکڻ ضروري ٿي پيو."

ائڊورڊ سعد ثقافت جي تسلط ڄمائڻ جي ڪيفيت کي چٽو ڪندي چوي ٿو: "قومن جي مٿان ثقافت جي بالا دستي کي مڙهڻ جا سدائين نتيجا نڪتا آهن ته هڪ مزاحمتي ثقافت جي عمل جنم ورتو آهي. گذريل صديءَ ۾ يورپي ملڪن جي ثقافتي تسلط جي ڪري غير يورپي ملڪن قومي خود مختياري ۽ قومي آزاديءَ جي هلچل مزاحمت جي شڪل ۾ آفريڪا، ايشيا ۽ ٻين غلام ملڪن ۾ شروع ٿي جيڪا ڪنهن حد تائين پنهنجي منزل مقصود تائين پهتي ۽ لاشڪ ته انهيءَ ڪلاسيڪل سامراجيت جي دور جا مهندار برطانيا ۽ فرانس هئا پر جيئن ئي ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي کان پوءِ دنيا ۾ ڇوهائيءَ سان ردوبدل شروع ٿي ته ٻه سپر پاور سوويت يونين ۽ آمريڪا هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بيٺل هئا، جڏهن سرد جنگ جي پڄاڻي ٿي ته دنيا جي تختي تي آمريڪا آخري سپر پاور طور اُڀري آيو".

انهيءَ سموري صورتحال کي ذهن ۾ رکندي ائڊورڊ سعد دنيا ۾ ردوبدل جي عمل کي جامد ۽ ساڪت ڪو نه ٿو مڃي جنهن ڪري ڦيرڦار جي ڏس ۾ دانشور طبقي جو ڪردار اهم ۽ ڪارائتو ليکي ٿو، ڇو ته دانشور ئي ته صورتحال ۾ پنهنجي ساڃاهه ۽ فڪر وسيلي ردوبدل جي نشاندهي ڪندو آهي. انهيءَ حوالي سان ائڊورڊ سعد، دانشورن جي غير جانبداري کي پڻ ٻچاپڙائپ، مفافقت ۽ مصلحت پسندي ڄاڻائيندي ان کي رد ڪري ٿو. اڃا به دانشور طبقي بابت هڪ ڏکوئيندڙ روش جي نشاندهي ڪندي لکي ٿو ته: "ٽين دنيا جا دانشور گهڻي ڀاڱي ديده دليريءَ سان پنهنجي آڏو موجوده جبر، ظلم، پستي ۽ پسماندگيءَ جو بار پنهنجن ئي ڏيهي تواريخن جي ڪلهن تي اڇلائين ٿا ۽ سمجهن ٿا ته سندن تواريخون بيٺڪي راڄ کان پهريائين هڪ خوبصورت گندگيءَ جو ڍير هيون ۽ اهي پنهنجي اصليت جي سڃاڻپ لاءِ

بينڪيت/ ڪالونائيز ڪان پوءِ سرگردان آهن."

بهرحال هن ڪتاب بابت ائڊورڊ سعد 1991ع ۾ ٿي هڪ رسالي "انٽرنيشنل جرنل آف لٽريچر اينڊ ڪلچر" کي انٽرويو ڏيندي منزل ۽ ماڳ بابت هڪ تڙ ۾ واضح نشاندهي ڪندي چوي ٿو ته:

"انهن سيني طور طريقن کي تحريڪ ۾ آڻجي ته جيئن ستت ئي سامراجيت جو زوال اچي، جيڪو مونکي موجوده حالتن ۾ ڪنهن حد تائين اڻ ٽيٽي ڳالهه نظر اچي ٿي پر انهيءَ ڏس ۾ جدوجهد ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به چارو ڪونهي، جنهن ڪري مان اها ئي وات وٺڻ مناسب سمجهان ٿو."

(Power, Politics and Culture P- 185)

هن ڪتاب بابت ساڳئي رسالي کي انٽرويو ڏيندي هيئن چوي ٿي:

"مان جنهن اهم نقطي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندي ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته هن ڪتاب ۾ هڪ فڪري سگهه سمايل آهي، جيڪا هڪ اتساهه بخشي ٿي ته ان سگهه کي ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪجي ۽ اهڙي وٺ پنهنجي جاءِ تي دلچسپيءَ جو ڪارڻ پڻ آهي."

حاصل مطلب ته ائڊورڊ سعد محض فلسطين جي قومي آزادي ۽ نجات جو فڪري ۽ شعوري علمبردار ڪونه هو پر فلسطين جي مول ۽ مقصد جو عالمي سطح تي پيامبر هئڻ سان گڏوگڏ امن ۽ پائيچاري جو سفير پڻ هو. جنهن ڪري طاقت ۽ دٻدٻي يعني سياسي، سماجي ۽ ثقافت وسيلي قومن کي غلام بڻائڻ جي طريقه ڪار جو مخالف هو.

ائڊورڊ سعد جو ڪردار ۽ سندس علمي ۽ عملي جدوجهد کي محدوديت ۾ مهم جوئي جي گرفت مان آزاد ڪري ان کي ڏکڻ ايشيا ۽ عالم انسانيت جي هلچل جو هڪ اڻ ٽٻندڙ حصو سمجهون. انهي حوالي سان سندس جي سياسي ڪارڪنن، اديبن ۽ دانشورن کي پنهنجو ڪردار نيائڻ ۽ وک وڌائڻ وقت جي ضرورت آهي.

لاڙڪاڻو

(ائڊورڊ سعد جي پهرين ورسي 25/09/2004 تي پڙهيل)

اهنسا جو امام
خان عبدالغفار خان

ميان مير سنڌي، اپڪنڊ ۾ تصوف ۽ رواداري جو وهائو تارو ليکيو وڃي ٿو. ان جي سوانح عمري ۾ پڙهيو هيم ته هڪ ڏهاڙي ميان مير علم ۽ عرفان جي محفل مچايون ويٺو هو ته ڪنهن معتقد اچي ٻڌايس: "ميان سائين اوهان جو خاص خليفو ملان بدخشان ذڪر الاهي ۾ ايڏو ته محو هو جو جنهن جاءِ ۾ ويٺو هو، ان جي ڇت ڪري پئي، جنهن جي کيس سڌ ئي ڪا نه پئي ۽ پاڻ شهتير جي ٻيڪڙ ۾ اچي بچي ويو. اهڙو خوفائتو حادثو ٿيندي به ملان صاحب ويتر وڏي آواز سان ذڪر الاهي ۾ مشغول ٿي ويو." انهي احوال ٻڌڻ کانپوءِ ميان مُرڪي وراڻيو: "هاءِ ڙي اڊمبر! هاءِ ڙي معتبري!، ايڏ وڏي واڪي ذڪر ڪرڻ به پاڻ وڻائڻ لاءِ آهي شايد!." انهي وڏائي، هٺ ۽ معتبري جي هن صديءَ ۾ مون ڀيل ڪندي ٽن شخصن کي ڏٺو جن مان هڪ مهان انسان خان عبدالغفار خان کي ڏٺو جنهن کي سڪ ڀرئي نالي سان "باچا خان" سڏيو ويو ۽ جيڪو ماضيءَ جي ڪوهيڙي ۾ ڊگهيون ٻرانگهون هڻندو روانو ٿي ويو.

باچا خان جي موت سان ويڙهاند ته گذريل جولاءِ کان جاري هئي، پر 20 جنوري 1988ع تي 6:25 وڳي سورج اڃا پهريون ڪرڻو هن وشال ڌرتيءَ تي ڪو نه اڇلايو هو ته اپڪنڊ ۾ آزاديءَ جي تواريخ جي اهم ترين تروري، انساني ايڪتا جي علمبردار، غيرفرقيواريت جي پرچارڪ ۽ خدائي خدمتگار کي نيٺ موت پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري اهڙي ڏيهه روانو ٿيو جتان جي ڪنهن کي به ڄاڻ ڪونهي ته اوڏانهن حميرن سان ڪهڙو حساب ٿيو. موت هونئن به اڻ ٽر آهي ۽ اهو پيالو هر ڪنهن کي پيئڻو آهي. پر تواريخ جي پيچرن ۽ ور وڪڙن ۾ ڪي اهڙيون لازوال هستيون به جنم وٺنديون آهن، جيڪي پنهنجا اڻ مٽجندڙ نقش ۽ نشان چٽينديون آهن ۽ سندن جاکوڙ ۽ جدوجهد ايڏي ته عظيم ۽ اعليٰ هوندي آهي، جنهن جو ڪاٿو ڪرڻ ئي محال هوندو آهي ۽ پوءِ اهڙن ارڏن ۽ اربيلن انسانن لاءِ دل جي اونهائين مان سدائين دعا پئي نڪرندي

آهي ته هو اڄا ترسي پون. اهڙن پاڳوند انسانن منجهان باچا خان پڻ هڪ امر شخصيت هو جيڪو ذري ڳهت اپڪنڊ جي هڪ صديءَ جي آزادي جي اتهاس کي پاڪرن ۾ ڪٽي الوپ ٿي ويو.

باچا خان جي برڪت پرئي ذڪر کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ ۾ مناسب سمجهان ٿو ته پنهنجي سياسي جوڙجڪ تي به ٽيڪاٽپٽي ڪندو هلان ته جيئن چندچاڻ ڪرڻ ۾ وڌيڪ آساني ٿئي ته ڪيئن اهڙن ڏکن ۾ ڏولائن جي وايومنڊل ۾ هُوعدم تشدد جي راهه تي هلندي ڏاڍ ۾ ڏمر کي مات ڏئي سرهو ٿيو.

اسان جي هن جديد سياسي ڍانچي جي شروعات جناح صاحب کان ٿئي ٿي. ورهاگي واري هلچل ۾ جناح صاحب کي پاسيرو رکڻ ايائٽپ کان وڌيڪ ڪجهه ڪونهي. باقي رهيو مسئلو عيب، ثواب ۽ اختلاف، ته ان لاءِ پنهنجي راءِ رکڻ جوهر ڪنهن آدمي کي حق آهي. دراصل آزادي جيڪا به ملي سا نه هڪڙي جهڙي بڻجي وئي. چوته جناح جي وفات ڪانپوءِ هتان جي ابوجهه، جذباتي ۽ سادن ڏهنن جي عوام تي قبضو ڪري، اهي ٽوڳي ۽ لوپي حڪمران بڻجي ويٺا، جن جو ڪنهن به جدوجهد سان پرانهون به واسطو وڙو ڪو نه رهيو هو هي صاحب بنيادي طور برطانوي سامراج جي نوڪرشاهي جا اهي ڍوڳل ڍڳا هئا، جن جي من مستين عام ماڻهن جون متيون منجهائي چڏيون هيون. مان به سياسي سانير کان انهن ديسي صاحبلوڪن جون خرمستيون ڏسندو اچان پيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته تپرس ۾ پڄي ويندو آهيان ته اسان الائجي ڪهڙي خطا ڪئي آهي جو هيڏي ساري يوڳنا ۾ اچي ڦاٿا آهيون، چاڪاڻ ته اهو هڪ نيم بڻجي ويو آهي ته هن ملڪ جي ڪرسيءَ تي جيڪو ارڪ سرڪ، سازشون ۽ پيچ ڌاهه ڪري پهچي ٿو ته ان کي رات جي پيٽ ۾ ڪي اهڙا ڳاڙهه ڪنب لڳيو وڃن جو هن ڌرتي جي رهواسين کي جيتامڙو ۽ ڪينَ جهڙو سمجهندي، پاڻ کي عقلِ ڪُل سمجهي ڏاهپ ۽ دانشمندي جو ڏسندي وائسندي پيش امامَ بڻجيو وڃي. ان سان گڏوگڏ هڪ بي بدعت به هن ملڪ ۾ منهن ڪڍيو ته پنهنجن سياسي مخالفن جي مٿان فتوائن ۽ بيان بازين جا ڏوڙيا شروع ٿي ويا، جهڙوڪ: فلاڻو غدار آهي، فلاڻي تي لعنت، فلاڻو تعصبي قوم پرست آهي ۽ فلاڻو باهرين ملڪ جو جاسوس آهي، وغيره وغيره. ان ڪري اهڙن ملڪ مخالف ماڻهن کي قاسي ٿي چاڙهجي ۽ مهرباني ڪبي ته جيل اماڻي چڏجي. ۽ اهي سيئي حرڪتون ۽ سازشون ڪيرڪري رهيا هئا،

جيڪي پيڙهياتا ابن الوقت ۽ سامراجين جا پڇ لٽڪائو هئا ۽ پنهنجي ديس واسين کي غلامي جي پجري ۾ قاسائي ڪڳيون هڻي رهيا هئا. اهڙو دل ۾ دهڪو وجهندڙ وايومنڊل سڄي ملڪ تي هراس ۽ مصيبت سان چانئجي ويو.

اهڙي اقتدارپرستي جي چڪتاڻ واري پٽڪا ڏاهه ۾ به چوڌاري موت جهڙي ماڻ کا نه چائنجي ويل هئي، پر اقتدار پرستي، طمع ۽ غرض جي جوڙيل ٽڪسات کي جن به آگرين تي ڳٽڻ جيترن انسانن سينو ساهي للڪاريو انهن ۾ باچا خان اتم آدرشي انسان هو. ايئن سمجهندو هئس ته پالٿهار خاص نويڪلائي ۾ ويهي باچا خان جي بوتي لاءِ مٽي پنهنجن هٿن سان ڳوهي ڪيس جوڙي راس ڪيو. ان ڪري هن مهان انسان کي هيترا لوڀ لالچون، دڙڪا دهمان، انعام اڪرام، سزائون ۽ سختيون به انل ارادي تان چوري پوري نه سگهيا.

مون کي هن عدم تشدد جي عظيم مبلغ سان ويهڻ ۽ صحبت پرائڻ جو وجهه سال 77ع ۾ مليو. ٿيو هيئن جو... ... سائين جي ايم سيد "دل جي بيماري واري اداري" ڪراچي ۾ داخل هو. مان سائين جي تيمارداري لاءِ ساٿس ترسيل هئس. جولاءِ جي مهيني ۾ ملڪي صورتحال ڏاڍي ڇوهي قيرقار اچي ويل هئي. سائين وٽ سياسي جوڙ توڙ جي ماهرن ۽ قومي ڪارڪنن جي اڇ وڇ لڳي پئي هئي. ان هوندي به سائين ڪڏهن ڪڏهن ٽڏو شوڪارو پري چوندو هيو "سياسي مخالف ۽ حمايتي سيئي ملڻ اچن پيا، پر باچا خان سان ملاقات ٿي وڃي ته جيڪر هڙيئي لايا سجايا ٿي پون." ايئن هڪ ڏهاڙي وراندي ۾ بينو هجان ته باهريون دروازو ڪليو هڪ قدآور پوڙهو مڙس، سرمائي رنگ جي ڪدر جا ڪپڙا پاتل، حضرت موسيٰ واري ڏگهي عصا هٿ ۾ ڪنيو ڪاهيندو اچي پيو. مون هن کان اڳ باچا خان کي ڪو نه ڏٺو هو. پر سندس انفرادي ڏيک وک منجهان ئي ڪيس سڃاڻي ورتو. مون ڊوڙي وڃي سائينءَ کي ٻڌايو ته لاشڪ ته باچا خان اچي رهيو آهي. سيد کي ڊاڪٽرن جي سخت منع ٿيل هئي ته پلنگ تان ڪڏهن به نه لٿي. سو سيئي نصيحتون ۽ اپاءِ جا ليڪا لتاڙي پيرين اگهاڙو لٿي بينو ۽ جيئن اڳتي وڌڻ جي ڪيائين ته باچا خان به ٻاڻ اچي پسايو. پوءِ هڪ ڊاڙ وسرندڙ ۽ اندر ۾ پيهي ويندڙ منظر ڏٺم ته سيد ۽ باچا خان هڪٻئي سان پاڪرن ۾ هئا ۽ سيد جي اکين منجهان ڳوڙهن جي ٻنڊ ٻچي پئي هئي. مان اهنسا، امن ۽ آزاديءَ جي

ٻن عظيم انسانن کي ههڙي ڏٻري حال ۾ به هيڏي سڪ، محبت ۽ پنهنجائپ سان ملندو ڏسي جهڄي پيس. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سائينءَ وٽ ماني جي دعوت تي باچا خان اسپتال آيو. سائين ٻين به ڪيترن ويجهن دوستن ۽ رفيقن کي دعوت تي گهرايو هو. مان پير حسام الدين راشدي جي پاسي ۾ ويٺو هيس، سائين پنهنجن دوستن ۽ ساٿين جي ڏيٺ ويٺ ڪرائي. باچا خان ماني واپرائڻ کانپوءِ حال احوال هلندي سائين کي چيو:

"سيد ٻيو ڇا حال احوال آهي؟"

سائين مرڪندي مثنوي مولانا محمد هاشم ٺٽوي منجهان حورن غلمانن ۽ بهشت جو ذڪر ڪرڻ لڳو. پير صاحب کي سائين جي غيرسياسي ڳالهه ٻولهه نه وڻي جنهن ڪري پاسا ورائڻ لڳو. ڇو ته اسين سڀئي ڪچهريءَ ۾ ويٺل، ملڪ ۾ هيڏي ساري سياسي ڀونچال اچڻ ڪري هنن ٻنهي انسان دوستن جي واتان ڪا ڪارائتي ڳالهه ٻولهه ٻڌڻ لاءِ آتا هئاسين. انت ته باچا خان ڪنڌ مٿي کڻي چيو: "سيد! مان ورهين جي وڇوڙي کانپوءِ تو سان مليو آهيان ۽ اڻ ڏٺل احوالن تي ڳالهيون ڪري وقت وڃائڻ ڪو نه آيو آهيان، هتي ته اهو ٻڌڻ لاءِ وياڪل آهيان ته ملڪ جي سياسي صورتحال جو لاڙو ڪاڏي وڃي پيو. مون کي تون ٻار سمجهين ٿو ڇا؟" ان کانپوءِ ڪچهري جو رخ ڦري ويو ۽ ٻنهي ڄڻن تمام سنجيدگيءَ سان افغانستان، پاڪستان ۽ هندوستان جي سياسي لاهن چاڙهن تي جيڪو ڪجهه ڳالهايو سو لفظ به لفظ ياد آهي ۽ هن مهل تائين اهي اڳڪٿيون گهڻي ڀاڱي درست ثابت ٿيون.

بهرحال جيستائين باچا خان ڪراچي ۾ هو ته وٽس روزانو حاضري ڀرائڻ ويندو هئس ۽ ماٺ ڪيو ڪچهري جو مزو وٺندو هيس. نيٺ هڪ ڀيري مون ڀريل محفل ۾ کانئس پڇيو:

"ڏک ۽ پيڙا کي ڪيئن محسوس ڪيو اٿوَ؟"

وراڻي ڏيندي ڏاڍي ڳنڀيرتا سان چيائين: "بابا ڏک ۽ پيڙا کانسواءِ ته انسان جو اندر اونداهي قبر مثال آهي، اهي ڏک ۽ ڏاکڙا ئي آهن، جن وسيلي ماڻهوءَ جي من ۾ ٿرٿلو مچي وڃي ٿو پر انهن ڏکن جي جيڪا پيڙ آهي، سا به وِسرڻ جوڳي ڪانهي، مون کي ارمان آهي ته ورهاڱي ٿيڻ سان اسان کي غدار، ملڪ دشمن ۽ ڌارين جا دلال چئي لتاڙيو ويو ۽ عجب ته اهڙا لقب ڏيڻ وارا اهي مهربان هئا، جن برطانوي سامراج جا ڇاڙتا بڻجي اسان تي لٺين ۽ گولين جو

مينهن وسايو. اهي هڙيئي صاحبلوڪ نئين ملڪ ٺهڻ سان "لباس المومنين قلوب الڪافرين" وانگر مذهب جو چوغو پائي ۽ اندر ڪارنهه ۾ ٻڌل وڏا محب وطن بڻجي اچي وينا. اهڙن هٿ نوڪين محب وطنن مان اسڪندر مرزا جو نالو خاص ڪري ياد آهي، جنهن انگريزن جو ڪارندو بڻجي قومي ڪارڪنن سان ظلم ۽ تشدد جو جنسي انت ڪري ڇڏيو. اڳتي هلي اهو ساڳيو ماڻهو عظيم رهنما بڻجي هن ملڪ جو سربراهه ٿيو."

مون اڃان به ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو:

"بابا قصه خواني بزار واري ڪوس کي به توهان هيل تائين وساري ته سگهيا نه هوندئو؟"

ڳچل مهل تائين باچا خان ٻيءَ ۾ پئجي ويو. جڏ ماضيءَ جي ڪڙين کي ڳولهي ۽ هڪٻئي سان جوڙڻ جي لاءِ هٿ پير هڻي رهيو هو. نيٺ ڪنڌ مٿي ڪٽي چوڻ لڳو:

"هائو! مان 30 اپريل 1930ع جي هنياءِ قاڙيندڙ منظر کي وساري نه سگهندس، پر هي جيڪو هاڻي نفرت ۽ ڪاوڙ سان اٿلون ڏيندڙ رت جو درياهه سڄي ملڪ ۾ اُڏهو آهي، اهو به ته وسارڻ جوڳو ڪونهي. مان ته ايئن ٿو سمجهان ته هاڻوڪي بيدادي نگري جي اڳيان قصه خواني وارو قتل تڇ جهڙو آهي."

آخري ڏينهن ڪراچي ۾ موڪلائڻ ويل عرض ڪيومانس:

"بابا! مون کي ڪا نصيحت ڪر."

"نصيحت کهڙي ڪريان؟ اوهين سنڌ وارا سيني ڪان اڳيرو ويو پيا. ايندڙ چئن پنجن سالن ۾ توهان تي آزمائش جي گهڙي اچڻ واري آهي، جنهن مان نيٺ اُڪري پار پوندا. چالاءِ ته اوهان جو ادب، ٻولي ۽ ثقافت هن دور جا جيئرا جاڳندا شاهڪار آهن. ياد رکو ته جيڪا به قوم پنهنجي ٻوليءَ کي وساري ويهندي آهي ته ان لاءِ تباهي ۽ بربادي جا دروازا ڪُلي پوندا آهن. اوهان سنڌي به جيستائين سنڌي ٻوليءَ کي چهٽيل رهندا، اوستائين توهان جون پاڙون پاتال ۾ ڪُتل رهنديون."

پڇاڙي ۾ منهنجن هٿن کي پنهنجن شاهي هٿن ۾ ونندي حافظ شيرازي جو هيٺيون بيت پڙهڻ لڳو:

بياکه مه قاعده آسمان بگرادنيم
قلک راشگف بشاگيم. و طرح نوياند ازيم.

(اچو تہ هن سرشتي جو سرشتو مٽايون،
پراڻو جهان ڍاهي نئين جو پيڙهہ پٽر رکون.)

سال 77ع واري ملاقات کانپوءِ باچا خان جو ديدار 16 فيبروري 1986ع تي سن ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهہ تي ٽيو سيد سنڊس ساراهہ ڪندي چوڻ لڳو:

"هي دنيا جيڪا اڄ بارود جي ڍير مٿان بيٺي آهي، ۽ جنهن جي ڦاٽڻ جي ڊپ کان ڪروڙين مائرون ۽ معصوم ٻار امن جي آس ۾ دنيا جي اڳواڻن ڏانهن واجهائي رهيا آهن، انهن کي دائمي امن ۽ لازوال خوشيون صرف عدم تشدد جي اصول تي عمل ڪرڻ سان ئي ملي سگهن ٿيون جنهن جي شارح هن دور ۾ رڳو اوهان جي ذات آهي."

جڏهن باچا خان موٽ ۾ تقرير ڪئي تہ هٿ کٽي چوڻ لڳو:

"هنن هزارين سنڌي نوجوانن کي ڏسي مان يقين سان چئي سگهان ٿو تہ سنڌ جي حقن سان هٿ چراند ڪرڻ جي ڪنهن کي به همٿ نہ ٿيندي. هي نوجوان ئي سنڌ جو اصلي ورثو ۽ ميراث آهن ۽ هنن کي ئي سنڌ جي نجات لاءِ اڳتي وڌڻو آهي."

مون لاءِ تہ جڏهن هڪ عزت ۽ مان جو مقام آهي جو اهڙي عظيم انسان سان ويجهو ويهي ڪجهہ ٻرائڻ جو موقعو مليو ۽ مرشد لطيف بہ اوڏانهن اشارو ڪيو آهي:

تان کي وَٽِن ويهہ، جان آسهين اوطاقن ۾.

اڄ جڏهن باچا خان پنهنجي مچيل محفل مان پرڏيهہ روانو ٿي چڪو آهي تہ بہ پوئتان نيڪين، چڱاين ۽ پلاين جو اڻ ميو ورثو ڇڏي ويو آهي، پر انهيءَ اڻ ميي ورثي ڇڏڻ لاءِ جيڪا هن کي جاکوڙ ڪرڻي پئي سا بہ پڏري پٽ آهي. هن جي مٿان مخالفن سورن ۽ سختين جو وڏو ڍڙو وسايو. پر پاڻ هن ديس جي پهاڙن ۽ جبلن کان وڌيڪ مضبوط ۽ پختو رهيو. ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ باچا خان هن رڻ پٽ واري سياسي ڪيٽر ۾ امن، انسان دوستي ۽ غيرفرقيواريت جو چانورو ڪيو بيٺو هيو. باچا خان روايتي قوم پرستي جو هڪ تابناڪ باب هيو ۽ سنڌس اندر ۾ جيڪا معصوم من اچل متل هئي ان جو اظهار "آتم ڪتا" ۾ هيئن ڪري ٿو:

"مان پنهنجن پائرن لاءِ هڪ آزاد دنيا جوڙڻ گهران ٿو جتي هو سڪ،

سلامتي، امن ۽ آشتي سان رهي سگهن."

هي درويش صف ۽ آدرشي انسان پنهنجو وارو صبر، بردباري، تحمل ۽ مستقل مزاجيءَ سان وڃائي ويو تہ ڇوڙو، جدائي ۽ فراق وسرڻ جوڳو ڪونهي.

ڪٽا منجهہ قرار هٿا هيڪاندا سنگ ۾،
ڳاهي ڳاهہ فراق جي ڪيا ڏارئون ڏار،
ڪُهہ جاڻان پيهار ڪير ملندا ڪِن سين.
(شاهہ)

لکيل 31-12-89

پير حسام الدين راشدي
جديد سنڌ جي تواريخ جو معمار

هن سنسار جي گولي تي آد جڳاد کان قلم ۽ ڪَٽار جي زور آزمائي ٿيندي اچي پئي. انهي زور آزمائي ۾ هڪ پاسي علم، ڏاهپ، امن، سياڻپ ۽ دورانديشي جا طرفدار آهن ته ٻئي پاسي طاقت، زور، جبر ۽ بدامني جا طرفدار قابض ٿيڻ جي ڪوشش ۾ محو هوندا آهن.

هونئن عارضي طور کڻي طاقت ۽ جبر جي طرفدارن کي سرسي حاصل به ٿيندي آهي ته به دائمي مڃتا قلم جي پاسباني ۽ پاسخاطري ڪندڙن کي ملندي آهي. اڄ به هزارين ورهين جي تواريخي سفر ۾ قلمي ڪاوشن جو نچوڙ پنهنجي ڦوهه جوڀن ۽ آب وتاب سان انسانيت جي آسمان تي چمڪي رهيو آهي. اڄ به هومر، افلاطون، يلوٽارچ، مزدڪ، ماني، زرتشت، ابن رشد، ابن خلدون، ابن سينا ۽ ٻين کوڙ سارن جي قلمي ۽ فڪري جاکوڙ کي وڌيڪ مَانُ حاصل آهي يا زور ۽ جبر سان انسانيت جي دلين ۾ دهڪو وجهندڙ جابرن کي ؟! ان ڪري خاطري سان چئي سگهجي ٿو ته تواريخ ۾ اَمرتا ۽ لازوال پد به اهي هستيون ماڻينديون آهن جيڪي قلم جي سگهه سان تواريخي ڌارا کي ڦيرائڻ جو حوصلو ۽ همٿ رکنديون آهن. انهن سدا بهار ۽ ٻهڳڻ هستين کي انساني رشتي ۽ ناتي جي حوالي سان ڏاها، فيلسوف، عالم، استاد، وِدوَانَ، انسانيت جا رهبر ۽ رهنما سڏيو ويندو آهي. اهي انسانيت جي آسمان جون جرڪندڙ جلوي دار هستيون روشني جا اهڙا مينار آهن جن جي تجلي مستقل طور انسان ذات لاءِ سهائي پکيڙي بيٺي آهي. اوهان ٿورو اورتي اچي ڪنڌ لاڙي يورپ ڏانهن ڏسو ته ويجهڙائي ۾ انهن هستين جي حوالي سان ديڪارت، لاڪ، والٽيئر، روسو، رڪارڊو، مالٿوس، جان مل، آدم اسمٿ، ويچو، ڪانٽ، گبن، ڊارون، هيگل، ڪارل مارڪس، سپنگلر، آئن سٽائن ۽ ٽائن بي جا نالا انسانيت جي آسمان تي کيرڌارا وانگر جرڪي رهيا آهن. اهي هستيون اڄ قومي ڪٽرپڻ جا ليڪالتاڙي سڄي آدم ذات جي مٿي

جا موڙ بڻجي ويون آهن.

اسان جيڪڏهن سنڌ سڳوري تي ٻه ويڇهڙائي جي حوالي سان نظر وجهون تہ هتي ٻه ڪيترين نامور هستين جنم ورتو آهي، جن پنهنجي محنتن سان جديد سنڌ جي تواريخ جو پيڙهہ پٽر رکيو ۽ سندن هُڳاءُ سان نہ رڳو سنڌ پر انسان ذات واسجي وئي. اهڙي ئي هڪ وفادار فرزند، پورهيت عالم ۽ اديب سنڌ جي محسن، انسانيت جي عالم ۽ تواريخ جي کوجي، پرهہ ڦٽي مهل جنهن کي سنڌ ۾ سدوري مهل ٻہ چئبو آهي؛ لاڙڪاڻي ساهہ سيباڻي جي هڪ نندڙي ڳوٺ بهمڻ ۾ خميس 20 سيپٽمبر 1911ع ۾ اک کولي ۽ 1 اپريل 1982ع ۾ سنڌ جي قومي قبرستان يعني مڪلي ۾؛ سنڌ جي هڪ ٻئي صالح ۽ سچار فرزند شيخ عبدالمجيد سنڌي جي پاسي ۾ وڃي آرامي ٿيو. اهو لائق فرزند، خلوص، وقار، بردباري ۽ عاجزي جو مجسمو پير حسام الدين راشدي هو.

اڄ پير صاحب کي ظاهري طور اسان کان وڇڙندي سڄا سارا اٺ ورهيہ گذري ويا آهن. پرسمجهہ ۾ ائين پيو اچي تہ اڄان ڪالهوڪو ڏينهن آهي جو ساٺس روح رهاڻيون ڪري رهيا هئاسين ۽ لنڊن روانگي کان اڳ ٻہ ساٺس ٿهڪڙا ڏيڻ ۽ چوباري ڪرڻ وارو ويلو اڪين اڳيان ڦري رهيو آهي. انهي آخري ملاقات ۾ مرض جي شدت ڪري پير صاحب جو آواز جهيڻو پئجي ويو هيو پر سندس محبت، شفقت، پيار ۽ پاڻپوهہ ۾ اڃان ٻہ واڌ آئي هئي ڇو تہ پيرصاحب جي وندر ۽ ورونهہ جو هڪ نرالو اندازهوندو هو تہ عمر يا ڄمار جي وٿي ۽ وچوٽي کي گوڏي هيٺان ڏئي هارن سان هار، جوانن سان جوان ۽ بزرگن سان بزرگ بڻجي محبت، سڪ ۽ قرب جو وڏو ڦڙو وسائيندو هو.

مان سڀ کان اڳ ۾ پير صاحب جي عالمانہ طريقي سان سنڌ جي تواريخ تي ڪيل احسان ۽ مهرباني جو ذڪر ڪندس.

سنڌ جي تواريخ تي ماضي جي دَر ۾ نهار ڪبي تہ مورخن جا قلم وقت جي حڪمرانن، بادشاهن، شهزادن ۽ محلاتن جي ثنا خواني، مدح سرائي ۽ خوشامد ۾ ٻڌل نظر اچن ٿا. جڏهن ٻہ سنڌي ماڻهو ماضي ۾ ٿوري ٻہ ڏگهي نظر نهار سان جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ کيس احساس جرم جي هڪ ڇهندڙي پوندي محسوس ٿيندي آهي تہ سنڌ جي سموري تواريخ شڪست وريخت، اوندهہ انڌوڪار ۽ محرومين سان ستيل آهي؛ جنهن ڪري

سندس ذهن ۾ عضوا ساڻا ٿي پوندا هئا. پر سنڌي ماڻهن جي تواريخي مَان ۾ مرتبي کي اڇو اجرو ڪرڻ، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن تي فخر ڪرڻ ۽ سڃائي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جنهن هستي جديد تواريخي نقطہ نگاهہ کان جاکوڙ ڪئي سو پير حسام الدين راشدي هو. پير صاحب سنڌ جي تواريخ جو اپياس هڪ ڪاهوڙي وانگر پنهنجو موضوع ڪري ڪنيو. انهن محنتن ۽ ڪشالن ۾ تصنيف، تاليف ۽ ترتيب وسيلي مڪلي نامہ، تاريخ مظهر شاهجهاني، مقالات الشعرا، روضتہ السلاطين جهڙا بي بها ڪتاب ڏئي تواريخ ۾ ڏاڪو ويهاري ڇڏيو. پير صاحب "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون" ۾ سنڌ جي شاندار ماضي جو ذڪر ڪندي وري مستقبل لاءِ آسروند ٿي ڪريون ڪرٽيون ۽ سنيون سڌيون ڳالهيون ڪيون آهن. ان کان سواءِ ساروٽين تي مشتمل ڪتاب "هُو ڏوٽي هُو ڏينهن" ۾ اتر سنڌ جي عوامي بولي ۽ خاص ڪري لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو کي ماضي ۾ دفن ٿيڻ کان بچائي ۽ محفوظ ڪري ڇڏيو. انهي شاهڪار ۽ يادگار ڪتاب ۾ هڪ عام ڪسبياڻي هاڄ کي جنهن انداز ۽ اسلوب سان هاڄ ٻڌايو آهي سو سندس قلم جو ڪمال ليکي سگهجي ٿو. اهڙي طرح ساڳي ڪتاب ۾ سنڌ جي زوال پذير سماج جو عڪس خبرداري سان چٽيندي لکي ٿو:

"هي تاريخ نہ آهي پر سنڌ جي هڪ دور جي معاشرتي تواريخ جو هِن کي مقدمو سمجهڻ گهرجي، هن ۾ گهٽي قدر انهن سيني ناسورن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي سنڌ جي تنزل ۽ سنڌين جي شڪست دلي جو سبب ٻڌيا آهن؛ جنهن جي نتيجي ۾ جيڪو بہ گهر کان رُسي ٿو، سو سنڌين تي سُستي، ڪاهلي، بيڪاري ۽ نااهليت جا طرحين طرحين طعنا رکي ڪين جيئڻ ۽ جيئڏان ڏيڻ جو مستحق نہ ٿو سمجهي."

بهرحال ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڏاءُ ڪونهي تہ پير صاحب سنڌ جي تواريخ ۾ انسانيت جي آسمان تي. هڪ ڏاهي جي حيثيت سان ان ڪري مجتا ڪرائي تہ هن پنهنجي آسپاس سماجي صورتحال کي ڏسي پسي نبض شناسي وسيلي مرض جي ڳولا ڪئي ۽ سنڌ جي سماج ۾ جنهن عقل ۽ جذبي سان نبض شناسي ڪئي ان کيس امرتا بخشي ڇڏي.

مان هيستائين پير صاحب کي هڪ تواريخ جي عالم ۽ وِدوان طور ذڪر هيٺ آندو آهي. پر مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ پير صاحب سنڌ جي

روايتن ۽ قدرن جو به اعليٰ ۽ افضل نمونو هو؛ ۽ کوڙ ڀيرا پنهنجي اکين سان کين محبت، صداقت جي طرفداري ڪندي ڏٺم.

ون يونٽ جي خلاف تحريڪ عروج تي هئي، سنڌ سموري جا نوجوان ۽ قومي ڪارڪن سائين جي ـ ايم ـ سيد جي سربراهي ۾ "سنڌ متحده محاذ" ۾ گڏ ٿيا هئا. اوچتو سنڌ جي ابن الوقت ۽ اقتدار جي پوڄارين به ڦڙتي کائي محاذ ڏانهن رخ رکيو. اسان نوجوان ۽ جوشيلن قومي ڪارڪنن اهڙن اقتدار پرستن جي شموليت تي سخت اختلاف ڪيو پر سيدسائين ڪا به ڳالهه ٻڌڻ کان نَنو اکر واري ويٺو. نيٺ اسان ڪجهه ساٿين سان گڏجي جن ۾ اعجاز قريشي ۽ شوڪت سنڌي به شامل هئا، پير صاحب کي اڳ ۾ ڏئي؛ سيد وٽ وياسون.انهي ڏهاڙي مون پير صاحب جي سائين جي ـ ايم ـ سيد سان روايتي محبت ۽ عقيدت سان گڏوگڏ اڻ ٽر سنڌي جو روپ به ڏٺو ۽ اٿندي ئي سيد کي چوڻ لڳو: "سيد تون ڪو وڏو زورآور آهين. جڏهن به تون تپسيا ڪري ۽ ڪشالا ڪڍي، سنڌ جي عوام کي گڏ ڪندو آهين ته هي ويڪائو وڏيرا، پير، مير ۽ ابن الوقت ماڻهو تو وٽ پناهه گاهه ڳوليندا آهن، هنن ماڻهن کي نه ضمير جو چڪ پوي ٿو ۽ نه وري پنهنجي عوام سان وفادار آهن. ان ڪري نوجوانن جي ڳالهه تي به ٿڌي سيني سان غور ڪرڻ گهرجي. مان مڃان ٿو ته سنڌي عوام وڏيرن جي پنجوڙن ۾ ڦاٿل آهي، جنهن ڪري پنهنجن ۽ پراون ۾ فرق ڪرڻ جو شعور گهٽ آهي. ان هوندي به هي نوجوان تنهنجي ڏنل شعور سان گڏ آهن. انهن کي ساڻ کڻي هَلُ ۽ سندن رهنمائي ڪَرِ. مان ٻڌايانءِ ٿو ته جذبات ۽ ضد جي روءِ ۾ وَهي تون غلطي ڪري رهيو آهين. انهن ماڻهن کان ته پاسو ڪَرِ جيڪي ماضي ۾ سنڌ کي ٻوهي ۾ ڦاسائڻ جي علامت بڻيا آهن." سيد تمام ٿڌائي ۽ مُرڪ سان پير صاحب کي سُڻندو رهيو ۽ هڪدم کائنس پڇيائين توهان کي منهنجي نيت ۾ شڪ آهي؟

"ڪير ٿو چوي ته ڪو؟" پير صاحب وراڻيس

-ته پوءِ مون کي ڪم ڪرڻ ڏيو نه ته آءُ پاسيرو ٿي ويندس.

اسان سڀئي مونجهارا بڻجي ٻاهر نڪري آياسون. مان پير صاحب سان گڏجي بيت الضيا تي پهتس. ڪتبخاني ۾ ويهي پير صاحب مونجهه واري ڪيفيت مان نِڪرندي چيو:

"بابا! مان مڃان ٿو ته هي ابن الوقت وڏيرڪي ذهنيت رکندڙ انسان

ويڪائو مال آهن. مون کي خبر آهي ته ڪجهہ وقت کان پوءِ اهي معبتر سيد کي چڏي پچي ويندا. مان توکي ايترو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته سيد صاحب کان جذبات ۾ اچي غلطيون سرزد ٿي سگهن ٿيون. باقي مون کي سيد جي نيت ۾ شڪ ڪونهي. هُو سنڌ جو سچو عاشق آهي. مان توکي ۽ ٻين نوجوان قومي ڪارڪنن کي صلاح ڏيندس ته هِن اوکي ويل ۾ سيد سان سات چڏڻ گناهہ عظيم ٿيندو. چو ته سيد هڪ املهہ ماڻڪ آهي ۽ هي ابن الوقت سياستدان لوڻ جي ڪاڻ مثلِ آهن. انکري جيڪڏهن ماڻڪ لوڻ جي ڪاڻ ۾ ڪِري پوندو ته لوڻ ٿي ويندو."

پير صاحب نہ رڳو سنڌ جي سهپ، ماڻهپي ۽ رواداري وارن اصولن جو امين ۽ پانڌيئڙو هيو. پر هڪ تواريخ دان ۽ دردمند دل رکندڙ انسان طور، سنڌ ۽ سڄي انسان ذات جي سورن، ڏکن، ڏاکڻن کي آڏو رکي هڪ پورهيت ۽ اورچ عالم وانگر جديد سنڌ جي تواريخ لکڻ ۾ پنهنجو دائمي نقش چڏي ويو. ۽ پنهنجن ديس واسين لاءِ ايترو ته تواريخي مواد چڏي ويو آهي جو انهي جي روشني ۾ چندچاڻ ڪبي ته جديد سنڌ جي تواريخ تي حڪمرانن جي معتبرانہ چاپ جي بدران سنڌي سماج جي جاکوڙ ۽ جدوجهد جي چاپ لڳل هوندي.

رهجي ويا ڳڻ، کي مَارن جا مليرِ،
لاهي هاج هِتان ويا، وڃي مَٽي ٽرٽيا.
(شاهہ)

لاڙڪاڻو-سنڌ
28-03-1990

خان محمد پنهور
سياسي سڌارڪ ڪان سماج سڌارڪ تائين

اڄ پاڻ سيئي هڪ اهڙي انسان کي ياد ڪرڻ ۽ عقيدت جو اظهار ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، جنهن 35 ورهيه اڳ اسان سان گڏجي ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سنڌ جي قومي سڃاڻپ لاءِ "ون يونٽ" خلاف جدوجهد ڪئي هئي، هڪ "سياسي سڌارڪ" طور پراڳتي هلي "سماج سڌارڪ" جو رستو اختيار ڪيو جنهن تي حياتي جي آخري هڪڪيءَ تائين ڪار بند رهيو.

هونئن پاڻ وٽ گهٽي قدر عام رواج آهي ته ڪنهن به فرد جي "جنم" يا "لاڌاڻي" جو ڏهاڙو هجي ان لاءِ عقيدت ۽ احترام جاڳل لفظن جي شڪل ۾ نڇاور ڪيا ويندا آهن. لفظن جي سَحر وسيلي اهڙو تاثر پيدا ڪيو ويندو آهي ته زنده قومون/ ماڻهو پنهنجن محسنن کي ڪونه وساريندا آهن. لفظن جي روپ سروپ وسيلي ظاهر ڪندا آهيون ته ان "فرد" جو ڪوبه مَٽ ثاني ڪونهي يا سندس لاڌاڻي سان دنيا ۾ اهڙو خيال پيدا ٿي پيو آهي، جنهن جو پوراءُ ڪرڻ محال آهي ۽ پوءِ وري خواهش به ڪندا آهيون ته شل ڪو اُن همراهه جهڙو اڇي نمودار ٿئي. ڇوته اسان کي اهڙي لائق ۽ فائق انسان جي اشد ضرورت آهي، مطلب ته هڪ مسيحا مهديءَ جا منتظر آهيون، جيڪو غمن ۽ گوندرن، ڏکن ۽ ڏولائن منجهان آجو ڪرائڻ لاءِ سرداري ۽ سرواٽي ڪري سگهي.

اهڙي ڪجهه صورتحال اڄ به مونکي ڏسڻ ۾ اچي پئي. اسان سيئي، انهيءَ مٽي جاٽايل حد بندي ۾ عقيدت جي گل پاشي ڪندي خواهشن، اميدن ۽ آسرن جون ڳالهيون ڪري هڪبئي کي ٻُلهي ۽ سکڻي دلجاءِ ۽ دلاسا ڏئي، محفل کي پڄاڻيءَ پهتل ڪري روانگي ڪندا سون. اهڙي ريت خان محمد پنهور جي عقيدت ۾ به چار ڳالهيون ۽ هڪ ٻئي کي ست سُريون ٻڌائي پنهنجو بار ٻين جي ڪلهي تي اڇلائي پاڻ کي اڇو اجرو ثابت ڪري ٻيهر گڏجڻ جا وچن ۽ واعدا ڪري موڪلائينداسون.

پرمان اوهان جي اڳيان پنهنجي راءِ کي ڪجهه جدا گانه انداز ۾ رکڻ

جي جرئت ڪيان ٿو. چاڪاڻ ته خان محمد پنهور ۽ هن ست ۾ ويڙل ڪجهه دوستن سان ڏيڍ ويڪ لڳ ڀڳ 35 ورهيه پراڻي آهي؛ جڏهن مان انهن سان گڏجي ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ "سنڌ جي قومي سڃاڻپ" بحال ڪرڻ لاءِ حصو ورتو هو. اڄ جڏهن 35 ورهين جي هلچل جو چيڊ ۽ چند چاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته صورتحال مايوسي ڪندڙ به ناهي پر دلجاءِ ڏيندڙ به ڪانهي ۽ نه وري گهٽي سوپ حاصل ڪئي آهي. جو ته ردو بدل جي ڪُک منجهان نواڻ ٿيندي آهي. انهيءَ ڏس ۾ سنڌ جي سماج ۾ نالي ماتر قير قار آئي آهي نه ته وري هڪ جمود جي ڪيفيت چانيل آهي جو سنڌ جي "سياست ۽ سماج" ۾ئي يرغمال بڻيل آهن. ائين اسانجو معاشرو غير متحرڪ ۽ غير سياسي راهه ڏانهن ڪسڪي رهيو آهي.

انهيءَ غير سياسي ٿيندڙ سماج ۾ هڪ اهڙو ڪرناڪ عمل شروع ٿيوجو سنڌ جي سرواٽي جاگيردارانه سوچ جي هٿن ۾ اچي وئي ۽ سياسي ردوبدل جو عمل وڌيڪ مائيٽو ٿيڻ لڳو. جنهن ڪري خان محمد جهڙن کوڙ سارن ڪارڪنن مَلهه چڙي راڳ جو رستو اختيار ڪيو. ايئن چئجي ته پراڻي جهان کي ڌاهي نئين جهان جي اڏاوت واري جولان کي چڙي سماجي خدمت ۽ سماج ۾ سڌارن آڻڻ جو هڪ منفرد انداز شروع ڪيو. مطلب ته واڳن جي وات ۾ ويهي مورڙئي جو ڪردار ادا ڪرڻ جي ابتڙ ريجهائڻ، ريبائڻ، ۽ سينڌ ۾ ماروي ڇائڻ جو طريقه ڪار مناسب سمجهيو. اهڙي طرح سنڌ جو سماج ايترو ته بي حس ٿي ويو آهي جو سياست جي لفظ کان عام ماڻهوءَ کان وٺي مڇي مانيءَ لائق طبقو ايئن ٿو پڇي جيئن کاڻءِ پڇي ڪمان کان. دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ جڏهن ته سياست کي خدمت جو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو پر اسان وٽ بد قسمتيءَ سان دوکي دولاب، فريب ۽ ڏڳيءَ جو نالو سياست آهي. اسان جي سامهون هڪ سوال اچي بيهي ٿو ته ڇا سياست کي نفرت ۽ تياڳ لائق سمجهي ۽ ميدان تواريخ ۾ طئه ٿيل مخالفن جي حوالي ڪرڻ سان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون ٿا؟ انهيءَ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل سوال کي نبيرڻ نچيرڻ لاءِ ڪجهه تواريخ جي روشنيءَ ۾ عرق ريزي ڪرڻ ضروري آهي.

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ جڏهن دنيا جي ڪلاسيڪل برطانوي سامراج/شهنشاهيت جي جهنڊي مٿان سج ڪونه ٻڏي لٿو ته سنڌ به سياسي ۽سماجي طور انگريزن جي غلاميءَ هيٺ هئي، پر ساڳئي وقت اهو به

طئ ٿيل اصول آهي ته غلام کي غلاميءَ جو احساس ٿيندو آهي. سنڌ ۾ به، انهيءَ ڏس ۾ ردوبدل جا به مکيه لاڙا پيدا ٿيا:

1. شعوري لاڙو Consiously Attitude
2. لاشعوري لاڙو Un Consiously Attitude

(1) **شعوري لاڙو/رجحان** Consiously Attitude

سنڌ ۾ شعوري طور تواريخي جدوجهد جي نسبت سان به اهم موڙ ليکي سگهجن ٿا:

(الف) سنڌ جي بمبئي کان آزادي جنهن جو اعلان 23 مارچ 1936ع تي ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ 01، اپريل 1936ع تي جدا گانه حيثيت اختيار ڪئي.

(ب) اپڪنڊ جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌ، پاڪستان ۾ رضاڪارانه بنيادن تي شموليت اختيار ڪئي، پر اڻ ورهين جي مختصر مدي ۾ سنڌ جي جدا گانه حيثيت ختم ڪري ون يونٽ جي نالي ۾ مرڪز جي غلاميءَ ۾ ڏنو ويو. پر سنڌ جي سجاڻپ ۽ جدا گانه حيثيت لاءِ فڪري ۽ شعوري هلچل هٽي وڃي هنڌ ڪيو ۽ 01 جولاءِ 1971ع تي سنڌ ظاهري طور وري جدا گانه درجو اختيار ڪيو.

(2) **لاشعوري لاڙو** Un Consiously Attitude

(الف) 04 مارچ 1967ع جي تحريڪ جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمٰن جي برطرفي جي خلاف احتجاج جي شڪل اختيار ڪئي، جنهن کي رياستي ڪارندن طاقت وسيلي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي. اها تحريڪ نيم سياسي شڪل اختيار ڪري وئي.

(ب) 28 اپريل 1973ع جي آئين ۾ نالي ماتر صوبائي خودمختياري ڏيڻ ۽ مضبوط مرڪز جي خلاف سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن طرفان احتجاج ڪرڻ ۽ سرڪار پاران قومي تحريڪن کي چيپاڙڻ خلاف هلچل.

(ت) 14 ـ آگسٽ 1983ع ۾ تحريڪ بحالي جمهوريت (Movement for restoration of democracy) ۾ سنڌ جي عام ماڻهن جي شرڪت. اها تحريڪ مبهم جمهوريت جي بحالي لاءِ هئي جنهن ڪري اڳتي هلي بي ترتيبي ۽ چڑو چڑ جي وَر چڙهي وئي،

انهيءَ تحريڪ ۾ سنڌ جي ماڻهن پاران جذبي ۽ جولان سان ڪاهي پوڻ جي موٽ ۾ عالمي مجتا حاصل ٿي.

(ٽ) 17 - آڪٽوبر 1984ع تي ٽوڙهي ڦاڪ وٽ هٽين خالي جيئي سنڌ جي ڪارڪنن تي فوجي سرڪار جي فائرنگ ۽ قتلام ٿيڻ.

هتي، مان ڪنيل موضوع جي نسبت سان برصغير جي ورهاڱي ڪانپوءِ پاڪستان جي نالي سان وجود ۾ آيل ملڪ ۽ پورو چوڻي لاڙن جي ذڪر کان ابتدا ڪيان ٿو ته سمجهڻ ۾ سولائي ٿيندي ته سنڌ جي سياست ۽ سماج ۾ ڪهڙا اثر مرتب ٿيا:

(1) اقتدار پرست لاڙو :- پاڪستان ۾ بدقسمتي سان اتندي ئي غير نظرياتي، غير منطقي/ غير اصولي لاڙو وڌيڪ سگهارو ٿي عفريت جي شڪل اختيار ڪري ويو. جنهن ڪري جمهوريت، عوامي حاڪميت جي معنيٰ ۽ مطلب ووٽ وٺڻ ۽ اقتدار جي ايوان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ فوج ۽ آفيسر شاهي بيساکين/ گهوڙين تي هلڻ جاڻايو ويو. عوام کي فقط اقتدار لاءِ ڊاڪ طور استعمال ڪرڻ جوذريعو ڪري سمجهيو ويو. باقي زباني طور رليف ڏيڻ جا وعظ ۽ وعدا ڪرڻ هو. هونئن جمهوريت جو جوهر مخالفت کي برداشت ڪرڻ هوندو آهي. پر انجي بدران مخالف ڏر کي غدار ۽ ڏارين جا ايجنٽ جهڙا لقب ڏئي انکي چيپاٽڻ لاءِ طاقت جي بي دريغ استعمال ڪرڻ ۾ قباحت محسوس ڪونه ڪئي وئي. اهڙي ريت جمهوريت ۽ عوامي حقن جي نالي ۾ فوج، افسر شاهي/ بيورو ڪريسي ۽ فيوڊل سياستدانن جو فطري اتحاد جڙي راس ٿيو. اهي ٽئي قوتون ملڪ ۾ ڪنهن به مثبت سياسي ۽ سماجي ردوبدل جي آڏو سد - سڪندري/ ديوار بڻجي بيٺيون. اقتدار پرست سياست جو دارومدار نام نهاد قومي مفاد، مضبوط پاڪستان، جنگي، جذباتي ۽ جنوني نعرن معرفت مضبوط مرڪز سان ڳنڍيو ويو. ايئن ملڪ جي خالق قومن ۽ فطرتي قوتن کان انڪار ۽ مذهب جي نالي سان نام نهاد مسلم قوم يا پولار ۾ لڙڪندڙ پاڪستاني قوم جو غير منطقي تصور مسلط ڪرڻ لاءِ مختلف حيلا ۽ بهانا اختيار ڪيا ويا. مجموعي طور اقتدار پرستي، مرڪز پرستي جي نالي ۾ جاگيردارانه فڪر ۽ سوچ، اڄ تائين پنهنجي جارحارنه انداز ۾ غالب رهندا اچن پيا.

(2) قوم پرست سياست :- پاڪستان ۾ هن رجحان جا طرفدار ملڪ جي بنيادي ڍانچي کي سيڪيولر/ غير فرقيوارانه فڪر جي آڌار سان قومن جا

تواريخي حق ۽ اقتصادي وسيلن جي ونڊ ورڇ ۾ اهم نقطا ڇاڻائي رهيا هئا. قومپرست سياست ملڪي سطح تي هڪ جامع ۽ هم گير صورت ۾ اقتدار پرست سياست جي سامهون للڪار بڻجي آئي. پر قوم پرست سياست جيڪا گهٽ پاسائين سوچ ۽ فڪر رکندڙن جو محاذ هو ان گڏيل محاذ ۾ اندروني ڇڪتاڻ کي ڏٺائي، ٿهرم ۽ سهپ جي اصولن تي طئہ ڪرڻ جي بجاءِ محاذ آرائي زور ورتو. اندروني ڇڪتاڻ ۾ هڪ پاسي قوم پرست روشن خيال ۽ جمهوريت پسند هئا جيڪي جديد قوم پرستي جي بنيادن تي معاشي وسيلن کي ارتقائي عمل وسيلي انقلاب آڻڻ جا داعي هئا. هوڏانهن ٻئي پاسي دنيا جي سياست سرد جنگ جي عروج مان لنگهي رهي هئي، جنهن ڪري انتها پسند ڪاهي ڏر طرفان ملڪ لاءِ هڪ سرخ انقلاب جي ضرورت سرفهرست ڇاڻائي وئي. قومي مسئلو ۽ قومن جي تواريخي حيثيت ۽حق پنهنجي جاءِ تي اهم عنصر ليکياويا، پر زور ڏنو ويو تہ طبقاتي انقلاب جي معرفت سيئي مسئلا حل ٿي ويندا. ان لاءِ تجرباتي طور 1950ع ۾ فوج جي سهڪار سان انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اها سموري رٽابندي وقت کان اڳ ظاهر ٿي پئي، جنهن کي "پنڊي سازش" جي نالي سان سڏيو ويو. اڳتي هلي قوم پرست سياست جو الميو بڻيو تہ ان ۾ ڀيڃ ڌاهہ جو عمل شروع ٿيو ۽ عالمي سطح تي ٽين دنيا جي ملڪن/ قومن جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي بدران پاڻ کي ڪنڌائتو سمجهڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجن مسئلن ۽ مونجهارن کي دنيا جي اُٽل پٽل جوهڪ حصو سمجهڻ کان ڪن لاتار ڪندي محدوديت ڏانهن راهي ٿيڻ ۾ عاقبت سمجهي، ان ڪري قوم پرستي جي بنيادن تي قومي رياست (National State) جي تصور جو سگهارو ٿيڻ ۽ انجي سرواٽي ڪرڻ لاءِ وچولي طبقي جو طاقتور بڻجڻ کاٻہ اثرائتي حيثيت ماڻي نہ سگهيو آهي. انهيءَ تنگ دل ۽ انتها پسند قوم پرستي جي ڪارڻ جاگيردارانہ/ فردپرستيءَ جي عمل وڌيڪ زور ورتو آهي. اڄ قومپرستيءَ جي نالي ۾ ڇڙواڳ ۽ منتشر خيال ماڻهن جا گروهہ موجود آهن جيڪي قوم پرستي کي، عوام دوست بنائڻ جي بجاءِ جذباتي ۽ انتها پسندي جي هٿيارن سان مسلح ٿيل پنهنجن مفادن خاطر قبضہ گيرتي ويندل آهن.

ايئن ٿلهي ليکي پاڪستان ۾ هڪ انسان دوست، سياسي ۽ سماجي ردوبدل کان انڪار ڪرڻ ۽ ملڪ کي مضبوط ڪرڻ جي نالي ۾

جارحانہ ۽ غاصبانہ طرز جي مضبوط مرڪزيت Power of Centralization ۽ موٽ ۾ مرڪز مخالف (Anti Centralization) رويا/ سلوڪ هڪ ٻئي جي سامهون ٿي بيٺا. انهيءَ جابرانہ ۽ جارحانہ مرڪزپرستي جي روش جنهن جي سهڪار ۾ فوج، بيوروڪريسي، ۽ جاگيردارذهنيت جو سياستدان هڪ ٽه مورتي جي شڪل بنجي پيا. اهي ردوبدل جي ڪنهن بہ مثبت لاڙي آڏو رندڪ بڻجي پيا ۽ سياسي ميدان ۾ افراتفري، مونجهارو ۽ مهم جوئي کي هٿي ڏني وئي. انهي حالتن ۾ سنڌ جي سنسار کي هڪ مثالي دنيا بنائڻ جو سپنو وکرجڻ لڳو. ان سپني جي پرزا پرزا ٿيڻ جي شروعات ادارن جي شڪست وريخت سان ٿي. انهن ادارن جي تباهيءَ منجهان سڀ کان اهم ادارو جيڪو وڏيڪ زبون حاليءَ جو شڪار ٿيو سو تعليم جو آهي. پر هتي هڪ اهم نشاندهي ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ تعليم جي مڪمل نظام ۾ رڳو مڇي ماني لائق ۽ غريب گهراڻن جي لاءِ قائم ڪيل سرڪاري اداري جي تباهي شروع ٿي. ان جي ابتڙ حاڪمن جي اولاد تہ شاهوڪار تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪري رهي هئي ۽ آهي. اهي اميرن جا پگهدار اعليٰ تعليمي ادارن ۾ پنهنجي وطن ۽ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ بجاءِ حڪمرانيءَ لاءِ تيار ٿيندا اچن پيا. اڄ بہ توهان ٽورو بہ انگ اکر گڏ ڪرڻ جي لاءِ هٿ پير هٽندؤ تہ سونو چمچو وات ۾ وجهي رکندڙ سياستدانن کان وٺي فوجين ۽ بيوروڪريٽس جا ٻار هن ملڪ جي ماڻهن جي ڪلهن تي پير پاتسما بنجي ويهڻ لاءِ تيار ٿي رهيا آهن. ايٽن عام ماڻهن لاءِ تعليم جي تباهي سان سياست ۽ سماج ۾ ردوبدل جي ابتڙ جموديت، سُجَ ۽ پينگ واکا ڪرڻ لڳي. پاڪستان ۽ سنڌ ۾ مجموعي طور هيٺين صورتحال ايري آئي: "سياست، سياسي عمل ۽ ردوبدل بابت جدوجهد ڪرڻ اجايو ۽ عبث آهي. سياست وڏن ماڻهن جي راند آهي. انڪري جت جاموٽ کي باهہ ۾ هٿ وجهڻ جي ضرورت ڪانهي، اهي هڇائون سماج جا پالٽهار آهن. اهي پالٽهار جيڪي بچت جي جهوليءَ ۾ جيڪو ڦٽو ڪن ان کي نصيب جو لکيو سمجهي قبول ڪيو. سياسي نظريا ۽ جدوجهد قصہ ماضي بڻجي ويل آهن. ان ڪري شڪرگذار رهڻ جي عادت هئڻ گهرجي." اهڙي طرح پنهنجن اکين جي آڏو سنڌ جي خوشحالي ۽ آجپي واري سپني جي لتاڙ ٿيندو ڏسي خان محمد جهڙن حساس ۽ سنجيده ماڻهن لاءِ هيٺيان ٽي رستا اچي بيٺا:

- سياسي ۽ سماجي ردوبدل جي خفت ۽ سوداءَ کي ڇڏي فرار ٿيڻ جي راهه اختيار ڪري ۽ منهن مونن ۾ وجهي لاتعلق ٿي ويهڻ.
- قومي مفادن کي تياڳ ڏئي شخصي مفادن کي نظر ۾ رکندي پاڻ کي سکيو ۽ ستابو بنائڻ. پر ان سان گڏوگڏ ڏيکاءَ واسطي سنڌ دوستيءَ جا دم ڀرڻ.
- سماج جي خدمت ڪرڻ پر ڪاٽو سياسي ردوبدل.
- اسان جي خان محمد مجبوريءَ جي حالت ۾ پويون رستو ورتو. ان کي مختصر لفظن ۾ خدمت جو غير سياسي دڳ چئي سگهون ٿا.

پر سماج ۾ غير سياسي خدمت ڪرڻ جي رجحان تي ڪار بند رهڻ جو تت، 30، ورهين جي عرصي ۾ هيٺين ريت نمودار ٿي اچي بيٺو:

"سنڌ جو سياسي مورچو جنهن کي تواريخ ۾ مزاحمت جي نقطه نگاه کان ڪردار ادا ڪرڻو هو سو ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندو ويو. ڇو ته ماضيءَ ۾ انهيءَ مورچي جو ڪارج قومن جي حقن لاءِ گڏيل جدوجهد ڪرڻ سان واڳيل هو، پر اڳتي هلي پنهنجي علائقائي حدن جي قيد ۾ اچي ويو.

پاڪستان ۾ قومي تحريڪن جو مورچو روشن خيال ۽ جمهوري اصولن جي عڪاسي ڪرڻ جي بدران قومي شاوئنزم /نسل پرستيءَ جي بنيادن تي سگهارو ٿيڻ لڳو. اڄ جڏهن ايڪويهين صديءَ ۾ وک وڌائي چڪا آهيون ته سنڌي سماج ۾ ردو بدل آڻڻ جون دعويدار سياسي ڌريون / سياسي گروهه پاڪستان جي طاقتور اسٽيبلشمينٽ جي خلاف احتجاج/ ڌرڻا هڻي سگهن ٿا، پر مزاحمت ڪرڻ جي سگهه سنڌي سماج ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي. جنهن ڪري موت جهڙي ماٺ/سڪون/جمود ڪوهيڙي وانگر سنڌي سماج/ سوسائٽي کي ورائي رهيو آهي. ان ڪري تهذيبي بحران/ گهوٽالو پيدا ٿيو آهي . انهيءَ تهذيبي بحران جي نتيجي هڪ خال پيدا ٿيو آهي. ان خال کي ڀرڻ جي ڪوشش انهن ڌرين پاران شروع ڪئي وئي آهي جيڪي تواريخي پس منظر ۾ روشن خيالي، سهپ، رواداري ۽ ردوبدل جون مخالف رهيون آهن. ان مان منهنجي مراد مذهبي فرقيواريت جي واڌاري لاءِ سرگرم رهندڙ قوتون آهن. فرقيواريت ۽ جنونيت جو ڦهلاءُ سنڌ کان وٺي عالمي سطح تائين ٿي رهيو آهي. انسان دوست آدرش جي ابتڙ دنيا کي فرقيواريت ۽ نام نهاد تهذيبن جي ٽڪراءَ جو خوف پيدا ڪري يرغمال بنائڻ

جو سوداءِ وڏي رهيو آهي."

مان سمجهان ٿو ته سنڌي سول سوسائيٽي ۾ جيڪڏهن منهن مونن ۾ وجهي، ذاتي ۽ شخصي مفاد پرستي يا سماج ۾ سياسي عمل کان عاري خدمت جي طور طريقن جي ايجا بہ پنپرائي ڪئي وئي ته وڏيڪ تباهي ۽بربادي۽ ڏانهن پيش رفت ٿيندي رهندي. ان ڪري پاڻ جيڪي منتشر ۽ چڙوچڙ آهيون انهن لاءِ پنهنجي وت ۽ وس آهر سنڌي سوسائٽي کي متحرڪ ڪرڻ خاطر پاڳي پائيواري/حصيداري ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته سياسي عمل کي سگهارو ڪرڻ سان پنهنجو جياپو لاڳاپيل آهي. ان لاءِ اسان کي هيٺيان اپاءَ ترت وٺڻ جي ضرورت آهي:

1. ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ان جو علاج ڳولي متحرڪ ٿيڻ.
2. سنڌ کي ڏيهه جهان کان ڇڪل ۽ پولار ۾ هڪ لڙڪندڙ گرهه/سَيارو. سمجهڻ کان پرهيز ڪريون.
3. سنڌ جي قومي ۽ سياسي ڪردار کي ڏڪڻ ايشيا جي پس منظر ۾ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪيون.

مان سمجهان ٿو ته خان محمد جهڙي جانباز ۽ جانثار کي ماضيءَ ۾ جيڪڏهن سماج جي جبر ردوبدل جي عمل کان پاسيرو ٿيڻ تي مجبور ڪيو هو ته اڄ جي ضرورت آهي ته مجبوريءَ ۽ محڪوميءَ جي سنگهرن کي لاهي قُتو ڪرڻ لاءِ گڏجي پئون. انهيءَ مجبوري ۽ محڪوميءَ کي ڌاهڻ سان جديد سنڌ جي اڏاوت ممڪن آهي ۽ نئين سنڌ جي اڏاوت سان پنهنجو ۽ عالم انسانيت جو مستقبل وابسته آهي.

(27 مئي 2004 تي خان محمد پنهور جي پنجين ورسي جي موقعي تي حيدرآباد ۾ پڙهيل)

سنڌ جو پرومیٿیوس
سوبو گیانچنداڻي

يوناني لوڪ ڪهاڻين ۾ پرومیٿیوس جو هڪ ڪردار آهي. اهو ڪردار بغاوت، جاڳ، اٽل ارادي، آڻ نہ مڃڻ، اصول پرستيءَ ۽ ويڙهاند جي علامت آهي. چيو وڃي ٿو ته پرومیٿیوس، حضرت انسان کي باهہ جي اسر سان ڏيڻ ويڙ ڪرائي، جنهن کري آسماني ديوتائون مٿس ڏمرجي پيا. پرومیٿیوس کي سزا طور زنجيرن ۾ جڪڙي، پکين جي ولرن کي حڪم ڏنو ويو ته سندس جگر جيرا ۽ جسم کي پٽيندا رهن. اهو وَهنوار سڄو ڏينهن جاري رهندو هو پر سج لٿي کان پوءِ پکي پکڻ آکيرن ۾ وڃي آرام ڪندا هئا. ۽ رات جي پيٽ ۾ پرومیٿیوس نوبنو ٿي ويندو هو ته صبح جو وري ماس پٽجڻ شروع ٿيندو هو. جڏهن ديوتائن پرومیٿیوس کي معافي ونڊڻ لاءِ زور پريو ته ڪنڈ ڏوٽي انڪار ڪيائين ۽ اٽل ارادي تي قائم رهيو.

اهو ته ٿيو لوڪ داستان جو ڪردار _ پر مان، پرومیٿیوس جي مذڪوره خوبين سان ٽمٽار هڪ اڏول انسان کي پنهنجي اکين سان ڏنو جيڪو ورهين کان وقت سان جهيڙيندو اچي ٿو پر آڻ ڪونہ مڃي اٿس. جنهن کي مان سنڌ جو پرومیٿیوس چوان ته وڌاءُ ڪونہ ٿيندو. منهنجو مطلب آهي سوبو گيانچنداڻي جنهن کي حجت ۽ سڪ وچان ڪامريڊ سوبو ۽ پائو سوبو پڙ سڏيندا آهيون. سوبو سنڌ جو پرومیٿیوس يعني بغاوت جي علامت اڄ کان 86 ورهيه اڳ 03 مئي .1920ع تي پنيرکي مهل، سنڌ جي سندر سيتا، موهن جي دڙي سامهون هڪ ننڍڙي ڪوٽ ٻنڊي ۾ اکيون کوليون.

ڳچ وَرهيه اڳ جي ڳالهہ آهي ته لاهور جو هڪ وڪيل ۽ نامياروسياستدان لاڙڪاڻي ڏانهن اچي رهيو هو. ان کان سندس هڪ واقفڪار پڇيو: ڪيڏانهن ويو پيا؟

"مان لاڙڪاڻي وڃي رهيو آهيان"

"موهن جو دڙو ڏسڻ وڃو پيا لاشڪ"

"مان موهن جي ڏڙي کان بہ وڏيڪ عظيم ۽ اڏول انسان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان."

ڪير آ آهو؟ واقف ڪار اتاولي منجهان پڇيس

"سوپوا ڪامريڊ سوپو"

اهو ماڻهو هو ميان محمود علي قصوري (موجود وزير خارجہ خورشيد محمود جو والد) جيڪو لاهور منجهان ڪَهي موهن جي ڏڙي کان بہ وڏيڪ مَهان هستيءَ سان ملڻ آيو هو. اهو اڏول انسان جنهن کي اسين سڀئي پيار ۽ پنهنجائپ جي ڪري ڪامريڊ سوپو سڏيندا آهيون ۽ ڪيس ڪُل وقت ڪرانتڪاري/ انقلابي/ سامير واد/ ڪميونسٽ، اديب، ڏاهو سنڌ شيوڪ ۽ انسانيت جو خيرخواه سمجهندا آهيون سو اڄ پنهنجي ستاسي جنم ڏينهن ۾ پير پائي رهيو آهي.

ڪامريڊ سوپو سنڌ جي سياسي ۽ ادبي ميدان جو اهو اڏ ہنگ ۽ اردو شهسوار آهي جنهن چوڏس چوڏاري اوندهہ ۽ انڌوڪار، نااميدي ۽ نراسائي جي حالتن ۾ هار محڻ کان انڪار ڪيو. سوپو سنڌ اپڪند جي آيل سياسي جاڳرتا جو اهو روشن ستارو آهي جنهن جي روشني ورهين جي سفر کان پوءِ بہ جهڪي ڪانہ ٿي آهي. ان تابناڪ پَڌ ۽ مان حاصل ڪرڻ لاءِ سوپي کي مصيبتن ۽ مامرن جو اجهاڳ سمنڊ اُکرڻو پيو. ان لاءِ ضروري آهي تہ ماضي جي ڪوهيڙي ۾ گم ٿيل ڪڙين کان ابتدا ڪيون.

اپڪنڊ جي ورهاڱي کان اڳ سوپو آگرين تي ڳٽڻ جيترن سنڌين منجهان هڪ هو جن رابندر ناٿ ٽئگور جي قائم ڪيل علمي درس گاهہ شانتي نڪيتن منجهان تعليم حاصل ڪئي. ڪامريڊ جي مائٽن جي مرضي هئي تہ سوپو انڊين سول سروس (ICS) جو اعليٰ امتحان ڏئي ڪنهن وڏي عُهدي تي پهچندو. پر شانتينڪيتن ۾ تعليم دوران، سوپي جي ڈيٺ ويٺ بنگال جي انقلابين سان ٿي. جنهنڪري سوپو بغاوت جو شعلو ٻڏجي، سورن پريل سماج کي پيڇي پورا ڪرڻ جي اعليٰ امتحان ڈيڻ جو پڪو پهہ ڪري چڪو هو.

سڄ سياڻي جا ڪري سامي ساروءِ
اچي ٿي اتر جي، منجهان مگٽ بوءِ
سا ڏيکاريون جوءِ جتان لاهوتي لال ٿيو.
(شاهہ)

سوڀو جيستائين اپريل 1941ع ۾ ڊگري وٺي شانتينڪيتن منجهان سنڌ موٽيو. اوستائين سندس علمي ۽ سياسي ڌاڪو ۽ غوغاء پکڙجي چڪو هو جو سندس هڪ ساٿي گوبند مالهي پنهنجي آتم ڪٿا "ادب ۽ اديب" ۾ مختصر طور پر دل ۾ پيهي ويندڙ نموني ذڪر ڪيو آهي. ان ۾ لکيو اٿس ته ليکو تلسياڻي ٻڌايو ته پاڻ سان رهڻ لاءِ هڪ ٽيون ساٿي اچي رهيو آهي سو: "هن جو قدآور دوست هو، ٺاهو ڪو هو، ماهر هو، ڇا ڇا نه هو. شانتي نڪيتن مان بي-ايس پاس ڪئي هئائين ۽ پنهنجي شادي جي طئه ڪيل تاريخ کان هڪ ڏينهن پوءِ پهتو هو ۽ هن جي دوست جو نالو هو سوڀو گيانچنداڻي."

سوڀو جيئن ئي ڪراچي پهتو ته وڪالت جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شهاڻي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. ان سان گڏو گڏ شاگرد هلچل ۾ سرگرمي سان حصو وٺڻ لڳو. جنهن ڪري ستت ئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊرشن جو جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويو. جڏهن مهتما گاندي 7 آگسٽ 1942ع تي برطانيه خلاف "هندوستان خالي ڪريو" هلچل هلائڻ جو سڏ ڏنو ته سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن به سرڪار خلاف تحريڪ ۾ ڪاهي پئي. ان تحريڪ ۾ سوڀي جي سرگرم ٿي حصو وٺڻ جي ڪارڻ 11 آگسٽ 1942ع تي گرفتاري جا وارنٽ جاري ٿيا. پر ڪامريڊ پاڻ کي سرڪار آڏو گرفتاري لاءِ پيش پوڻ جي بدران زير زمين تحريڪ کي ڇو هو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. نيٺ 24 جنوري 1943ع ۾ جهلجي پيو ۽ جولاءِ 1944ع تائين سرڪار جو مهمان رهيو.

ڪامريڊ جيئن ئي جيل مان ٻاهر نڪتو ته بنان ساهي کڻڻ يا ٿڪ ڀڃڻ جي وري به پورهيتن ۽ پيڙهيل طبقن جي سهائتا ۽ کين منظم ڪرڻ جي ڪم ۾ جُنبي ويو. هوڏانهن جديد سنڌي ادب جي اڏاوت ۾ به پنهنجو حصو پتي ادا ڪرڻ ۾ پير پوئتي ڪونه رکيو. اڄ اسان جي ادبي کيتر جون تابناڪ ۽ جرڪندڙ هستيون شيخ اياز، جمال ابڙو، رشيد ڀٽي ۽ رسول بخش پليجو، سوڀي جي ذڪر کان سواءِ اڻپوريون ۽ ٻُسيون آهن.

بهرحال سوڀو ڪل وقتي بڻجي ڪميونسٽ پارٽي جي جهنڊي هيٺ جدوجهد ۾ سرگرمي سان حصو وٺڻ لڳو. ڪراچي ۾ پارٽي جي ڪميون ۾ سادگي سان رهڻ لڳو. نيٺ اپکنڊ جي تواريخ ۾ هڪ اڻ وسندڙ واقعو پيش آيو. سامونڊي فوج جي هڙتال 19 فيبروري کان 21 فيبروري 1946ع ۾ ٿي. انهي تواريخي هڙتال ۾ برطانيا سرڪار خلاف بغاوت ۾ ڪميونسٽ پارٽي

سنئون سڏو حصو ورتو. سنڌ (ڪراچي ۾) بغاوت جو علمبردار ڪامريڊ سوبو هو جيڪو اڳتي هلي گرفتار ٿيو. هونئن ساموندي فوج جي بغاوت ڪراچي کان سواءِ بمبئي، ڪلڪتي ۽ ٻين بندرگاهن تائين پکڙجي وئي پر عوام جي مڪمل سهڪار حاصل ڪري نه سگهي جنهن جي نتيجي ۾ لاپائتي بنجي نه سگهي. پر ان بغاوت سامراج جي پَاري برجن کي لوڏي ڇڏيو. اپڪنڊ جو ورهاگو ٿيو. پاڪستان ۽ هندوستان جي نالي سان ٻه ڌار ملڪ آزاد ٿيا.

آزاد پاڪستان جي سياست تي ظاهري طور تي ته شخصي ڇاپ جناح صاحب جهڙي پڙهيل ڳڙهيل سيڪولر مزاج اڳواڻن جي هئي. پر ملڪ جي حاصل ڪرڻ لاءِ جنهن فرقيوار ۽ نفرت انگيز سياست جو بيج چتيو ويو ان کان سنڌ بہ بچي ڪانہ سگهي. اهو هيئن ته لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ ٻاهران آيل مهاجرن محسوس ڪيو ته جيستائين سنڌ منجهان بہ لڏ پلاڻ شروع نه ٿيندي اوستائين کين جاءِ ۽ وٽي ڪانہ ملندي. لياقت علي وزيراعظم پاڪستان جي هُشي تي دنگا فساد شروع ٿي ويا. انهن فسادن کان پوءِ لڏپلاڻ جو عمل تيز ٿي ويو.

ڪيترائي ڪامريڊ ۽ اديب جن ۾ اتم، گوبند مالهي، موهن ڪلپنا، ڪرشن راهي ۽ حشو ڪيول راماڻي جا نالا وٺي سگهجن ٿا سي سنڌ ڇڏي هند راهي ٿيا. پر جنهن سنڌ جي لائق فرزند جنر پومي۽ ڇڏڻ کان صريحاً انڪار ڪيو سو سوبو گيانچنداڻي هو. جڏهن گوبند مالهي، سوبي کان موڪلائڻ آيو ته ڪيس غمگين نظر سان تڪيندي چيائينس:

"هتان جيڪي وڻئي سو ڪٽي وڃ ، شاهہ جو رسالو سنڌ جي امانت آهي ان کي سنڌ ۾ رهڻ ڏي."

ورهاگي کان پوءِ سنڌ ۾ رهڻ جو فيصلو ڪرڻ سان ڪامريڊ سوبي جي سورن جو نئون سفر شروع ٿيو. اهو هيئن جو 16 اپريل 1948ع تي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪميونسٽن جي گرفتاري شروع ڪئي وئي. هندو ڪامريڊن کي آڇ ڏني وئي ته جيڪڏهن اُهي هِتان لڏي ويندا ته کين آزاد ڪيو ويندو. پر سوبي ان آڇ کي رد ڪري ڇڏيو. سانده چار ورهيہ بنديخانن ۾ بند رهڻ کان پوءِ بہ سندس عزم ۽ ارادي ۾ ڪا بہ لوڏ ۽ لچڪ پيدا ڪانہ ٿي. نيٽ فيڊرل ڪورٽ پاڪستان ملڪ جي پهرين آئيني درخواست تي فيصلو ڏيندي 3 مارچ 1952ع تي سوبي کي آزاد ڪري ڇڏيو. ڪامريڊ جيئن ئي جيل کان ٻاهر نڪتو ته سي -آئي-ڊي جو ڪماني اڪبر مرزا (مشهور

اداکاره رينوکا ديوي عرف رشيده مرزا جو مڙس) ساڻس مليو ۽ چيائنس: مسٽر سوپيو! مان تو کي صلاح ڏيان ٿو ته هي ملڪ چڏي وڃ". "مسٽر مرزا، هي منهنجي جنم پومي ۽ منهنجو وطن آهي. مان چو چڏي وڃان؟ پر توهان مون کي صلاح چو ٿا ڏيو؟ سوپي پڇيس. اڪبر مرزا کاوڙ ۾ نهاريندي سوپي کي چيو: "مان توکان نفرت ڪيان ٿو" "چو؟ سوپي سوالیہ انداز ۾ پڇيو." ان جا ٽي ڪارڻ آهن. هڪ ته تون ڪميونسٽ آهين، ٻيو هندو آهين ۽ ٽيون سنڌي آهين. " ڪامريڊ پڇيس "مسٽر مرزا، مونکي اهو ته سمجهه ۾ اچي ويو ته تون ڪميونسٽ ۽ هندوءَ کان نفرت چو ٿو ڪرين. پر ڇا سنڌي ٽيڻ ۾ گناه آهي؟" "ان لاءِ جو سنڌين کي مٽي ۾ مڱي آهي ته اُهي هن ملڪ جي ڪاروبار ۽ وهنوار ۾ پاڻ کي پاڳي پائيوار سمجهن ٿا." مرزا ڏڪندي چيو.

بهرحال ڪامريڊ جيئن جيل کان ٻاهر آيو ته پوئتي (سنڌ ۾) چڏيل ميڙا ۽ ميڙاڪا، ساڻي ۽ سرواڻ ماضي جو داستان بڻجي ويل هئا. آل انڊيا ڪميونسٽ پارٽيءَ جي غلط ۽ غير منطقي فيصلي جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين حصن ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ اردو ڳالهائيندڙ مهاجر ڪامريڊن جا ڪنڪ اچي لٿا هئا. انهن ڪامريڊن ڪميونسٽ انقلاب آڻڻ جي خفت ۽ سوداءِ ۾ سنڌ جي قومي سڃاڻپ تهذيب، ٻولي ۽ ثقافت جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کي ڏيان لائق ڪونه سمجهيو. سنڌين جي مفادن ۽ مسئلن کي تنگ دل ۽ مخصوص مفادن جي آئيني ۾ ڏسڻ جا عادي بڻجي پيا هئا. پر جيڪڏهن ڪامريڊ سوپو انهن جي گهيري ۾ سنڌي قوم ۽ سندس تشخص کي مضبوط ۽ سگهاري نموني رکڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته اردو ڪامريڊن جي اڪثريت کين سوالیہ ۽ معني خيز نظرن سان ڏسندا هئا. پر سوپو کين تلقين ڪندي چوندو هو:

"ڪامريڊو! جيستائين توهان شاهه جي رسالي جو اپياس نٿا ڪيو. اوستائين سنڌي عوام جو مزاج سمجهڻ ۾ اوهان کي ڏکيائي ٿيندي. اوهان کڏهن ٻه سنڌين جي دل ۽ دماغ تي اثرائتا بڻجي ڪونه سگهندا."

1954ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي تي بندش لاڳو ٿي. سنڌ ۾ ظاهري طور جنهن ڪميونسٽ کي گرفتار ڪيو ويو ته اهو ڪامريڊ سوپو هو. ڪامريڊ سوپو، ملڪ جي مٿان حڪمراني ڪندڙن جي اک ۾ ڪنڊي وانگر چپي رهيو هو جو ڪامريڊ جي آزادي لاءِ محترم جي ايم سيد مرحوم عبدالستار پيرزادو

زادي (تڏهوڪو وزير اعليٰ سنڌ) کي چيو ته ٺهه پهه جواب ڏنائين:

”سوڀي جي لاءِ ته مرڪزي سرڪار جو دٻاءُ آهي. مان لاچار ۽ بيوس آهيان.“

نيٺ سوڀو جون 1955ع ۾ جيل ياترا پوري ڪري ٻاهر آيو. پر ملڪ ۾ ترقي پسند، روشن خيال ۽ قوم پرست ڌريون انتشار ۽ ڇڙواڳي جي ڌٻڻ ۾ ڦاٿل هيون. اهڙي صورتحال ۾ به سوڀو هڪ سچي ۽ کري مارڪس وادي وانگر سڀني همخيال ڌرين کي يڪجا ڪري هڪ جمهوري ۽ انقلابي محاذ ٺاهڻ لاءِ جاکوڙيندو رهيو. اهڙي طرح ڪجهه عرصي کان پوءِ سموري ملڪ جي محب وطن، ترقي پسند ۽ روشن خيال ماڻهن جهڙوڪ خان عبدالغفار خان، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد، عبدالصمد اچڪزئي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، مير غوث بخش بزنجو ۽ پروفيسر مظفر سان گڏجي نومبر 1956ع ۾ پاڪستان نيشنل پارٽي ٺاهي. ان زماني ۾ مولانا عبدالحميد ڀاشاني جي عوامي ليگ سان اڻبڻت ٿي پئي. ۽ جون 1957ع تي ڍاڪا ۾ وسيع تر بنيادن تي سامراج مخالف ۽ ترقي پسند نيشنل عوامي پارٽي جو بنياد رکيو ويو. انهي پارٽي يا گڏيل اتحاد ٺاهڻ ۾ سوڀي جو ڪارائتو ۽ اثرائتو حصو هو. ته ڪميونسٽن ۽ قومپرستن کي يڪجا ڪيو. ساڳئي سال ڪراچي ۾ ڪامريڊ سوڀي ”نئين سنڌ“ اخبار جي ادارت سنڀالي. انهي اخبار جو مالڪ جناب جي ايم سيد هو پر اخبار کي حقيقي قومپرستانه ۽ ترقي پسندانه رنگ ڏيڻ ۾ سوڀي جي محنت ۽ جفاڪشي کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. ڪامريڊ جي بقول ته سيد صاحب ڪڏهن به سندس انتظامي معاملن ۾ مداخلت نه ڪئي. هاڻي آهستي آهستي ملڪ ۾ سڻائي واءُ ورڻ جا آثار پيدا ٿيڻ لڳا. ائين محسوس ٿي رهيو هو ته ملڪ جي ايندڙ چونڊن ۾ قومپرست ۽ ترقي پسند ڌريون اثرائتي حيثيت حاصل ڪنديون. پر 7 آڪٽوبر 1958ع ۾ ملڪ تي فوجي جنرل ايوب خان جي سربراهي ۾ قبضو ڪري مارشلا هڻي ڇڏي. مارشلا لڳڻ سان ڪامريڊ کي 11 آڪٽوبر 1958ع تي ڳوٺان گرفتار ڪيو ويو. حيدرآباد جيل ۾ ساڻس گڏ حيدربخش جتوئي، محمد عثمان ڏيپلائي ۽ غلام محمد لغاري هئا. فوجي حڪمرانن کي پوءِ به ٽڪاءُ ڪونه آيو سو انهن سڀني باندين کي اپکنڊ جي دهشت ناڪ قلعي لاهور اماڻيو ويو. آخر ڪار ميان محمود علي قصوري جي پٽيشن داخل ڪرڻ تي سوڀو 28 مئي 1959ع تي آزاد ٿيو. ڪامريڊ جيئن ئي آزاد ٿيو ته ڪيس

بندي ۾ نظر بند ڪيو ويو. ان واهڻ ۾ سڄا سارا چار ورهيه نظر بندي هيٺ گذاريائين. نظر بندي جي چئن ورهين ۾ ڪامريڊ سوپو عملي سياست کان ته ڇڳل رهيو پر جنهن آدرش ۽ اصولن لاءِ پاڻ کي اربي چڏيو هئائين اها جوت بندي ۾ به برندي رهي. انهي ئي جوت انور پيرزادي، هدايت منگي ۽ ٻين کوڙ سارن نوجوانن جي ذهنن کي روشن ڪيو. مطلب ته مشعل منجهان مشعل جلڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو.

سال 1965ع ۾ هندوستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ لڙائي لڳي ته ڪامريڊ کي به گرفتار ڪري سينٽرل جيل سکر اماٽيو ويو. هونئن ڪامريڊ جنهن تهمت هيٺ گرفتار ڪيو ويو جنهن سان سندس کوبه خاص واسطو وڙوکو نه هو يعني هندو هئڻ جو ڏوهه. مان هڪ پيري ڪامريڊ کان پڇيو: اوهان ته سڄي ڄمار پنهنجي ڌرتيءَ ۽ سموري دنيا جي مظلوم ۽ محروم طبقن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي؟ ان مهل اوهان جي ڪهڙي حالت هئي جڏهن توهان کي هندو سمجهي گرفتار ڪيو ويو؟ پاڻ وراڻيائين "مان کي ايڏو ڏک يا ڏڪ کونه لڳو. چوته منهنجي نظر ۾ ملڪ آزاد ٿيو هو پر ملڪ جي مٿان قابض ۽ حڪمران قوتون ته سامراجين جو تسلسل آهن جن سان هڪ سڄي مارڪسوادي ۽ آدرش وادي جي حيثيت ۾ وڙهندو آيو آهيان. مان سڌائين محڪومن ۽ مظلومن جي طرفداري ڪرڻ جي تهمت هيٺ سختيون ۽ عذاب برداشت ڪيا آهن. ان ڪري ايترو ارمان ضرور ٿيو هو ته مون کي هندو سمجهي گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته مان سڄي ڄمار مذهبي مت پيد، رنگ، نسل ۽ ڪٽرپڻ خلاف جدوجهد ۾ گذاريو آهي. ان هوندي به جيل ۾ وڃڻ کان پوءِ ايترو فائدو ٿيو ته مان ۽ اياز گڏجي هڪ چٽ هيٺ ويناسون . مان ۽ اياز دنيا جي سياسي ۽ ادبي تحريڪن تي ڳوڙهي نموني ويچار ڪيو. هڪ نئين سنڌ جي اڏاوت لاءِ پُراميد رهياسون."

ڪامريڊ فيبروري 1966ع ۾ جيل ياترا تان موٽي آيو ته دائمي طور ديرو ڄمائي لاڙڪاڻي اچي ويٺو. ساڳي وقت سياسي ڪيٽر ۾ نوجوان نسل جي ڪُلهن تي سوار ٿي پنهنجي قد ڪاٺ وڌائڻ جي بدران سنڌ جي نئين ٺهيءَ کي هڪ استاد ۽ عالم جي حيثيت ۾ رهنمائي ڪئي. اڄ اسين جيڪي ڪجهه آهيون سندس رهنمائي ۽ رهبريءَ جا احسان مند آهيون.

تحقيق سوپو پنهنجي مربي پت ڪنعيي جي وفات کان پوءِ پُري پيو

آهي. پر پنهنجي ارادي ۽ عزم ۾ اڄ به هالار وانگر پيرن تي پختو آهي. مون کي فخر آهي ته ان اڏول انسان سان محبت ۽ پنهنجائپ جو سفر گذريل چاليهن ورهين کان جاري آهي ۽ جاري رهندو.

ڪاري ڪڪر هيٺ جهيڙيندي مون ڇڏيا،
ڪارا ڪنڌ هٿن ۾، ازل وڇيرا هيٺ
ٿي تنين سين ڏيٺ، موٽڻ جنين مهڻو
(شاهه)

ڪراچي سنڌ
01.05.2007
مجهند جا 12.39

هي ڪتاب سنڌي ٻولي ۽ ڄاڻيندڙن لاءِ بيحد ڪمائتو ۽ ساهه سان سانڊيڻ جهڙو آهي. ڪتاب ۾ چوڏهن نامياري شخصيتن متعلق هن پنهنجي راءِ لکي آهي. هنن مضمونن ۾ انهن عظيم شخصيتن جي ڪيل جدوجهد، آدرشي ڪردار، ڄاڻ ۽ انسان ذات لاءِ ڪيل خدمتن جو ڳوڙهو مطالع ڪيل آهي. نوجوان نسل لاءِ انهن شخصيتن سان ملاقات سان گڏ ڪين اسان جي ملڪ جي تاريخ جو صحيح روپ به ڄاڻ هيٺ ايندو. عام طور جيڪي درسي ۽ نصابي تاريخون پڙهايون وڃن ٿيون انهن ۾ وقت جي مصلحت مطابق ڪهاڻيون ڏنل آهن، جيڪي ڪن حالتن ۾ فرضي آهن. امان جو نسل تاريخ جي هڪ طوفاني دور مان گذريو آهي. هنن جا احساس ذاتي مشاهدي ۽ تجربي تي ٻڌل آهن ان ڪري انهن کي مستند تاريخ جو درجو ڏيئي سگهجي ٿو. انگريزن کان آزاديءَ وٺڻ جي هلچل هجي يا ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جدوجهد هجي هن ڪتاب ۾ گذريل ستر سالن ۾ ٿيل اٿل پٿل جو چٽو نقشو ڀريو اچي ٿو.

ڊاڪٽر سليمان شيخ

ساگر پبلشنگ هائوس،
ڪراچي، سنڌ

پڑهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڊي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاڪُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑهندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ٻِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙهو، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي تہ کي کم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِکَٻئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران کتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجِيٽائِيز کرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگهي ٿو تہ يلي کمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليکَکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن بہ رُکاوٽ کي نہ ڏجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ چُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جِٽ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساڻي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڑهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڑهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڑهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڑهڻ، پڑهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتر ڪينرو)